# ضمير جو موت



قمر شهباز

# ضمير جو موت

قمر شهباز

سنگم پبليڪيشنس
ڪراچي - سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب: ضمير جو موت
موضوع: ڪالم ڪهاڻيون
ليکڪ: قمر شهباز
چونڊ ۽ ترتيب: ڪرم الاهي چنا
ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: سليم چنا - ٽيپو گرافڪس
گيٽ اپ: نظام الدين انصاري
پبلشر: سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر 13071 ڪراچي 75350
پرنٽر: واحد آرٽ پريس
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 1992
قيمت: 70/ رپيا

Title: Zameer Jo Maut
Writen by: Qamar Shahbaz
Compiled by: Karam Illahi channa
Published by: M/s SANGAM PUBLICATAIOS
P.O. BOX No - 13071
KARACHI -75350


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

سنڌ جي نوجوان، بي خوف ۽ سورهيه
صحافين جي نانء
جن روايتي خوشامدي، لوڀي ۽ وڪاميل
صحافت جا جھونا ڪوٽ ڪيرائي،
نئين
صاف سٿري، وطن دوست ۽ سچاڻ صحافت
جو پايو وڌو آهي.

شل سندن محنت، محبت ۽ سچائي
سنڌڙيء جي سيني تي
جلندڙ
نفرت جي آڳ اُجھائي سگھي!

قمر شهباز
۸ سيپٽمبر ۱۹۹۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

سنگم پبليڪيشن جو نئون ڪتاب، ضمير جو موت، برک ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار، ڪالم نگار ۽ شاعر محترم قمر شهباز جي لکيل نهايت ئي دلچسپ ٥٠ ڪالم ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هن مان اڪثر ڪالم ڪهاڻيون سنڌيءَ جي ڪن مشهور روزاني اخبارن: هلال پاڪستان، جاڳو ۽ عوامي آواز ۾ مختلف وقتن تي مختلف عنوانن تحت ڇپيل آهن.

اميد ته اسان جي هيءَ نماڻي پيشڪش قبول پوندي.

ڪرم الاهي چنا
٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| -1 | ضمير جو موت | 9 |
| -2 | اياز راشدي | 14 |
| -3 | سو ڏينگر ڍلو ھر ٽني | 18 |
| -4 | سور مڪانون سوڪڙي | 22 |
| -5 | صاحب، بيبي ۽ غلام | 29 |
| -6 | نيون سرحدون | 35 |
| -7 | تندرست نرس، بيمار ڊاڪٽر | 41 |
| -8 | آدميءَ جو انصاف | 47 |
| -9 | بي ادب اديب | 54 |
| -10 | پنج پنهنجا | 59 |
| -11 | لوسڻ جو نڪ | 64 |
| -12 | پيرن جا نشان | 69 |
| -13 | مار بگهڙ کي | 71 |
| -14 | قصو چئن فقيرن جو | 77 |
| -15 | پل چڪ | 82 |
| -16 | بلبل، ٽرڪ ۽ جمهوريت | 88 |
| -17 | اگهاڙا انسان | 93 |
| -18 | نوان خواب | 98 |
| -19 | ستر ڙي ستر | 102 |
| -20 | واٽون ويھ ٽيون | 106 |
| -21 | ترڪشي ڏاڪڻ | 109 |
| -22 | لاٽري | 112 |
| -23 | منهنجو پنهنجو خون | 116 |
| -24 | مردن جو مامرو | 120 |
| -25 | پهريون انعام | 124 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| -26 | پاڙي ناهه پروڙ | 127 |
| -27 | دانشوري | 130 |
| -28 | سنڌي طوطا | 133 |
| -29 | ڪالم ڪيئن لکجي | 137 |
| -30 | گاڊ فادر | 140 |
| -31 | ويريون ۽ ويچا | 144 |
| -32 | بجيٽ، بهشت ۽ فني خرابي | 148 |
| -33 | مينهن وساڙا مرڻا ناهن | 152 |
| -34 | جيل جي ڊائري | 157 |
| -35 | خوابن جي ليلي | 160 |
| -36 | اسان ته چريا آهيون | 164 |
| -37 | برسات | 169 |
| -38 | دوزخ ڪان دوزخ تائين | 173 |
| -39 | انٽرنيشنل وتايو ڪانفرنس | 180 |
| -40 | انساني تجربيگاهه | 184 |
| -41 | ڏاڙيل ۽ شاعر | 194 |
| -42 | سسني ۽ سور | 200 |
| -43 | سهڻي | 204 |
| -44 | امڙ، منهنجي ماتا | 208 |
| -45 | روزگار اسڪيم | 212 |
| -46 | طارق اشرف جو لاڏاڻو | 215 |
| -47 | قصو سگريٽ ڇڏڻ جو | 219 |
| -48 | گولڊ ميڊل | 222 |
| -49 | جي پيارهجي ها پاڇولو | 227 |
| -50 | پر پيار ته ناهي پاڇولو | 234 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضمير جو موت

مون وٽ نوڪريءَ جو هڪ اميدوار آيو. چپڙاسي: سائين ٿي ايم. اي ڪيون اٿم. ايل ايل بي به پاس آهيان. بي ايڊ به ڪئي اٿم. مهرباني ڪري ڪا نوڪري ڏينم. بکئون مران.

چيمر: نوڪريون ڪونهن. جڏهن ڪا جاءِ خالي ٿيندي ته توکي ٻڌائيندس.

چپڙاسي: پوڙهو پيءُ اٿم. معذور ماءُ اٿم. ٻه ڀينر، ٽي ڀائر به اٿم سائين. گهر به ڪمائڻ وارو ناهي.

چيمر: مان مجبور آهيان. مون وٽ جاءِ خالي ناهي.

چپڙاسي: هيترا سارا سال پڙهائي ڪئي اٿم سائين. ابي امان گهر جا ٿپڙ گروي رکي مونکي تعليم ڏياري آهي. خود مون مزدوريون ڪري فيون ڀريون آهن سائين. الله جو واسطو اٿئي، مون مسڪين تي رحم ڪر.

چيمر: بابا، مونکي توسان همدردي آهي، پر مان لاچار آهيان.

چپڙاسي: سائين پنهنجا سنڌي آهيو. توهان مدد نه ڪندا ته ڪنهن جي در وڃي دانهين ٿيون؟

چيمر: پر مان ڇا ڪيان؟

چپڙاسي: روزگار سان لڳايو.

چيمر: پر بابا نوڪري ڪانهي.

چپڙاسي: ڪلارڪي ڏيو، پٽيوالي ڏيو، چوڪيداري ڏيو. خالي ته نه موٽايو سائين.

چيمر: يار مونکي ٻيو به ڪم ڪرڻو آهي.

چپڙاسي: پر مونکي ته ڪم ئي اهو آهي.

چيمر: ته پوءِ ڀلا مٿو ڦاڙيان ڇا؟

چپڙاسي: منهنجو مٿو ڦاڙيو پر نوڪري ڏيو.

چيمر: ڏاڍو ضدي ٿو ڏسجين. سمجهين ڇو نٿو؟ ڏس بابا، مان سرڪاري نوڪر آهيان. سرڪار جو حڪم ڏيندي سو ڪرڻ منهنجو فرض آهي. حڪم اهو آهي ته في الحال ڪابه نوڪري ڪنهن کي به ڏيڻي ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪريءَ جو حڪم صرف ۽ صرف وزير صاحب ئي ڪڍي سگهي ٿو. مان اتي به تنهنجي سفارش ضرور ڪيان ها، پر ڇا ڪيان، منهنجي کاتي ۾ ڪا به جاءِ خالي ڪانهي. توسان وعدو آهي ته جڏهن به ڪو ماڻهو رٽائر ٿيو، ڇڏي ويو يا گذاري ويو ته اها جاءِ توکي ضرور ڏيندس. هاڻي تون ڀلي وڃ.

چپڙاسي: جايون آهن.

چيف: ڪٿي آهن جايون؟

چپڙاسي: توهان وٽ.

چيف: تو غلط ٻڌو آهي.

چپڙاسي: نه، مونکي پڪي ماڻهوءَ ٻڌايو آهي.

چيف: صحيح خبر مونکي يا تنهنجي ماڻهوءَ کي؟ ڪمال ٿو ڪرين. مان ٿو چوان ته جايون ڪونهن ۽ تون ضد ٻڌيو بيٺو آهين ته جايون آهن.

چپڙاسي: ناراض نه ٿيو سائين، بي روزگاريءَ چتو ڪري ڇڏيو اٿم. هيترين سارين ڊگرين هٿن ۾ ڪٺيو رلندو ٿو وتان. ڪٿي ڪو آسرو به ڪونه ٿو ملي. ڇا ڪيان؟

چيف: جيسين ڪلو بلو ٿيني تيسين ڀيو ڪو ڪم ڪار ڇو نٿو ڪرين؟

چپڙاسي: ڇا ڇا نه ڪيو اٿم سائين؟ مزوري ڪئي اٿم، ٻهاريون پاتيون اٿم، هر ڪاهيو اٿم، مال چاريو اٿم، هاڻي ته ڪٿي منهنجي حال تي رحم ڪيو.

چيف: منهنجي وس ۾ ناهي بابا.

چپڙاسي: سڀني وس وارن جي درتي ريو آهيان سائين. هي ڏسو، هيءَ هڪ وزير جي سفارش، هيءُ ڀني جي، هيءَ ٽئين جي. هيءَ ايم. اين. اي، هيءَ ايم پي اي- هيءَ چيئرمين، هيءَ وڏيرو.

چيف: ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، ڏسان پيو، پر پٽ.....

چپڙاسي: تون سڀ ڪجھ ڪري سگهين ٿو سائين. تون صرف ڪامورو ئي ناهين، سنڌي اديب به آهين. هڏ ڏوکي آهين. همدرد آهين. اسان جو ضمير آهين.

مونکي ٿوري ٿوري ڪاوڙ اچڻ لڳي. دل ۾ چيم ته ڀيلي نرميءَ جي به ڪا حد ٿيندي آهي. مان آهيان جو پيو ٿو ابا، بابا، ادا ڀاءُ ڪيان، ۽ هيءُ آهي جو ريجي ٿو هٿن مان نڪرندو. سو ڪجھ منهن ڪڙو ڪري چيم: چڱو بابا، تون درخواست رکي وڃ. مونکي جڏهن به موقعو ملندو ته تنهنجو ڪم ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندس. پر هو پنهنجي جاءِ تان چريو ني ڪو نه.
چيانين: مان سياڻي ڀيهر اچان؟
چيمر: نه، تون تڪليف نه ڪجانءِ. هفتي ڪن ڪان پوءِ فون تي پڇي وٺجان.
چيانين: مونکي ڪجهه ني ڪري رک سائين. مڙني روزگار سان ته لڳان.
چيمر: ساڳي ڳالهه وري وري نه دهراءِ. هاڻي تون وڃ.
ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهه سوچيائين. پوءِ اکين ۾ پاڻي آڻي مون ڏي ڏٺائين. جڻ چوندو هجي: هڏانءِ ٿو. بچائڻو اٿئي ته هاڻي بچاءِ، ڀيهر شايد موقعو نه ملئي.
چيمر: تون وڃي آرام ڪر، خدا مڙني چڱي ڪندو.
چيانين: آرام؟ آرام ته سائين ان ڏينهن کسجي ويو، جنهن ڏينهن پهرين ڌڪري وٺي گهر آيو هوس. غريب تي ڌڪري به بار آهي سائين.

مان فائيل ڪڍي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويس. هو بيٺو مونکي تڪيندو رهيو. ڪجهه دير ڪان پوءِ هوريان هوريان ويجهو اچي، ٻني هٿ منهنجي پيرن تي رکيائين، منهنجا هٿ چميائين ۽ پوءِ اکيون اگهندو ٻاهر نڪري ويو.
مون فائيل پاسيرو رکي پنهنجو منهن هٿن ۾ ڏئي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اهڙوڪي ڏينهن تي اهو پهريون ماڻهو نه هنو جو اکيون اگهندو مون وٽان موٽي ويو هو. هن ڪان اڳ ٽي نوجوان هيا به هوبهو اهڙيءَ طرح آيا ۽ ٺيڪ اهڙي طرح روانا ٿي ويا هنا. اهو روز جو معمول هو. هر روز هو ايندا هنا، روئندا هنا، ٻاڏائيندا هنا. ايلاز ۽ منٿون ڪندا هنا. ڪي ڪي ته جذبات ۾ اچي ڪٿا لفظ به چئي وجهندا هنا. ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي هليا ويندا هنا. اها ڪانئين ڳالهه نه هئي.
هو هليا ته ويندا هنا. پر منهنجي دل ۾ هلچل مچائي ويندا هنا. منهنجي سموري وجود کي لوڏي هليا ويندا هنا. ڪين ڪهڙي خبر ته جنهن شخص کي هو بي حس، پٿر دل ۽ سرڪاري مشين جو هڪ پرزو تصور ڪندا هنا، سو سندن وڃڻ کان پوءِ هنن جي لاءِ ڪيترو نه پريشان ٿي ويندو آهي. خاص طور ان ماحول ۾ جتي ڌرتيءَ جا اصل وارث ته پٽيواليءَ لاءِ ليلڙا ٽيون پائيندا وتن ۽ ڌاريا وڏين وڏين آسامين تي ڪاريهر جيان ڦڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍي وينا هجن. مون هميشہ پي آءِ اي، ريلوي، ڪسٽمس ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ پاڻ کي اجنبي محسوس ڪيو آهي. ڪامورا وانڊا ۽ واڇ هوندا، ڪنب جيان ڪٽل، ڪاڏل ۽ ڪوڪا هوندا، پر سنڌن ني پنهنجا هوندا. اسان جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جي نصيب ۾ اهاڻي دربدري، بيروزگاري ۽ بک.

مان اڃان تائين سوچ ۾ گم هوس جو فون جي گهنٽي وڳي.
چيم: جي؟.
پي اي چيو: وزير صاحب ڳالهائيندو.
ٿوري دير ۾ وزير صاحب لائين تي هو.
چيائين: ڪر خبر، نوڪريون ڪيتريون ڏني سگهندين؟
چيم: هڪ بہ نہ.
چيائين: اهو ڪيئن؟ ٿو ٿي سگهي. جڳهون پيدا ڪر.
چيم: جو حڪم. اوهان جي اختيار ۾ آهي. باقي مون وٽ هڪ بہ جڳهہ ناهي.
چيائين: چيو مانءِ نہ تہ جڳهون پيدا ڪر. ماڻهو موڪليانءِ ٿو.
چيم: جو حڪم.
چيائين: نالو الٿس طوطو.
پڇيم: طوطو؟
چيائين: ها ها، طوطو. پٽ ڪبڙ خان. منٽرڪ پاس آهي. مئنيجر جا آرڊر ڪڍي ڏجانس. اسان جو خاص ماڻهو آهي.
چيم: سائين منٽرڪ پاس مئنيجر ڪيئن ٿيندو؟
چيائين: توکي بحث ڪرڻ جي ڏاڍي خراب عادت آهي.
چيم: نہ سائين. مان تہ حڪم جو غلام آهيان پر قانون.
چيائين: ڇا جو قانون؟ ڪهڙو قانون؟ ڪنهن جو قانون؟ ڏيکہ ڇڏ. آرڊر ڪڍ.
فون بند ٿي وئي.

مان چپ ڪري ويهي رهيس.
مونکي لڙڪن ۾ ٻڏل اهي اکيون ياد آيون، جي چئي رهيون هيون: ٻڏانءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. بچائڻو اٿئي ته بچاءِ. ٻيهر موقعو نہ ملندئي.
سوچيم: مان ته پاڻ ٻڌي رهيو آهيان ڀاءُ. مان توکي ڇا بچائي سگهندس؟

۽ پوءِ ٿوري ئي دير ۾، مون طوطي ولد ڪبڙ خان جي آرڊر تي صحيح ڪئي. انهن ئي هٿن سان، جن ڪي ٿوري دير اڳ ان نوجوان چميو هو، جنهن ٽي ايہ اي ڪيا هئا ۽ جنهن جو آرام ان ڏينهن ئي ڪسجي ويو هو جنهن ڏينهن پهرين ڊگري وٺي گهر آيو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اياز راشدي

اسلام آباد جي هڪ خوبصورت علائقي جي هڪ خوبصورت بنگلي ۾، هڪ ننڍڙي پر وڻندڙ ريت سجايل بيڊروم ۾، مان سنڌ جي هڪ گهڻ سجاتل، پر پنهنجي فن ۾ يڪتا فنڪار سان گڏ ويٺو آهيان. ديوارن تي وڏيون رنگين تصويرون لٽڪيل آهن. ڪٻٽن ۾ ڪتاب، آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽون، رڪارڊ ۽ شو پيس رکيل آهن. پلنگ جي مٿن ڪان پڻ ڪاٺ جي رئيءَ ۾ وڊيو ڪيسٽن جي قطار نظر پئي اچي. ڊيڪ تي روي شنڪر جي وڄايل ستار جو هلڪو آواز فضا ۾ گونجي پيو. منهنجي سامهون سنڌ جو اهو انوکو، البيلو ۽ لاپرواه آرٽسٽ ويٺو آهي، جنهن پنهنجي ذاتي محنت، لگن ۽ پيار سان پنهنجي الڳ راهه چونڊي. اهڙي منزل جو انتخاب ڪيو، جيڪا هن کان اڳ گهڻ ۾ گهڻ ڪنهن به ماڻهوءَ ايڏيءَ وڏيءَ ليول تي منتخب نه ڪئي هئي. ڪنهن به سنڌيءَ پاڪستان جي عالمي سطح تي ان فن ۾ نمائندگي نه ڪئي هئي. فوٽو گرافي صرف رنگن، شڪلين، شبيهن ۽ منظرن جو نالو ناهي، بلڪ هڪ مڪمل فن آهي. جنهن کي پنهنجي تواريخ، طريقه ڪار ۽ باقاعده نظم آهي. ڪئميرا جو بٽڻ ته هار به دٻائي سگهي ٿو، پر صحيح وقت تي، صحيح مقام تي ۽ صحيح اسم مٿان ڪئميرا جي دري کولي چڏڻ ۽ مناسب لمحي لاءِ کولڻ، تمام گهڻي تپسيا ۽ رياض کان پوءِ ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. اينئن ڪرڻ لاءِ پڪاسو جو ذهن، اياز جو تخيل ۽ لطيف جي اک گهرجي. رنگن کي قيد ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي، البت رنگن کي ٿوري مروڙي مطيع ڪرڻ لاءِ اياز راشديءَ جو جادوني هٿ اشد ضروري آهي.

ان شام مان اياز راشديءَ جي گهر ۾، سندس رنگين دنيا ۾ گم هوس. هو سون، هزارن جي تعداد ۾ پنهنجا فن پارا ويو پئي ڏيکاريندو، اٿلائيندو، سمجهائيندو ۽ پوءِ سهيڙيندو. ڏاڍي پيار ۽ احترام سان پئي سانڍيائين پنهنجي تخليقن کي. ڏاڍي فخر منجهان پئي نماءُ ڪيائين پنهنجي پورهئي ۽ ڏات جو. ۽ مان حيران سندس بصري دنيا کي اچرج ۽ رشڪ وچان ڏسي رهيو هوس.

ٿر، ٿر جو پٽون، مارو لوڪ، بک، بدحالي، غربت، حسن، پکا ۽ پنوهار. ڇا ڇا نه قيد ڪيو هو ڪاغذ تي اسان جي هن پياري فنڪار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمونڊ، ھيڙيون، مھاڻا، رڇ، ڪنڌيون، ڇانڊوڪيءَ ۾ چڙھندڙ ويڙ، طوفان ۾ ميرڻيل پاڻي.
چوڪنڊي، مڪلي، نگر ٺٽو، منڇر، ڪينجھر، عمر ڪوٽ ۽ ابراھيم حيدري.
موتيو، چنبيلي، مگرو، لال، ليار، پسي، سگريون ۽ ليسوڙا.
شھر، واھڻ، جھنگ، جبل، پاڻي، پکي، جانور ۽ پسون.

اھو سيڪجھ ۽ ان کان به گھڻو ڪجھ اياز پنھنجي فن جو موضوع بنايو آھي. ھو ھر ھنڌ ويو آھي، اتان جي رھڻي ڪھڻي، ڪپڙو لٽو، رسمون رواج ڏٺا اٿائين. خوشيون، غم، ميلا ملاکڙا پسيا اٿائين، فلم تي اتاريا اٿائين. اھڙيءَ طرح جو ھن جي ھر تصوير تي وائيءَ، دوھي يا گيت جو گمان ٿو ٿئي. ھو شاعر آھي، رنگن جو، پاڇن جو، روشنين جو. عڪاس آھي انساني جذبن جو، رد عمل جو ۽ تحرڪ جو. ٻارن جي ٽھڪن، جوانن جي مرڪن ۽ ڪراڙن جي گھنجن مان ٽڙندڙ ھزارھا افسانن کي ھڪ پل ۾ جھٽي وٺڻ وارو اياز راشدي، ان راشدي خاندان سان تعلق ٿو رکي جنھن پير حسام الدين ۽ حسين شاھ راشديءَ جھڙا سياڻا ۽ سيبتا انسان سنڌ کي آڇيا. پاڻ پير حسام الدين راشدي مرحوم جو ننڍو پاءُ آھي. اسلام آباد ۾ اڄڪلھ NAFDEC جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آھي. فن سان لڳاءُ ورثي ۾ مليو اٿس، پر محنت ۽ پورھيو سمورو پاڻ اڪيلي سر ڪيو اٿائين. نہ ڪنھن کان سکيائين، نہ ڪو اسڪول، ڪاليج يا ٽريننگ ڪورس مڪمل ڪري سرٽيفڪيٽ يا سند ورتائين. شاگرد بہ پاڻ، تہ استاد بہ پاڻ. تجربا ڪندو، غلطين مان سبق حاصل ڪندو اچي ان منزل تي پھتو آھي جو پنھنجي وطن ۾ تہ نالو ڪڍيو ئي اٿائين، پرڏيھن ۾ پڻ سندس فن جي ڌاڪ ڄمندي پئي وڃي.

اياز پنھنجي فوٽوگرافيءَ جون ڪئي نمائشون (Solo exhibitions) پاڪستان جي مکيہ شھرن ۾ منعقد ڪرايون آھن ۽ ان سان گڏ ڪيترن ئي مقابلن ۾ حصو ورتو آھي ۽ انعام حاصل ڪيا آھن. ملڪ کان ٻاھر پڻ ھن چئاپيٽين ۾ حصو ورتو آھي ۽ اتي پڻ چڱو نالو ڪڍيو اٿائين. ڳالھ اتي ختم نٿي ٿئي، اياز جي ڪري سنڌ ۽ سنڌواسين کي دنيا ۾ تعارف ۽ تعريف (Projection) ملي ٿي، جو تہ سندس مکيہ ۽ دلپسند موضوع بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ماڻهو، سنڌن هنر ۽ ريتون رسمون آهن. سنڌ ته سڄي آهي ئي رنگ ۽ سٽاءُ (Colour and pattern). صدين کان اسان جي مزاج ۾ طرح طرح جا انڊلٺي رنگ سمايل آهن. رلي، سوسي، گربي، کيس، ڪاشي، ته گلي جتي، ٽوپي، مشڪا، ڳانا، مطلب ته هن ڌرتيءَ جي هر هنر ۾ ٽيستائين خوبصورتي ۽ پختگيءَ جو احساس نه ايندو، جيستائين ان ۾ رنگن جو وڻندڙ ميلاپ نه ٿيندو. ساڳيءَ طرح ڌرتيءَ ۽ گلڪاري پڻ سنڌ جي هنرن ۾ اهم جڳهه والاري ٿي. اهوئي سبب آهي جو هن سرزمين جو فنڪار، پوءِ اهو ڪٿي شاعر هجي، راڳي هجي، مصور هجي يا اداڪار هجي، جيسين رنگ ۽ توازن کان آگاهي حاصل نٿو ڪري وٺي، تيسين سندس فن نکري نٿو سگهي.

فوٽوگرافي تمام مهانگو شوق آهي. ڪئميرا، فلم، ڪاغذ ۽ مسالا هونءَ ئي مهانگا، مٿان وري هر روز بدلجندڙ ٽيڪنالاجي ۽ وڌندڙ قيمتون. هڪ هڪ فوٽو سوين، بلڪ هزارين روپيه کايو وڃي. ان کان پوءِ فوٽو گرافر جي بي چين طبيعت ڪيس هڪ هنڌ ته اصل وهڻ نه ڏئي. موضوع جي تلاش ۾ ڪڏهن ٿر ته ڪڏهن بر، ڪڏهن ٿانئيند ته ڪڏهن آئيسلينڊ. مطلب ته سدائين سفر ۾. لينس (Lense) طرح طرح جا ۽ اڪيچار. ڏهه ٻارنهن هزار روپيه هڪ جي لاءِ ته ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. برابر، اهي سڀ شوق ڪو سرنديءَ وارو ئي ڪري سگهندو، پر عشق آڏو ڪا اڏ ڏک ئي ڪونه جهلي! اياز پنهنجي سموري ميڙي چونڊي، اپت ۽ آمدني پنهنجي جنون جي جهوليءَ ۾ وجهيو ڇڏي. هونءَ به سندس دلچسپيون تمام گهڻ آهن. ٿورو ڳالهائيندو آهي ۽ ان کان به گهڻ درجي ڪنهن ساڻ تعلق رکندو آهي.

فوٽوگرافيءَ کان اڳ قيمتي ۽ نصف قيمتي پٿرن گڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هوس. ان کان پوءِ موسيقيءَ جو جنون ٿيس. انهن ٻنهي فنن ۾ چڱو پاڻ موکيائين. هزارها پٿر ۽ ميوزڪ جون ڪيسٽون جمع ڪيائين. پر پوءِ ڦري گهري فوٽو گرافيءَ تي لهي آيو. اها اسان جي خوشقسمتي چئبي جو اياز راشدي ملڪ ترڙي دنيا جي وڏن فوٽوگرافرن مان هڪ تسليم ڪيو وڃي ٿو.

سندس اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪي پي آءِ اي پاران، سندس رسالي "همسفر" لاءِ وقت بوقت پاڪستان جي ثقافت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متعارف ڪرائڻ لاءِ، تواريخي ثقافتي اهميت جا فوٽو مهيا ڪري ڏين لاءِ گذارشون ڪيون وينديون آهن. اهڙي قسم جا عرض ناما ٻين اهم ادارن کا پڻ ملندا رهندا اٿس.

مان سندس فوٽن جي ڍير ڏسڻ کان پوءِ چانهه پيئندي چوان ٿو: راشدي صاحب، توهان کي شاهه عبداللطيف تي ڪم ڪرڻ گهرجي.
هو وراڻي ٿو: منهنجو ارادو هاڻي سنڌ جي تواريخ فوٽو گرافيءَ ۾ مرتب ڏين جو آهي.
مان ورجايان ٿو: ساڳي ڳالهه آهي. لطيف ۽ سنڌ ٻه جدا شيون ناهن. پر شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي نفيس ۽ نازڪ رنگن، ڇهاءَ ۽ تصور جي ضرورت آهي. اهو ڪم توهان آسانيءَ سان ڪري سگهو ٿا. توهان جي اک ۽ ذهن گڏجي شاهه صاحب جي تخيل کي بصري صورت ڏئي سگهن ٿا. شاهه صاحب سان نسبت جوڙي ٻيا به ڪئي عزت ۽ احترام جي دولت سان مالا مال ٿي ويا. توهان به سنڌ جي ان عظيم سڄڻ جي پاڇي ۾ پناهه وٺي ته ڏسو.

هو گهريءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو آهي.
شايد لطيف سائينءَ جا سر، ڪردار ۽ منظر هن جي ذهن ۾ موجن جيان مچلي اٿيا آهن. پر مونکي يقين آهي ته هو شاهه صاحب جي شعر کي ضرور پنهنجي ڪلا جو موضوع بنائيندو، ڇو ته هو سنڌ ڄاڻو آهي. سنڌي ڪٿي به هجي، ڇا به هجي، هو سنڌ جي مٽي ۽ ڀٽ ڌڻيءَ جي ڪلام کي وساري نٿو سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سو ڏينڪر ڍلو ۾ ٿئي

بخش علي لاکو اغوا ٿي ويو.
اغوا ڪرڻ وارا نه ايران مان آيا هئا، نه توران مان. نه اغرب مان، نه مغرب مان، نه پنجابي، نه پٺاڻ، نه پناهگير دهشتگرد. پنهنجا هئا. اجرڪ وارا. منهنجا سائين سنڌي ٽوپي وارا. اِهي، جن لاءِ چوندا آهيون ته: لک لهي ٿي لوڏ، جيجان ٿن جتن جي. جن جي بقا ۽ بچاءَ جي جنگ اڄ هر سنڌي وڙهي رهيو آهي. جن جي تن من ڌن، آل اولاد، ڀنين ۽ ونين خاطر سنڌ جا سمورا دانشور، قلمڪار، دلي درد رکندڙ شاگرد، شاگرديائيون، سورما، سورميون، سياستدان، سماجي ڪارڪن، تعليمي ماهر ۽ ٻيا الائي ڪيترا، پنهنجا ويچا وساري، رنجشون ڀلائي صرف ۽ صرف هڪ نقطي تي گڏ ٿيڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا آهن. ۽ اهي، جي اسان جي لڄ، زمين، عزت ۽ غيرت جا رکوالا آهن، جي اسان جي آس ،اميد ۽ امنگ آهن .جي اسان جي آئندي جو محور ۽ مرڪز آهن، جي اسان جو آخري سهارو آهن، شاهه لطيف جي وائي، سچل جو بيت ۽ سامي جو سلوڪ آهن، جن تي اسان کي ناز آهي. جن جي سهاري اسان هڙئي خوفناڪ خونريزيءَ ۾ به ڪنڌ اوچو ڪري هلون ٿا.
تن ان ئي هٿ کي ڪپڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جو سنڌن ئي ٻر جهلو آهي. تن ان ئي ذهن کي مفلوج ڪرڻ جو پهه ڪيو آهي، جو هنن لاءِ ئي سوچي ٿو.تن ان ئي دل ۾ ٻرني ڏڪ هنيو آهي، جا سندن لاءِ ڌڙڪي ٿي. تن ان ئي من کي منجهايو آهي، جنهن ۾ هنن لاءِ بي انتها پيار آهي. بخش علي لاکو علامت آهي ان خالص سنڌي سوچ جي، جنهن جي ابتدا به سنڌ آهي ۽ انتها به سنڌ آهي. هن اڪيلي سر پنهنجي وطن جي وارثن جي لاءِ ڪيتري جنگيون لڙيون آهن، ڪيتري معرڪا سرڪيا آهن، ڪيتري جهاد ڪيا آهن، هوسنئون سڏو هوبهو سنڌ جي ميراث آهي . سنڌ جي امانت آهي. سنڌ جي ضمانت آهي.
ڇا اسان ايترا ڪم ظرف، بي شرم، بي غيرت ٿي ويا آهيون، جو هاڻي پنهنجي پرائي جي ساڃهه ۽ حيا وڃائي ويٺا آهيون؟ اسان جي اکين تي انڌ جا پردا ايترا ته گهرا ۽ گهاٽا ٿي ويا آهن جو پنهنجي محسن، سڄڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساقاريءَ کي بہ نٿا سڃاڻي سگهون؟ اسان جو هوش ۽ حواس ايترو تہ گم ٿي ويو آهي جو دوست ۽ دشمن جو فرق تہ ٿا سمجهي سگهون؟
اڄ توهان بخش علي لاکي ۾ هٽ وڏو آهي، سهائي شيخ اياز ،پرينهن ڊاڪٽر سليمان شيخ، پوءِ علي احمد بروهي، رسول بخش پليجو، آغاسليم، شمشير الحيدري، ۽ ٻيا الائي ڪير ڪير توهان جي نالائقي جو نشانو ٿيندا.

آخر ڪوتہ پنهنجي حشر تي ڳوڙها ڳاڙڻ وارو بہ ڇڏيندو يا نہ؟
ڪو تہ هجي جو توهان جي لاش تي ماتم ڪري.
ڪوتہ هجي جو توهان جي تباهيءَ بربادي‌ءَ جي تواريخ لکي.
ڪو تہ هجي جو توهان جي بي منداتتي موت تي مرثيو پڙهي.
ڪو تہ هجي.
ڪو تہ هجي.

هڪ طرف دنيا ۾ جون لالچي قومون ۽ قبيلا توهان جو نالو نشان مٽائڻ لاءِ هٽ هٽ ۾ڏني سـمـورا اختـلافـات وسـاري، خون بخشي، هٿن ۾ڪلاشنڪوف، ڪات ڪهاڙا، ٻڇيون ڀالا کڻي، ڳِگ ڳاڙيندا، ٻچ تي باهيندا، توهان جو جهڙ ٻچو ناس ڪرڻ خاطر، سـڄي سنڌ ۾ رت جي راند رچائي رهيا آهن.
سنڌ جلي رهي آهي.
ڪوڙ، ڪپت ۽ انياءَ جي بازار گرم آهي.
ڏاريون اخبارون زهر اوڳاڇي رهيون آهن.
اذيتگاهہ ڪوٺڙن جي آهہ وزاري، دانهن ۽ ڪوڪن سان گونجي رهيا آهن.گهر ۾ گهڙي، گهر ڏٺين کي گولين جو بکہ بنايو پيو وڃي. نياڻي سياڻي جو ننگ ڀلائي، حياداري سان هاڃا ڪيا پيا وڃن. درسگاهن ۾ توُهان جي اولاد جي داخلا تي خانگي بندش پيل آهي.ٽوپي ۽ اجرڪ سـوريءَ سـزاوار ٺهرايا ويا آهن. سنڌ جي سـرزمين تي سنڌي سڏائڻ، مـوت کي دعـوت ڏيڻ جي برابر ٿي ويو آهي. توهان کي نيـسـت ۽ نابود ڪرڻ جا سانباها ٿي چڪا آهن.

ٻئي طرف توهان خود انهن انسانن جي جان جا دشـمن بنجي پيا آهيو، جن جو وجود توهان جي سلامتيءَ ۽ حفاظت لاءِ وقف ٿي چڪو آهي.اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽاري ڦا ڪپيو جن تي خود ويٺا آهيو. اهي ڦنبا ڦا ڪيرايو، جنهن تي اسان جي ڀرم جي ڇت بيٺل آهي.

ڪيڏا نه ڀليل ۽ ڀنڀليل انسان آهيو!
ڪيڏا نه ڀورا ۽ بي وقوف آهيو !
ڪيڏا نه احمق ۽ اڻ ڄاڻ آهيو !

اڙي، مارٺوني اٿو ته پنهنجو خوف ماريو، ڊپ ۽ ڊاءُ ماريو، احساس ڪمتري ماريو، اندر ۾ ستل گدڙ کي ماريو.
اهو غدار ماريو جو توهان ۽ توهان جي وطن جو ويري آهي.
اهو سرمائيدار ماريو جو غريب جو رت چوسي ٿو.
اهو وڏيرو ماريو جو پراون کي خوش ڪرڻ خاطر پنهنجن سان دغا ۽ دولاب ڪري ٿو.
اهو سياستدان ماريو جنهن هر دور ۾ توهان کي ڌوڪو ڏنو آهي.
اهو ڪامورو ماريو جنهن ڪوڙا ڊوميسائيل ڏئي توهان جي حق تلفي ڪئي.
ذاتي منافعي خاطر قوم جي مفاد کي نيلام ڪيو آهي.
اهو دانشور ماريو جو منافق ۽ مڪار آهي. چور آهي، چڪار آهي، جمهوريت جو غدار آهي.

پنهنجو هٿ ته نه ڪپيو، پنهنجي ني هنياءُ ۾ ڪان ته نه هڻو. پنهنجي ني ساهه پساهه کي سوريءَ تي ته نه چاڙهيو. پنهنجي سڄڻ، گهڻگهري، هڏ ڏوکي ۽ وفادار تي وار ته نه ڪيو.

هي ته آخر وقت آهي. پوئين گهڙي آهي. فيصلي جو لمحو آهي. سچ جي ساعت آهي. هن کان پوءِ ٻيهر ڪهڙي قيامت ايندي؟

هڪ طرف نوجوانن جا سرد لاشا ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد کان ڳوٺن ۾ پهچن، ٻئي طرف توهان جون گوليون ۽ ڪهاڙيون به انهن ئي مظلومن تي ڪڙڪن.
سورهيه آهيو، سورما آهيو، سوڍا آهيو، جوڌا آهيو ته پنهنجي ننگن جي حفاظت ڪيو. ٻنيون ۽ ونيون بچايو. ڇپر ڇانوَ ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڙي ۽ بزدلن جيان گهر جا ڪکڙ ته نه ماريو.
مسڪين، نڌڪن ۽ مظلوم ماروئڙن کي ٻنهي ٻڙن ۾ ته نه پيڙهيو.
توهان کي ڏاڙيل جي ڪار جا ڳڻهڻ آهي، جو ٻي غيرتيءَ جو لعنتاڻو به پنهنجي مٿان ڦا ڪئو؟
مڙس ٿيو. مهل اها اٿو. سياڻي هٿ هڻندو.
لاکو موٽايو ته لک ڪتيون، نه ته چنيسر جي پڳ مان چنبڙ. دودو دلير توهان کي ڏينهن قيام به بخش نه ڪندو.

اڏيو جو اوڏن، سو ڏونگر ڏلو م ٿني،
جنهن پر ريهي ڪن، ليکو لاکي جام سين.
(شاه)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻُوڙ مُڪائون ٻوڪڙي

ڪرفيو جو ٽائيم اڃا پورو ٿيو هو ۽ مان اڃا تائين بندر روڊ جي ٽرئفڪ ۾ ڦاٿل هوس. هر ڪنهن کي گهر جلدي پهچڻ جي پريشانيءَ ماري وڌو هو. گاڏين جون ڊگهيون قطارون رستي تي جمع ٿي چڪيون هيون، بسون، مني بسون، رڪشائون، ٽئڪسيون، ٽرڪون ۽ اٺ گاڏا جڏهن بندر روڊ تي ڦاسي پوندا آهن ته عجيب منظر هوندو آهي. هر ڪنهن کي اڳتي نڪرڻ جي ڳڻتي. هر هڪ، هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ آتو. مونجهارو، هٻس، هارن، دانهون، واڪا، گاريون، گاڏين جي ٽڪرائڻ جا آواز، روڊ تي شيشي جا ذرا، خون، وڏيڪ گاريون، وڏيڪ زور سان هارن.

سڄو ڏينهن اهو ئي سوچيو هوم ته آفيس مان ڦورو جلدي نڪرندس. اينئن ڪرڻ سان گاڏين جي پيهه کان بچي پئبو آهي. هونئن به اڄ ته منهنجي ننڍڙي پٽ جي سالگره هئي، ان ڪري اڳواٽ ئي دل ۾ پروگرام جوڙي ڇڏيو هوم: ٻين بجي آفيس کان روانگي، اڍائين بجي صدر مان ڪيڪ، موم بتيون، رانديڪن وغيره جي خريداري، ٽين بجي ميڊيڪل اسٽور تان گهرواريءَ جي دوا وغيره ۽ چئين بجي کان اڳ گهر پهچڻ. چئين بجي سائرن وڄندا، سيٽيون وڄنديون، فوجي گاڏيون سڙڪن تي نڪري اينديون ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو ستين بجي تائين هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر ۾ سڪ. پروگرام ته مناسب ئي هو پر هڪ بنيادي غلطي ٿي وئي. بندر روڊ جي ٽرئفڪ. اهڙي خبر هجي ها، دل ۾ سوچيم، ته جيڪر هڪ بجي ڌاري آفيس مان نڪران ها. هونئن به آفيس ۾ هڪ بجي کان پوءِ وڃڻ ته سراسر گڏهه پائي آهي. ملان نڪرندا آهن مسجد جي ڳولا ۾، ۽ ٻيا ڀڄندا آهن پيٽ پوڄا لاءِ. آفيس ۾ ٺن ٺن گوپال.

زور سان پاڻ کي چيم: يار تون ڪڏهن ڪونه سڌرندين. ڀلا هنڙين حالتن ۾ توکي آفيس اچڻ جي ڪهڙي لوڙ پئي آهي؟ شهر ۾ جهيڙا، ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس ٿو پٽي. گوليون، خنجر، ٻاهيون، ايذاءَ گاهه. ڪڏهن نه ڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر دفتر ۾ ڪهڙي هڪ برسٽ سان پورو ڪري ويندلي. تڏهن پنو پوندني.

پنهنجي ٻي وقوفيءَ تي ڏاڍي کل آيم. سوچيم: مني ڪان پوءِ ڪهڙو پتو پوندو؟

مونکي ڪلندو ڏسي، ٻه واري گاڏيءَ ۾ ويٺل ڪانباوارڙيءَ بيزاريءَ منجهان ڏند ڪرٽيندي زور سان چيو: اي ٻاپو، ڪُري لاءِ ٿو ٽريهيَ جي نمانس ڪرين؟ پُن جي جان تي ٻنيلي آهي. اُني توهان ماڙهو جي واسطي ڪرميڊي رِٿني ٻُني؟

ڪابي پاسي بيٺل گاڏين جي لائين وڌيڪ وٿندڙ هني. اڳئينءَ گاڏيءَ ۾ ٻه جوانڙيون، ٿيون جڙيون، هار سينگار ڪيو ويٺيون هيون. هڪٻني سان ڪل مسخري ٻه پني ڪيائون ۽ رکي رکي داد طلب نظرن سان ٻهرپاسي وارين گاڏين ڏانهن ٻه ڏنائون پني.

سوچيم: هنن جا تاثير ٻه ته بدليا هوندا. ڪرفيو وڏي ظالم شيءِ آهي. رات وڏي ۽ ڏينهن ننڍو ڪيو ڇڏي.

منهنجي برابر واري گاڏي هڪ وچولي عمر جي عورت خود هلائي رهي هني. خوبصورت، سنجيده ۽ وڏ- گهراڻي. ڪارو چشمو، ڪارا گلوز، ڳلي ۾ سونو لاڪيٽ. ڪير هوندي؟ مان اڃا هن جي متعلق سوچي ئي رهيو هوس ته هن منهن ڦيراڻي مونڏانهن ڏٺو. رڙ ڪري چيومانس: خالده تون؟

چشمو لاهي مون ڏي ڏنائين ۽ پوءِ چيائين: ڇا ٿي ويو اٿني؟ پوڙهو ٿي ويو آهين.

چيم: ڪرفيوءَ ڪراڙو ڪري ڇڏيو آهي. مڙسنهن جيئرو آهي؟

هوءَ کلي.

چيو مانس: مارني نه ٿو؟ سنڌياڻي آهين.

چيائين: پيٽ ڦاڙيانس.

ڪجھ دير سوچي وري چيائين: ماري ڇڏي ته پلاند ڪجانس.

مون کلندي چيو: ڪيترن سان پلاند ڪندس خالده؟

هوءَ چپ ٿي وئي. شايد ان کي طعنو سمجهيائين.

ان وچ ۾ ٽرئنڪ هوريان هوريان چرڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالده منهنجي پهرين محبت هئي. مان ڪيس اڄ به اوترو ئي چاهيندو آهيان جيترو ٽيهه سال اڳ ڪاليج ۾ چاهيندو هومانس. وچولي گهر جي ڇوڪري هئي. مان هوس غريب. هن جي معيار تي پورو لهي نه سگهيس. ان ڪري مونکي ڇڏي ڏنائين. هڪ پخال جيڏي پيٽ واري پناهگير دوڪاندار سان شادي ڪري ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن رستي ويندي ملاقات ٿي ويندي آهي اڄ جيان، ته گذريل يادون موٽي ايندين آهن ساوڻ جي ڦوهار جيان.

ٽرئفڪ هاڻي باقاعدي جاري ٿي چڪي هئي.
مون گاڏيءَ کي گيئر ۾ وڌو ۽ هار سينگار ڪيل جوانڙين جي گاڏيءَ کان اڳتي نڪري ويس. آئيني مان پٺتي ڏٺم، هو ٻئي ٺهڪ ڏئي کلي رهيون هيون. سندن پويان خالده جي گاڏي هئي. هوءَ سنجيده ۽ مائيٽي، پوري توجهه سان ٽرئفڪ جي جهنگل مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پوڻا چار ٿي چڪا هئا. صرف پندرهن منٽ باقي ۽ پوءِ ڏکيءَ، اڻ وڻندڙ رات.

منهنجي پٽ جي سالگره اڄ اسان صرف ٽي ڄڻا ملهائيندا سين. مان، هوءَ ۽ هو. نه عزيز رشتيدار اچي سگهندا ۽ نه وري سندس هم عمر دوست. اٺ موم بتيون ڪيڪ تي ٻاريون. ڦوڪ سان موم بتيون گل. تاڙيون. ڪيڪ ڪٽبو ۽ پوءِ ڪجهه تحفا ۽ بي انتها پيار. ٻاهر خاموش سنسان رستا. رکي رکي سائرن جو آواز. سيٽيون ۽ پوءِ چپ چاپ.
خالده ڇا ڪندي هوندي ان ڏکيءَ رات ۾؟ سوچيم.
پخال جهڙي پناهگير سان پيار جون ڳالهيون! سچ پچو پيار، يا صرف خوبصورت هوندا اکارڊ، ڪارو چشمو، ڪارا گلوز ۽ سونو لاڪيٽ بچائڻ خاطر وقتي قرباني؟
اڳتي مان سوچي نه سگهيس. اڳتي اها جسماني سرحد شروع ٿئي ٿي جنهن تائين پهچڻ لاءِ ڪاليج جي هر ڇوڪري پوري قوت سان زور لڳايو هو پر ناڪام ويو هو. خالده پهاڙ جيان اوچي ۽ اڏول رهي هئي.

مونکي ياد آيو، هوءَ پهرئين ڏينهن ملي هئم ته جسم تي اجرڪ ويڙهيل هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: ھيءُ کھڙو لباس آھي ڪاليج ۾ پائي اچڻ جو؟
نفرت وچان گھوريندي چيو ھنائين: ڏاڏاڻي ڏيھ جي مارن جو مرڪ آھي، عمر سومرا.
مونکي عمر سومري جو خطاب ڏاڍو مزيدار لڳو ھو. ٽوڪ وچان چيم: ويلڪم بيڪ مارئي!

ان ڪانپوءِ ھوءَ "مارئي" مشھور ٿي وئي. ھر آيو ويو کيس "مارئي" سڏيندو ھو. جيئن جيئن اسان جي طنز گھري ٿيندي وئي، تيئن تيئن ھن جي روئي ۾ سختي ايندي وئي. ھوءَ خالص سنڌي لباس پائي ڪاليج اچڻ لڳي. سوسي، گربي، گج، پازيب، ڪنمال، ويڙھ. نہ رڳو ايترو بلڪ شاھ جا بيت، وايون، ڪافيون، اياز جو ڪلام، قومي گيت ۽ نعرا. جوشيلين تقريون، جھنڊا ۽ جلوس. امڙ جيئي، شل جيجل جيئي، شل سنڌ جيئي. مونکي سندس اھو رخ ڏاڍو سٺو لڳو. ڏاڍو موھيندڙ، ڏاڍو وڻندڙ، ڏاڍو پيارو.
چيومانس: مونکي توسان بي انتھا پيار ٿي ويو آھي خالده.
بي رخيءَ مان چيائين: وطن جي پيار کان سواءِ ٻيو ھر پيار فرضي، مصنوعي ۽ خود غرضيءَ تي ٻڌل ھوندو آھي.
چيم: مونکي وطن سان بہ محبت آھي ۽ توسان پڻ.
چيائين: انسان ھڪ وقت ۾ صرف ھڪ ئي شيءِ سان محبت ڪري سگھي ٿو.
لاجواب ڪري ڇڏيائين.

مونکي ھن جي برابري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي. شعر لکيم، ڪھاڻيون لکيم، ڊراما لکيم، پر پوءِ بہ ھوءَ اوچي رھي. اجرڪ ۾ ويڙھيل ھڪ ڇوڪري مونکي ھر محاذ تي شڪست ڏيندي وئي ۽ مان ھن جي پاڇي کي بہ رسي نہ سگھيس. ھار جو ھر گھاءُ مونکي اندر ئي اندر کائيندو ويو. گھائيندو ويو.
تڏھن اوچتو ھڪ ڏينھن ھن سان منھنجي ملاقات ٿي. چيومانس: خالده، پيار چوپڙ راند ھجي ھا تہ جيڪر جيت جي آس تي ھار بہ ڳر لايان ھا.
چيائين: اھو ئي تہ الميو آھي تہ پيار چوپڙ راند ناھي.
چيم: تنھنجو منھنجو ماڳ ساڳيو آھي.
چيائين: ھا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: پوءِ ڀاڳ ساڳيو ڇو ناهي؟
چيائين: تون مونکي ڇا ڏني سگھندين؟
چيمر: گيت، بيت، وايون.
چيائين: بس؟
چيمر: ٻيو ڇا گھرجي؟
چيائين: اهو سڀ ڪجھ، جيڪو هر نوجوان ڇوڪريءَ جو خواب آهي.
چيمر: منهنجا سورا خواب اڌورا آهن خالده،
چيائين: اڌورن خوابن جي تعبير نہ پڇبي آهي.
هوءَ هلي وئي.

ڪافي عرصي کان پوءِ هن جي شاديءَ جي خبر پيمر. جڏهن ڏٺو مانس تہ ونس سڀ ڪجھ هو، سواءِ اجرڪ جي.
ان کان پوءِ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ملندي رهندي آهي. اينئن ني، رستي ويندي. هاڻي بہ هوءَ منهنجي پريان پريان گاڏين جي قطار ۾ آهستي آهستي اچي رهي آهي. شايد هوءَ بہ منهنجي متعلق ايتري ني شدت سان سوچيندي هجي، جيتري شدت سان مان هن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان.
چوراهي تي هن جو رستو مونکان الڳ ٿي ويو.
مون کيس ڪاهي پاسي مڙندي ڏٺو. ڪارو چشمو، ڪارا گلوز، چمڪندڙ لاڪيٽ. اها ني خاموشي. اهائي ماٺ. ٿي سگھي ٿو تہ جنهن کي مان سندس سنجيدگي سمجھندو هجان، اهو سندس اندر جو ڪاٽ هجي. ضمير جو ڇهڪ هجي. دل جي ملامت هجي. ڪو اڻ ڄاتو غم هجي. اهڙو غم جو زندگيءَ جي بازي هارائڻ کان پوءِ ني نصيب ٿيندو آهي.
ڪينءَ نباهہ ڪندي هوندي؟ مون سوچيو.
نفرتن جي هن جنگ ۾، جتي محبتون لڙهي وڃن، مصلحتن جي ڪچي ديوار ڪيترو عرصو ڇانو ڏني سگھندي؟ آخر ڪيترا ڏينهن، گھڙيون يا پل وڏيڪ جالي سگھندي دولاب جي رچ پنيان؟
اينئن لڳم ڄڻ مان کيس ياد رکڻ جا بهانا ڳوليندو هجان. پنهنجي ڇوري ڀاڻ ني پڪڙي ڇرڪي اٿيس. سوچيمر: مونکي هاڻي اينئن سوچڻ نہ گھرجي. هوءَ منهنجي ڪجھ بہ ناهي.
وري ٻني پل خيال آيہ: نہ منهنجي ڀل ڪجھ بہ نہ هجي، پر مان جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ آهيان، سندس ني دم سان آهيان. منهنجي محبت مات ڪاني ننڍين ننڍين ذرن ۾ ورهانجي وني هني ۽ انهن ڪرچين هر ان شيءِ کي ديوانن جيان چاهيو هو جنهن کي خالده چاهيو هو، ڪانئس ڏار ٿي مون سنڌڙيءَ جا سمورا سر، رنگ ۽ سڳنڌ پنهنجي ويساه ۾ سموهي ڇڏيا هنا.

ڪرفيو ۾ باقي پنج منٽ بچيا هنا.
مون گاڏيءَ جي رفتار وڌائي ڇڏي. باقي هڪ بلاڪ. مون سوچيو. ان ڪان پوءِ مان پنهنجي گهر جي جنت ۾ هوندس.
ايتري ۾ چند قدمن جي فاصلي تان گوليءَ جو آواز گونجيو ۽ پوءِ هڪ شخص کي ٿڙندي ٿاٻڙندي رستي تي ڪرندو ڏٺم. هونءَ شايد گاڏي نہ روڪيان ها، پر ڪراڙي جي ستارن واري ٽوپي ۽ ڪلهي تي رکيل اجرڪ مونکي ڄڻ پيرن ۾ ونگ وجهي ڇڏيا. گاڏي جهلي، ڊوڙي وڃي کيس سهارو ڏنم. گولي ڪلهي کي ڇهندي نڪري وئي هئس. منهنجي پهچڻ ڪان اڳني پنهنجي پيرن تي اٿي بيٺو هو.
چيو مانس: پريا مڙس، بچاءُ تہ ٿيو نہ؟
زخمي ٻانهن کي ٻئي هٿ سان زور ڏيندي چيائين: مڙني خير آهي جوان. گسي ويا ٻاڙيا
چيومانس: جلدي ڪر، هتان نڪري وڃ. ڪرفيو لڳڻ وارو ني آهي.
شايد سور جي ٽاٽ ابهري آيس. ڀريل آواز سان چيائين: هاڻي ڪٿي ڇا بہ ٿي پوي، سارنگ کي ڳولڻ کان سواءِ ڪٿي بہ ڪونہ ويندس.
پڇيو مانس: ڪير آهي سارنگ؟
چيائين: پٽ اٿم. نوڪريءَ سانگي ڪراچي ۾ رهندو آهي. جڏهن کان جهيڙا شروع ٿيا آهن، سندس حال احوال ني نہ آيو آهي. نہ خط نہ پٽ، نہ نياپو نہ نڙو. ماڻس کي فڪر وٺي ويو. چيم تہ وڃي ٿو ڳولي اچانس. پر هت تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن.
چيومانس: تون زخمي آهين چاچا. هونئن بہ تنهنجو هت اڪيلو ڦرڻ ٺيڪ ناهي. مونسان هل. منهنجو گهر ڀرسان آهي. صبح جو تنهنجو پٽ ڳولي وٺنداسين.
مونکان ٻانهن ڇڏائيندي چيائين: نہ نہ. نہ جهل مونکي. سارنگ منهنجو اڪيلو پٽ آهي. الائي ڪٿي هوندو؟ ڪهڙي حال ۾ هوندو؟. مان کيس ڳوليندس. مان کيس ڳولي لهندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اڪتي وڏڻ لڳو. مونکان رهيو نہ ٿيو. چيومانس: پريا مڙس، ضد ٿو ڪرين تہ پوءِ ڀلي وڃ. پر هڪڙو ڪم ڪر: اها ٽوپي ۽ اجرڪ تہ لاهي ڇڏ. جهٽ سڃاڻجي پوندين.
هن جي اکين ۾ ايترو تہ درد اوتجي آيو جو مان ڪن پل لرزي اٿيس. ڇڇريل آواز ۾ چيائين: سڃاڻپ کان سواءِ جي ڇا ڪندس پٽ؟ عزت بنا زندگي ڪهڙي؟

۽ پوءِ هو هليو ويو.

ٺيڪ ان وقت ڪرفيو جو سائرن سڏڪڻ لڳو ۽ تڏهن اوچتو مونکي خالده جو غم سمجهہ ۾ اچي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صاحب، بيبي ۽ غلام

صاحب مون واري جي بيگم کي ليڊر ٿيڻ جي شوق ماري وڌو آهي. چوي ته هر روز اخبار ۾ جيڪر فوٽو ڇپجي، بيان شايع ٿئي، يا ٻيو نه ته رکو نالو ئي اچي ته به وه واهه. ننڍي هوندي مائٽ ٻارن جي صفحي تي فوٽو ڇپائيندا هئس. ڪجهه وڏي ٿي ته معصوم ٻروزي دارن ۾ فوٽو ڇپيس. ان کان پوءِ ڪڏهن اسڪول ۾ فنڪشن، ڪڏهن فيشن شو؛ ڪڏهن ڊرامون ته ڪڏهن ايڪٽريس ٿيڻ جي شوق ۾ فلمي صفحي جي زينت بنجندي رهي.

صاحب مون وارو عمر جو پڪو هو جو ٽين زال به گذاري ويس. همراه هو شوقين، ٻيو وري مٿان هئس "هذا من فضل ربي" جام، چوري ڏٺائين ٿاهوڪي، سوچوائي موڪليائينس مائٽن کي. مائٽن ويچارن به سوچيو ته آسامي سٺيي آهي. اڄ نه سڀاڻي ته سڀاڻي ضرور مرندو. اڃا به بچيو ته ڏيءُ اسان واري پاڻهي ڏينهن پورا ڪري ڇڏيندي، بس پوءِ سمورو پنسو ڏوڪڙ، مال ملڪيت، ايندي اسان جي کاتي ۾، خوب ڪائي پي ڪنداسين موج. اهو سوچي، ڏيءُ کي ڏنائون ميچ. هوءَ به تتي ويٺي هئي. هڪدم ڪٽي ها ڪيائين.

ماڻهو انهيءَ جوڙيءَ تي حيران. هڪ ڏند ڪاني وڃي ڏاڻن کي لڳو هو، ٻي اڃا شباب ۾ پهريون قدم مس رکيو هو. هڪ هلڻ کان هلاڪ، ٻيءَ جو زمين تي پير نه پيو رکي. هڪ ڪاني بي اچي چڙهيو هو، ٻيءَ جي چوڙن ماڻن جا ڏينهن ني هاڻي آيا ها. بس پر ڪير چوي؟ رب جي جوڙ نرالي آهي. ڪٿي للنگ پيا ليلائن ۽ ڪٿي گراگنجا پيا ڪائن. هنوڙي بخت تنهنجي پيڙ!

بيگم صاحبه پهريان ڪجهه ڏهاڙا ته خير جا ماڻ ميٺ ۾ گذاريا، پر پوءِ هوريان هوريان پر پرزا ڪوليائين. پهرين مڙس کي ميچ، پوءِ دڙڪو، پوءِ چڙٻ پوءِ هلڪو ٺڪ، ان کان پوءِ مڪ، چڪ، ويلڻ. آهستي آهستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ گلدستي کان وڃي ڪونديءَ تائين پهتي. صاحب مون وارو پلا پيرسن مڙس، گلاب جي گل جيان پليل، ڇا چائي انهن ٺهري ڏڪن منجهان.
شروع شروع ۾ سور پي ويندو هو. پوءِ هلڪي دانهن: اڙي اباڙي! ان کان پوءِ ٻرڙاٽ: اڙي ڳهل ڙي. مري ويس! ان کان پوءِ خون ڙي خون!
اوڙي پاڙي ۾ تماشو ٿي ويو. هر ڪو ڪن ڏيو بيٺو آهي ته ڪڏهن ٿو ڏڪڙ تي اٿو لڳي. هيڏانهن وٽ وٺان ٿي ناهي، هوڏانهن پاڙي ۾ هوڪرا پيا ناهن.

اهي سڀ ڳالهيون مونکي، صاحب مون واري جي ڊرائيور رُڳدوءَ ٻڌايون. چي: يار، ڳالهہ ئي نہ پڇ. رنگ لڳا پيا اٿئي رنگ. اهي صاحب رڳو ڏسڻ جا ڏيل آهن، اندران ڪاڏا پيا اٿئي دهل جيان.

بيگم صاحبہ کي پلا گهر ۾ ڪو ڪم ڪار هجي تہ وندري پئي هجي نہ؟ هر ڪم لاءِ ٻہ ٻہ نوڪر موجود هجن، پاڻيءَ جو گلاس بہ پلنگ تي ملي، تہ پوءِ انسان بور نہ ٿيندو تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟ اسان واري صاحب جي بيگم صاحبہ بہ واندي ويهي ويهي بور ٿي پئي. سوچي سوچي ٿڪجي پئي،آخر ڪيان تہ ڇا ڪيان؟ گلا غيبت، هوٽلون ڪلب، سير سپاٽا، سڀ ڪجهہ آزمائي بيٺي، پر مزو ڪونہ آيس. آخر ڪار پنهنجي پريشاني ڪمشنر صاحب جي گهر واريءَ کي ٻڌايائين.
چيائين: سونو، يار پاڻ تہ بيزار ٿي پيا آهيون بوريت کان. صلاح ڏي تہ ڇا ڪجي.
ڪمشنر جي بيگم چيس: ليلي، هل تہ فار ايسٽ جو چڪر هڻي اچون. هفتو ٻہ دل بہ بهلجي ويندي ۽ موٽندي شاپنگ بہ ڪندا اينداسين سينگاپور مان. ميڪ پاٺي اينر پورٽ تي ڪسٽم جو انتظام ڪندو.
صاحبَ مون واري جي زال چيو: نہ سونو ڊيئر، شاپنگ تہ پراڻو فيشن ٿي ويو آهي. ڪا بي صلاح ڏي.
ڪمشنر صاحب جي بيگم ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ چيو: ليلي جان، اچ تہ ڪو افينر ڪيون. ايڊوينچر جو ايڊوينچر. تفريح جي تفريح.
صاحب مون واري جي زال منهن بنائيندي چيو: اچان گهٽا ايڊوينچر ڪرائيندين؟ تنهنجي ياءُ کان پوءِ تہ مون بنهہ بس ڪري ڇڏي آهي. (NAUGHTY) ڪنهن جاءِ جو! ٻيو تہ ٺهيو، ويندي ويندي منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرن جو هار به لاهي ويو. اونوا
گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هنهي معزز خواتين اها صلاح ٻيهاري ته غريب، اڻ پڙهيل، ڏتڙيل ڳوٺاڻين عورتن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪا انجمن ٺاهجي، جنهن ذريعي سندن اخلاقي ۽ مالي مدد ڪري، ڪين پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙو ڪري سگهجي.
صاحب مون واري جي زال خوش ٿيندي چيو: WHAT AN IDEA
ڪمشنر صاحب جي گهر واريءَ ورائيو: اسان سان هوندينءَ ته اهي موجون ڪندينءَ.
جهٽ پٽ WOMEN'S WORLD (عورتن جي دنيا) نالي جماعت ٺهي وئي.
ڪمشنر صاحب جي گهر واري ٿي صدر ۽ صاحب مون واري جي زال ٿي سيڪريٽري. باقي عهدا ورهانجي ويا مختلف ڪامورن ڪڙن جي بيگمن وچهر.

هڪ ورڪنگ ڪميٽي به ٺاهي وئي، جنهن جون عهديدار ٿيون ٺيڪدارن ۽ وڏن واپارين جون زالون. سندن مکيه ڪم هو ميٽنگون سڏائڻ، عورتون ميڙڻ ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ٿيندڙ ڊنر جا بل ڀرڻ.

چند ئي ڏينهن ۾ "عورتن جي دنيا" جو پهريون فنڪشن هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪيو ويو. ٿر جي ڏڪايل ڏڪارين جي امداد لاءِ ڪرايل شو ۾ شو گهٽ، شا وڌيڪ هو. بيگمات پنهنجن هيرن جواهرن جي دل کولي نمائش ڪئي. ان هڪ رات ۾ ميڪ اپ جا من ڪتا هوندا، نوان وڳا هزارن جي تعداد ۾ سبايا ويا هوندا، زري ڳوٺي جا ڍير استعمال ٿيا هوندا. تڏهن وڃي ويچارن ٿرين جي سهانتا جو هيءُ رنگارنگ پروگرام اسٽيج تائين پهتو.

صاحب مون واري جي زال هڪ لکرايل تقرير وڏي عذاب سان پڙهي پوري ڪئي ته خبر پيس ته اها تقرير نه هئي. ڪمشنر صاحب جي بيگم جي پاڻُ جو آخري خط هو، جو هو وڃڻ وقت سندس پرس ۾ رکي ويو هو.

ڪمشنر صاحب جي بيگم تقرير گهٽ، اعضا جي شاعري وڌيڪ ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچارن ٿرين کي جيڪڏهن ٻيو ڪجهه به نه مليو ها، صرف بيگم صاحبه جي ان موقعي تي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ مليو ها ته جيڪر هو ٻيهر ڪڏهن به بدنصيب ٿري نه سڏائن ها.

ڊي سي صاحب جي بيگم انگ اگهاڙين ٿري عورتن جي ڏک ۾ بيشمار لڙڪ لاڙيا. جڏهن هوءَ پنهنجي جذباتي تقرير ختم ڪري چڪي، تڏهن هڪ سادي سودي ڪراڙي عورت اسٽيج تي چڙهي آئي ۽ پنهنجي چادر لاهي ڊي سي جي زال کي ڍڪايائين ۽ چيائين: امڙ پهرين پنهنجي تن ڍڪ ڪر، ٿرين ويچارن کي پاڻهي الله ڍڪيندو.

فنڪشن جي دوران صاحب مون واري جي زال ۽ ڪمشنر صاحب جي بيگم وچ ۾ ناراضگي ٿي پئي، جيڪا پوءِ جهڳڙي ۽ آخر ۾ مارڌاڙ تي وڃي ختم ٿي.

ٿيو هينءَ جو ڪمشنر صاحب جي زال پنهنجي تقرير دوران بار بار پنهنجي هيرن جي سيٽ جي نمائش ڪرڻ لاءِ ساڙهيءَ جو پلو هاسيڪاري سرڪائي ٿي ڇڏيو. اها ڳالهه صاحب مون واري جي زال کي ڏاڍي ناگوار ٿي لڳي. اها ڳالهه مونکي صاحب مون واري جي ڊرائيور گدوءَ بعد ۾ تفصيل سان ٻڌائي. جڏهن صاحب مون واري جي زال جو تقرير جو وارو آيو ته هن وري پنهنجون هيرن سان جهنجهيل منڊيون ڏيکارڻ لاءِ هڪ هڪ آڱر جي جدا جدا نمائش ڪئي. هڪ دفعو آڱرين تي ڏهن تائين انگ ڳڻيائين. ٻئي دفعي هڪ هڪ آڱر سڌي ڪري، پنهنجي جماعت جي عهديدارن جو تعارف حاضرين سان ڪرايائين. اتفاق سان ڪمشنر صاحب جي گهر واريءَ جي واري تي ساڄي هٿ جي وچين آڱر ڪجهه وڌي جنهن ۾ تمام وڏي منڊي هيري جي پيل هئي ۽ جنهن جي چوڌاري عمدي قسم جي روبي جڙيل هئا. ڪمشنر صاحب جي زال ان کي پنهنجي سخت بي عزتي تصور ڪيو ۽ هڪدم اسٽيج تي چڙهي آئي ۽ پرس مان سو سو روپين جي نوٽن جون ڏهه ٻارنهن ٿهيون ڪڍي حاضرين جي دلچسپيءَ، ٻلائي ۽ عبرت لاءِ کين ڏيکاريون.

صاحب مون واري جي زال ظاهر آهي اهو سڀڪجهه برداشت ڪري نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. هن هڪ دلسوز چيخ بلند ڪئي، ٻه چار لفظ قابل سنسر ادا ڪيا ۽ پوءِ هڪ زوردار چماٽ ڪمشنر صاحب جي بيگم ڪي ڳل تي وهائي ڪڍي.

بس پوءِ ته ويڙهاند شروع ٿي وئي.

سڄي هال ۾ چيخون، ڪيڪون، هاءِ گهوڙا، وٺ پڪڙ ۽ مار ڌاڙ برپا ٿي وئي.

تماشبين ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويون. نعري بازي شروع ٿي وئي. سڄو هال جنسي جنگ جو ميدان بنجي ويو.

ان هلڙ بازيءَ دوران اهي ڏهه ٻارنهن غريب ٿري عورتون، جن کي فنڪشن ۾ "ڪڙي نيم کي نيچي" ڳائڻ لاءِ گهرايو ويو هو ۽ جن کي آخر ڪار فنڪشن جي پڄاڻيءَ تي امدادي رقم ملڻي هئي، سي حيران پريشان، هڪ ٻئي کي ڏسنديون رهيون.

روا چمپل ۽ پرس هوا ۾ اڏامندا رهيا. زخمين جا فرياد هوا ۾ گونجندا رهيا ۽ آخر ڪار ٻئي مکيه ڪردار، يعني صاحب مون واري جي زال ۽ ڪمشنر صاحب جي بيگم وڙهي وڙهي جڏهن ڍانگو ٿي ڪريون، تڏهن غريب ٿرياڻين ڊوڙي وڃي کين سهارو ڏنو. ڪنهن رئي سان زخم اگهين، ٻيءَ ڏندڻ ڀڳن، ٽينءَ تريون مهٽين، چوٿينءَ پلئه سان هوا ڪين.

ترت ٻنهي اکيون کوليون. هڪ ٻئي ڏانهن شوڪي نهاريائون ۽ ٻيهر جونبا پٽڻ واريون ئي هيون جو غريب ٿري عورتن مان هڪ هٿ ٻڌي نماڻائي سان عرض ڪيو: ائي امڙ، اوهين خاندان زائفون، اسين مسڪين مارو ماڻهو. اوهين لاڏ ڪوڏ سان پليل منڊمون، اسين اڀاڳيون ڏکن ڏوجهرن جون هيراڪ. اوهين اسان لاءِ پاڻ ۾ تکيون منيون ٿيو، اهو اسان کي منظور ناهي. اوهين خير ڪيو. اسانکي اڳتي ٻه اهو ئي پالڻهار جنهن اڄ گراهه پني ڏنو آهي.

انين چئي هو پنهنجون ڦاٽل پوتيون مٿي تي رکي اٿيون ۽ ڪنڌ جهڪائي هال کان ٻاهر وڃڻ لڳيون.

ارچتو انهن مان هڪ ڄڻي بيهي رهي. ڪجهه سوچي، صاحب مون واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حي ڙال وٽ مـوٽي آئي. پنهنجي بند مٺ ڏانهس وڌائي هٿ کـولـيـائـين ته سڌس تريءَ تي رکـيـل هيـري جي وڏي منڊي چمـڪـي اٿي، جنهن جي چوڌاري خوبصورت روبين جڙيل هيون.

صحب مون واري جي ڙال واڪڙي ٿي وئي. پڇيائين: اها ڪٿان آندئي؟

غريب ٿري عورت چيو: اوهان جي آهي مير صاحب، جهڳڙي ۾ ڪري پئي هئي. پنهنجي امانت سنڀاليو.

انين چئي، منڊي بيگم صاحبه جي هٿ ۾ ڏئي هوءَ پنهنجين ٻين ساٿياڻين سان گڏ ٻاهر هلي وئي.

اهو سڀ ڪجھ مونکي صاحب مون واري جي ڊرائيور گدوءَ ٻڌايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيون سرحدون

سڄو ڏينهن خونريزي ٿينديي رهي. گوليون وسنديون رهيون. لاش جلندا رهيا. انساني جسم جا ٽڪرا اڏامندا رهيا. رڙيون، واڪا، چيخون، آهون، دانهون فضا ۾ گونجنديون رهيون. اڇا، ڳاڙها، گلابي جهنڊا ڦڙڪندا رهيا. خنجر چمڪندا رهيا. عورتون، ٻار، ٻڍا پنهنجي زندگيءَ جي خيرات پنڻ لاءِ پنهنجي خلقڻهار جي بارگاه ۾ سجدا ڪري ٻاڏائيندا رهيا. آزادي، جمهوريت ۽ انسانيت پنهنجو ننگو جسم ڇپائڻ لاءِ گهٽي گهٽي، گهر گهر، ڪنڊ ڪنڊ ۾ لڪندي رهي، ڀڄندي رهي، ڇپندي رهي. هلاڪو، چنگيز ۽ راوڻ جا ساٿاري انسانن جون ڇيون ڪپيندا رهيا، سندن جسمن ۾ سوراخ ڪري تيزاب اوتيندا رهيا، تپندڙ خنجرن سان پنهنجي جيت جا نعرا لڪندا رهيا.

اهو ڏينهن ڪهرام جو ڏينهن هو. حشر جو ڏينهن هو. ڪربلا جو ڏينهن هو. اهو ڏينهن شرافت ۽ انسانيت جي منهن تي دانگي ملي هليو ويو. امن، محبت ۽ ڀائيچاري جي بدن تي اوڊيل چادر کي هڪ ئي سٽ سان ڇڪي لاهي هليو ويو. مذهب، رواداري ۽ مروت جو منهن چيڙائي هليو ويو.

اهو ڏينهن- اهو نہ ڪنندڙ ڏينهن، جڏهن آخر ٿڪجي، هارجي، زخمن کان چور ٿي، اجهامي، اڏامي، وهامي ويو، تڏهن ان کان بہ وڌيڪ اذيتناڪ رات ڪر موڙي ٿي.

خوني ڪلاشنڪوفن جا منهن ٻيهر آگ وسائڻ لڳا.

ٽي-ٽي، مائوزر ۽ ٿشر انساني جسمن کي پرڻ وانگر ٽڪڻ لڳا.

ڪات، ڪهاڙا، نيزا، ڀالا، بيوس لڱن کي ڪٽي، وڍي، ڪتر ڪرڻ لڳا.

باھ ڀڙڪي اٿي.

گهٽين ۾، گهرن ۾، انساني اندرن ۾. باھ ڀڙڪي اٿي.

شرم، عزت، غيرت ۽ حياجي ايوانن ۾، باھ ڀڙڪي اٿي.

تڏهن ان ويل، جڏهن مان پنهنجن ٻچن سان گڏ هڪ ڪنڊ ۾ لڪيو ڇپيو، ان ڏني خدا کي سندس ئي خلقيل، ڏنل وائنل مخلوق جو مرثيو ٻڌائي رهيو هوس، تڏهن اوچتو منهنجي در کي زور سان ڪنهن جي لت لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جوان ڌيءَ ڪان دانهن نڪري وئي. مونکي اها دانهن ڪنهن انسان جو آواز نه لڳي. اينئن لڳو ڄڻ ڪنهن ٻڪريءَ تي تڪبير وڌي وئي هجي. اها دانهن مونکي روح جي گهرائين تائين ڪنباي وئي.

منهنجو جوان پٽ، جو منهنجي ئي پير ۾ گروندڙو ٿي ويٺل هو، تنهن زور سان منهنجي ڪلهي کي پڪڙيو. ايترو زور سان جو منهنجو ڪلهو ڏکڻ لڳو.

منهنجي زال وات ۾ رئو ڏني، گونگا ڳوڙها ڳاڙهي رهي هئي، تنهن جا لڙڪ ٿمجي ويا. هن جون اکيون دروازي ۾ کپي ويون. مون ايترو ڊپ ۽ خوف ان کان اڳ ڪنهنجي به اکين ۾ نه ڏٺو هو.

درتي ٻيهر زور سان لت لڳي. اسان سڀ وسامي وياسين.

شايد اها گهڙي اچي پهتي هئي، جنهن ويل جوڏا سر ترڻيءَ تي رکي آخري وار ڪندا آهن، سهاڳڻيون ستيون ٿينديون آهن ۽ نياڻيون ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيڻ جي دعا گهرنديون آهن. شايد اها گهڙي اچي وئي هئي، جنهن ويل سچ سامهون ٿيندو آهي ۽ آس، اميد ۽ تمنا جي ڪاري خاڪ ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي واريءَ جيان وسندي آهي.

ٽنين ڌڪي سان درجي ڪنڍي ٽٽي پئي ۽ هو اندر گهري آيو.

هٿ ۾ بندوق، اکين ۾ وحشت ۽ جسم تي خون جا ڏنا.

اها گهڙي اچي وئي آهي، اسان سوچيو، سوچ جي گهڙي، موت جي گهڙي، هارجي گهڙي.

تڏهن مونکي پنهنجي ڪلهي تي وڌندڙ بار گهٽبو معلوم ٿيو. ڏٺم، منهنجو پٽ، منهنجي ئي پاسي ۾ اٿي ڪڙو ٿيو هو. هٿ ۾ بندوق، اکين ۾ عزم، ان وقت هو مونکي هماليه جيان اوچو ۽ اڏول محسوس ٿيو هو. ايڏو اوچو، جو مان پاڻ کي سندس پاڇي ۾ پليل جامڙو محسوس ڪرڻ لڳس. هن بندوق اهي مس ڪئي هئي ته اجنبيءَ رڙ ڪري چيس: ترس.

تڏهن اسان پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته هو سخت زخمي هو. هن جو ٽنگون لرزي رهيون هيون. رات مان خون جي لار لڳاتار ٽمي رهي هيس. هن ٻيهر ڏڪندڙ آواز ۾ چيو: ترسو.

اينئن چئي هن پنهنجو کاٻو هٿ هوا ۾ اوچو ڪيو ۽ ساڄي هٿ واري بندوق زمين تي اڇلائي ڇڏي ۽ پاڻ در کي ٽيڪ ڏني. اکيون پوري، درد جي شدت کان ڪراهڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي زال، ڏيڍ کي اکين تي هٿ ڏئي، هڪدم هني ڪمري ۾ هلي وئي. مان اجنبي کي رحم ڀرين نظر سان ڏسندو ڏانهنس وڌڻ لڳس ته منهنجي پٽ جو آواز گونجيو: ترس بابا. هن ڇيو، هن جي ويجهو نه وڃجانءِ.

مان بيهي رهيس.

اهو آواز منهنجي پٽ جو ٿي نه ٿو سگهي، مون سوچيو. منهنجو پٽ ته معصوم آهي، سياڻو آهي، ڪهل وارو آهي.

ڇيومانس، پٽ هو زخمي آهي.

بندوق سڌي جهليائين. مونڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ني ڇيائين، هو نانگ آهي:

ڇير: توکي ڇا ٿي ويو آهي بچا؟

ڪروڌ وچان ڏند ڪرٽيندي ڇيائين، "تو ني منهنجو نالو دردو رکيو هو نه بابا؟ اڄ مونکي دردو ٿيڻ ڏي!!"

ڏاريو آهستي آهستي ڍرڪندو زمين تي ويهي رهيو هو. سندس اکيون بند هيون ۽ رات مان خون جي لار جاري هيس. وڏي جاکوڙ کان پوءِ لرزندڙ چپن سان ڇيائين: مونکي بچايو. خدارا مونکي بچايو. پوليس منهنجي ڳولا ۾ آهي. مونکي بچايو. لڪايو. پناه ڏيو.

تڏهن خبر ناهي ڪيئن مونکي پنجاهه سال اڳ جو منظر اکين اڳيان تري آيو مان تنديڙو هوس ۽ پنهنجي ماءُ جي ڪڇ ۾ ستل هوس ۽ ڀرسان منهنجو پيءُ ڪرسيءَ تي ويٺو ڪتاب پڙهي رهيو هو ۽ پوءِ اوچتو هڪ هراسيل، ڊنل ۽ زخمي ڇوڪرو گهر ۾ اندر گهڙي آيو هو ۽ ڇيو هنائين: مونکي بچايو. خدارا مونکي بچايو. هو منهنجي ڳولا ۾ آهن. مونکي بچايو. پناه ڏيو.

۽ منهنجي پيءُ کيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايو هو ۽ کيس بچايو هنائين ۽ کيس پنهنجي گهر ۾ پناه ڏني هنائين. پوءِ جڏهن هن جا زخم ڇٽي ويا ۽ هو تندرست ٿي ويو، تڏهن هڪ ڏينهن منهنجي نانيءَ کي گهر ۾ اڪيلو ڏسي، سندس ڳلي تي ڇري ڦيري، سڄو گهر ٻهاري هليو ويو هو.

۽ اڄ هيءُ زخمي اجنبي به ڇني رهيو هو مونکي بچايو. لڪايو. پناه ڏيو.

پڇيومانس: تون ڪير آهين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙپندي چيائين: ڏوهي آهيان. خوني آهيان. قاتل آهيان. تنهنجي چانٺ ٽپي آيو آهيان. هتي اڄ تڏي آئي جا خون به بخش ڪندا آهيو.
ڪجهه چوان ٿي چوان، ان کان اڳ دودي دانهن ڪئي اهي ڏينهن گذري ويا.
اڄ خون جو بدلو خون آهي.
کيس ڪِرانڙي پاڻي پيو: بابا، سياڻو ٿيءُ، اها اسان جي ريت آهي.
ڳجگوڙ ڪندي چيائين: مان باغي آهيان تنهنجي ريتن جو.
چيو: اها اسان جي رسم آهي، روايت آهي.
چيائين: مري چڪيون تنهنجون رسمون ۽ روايتون بابا. مئلن کي آواز نه ڏي".
کيس گهوري ڏٺو.
اجنبي جي اکين ۾ جوهر وجهي بيٺو هو. پلڪ به نه پئي جهپڪايائين.
چيومانس: "صدين کا اسان جي ثقافت به اهائي آهي.
بندوق سڌي ٿي رکيائين. ڳالهايائين ته اينئن جڻ پولار مان پڙڪندو هجي.
چيائين: صدين کان اسان جو وجود ڪني تلاءَ جي بدبودار پاڻيءَ جيان ماٺو رهيو آهي ان کي تون ثقافت ٿو چوين بابا؟ اها بزدلي آهي.
اجنبي اکيون کوليون. دودي ڏنهن ڏٺائين ته ڏڪي ويو. هوريان ليلائيندي چيائين: مونکي بخش ڪر نوجوانون. مون آڻ ميجي آهي.
مون چيو: هاڻ پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهي. اسان کي کيس معاف ڪرڻ گهرجي. ڏس بابا، هو سخت زخمي آهي. کيس سهاري جي ضرورت آهي. انسانيت جي ناتي ئي سهي.
انسانيت جي پاڇي ۾ پناه وٺندڙ سورمي کان پڇ ته گهڻا گهر برباد ڪيا اٿس؟ گهڻا هار يتيم ڪيا اٿس؟ گهڻيون ونيون وڌرا ڪيون اٿائين؟ ڪيترين عصمتون لٽيون اٿائين؟ ڪيترين چاتيون ڪپيون اٿائين؟ پڇ بابا، پڇ پنهنجي بهادر مهمان کان.
دودي جي اکين ۾ الا اوتجي آيا هنا.
مان اتي ئي بيٺو رهيس. هو به چار قدم اڳتي وڌي ويو ۽ ڏاڍي ٺهر سان، گهري، اُرهي آواز ۾ چيائين: اڄ مون ماضيءَ سان سمورا رشتا ٽوڙي ڇڏيا آهن. اڄ مون نئين جڳ سان نئون رشتو جوڙيو آهي. برابري ۽ هڪجهڙائي جي بنيادن تي.
سوچيم: منهنجو پٽ چند ساعتن ۾ جوان ٿي ويو آهي.
هو چئي رهيو هو: مان شرمسار آهيان پنهنجي ماضيءَ تي. پشيمان آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن گذريل صدين تي جن صرف مهمان نواز، خدا ترس ۽ گيدي پندا ڪيا. پنهنجي ڏيهه ۾ اڄ ڪان پوءِ مان ريتن رسمن ۽ روايتن جو غلام نه، خلقئهار ٿيندس. اڄ ڪان پوءِ مان قانون ڪان تحفظ ۽ انصاف جي خيرات نه گهرندس. ڪيس نوڪر هٿي، جاڳائي، پنهنجو حق طلبيندس.

اجنبي ڏڪي ريو.

هن دودي مان نظرون ڪڍڻ بنا هوريان هوريان هٿ وڌائي بندوق ڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان ڪان اڳ جو هو ان ۾ ڪامياب ٿئي، دودي پنهنجو وزندار بوٽ سندس هٿ مٿان وهائي ڪڍيو. ايذاءَ ڪان هن جي چيخ نڪري وئي.

ٻاهران، گهٽيءَ مان ڪلاشنڪوف جا ڪئي برسٽ گونجي اٿيا.

دودي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: اڄ جڏهن مون سمورا زنجير لاهي ڇڏيا آهن، تڏهن هڪ آخري انصاف به ڪرڻ چاهيان ٿو.

اجنبي پنهنجا ٻئي هٿ جوڙي، رحم ڀرين نگاهن سان، روئڻهار ڪي آواز ۾ چيو: نه- نه اينئن نه ڪجانءِ. اينئن هرگز نه ڪجانءِ. مان التجا ٿو ڪيان".

بندوق جي زوردار بٽ سندس ڪنڌ ڀيٽو ڪري ڇڏيو. خون ڦوهارا ڪري سندس لونڊڙيءَ مان وهڻ لڳو ۽ هو اڪيون بند ڪري ڍرڪي پيو.

مون هڪدم ٻوڙي دودي کي هٿ کان جهليو. ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چيم: هي ڇا ٿو ڪرين ڇوڪرا؟ هڪ زخمي، اڪيلي ۽ بي سهاري انسان تي ظلم ڪندي توکي شرم نه ٿو اچي؟

هن مون ڏانهن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪرڙين نگاهن سان ڏٺو.

چيائين: هٽي وڃ بابا. ان کان اڳ جو ادب جو سرحدون اورانگهي وڃان، هن ڪمري مان هليو وڃ.

چيم: تون پنهنجي هوش ۾ ناهيءِ ڇوڪرا.

چيائين: اڄ ئي ته هوش ۾ آيو آهيان بابا.

هڪ ڀيو بٽ اجنبي جي منهن تي لڳو. هن ڀيري هن اڪيون به نه ڇنڀيون. صرف منهن مان وهندڙ رت جي لار تيز ٿي ويس.

مون منهن ڦيري ڇڏيو.

هيٺ وري گولين جا آواز سڏڪي اٿيا ۽ ان ڪان پوءِ پوليس جي گاڏين جا سائرن چئني پاسي گونجڻ لڳا.

سرهاٿ ۾ دودي کي چيم: ڇگو نه ٿو ڪرين دودا. وحشيپڻي جي به ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حد ٿيندي آهي.
ساڳي ئي انداز ۾ وراڻيائين: مون پنهنجون حدون نئين سر جوڙيون آهن بابا.
چيم: قانون، انصاف ۽ اخلاق جي نظرن ۾ تون ڏوهاري آهين.
ٽڙيي چيائين: قانون، انصاف ۽ اخلاق هن درندي کي ڏوهاري ڇو نه ٿا ٺهرائين؟ هن جي هٿ ۾ بندوق ڏني قانون، انصاف ۽ اخلاق اسان کان جان مال، عزت عصمت ۽ غيرت ته کسي سگهن ٿا، بچاءَ ۾ گولي هلائڻ جو حق نه ٿا ڏين. تنهنجي زال، ڌيءَ ۽ پٽ جي قرباني ته وٺي سگهن ٿا، ڪين تحفظ نه ٿا ڏئي سگهن. ڪهڙي ڪم جو اهو قانون، جو زور آور جو زرخريد هجي؟ ڇا ڪندس ان انصاف کي، سماج کي. منهنجي ڳالهه ٻڌٺي پوندي. سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻو پوندو بابا.
مون هڪدم سندس وات تي پنهنجو هٿ زور سان رکي ڇڏيو.
سوچيم: چريو ٿي پيو آهي شايد.
ٻاهر پوليس گاڏين جا سائرن وڄڻ لڳا.
چيم: هن کي ڇڏي ڏي دودا. اڄوڪي رات هن کي جيئدان ڏي. سپاٽي مان ڪيس ڪنهن اسپتال ۾ ڇڏي ايندس. مان وعدو ٿو ڪيان. منهنجي ڳالهه مڃ پٽ. اڄوڪي رات- صرف اڄوڪي رات هن کي ڇڏي ڏي.
هن پوري طاقت سان منهنجا هٿ پنهنجي منهن تان ڌڪي پري ڪيا.
هڪ نظر مون ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ بندوق ڪلهي تي لٽڪائي، اجنبي کي ڪالر کان پڪڙي، کهليندو در کا ٻاهر نڪري ويو.
ڪجهه دير تائين زخمي جي ڪنجهڻ جو آواز ايندو رهيو، پوءِ اهو به بند ٿي ويو.
مان خوفزده نظرن سان ڪيس ڏسندو رهيس.
هو پٿر جي پڪي رستي تي، اڌ مئي اجنبي کي گهليندو چوڪ ڏانهن وڌڻ لڳو، جتي پوليس جا ٽرڪ هئا. ايمبولينس جون گول ڦرندڙ ڳاڙهيون بتيون هيون ۽ جلندڙ گهرن جا دونهان هئا.
مان هن کي ڏسڻ لاءِ دريءَ ڏانهن ڀڄيس. پر ان کان اڳ جو مان ڪيس سڏ ڪري سگهان، هو چوڪ تائين پهچي چڪو هو.
اوچتو پنهنجي گهرواريءَ کي پنهنجي پاسي ۾ بيٺل محسوس ڪيم.
هراسيل آواز ۾ پڇيائين: هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي رهيو آهي.
هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي جواب ڏنم: دودو جوان ٿي ويو آهي!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تندرست نرس، بيمار ڊاڪٽر

چوندا آهن ته راهوجن ۾ رات، شل قادر ڪنهنکي نه وجهي!
مون راهوجن ۾ رات ته نه گذاري آهي، پر حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ ڪجهه ڪلاڪ ضرور گذاريون آهن. جو ڏنم، جو ڀوڳيم، جو سٺم، سو حياتيءَ ڀر لاءِ ڀوائتو خواب بنجي ويو. هاڻي ته اوري اهوئي ٿيو ته، "سول اسپتال ۾ رات، شل قادر ڪنهنکي نه وجهي!"
قصو هينءَ ٿيو ته چاچو ڪُوڙو خان، جنهن کي اڪثر ماڻهو "ڪُوڙو خان" پڙهندا آهن، سو ڪنهن ڪم سانگي ڳوٺان سهي سنهري ڪراچيءَ لاءِ اسهيو. ڪراڙو مڙس، ڪرميءَ جا ڏهاڙا، بسن جا جهاڪا ۽ جهوٽا، ڊاڙيلن جا دهمان، سنڌي- پناهگير جو جهيڙو. دل اڳي ني هنس ڪمزور، مٿان جو هيڏيون ساريون ڀهاڙن جيڏيون پريشانيون، تن هٿي هجاني رکيس. حيدرآباد ٻاهران لائين چينل تائين پهچندر ويو، ڊرڪندو ويو. وٽ وٽ ٿي رني. ڪنهن هٿ پير مهٽيس، ڪنهن ڏندڻ ڀڳس، ڪنهن پاڻيءَ چڪو پيارِيس، ڪنهن پٽڪو لاهي سيراسيءَ رکيس، ڪنهن ڪهرجانوءَ ڪيسي مان ڀٽون ڪڍي ورتس، ڪنهن واچ لاهي ڇڏيس. جيسين پهچون پهچون، تيسين چاچو ڪوڙو خان سچ جو سندرو ٻڌيو، ٻي حال، هڪ ٻاڪڙي هوٽل جي بينچ تي ليٽيل مليو.

چيوسين: هاڻي ڇا ڪجي؟
چيائون: هتان ويجهو سرڪاري اسپتال آهي. اتي ڪٺي وڃوس.
چيوسين: اسان ته پاڻ پرديسي آهيون. رستن جي به ڄاڻ ڪانهي.
چيائون: ان اسپتال ۾ ويندڙ پرديسي آهن، جن کي رستن جي ڄاڻ نه هوندي آهي. شهرين ته اهو رستو لنگهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي.
چيوسين: ڊاڪٽر ڪينن آهن؟
چيائون: ڊاڪٽر به هڙئي پرديسي آهن. رستن جي ڄاڻ انهن کي به ڪانهي. نه ته ڪڏهو ڪو ڀڄي جان ڇڏائن ها.

سوزوڪي ڀاڙي ڪرائي، چاچي ڪوڙي خان کي ڪٺائي اسپتال پهتاسين. ڇا ڏسون ته ڀينگ لڳي پئي آهي. سچ پئي ٿي واڪا ڪري. نه ماڻهو، نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهوءَ جي بوءِ. هڪ نرس لنگهي ته ڏهن ٻارنهن ڊاڪٽرن جو ٽولو سندس پويان ائين لڳو آيو جيئن "پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ." دل کي ڪجهه اطمينان ٿيو.

چيم: اڙي يار، هن ڪُراڙي کي ٻه ڏسندا وڃو.

کنهن لفٽ ئي ڪونه ڪرائي.

هڪ ڊاڪٽر، نرس جي اڳيان جهمر وجهندو وڃي. اينن، جيئن شاديءَ ۾ وڏيري جي اڳيان ڪرلائو. هيو سندس پاسي ۾ ڌمال هڻندو وڃي، ٽيون پٽ تي ڪري ليٽڙيون ٻه پائيندو وڃي ۽ موقعو ملڻ تي قلابازيون کائي، جسماني ڪرتب ٻه ڏيکاريندو وڃي. مطلب ته جنهن کان جيڪو ڪمال پڄي پڳو، تنهن اهو پنهي ڏيکاريو ۽ يڪ آواز ٿي ڪورس ۾ هيءُ ڪلام پئي ڳايو:

ڪينءَ ريجهايان توکي، ڪينءَ پرچايان؟
ڪينءَ پرچايان؟ ڏس ڪوڏانءُ.

زور سان رڙ ڪري چيم: مريض کي ٻه ڪو ڏسندو؟

چيائون: في الحال ته الله ئي ڏسندس جو اهو جل جلاله آهي. زندگي ۽ موت سندس ئي هٿن ۾ آهي. جڏهن اها نرس ڊيوٽيءَ تان فارغ ٿيندي ۽ ڊاڪٽر صاحبن جي سر تان عشق جو ڀوت لهندو، تڏهن ڪا شنوائي ملڻي ته نصيبن وارو آهين، ورنه ڪجهه دير ته ويهي آڱر چوپ.

چيم: پر ڪو وڏو ڊاڪٽر ٻه ته هوندو هن اسپتال ۾؟

چيائون: تنهنجي خيال ۾ ڪا وڏي نرس نه هوندي ڇا هن اسپتال ۾؟ ماٺ ڪري ويهي رهيس.

دل ۾ چيم تنديءَ نرسن جي لاءِ الله سائينءَ تنڊين ڊاڪٽرن جي دل ۾ ايترو قرب ۽ پيار وڌو آهي جو اسپتال گهٽ، سرڪس وڌيڪ ٿو نظر اچي، ته پوءِ وڏي نرس لاءِ وڏي ڊاڪٽر جي اُڪير ته ڏسڻ وٽان هوندي.

ايتري ۾ چئني پاسي شور برپا ٿي ويو: ڊاڪٽر صاحب اچي ويو. ڊاڪٽر صاحب اچي ويو.

ڇا ڏسان ته ٻه چار همراهه اڳيان اڳيان ڇنڪار ڪندا اچن. پنج اٺ ڇنان گلن جي ورڪا ۾ رڌل آهن ۽ ڏهه ٻارنهن وري گلاب داني مان گلاب جو پاڻي ڇٽيندا اچن. وچ ۾ وڏو ڊاڪٽر ۽ وڏي نرس هجن. نرس جي لوڏ لڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي. ڊاڪ ڪڏهن ساڃي ته ڪڏهن ڪاهي. چيلهه ريڙ، منهن تي من ڪن ميڪ اپ. ڪنهن تي فلڪ ني ڪانه پني آئي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪنڌ ۾ ڪلي. سيٽيو وچ ماٺهن مان ائين پيو اچي جڻ اجهو هينئر سنڌ فتح ڪني هجيس.

ڊوڙي وڃي اڳ جهليومانس. جوهه وجهي، منهن ۾ گهوري، غور سان ڏسي، سڃاڻي چيومانس: اڙي ڦتو، تون؟

هڪ چمچي پنيءَ ۾ مڪ وهائي ڪڍي. چيائين: بيشرم، ڊاڪٽر فتح محمد خان چئه.

چيم: پر هي ته ڦتو آهي. ننڍي هوندي "انٽي ڏکر" گڏجي کيڏندا هئاسين.

چيائين: چپ نٿو ڪرين. ٻڌي نه وٺني ته ڏيکارني نه انٽي ٽڪر.

ڊاڪٽر صاحب جو جلوس وڃي ديوان خاص ۾ پورو ٿيو.

لڪي لڪي وڃي دري مان جهاتي پائي ڏٺومانس. جائي پائي ڦتو هو.

هوريان چيومانس: ڦتو.

مونڏي ڪاوڙ ۾ نهاري چيائين: گڏهه جا ڦر، مڙ ڪٿي. پٽڪو لهرائيندين ڇا؟

چيم: چريا ڇڏ. چاچي کي هلي ڏس.

چيائين: اسپتال ۾ بسترو ني خالي ڪونهي ته ڏسانس وري ڇا جي لاءِ؟

ايلاز ڪندي چيومانس: ڪجهه ته ڪر ڦتو.

هو اٿيو. گهروڙي بجو منهنجي منهن تي زور مان گسائي چيائين: ڪونه مڙندين ڪوڀلا؟

مان چپ ٿي ويس.

هو ٻاهر آيو، چيائين: اڄ ني ته سر ۾ آئي هني، سوبه ڪونه سنئي. ٻڌاءِ، ڪٿي آهي پوڙهو؟

هٿ ڪان جهلي اچي چاچي ڪوڙي جي مٿان بيهاريومانس. چاچي کي خوب ٺوڪي وڃائي ڏٺائين. مٽي تي ٺونگا هنيائينس. پاسرين ۾ آڱريون ٺوڪيائينس. منهن تي رنيوٽا پاتائينس. پوءِ چيائين: هن کي دل جو دورو پيو آهي.

چيم: هاڻي ڇا ٿيندو؟

هو ڪجهه دير خاموش رهيو. پوءِ هڪ پٽيوالي کي گهرائي ڪجهه هدايتون ڏنائين ۽ مونکي چيائين: مريض کي اجوڪي رات هني مريض سان بيلهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمهڻو پوندو، چو تہ اسان وٽ پلنگ خالي ناهي. اميد الله ۾ تہ صبح تائين هيو مريض گذاري ويندو، ان ڪانپوءِ چاچو ڪوڙو خان ۽ پلنگ. پيو عيش ڪري.

چيم: هيو ڪجھ؟

چيائين: هيـو هيءُ تہ دوا، سـني، ڪـاڏ خوراڪ، سب توکي ٻاهران آڻنا پوندا. ٽي سگهي تہ منهنجي ماني بہ تون ئي گهرائي وٺجانءِ.

چيم: ڪانرس تہ ڏسڻ ايندس نہ؟

چيائين: حرامي، چند تہ پيٽ ۾ سور ني اهو اٿئي.

چيم: نہ ٿتو. نور پٽاري. چرچو ڪونہ ٿو ڪيانءِ. چاچي لاءِ نرس ضروري آهي.

چيائين: جي اها ڳالھ آهي تہ پوءِ اهو تون پاڻ نرس سان ٻرلاءِ. ڪلاڪ جا ڏھ روپيہ وٺندي. ڏينهن جا سو روپيہ. رات جا اڍائي سنو. پاڻ مکياري آهين. جيترو کيسو ڏڪ جهلني، اوتري سڌ ڪجانءِ.

چيم: جمادار وغيره.

چيائين: هر ڪنهن جا ريٽ الڳ الڳ آهن. اسان جو ڪم هو توکي پلنگ ڏيارڻ، سو ملني. هاڻي ڪٿن تنهنجا ڀاڳ.

ديوان عـام وارڊ، ڪنهن آن جي ڪدام ڪـان ڪـهٽ ڪونہ هـو. ڊگـهـا، ويڪـرا، وڏا ڪمـرا، هنهي پاسي ڏھ ڏھ پلنگ. هر هال جي پڇاڙيءَ ۾ مسيت جي محراب جهڙي ڪنڊاڻي جاءِ، جنهن ۾ هڪ راڏاري پلنگ رکيل. پلنگ بہ ڪي واڻين جي زماني جا ڇڏيل، ڪارا جهڙا ڪٽ. ڪٽ چڙهيل. مٿان وري مٽيءَ جا مڻ. هڪ پاسي مريضن جي رڙو رڙ، ٻني پاسي روڊ تان هلندڙ گاڏين جي هاءِ گهوڙا. انين پني لڳو ڇڻ سانگهڙ جي بس اسٽينڊ تي ويٺا آهيون.

رات جو چاچي ڪوڙي وارو ساڻي مريض واقعي گذاري ويو. سمجهيوسين دل ٻيهي ويس، پوءِ خبر پئي تہ نرس ڪي ننڊ مان اٿاري پاڻي گهريائين ان ڪاوڙ مان گهٽو ڏئي ماري ڇڏيس. صبح مس ٿيو تہ هال ۾ چوهول مچي ويو. اڪيون مهٽي اٿيس تہ چا ڏسان تہ ٻہ ٽي مريض هڪ همراہ کي سوگهو جهليو ويٺا آهن ۽ موچڙي جو ڪنڪر لايو ويٺا اٿس.

پڇيم: ڇا آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانون: چور آهي. ننڊ ۾ اسان جا کيسا پيو ڪپي. هاڻي پڪڙجي پيو آهي، سو ڪٽي ٿا ڇڏيونس.
پڇير: ڇاڪندئوس؟
چيانون: هيو ته جو ڪيونس سو ڪيونس، پر گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي سني ڪمپائونڊر کان ضرور هٿائينداسونس. پوءِ ڪٽي چندو چو نه ڪرڻو پوي.
چير: اهو ڀلا ڇو؟
چيانون: ڪمپائونڊر جي هٿ ۾ خدا اها طاقت ڏني آهي جو پهرينءَ ني سنيءَ سان ماڻهوءَ جو مٿو گم ڪري ڇڏيندو آهي. وري ته چوري نه ڪندو.
اجان ڪمپائونڊر اچي ني، ان کان اڳ نرس سهڪندي آئي. چيائين: ڊاڪٽر صاحب کي ڇو پڪڙيو بيٺا آهيو؟
چيوسين: هيءُ ته چور آهي.
چيائين: هوندو. پر ان سان گڏ ڊاڪٽر پڻ آهي.
اسان ڪٽي هٿ ڪديا.

نرس منهنجي پاسي ۾ اچي ويٺي. چيائين: ڪڍ رات جا اڍائي سڙ رهيا.
پڇير: ڪهڙي رات؟
چيائين: گذريل رات.
چير: آهستي ڳالهاءِ.
آهستي چيائين: مان رات آئي هيس.
چير: پر اسان ته ننڊ پيا هناسين.
چيائين: ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ منهنجي ته رات ڪوٺي ٿي نه؟ ميڪ اپ به بيڪار ويو.
چير: چڱو چڱو چاچي کي ته ڏس اکيون کوليون اٿائين.
چيائين: باهه ڏي چاچي کي مان ته توکي ڏسڻ آئي آهيان!

ٿوري دير کان پوءِ اخبار وارو آيو. زور زور سان گلو ڦاڙي رڙ ڪندي هوڪو ڏنائين: ڪراچي ۾ بمن جا ڌماڪا، حيدرآباد ۾ مار ڌاڙ، اچي وٺي اڄ جي اخبار جنگ، امن، هلال پاڪستان.
چيومانس: آهستي رڙيون ڪر مريض ستا پيا آهن.
چيائين: تون ته جاڳين ٿو. تون ني ڪٽي وٺ اخبار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: هيءَ اسپتال آهي، هتي هوڪي ڏيڻ جي اجازت ناهي.
چيائين : اجازت وٺي آيو آهيان. وڏي ڊاڪٽر جي ڦي ڏني ڇڏي اٺر سجهي سال جي.
ڪنٽمنٽن وارو آيو. بوٽ پالش وارو آيو، شربت وارو، سوڊا ليمن وارو، ٻه فقير ٻه لنگهي آيا. آخر ۾ آيو ڀولڙي جو تماشو ڏيکارڻ وارو.
پچيمر: چا ٿي رهيو آهي؟
چيائين: اندر آهين چا ؟ ڀولڙو ٻه نه ٿو سڃاڻي سگهين؟
چيمر: پر هي ته دل جي مريضن جو وارڊ آهي.
چيائين: ته انهن جي دل بهلائڻ لاءِ ته آيو آهيان.
ايتري ۾ ٿو پوي ڀولڙو، سو ٻوڙي پاڻي چاچي ڪوڙي جي پلنگ تي چڙهي ويو. سٽ ڏني سندس هانهن ۾لڳل ٻرپ ڪڍي ڇڏيائين. سندس چشمو ڪـٽي پاڻ پاڻي ڇڏيائين، پڇ ڪي دريءَ ۾ اٽڪـائي، اوندو ٿي چاچي ڪوڙي کي ڏند ڏيکاري کلڻ لڳو.
دانهن ڪري فقير کي چيمر: اڙي هن کي پري ڪر پٽيا.
فقير وراڻيو: چو ابا؟ ڊاڪٽرن کان ٻه ويو؟
سخت ڪاوڙ ۾ ڏڪندي چاچي کي چيمر: اٺ چاچا ته هلون.
چيائين: ڪيڏانهن؟
چيمر: جهنم ۾.
چيائين: ابا، ان کان هت ئي چڱا آهيون. تون هينءَ ڪر جو وڃي منهنجي ڳوٺ واري هني وڪٽي اچ.
پچيمر: چو چاچا؟
چيـائين: اڍائي سـو روپيـہ روز نرس کي ڏينداسين. ڪجهہ ڪـيل تماشا ڏسنداسين. ڪجهہ دوا درمل ڪرائينداسين.
چيمر: تنهنجي دماغ تي اثر ٿي ويو آهي چاچا.
دريءَ کـان ٻاهر، سامهـون نرسن جي هاسٽل ڏانهن آڱـر سان اشـارو ڪندي، ٿڌو ساهہ ڀري چيائين: دل وس ۾ ناهي پٽ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آڏيءَ جو انصاف

چوندا آهن ته، "دهل وڄي ۽ دوسو ٻيهي؟".
سو مشاعري جي دعوت اچي ۽ مان ماٺ ڪري ويهي رهان؟
ڇيانون ته مشاعرو به مشاعرن جهڙو ٿيندو. سڄيءَ سنڌ جا ناميارا شاعر ايندا. وڏا مقابلا ٿيندا. سر وارا سر سان وڙهندا، تال وارا تال سان وڙهندا ۽ سالم هٿن پيرن وارا جسماني ڪرتب ڏيکاري ميدان ماريندا.

مون هر ميدان ۾ پريڪٽس ڪئي هئي. سر ۽ تال سان گڏوگڏ جهمر جي پڻ معقول ريهرسل ڪئي هئم. لوهي پيٽيءَ ۾ ورهن کان سانڊيل بروڪيڊ جي چمڪندڙ صدري ڪڍي، استري ڪرائي، ڪليءَ ۾ ٽنگي رکي هئم. ساڄيءَ ڪرائي ۾ ٻڌڻ لاءِ ڳاڙهي رنگ جو ريشمي رومال پڻ ٻياڻ سان گڏ سنڀالي رکيو هوم. پڪار مڪس جي شيشيءَ مان ٻوڙي ڪنن ۾ ٽنبڻ لاءِ عطر جو ڦويو پڻ تيار هو. بس رڳو ٽانگي جي انتظار ۾ ويٺو هوس جو اوچتو در تي ڪڙڪو ٿيو.
سوچيم: ٽانگو اچي ويو.
رڙ ڪري چيم: ترس، اچان ٿو.
اڃا اٿيس ني مس ته هڪڙا ٻه ٽي ڏنبا ڏرنا همراه اندر گهڙي آيا.
وائڙو ٿي پڇيم: ڪير آهيو؟
هڪڙي دڙڪو ڏيندي چيو: بڪواس بند ڪر. چپ ڪري ويهه.
مان چپ ٿي ويس.

هو ھڙئي مونکي ڪافي دير گهوريندا رهيا. منهنجا هٿ، پير، وار، اکيون، مطلب ته هر عضوو جاچي پرکي ڏٺائون. منجهائن هڪ نامعقول ته منهنجي ڏاڙهيءَ کي هٿ ۾ قابو جهلي ٻه ٽي ڏونڌاڙا به ڏنا. جڏهن مضبوطيءَ جو اطمينان ٿيس، تڏهن معافيءَ جو اعلان ڪيائين.
جڏهن سموري جسماني تپاس ٿي گذري، تڏهن سندن اڳواڻ سڪ‌جو ساهه ڀريندي چيو: بلڪل اهوئي آهي. ڪٿي هلوس.
مان ڏڪي ويه. دانهن ڪري پڇيم: ڏاڙيل آهيو ڇا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانون: نه، پوليس وارا آهيون.
چيم: ساڳي ڳالهه آهي.
سندن چڱي مڙس تارا ڦوٽاري چيو: ڇا چيئي؟
ڪنبندي چيم: ڪجهه نه سائين پوليس وارا. بس هڪڙو پنهنجو ني شعر ياد اچي ويو اٿم. حڪم ٿئي ته ٻڌايان.
ٻئي همراه پٺيءَ تي مڪ وهائيندي چيو: چپ. خبردار جو شعر ٻڌايو اٿئي. ساهه ڪڍي ڇڏيندو مانءِ. چپ چاپ اسان سان هليو هل.
چيم: پر مونکي ته مشاعري ۾ وڃڻو آهي.
چيائين: ڊوڙ پئي تنهنجي مشاعري کي. اٿ، چال ڏيکار.
چيم: ڪيڏانهن هلان؟
چيائون: سوال نه پڇ ڏيڏر، زبان بند رک. هل اسان سان.
مون بيـاصن ڪـڻڻ لاءِ هٿ وڌايو ته بد بختن هٿ تي ڏنبي وهائي ڪڍي. صدري پائڻ چاهيم ته هٿن مان کسي روشندان مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيائون. لاچار ماٺ ميٺ ۾ ساڻن گڏجي هلڻ ۾ عافيت سمجهيم.

هو مونکي گاڏيءَ ۾ ويهاري مختلف رستن کان گهمائيندا ڦيرائيندا هڪ شاندار بنگلي ۾ وٺي آيا. هڪ سهڻي ۽ سجايل ڪمري ۾ ڪجهه معزز ماڻهو اڳ ئي موجود هئا. سندن چهري تي پريشانيءَ ۽ انتظار جا چٽا اهڃاڻ ٿي ڏٺا. مونکي ايندو ڏسي سڀ حيرت، خوشي ۽ ڇرڪاري جي ڪيفيت ۾ اٿي بيٺا. هڪ هڪ جڻي مونکي چڱيءَ طرح گهوري ڏٺو. هٿ لائي پڪ ڪئي. جن کي ٿورو گهڻو شڪ هو، تن منهنجا ڏند ڳڻي، نڪ جي ماپ وٺي، قد ڪڇي، خاطريءَ جو اظهار ڪيو.
مان وائڙو ته آخر هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي رهيو آهي.
آخرڪار جڏهن رهيو نه ٿيم تڏهن چيم: سرڪار، منهنجو مشاعرو ته ويو لوڻ پاڻي ٿي. هاڻي به مهل ڪانه وئي آهي، اوهان قدردان ٿا ڏسجو، اوهان کي ئي ڪٿي پنهنجو تازه ترين غزل ٿو ٻڌايان. عرض ڪيو اٿم ته:
سيني جا منهن لهي ويا.
هڪ جڻي چيو: جاڙي نه هڻ. ويهي رهه.
مان ڌڪندي ڌڪندي ويهي رهيس.
ان ئي همـراه چيـو: جيـڪي چوانءِ ٿـو سـو غور سـان ٻڌ. وڌيڪ نه ڳالهائجانءِ. جي ڳڙ ٻڙ ڪئي اٿئي ته جان جو خير نه سمجهجانءِ. ٺيڪ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سڪي نڙي تي ڪيت ڏيندي ڪنڌ سان "ها" ڪئي.
ان ساڳي همراه، جنهن جا ڏند ڪوريٽ جهڙا هئا، نرم لهجي ۾ چيو: چڱو ڀلا، اهو ته ٻڌاءِ ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟
چيم: سائين، مان شاعر انقلاب موڪو "متر" مليرائي آهيان.
ڪوريٽ اڃا به وڌيڪ نرم لهجي ۾ چيو: غلط، تنهنجو نالو رئيس ليمون خان ايم پي اي آهي ۽ تون عوام جو چونڊيل نمائندو آهين. پهرين ته ٻڌاءِ، ڇا نالو آهي تنهنجو؟
چيم: موڪو "متر" مليرائي.
منهن ٻچڙو ڪندي چيائين: رئيس ليمون خان ايم پي اي. ياد ڪري ڇڏ، تنهنجو نالو رئيس ليمون خان آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن لاءِ تنهنجو نالو اهوئي رهندو. هاڻي ٻڌاءِ، نالو ڇا اٿئي؟
چيم: موڪو "متر" مليرائي.
ڪهروڙي منهن ۾ ٻوندبو ڏيندي چيائين: حرامي، تون ته ڪو اٺ جو ڦر ٿو ڏسجين. سمجهين ئي نٿو؟
مون سندس حرڪت جو دل ۾ نه ڪيو. تڪڙ ۾ چيو مانس: اُٺ تي شعر ياد آيو اٿم. ٻڌايان؟

پوليس وارن مان هڪ جٺي اڳتي وڌي منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. چيائين: گهڻو ڏني ساهه ڪڍي ڇڏيندو سانءِ سونر. وڏو آيو آهي شعر ٻڌائڻ وارو.
ڪوريٽ هٿ جي اشاري سان ڪيس منع ڪئي ۽ پوءِ ڏاڍي پيار سان چيائين: ٻڌ ميان شاعر. اسان سڀ عوامي نمائندا آهيون. سڀاڻي اجلاس ۾ هڪ نهايت ئي اهم بل پيش ٿيڻو آهي. هونءَ ته اسان جا ووٽ پورا آهن، پر اسان جو هڪ ساٿي، رئيس ليمون خان ايم پي اي، ٻن ڏينهن کان غائب آهي. شڪ اٿئون ته ڪيس ٻئي ڌر وارن اغوا ڪري لڪائي ڇڏيو آهي. وڏي ڪوشش ڪانپوءِ اسانکي تون هٿ آيو آهين. تنهنجي شڪل هو بهو رئيس جهڙي آهي، ان ڪري اسانکي تنهنجي تعاون جي ضرورت آهي. ان جي عيوض اسان توکي مالا مال ڪري ڇڏينداسين.چئه، تعاون ڪندين؟
چيم: ضرور ڪندس، پر تعاون تي هڪ شعر ياد آيو اٿم، عرض ڪيو اٿم ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: هيءَ شعر جي ڳالهه ڪني اٿني ته گولي ني هڪڙي وهائيندو مانءَ. بل پاس ٿني نہ ٿني، چڙهي آگوٺي تي.

مان هيسجي ويس. چيم: مونکي ڇا ڪرٺو پوندو وڏيرا سائين؟
چيائين: آئين نہ سنئين پيـر تي؟ تو کي ڪجهہ بہ ڪرڻو نہ پوندو. رئيس ليمي خان جو رڪارڊ آهي تہ هن سڄي ڄمار ۾ اسيمبليءَ ۾ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو آهي. سندس پيءُ مرحوم رئيس انب خان بہ مرندي مري ويو، هڪ اکر بہ نہ ڪڇيو هو.
چيم: پر پوءِ بہ ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو؟
چيائين: جڏهن ووٽ ٿين، تڏهن صرف هٿ مٿي ڪڻجانءِ.
پڇيم: ڪهڙو هٿ؟
چيائين: ڪو بہ هٿ.
چيم: ڪاٿو هٿ بہ ڪٿي سگهان ٿو؟
چيائين: جيڪـو اڇو منهن ڪرڻو اٿني سو ڪجانءِ، پر هٿ ضرور مٿي ڪڻجانءِ.

اتي هيـو همراهہ اڳتي وڌي آيو. چيائين: تنهنجا هي ڪپڙا نہ هلندا. رئيس ليمـون خان وڏي گهيرواري سٿڻ پائيندو آهي. گوڏي ڪان هيٺ لڙڪندڙ پهراڻ پائيندو آهي ۽ مٿي تي ٿيڙهہ پٽڪو رکندو آهي. رکي رکي ناس جي چپٽي ناسن ۾ وجهندو آهي، چڪرن ڏيندو آهي ۽ اڪثر کونگهرا هڻندو آهي. گيلريءَ ۾ ويٺل عورتن کي گهوريندو آهي، مڇ مروٽيندو آهي ۽ ننڍڙي آئيني ۾ نهاري ڏند کوٽيندو آهي. اهي سڀ ڳالهيون ميجالي ۾ چڱيءَ طرح سمائي ڇڏ. ڊرو بہ کوچرائي ڪني اٿني تہ اسان ڪان وڌ بچڙو هيو ڪونہ ٿيندئي.

منهنجي تہ جسم مان ساهہ ئي ڇڏائي ويو. چيم: يا منهنجا مولا، ڪهڙي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيئي؟ هاڻي تہ جينئن تينئن ڪري جند ڇڏاءِ.

جند ڪانہ ڇٽي. هنن سڄي رات مونکي ليڪچر ڏنا، ڪپڙا پهرائي ڪمري ۾ گهمرايائون، ڏندن کوٽڻ، مڇن مروڙڻ ۽ خواتين کي گهورڻ جي ريهرسل ڪرايائون. مـونکي مـاٽ ڪري ويهڻ لاءِ ايلاز ڪيـائون، دڙڪا ڏنائون، ڌمڪيون ڏنائون. جڏهن اطمينان نہ ٿين تہ منهنجي ڇپن کي ايلنيءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪرڻ جي صلاح بيهاريائون. اها ڪارگر نہ سمجهيائون تہ سڀني سان سڀڻ جو فيصلو ڪيائون. ان ۾ خطرو محسوس ڪيائون تہ ڦڏو ساھ ٻري ماٺ ڪري ويهي رهيا. چيائون: جهڙي قدرتي ماٺ الله سائينءَ اسان جي ميمبرن کي ڏني آهي، اهڙي هٽراڏو طريقن سان ڪٿان ايندي؟ صدقي رڃنون ٻوتارن جي نالي تان، جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي! چپ چاپ ايندا آهن، چپ چاپ هليا ويندا آهن. جيڪو ڪوڙ گهمسان ڪرڻو هوندو اٿن، ڳوٺ وڃي هارين نارين سان ڪندا آهن.

ايلاز ڪندي چيم: وڏيرا، ماٺ ڪرڻ مونکان ڪونہ پڄندي. مونکي اجازت ڏيو تہ ڏاڍو چڱو.

چيائون: وٺين تہ اسانکي بہ ڪونہ ٿو، پر هڪ روڻ تي اچي ڳالهہ بيٺي آهي. جيئرو جاڳندو تہ اسان بہ ڪونہ ڇڏينداسونءَ، مري پنين تہ بہ هٿ مٽي ڪشاني پوءِ پوري اينداسونءَ. چڱو، هاڻي سمجهہ تہ تون اجلاس ۾ وينو آهين. ڪٿي وينو آهين؟

چيم: اجلاس ۾.

اوچتو ڳوريٽ منهنجي اکڻ کي سٽ ڏيندي چيو: اکڻ لڙڪاءِ. رئيس جو اکڻ هميشہ نوٽ ڪن هيٺ لڙڪندو رهندو آهي.

مونکان ڇرڪ نڪري ويو. ٻني هٿ سٿڻ ۾ قابو جهليندي چيم: اکڻ تہ ٻلي لڙڪي، پر وڏيرا تو تہ سٽ ساڻ ڇني بہ ٽڪر ڪري ڇڏيس. هاڻي ڇا ڪيان؟

گهبرانجي چيائين: ڳنڍ ٻڌي ڇڏ، گڏھ!

چيم: اکڻ کي؟

چيائين: ابدائي کي بيوقوف!

مون ائين ئي ڪيو.

ٿوري دير کان پوءِ کُڪھ ٺونٺ هٽي چيائين: ڪرنهگراهڻ ڪرپلا. ماڻهن کي شڪ نہ پنجي وڃي.

چيم: ان موقعي تي شعر نہ ٻڌايان وڏيرا؟ وندريا پيا هوندا.

ڏند ڪرٽيندي چيائين: چوانءَ ٿو ڪونگهراهڻ. سڀ اينن ئي ڪندا آهن.

چيم: پر مان تہ شاعر آهيان.

چيائين: تون ڪتي جو پچ آهين.

چيم ڪتي تي هڪ شعر ياد آيو اٿم. عرض ڪيو اٿم تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاڙي ڪتا، ڪاڪي رهنين رات؟
پره ڦٽي پرڀات، ٻکيو ڦو ڀونڪون ڪرين!

ٻني چنبا پنهنجي منهن ۾ هڻندي چيائين: اڙي بس ڪر ڙي بي غيرت.
چيم: بس تي به هڪڙو شعر چيو اٿم. عرض ڪيو اٿم ته:

بس بس نه ڪر ڙي ڀوري، بس ڪان ڪٺي ڪر بس،
جيڪا اٿئي من ۾، سا ڪٿي تون ڏس،
دل جو دشمن دس، چڙهي بس جي بانيٽ تي!

ٻني آڱريون ڪنن ۾ وجهي ڇڏيائين. رڙ ڪري چيائين: مڙي وڃ مروان.
هرو ڀرو مونکي چتو نه ڪر.

چيم: چتي تي به شعر حاضر آهي. عرض ڪيو اٿم ته:

چتو ڪوري چتو ٿيو، چتي ڪورين جي ذات،
تون ٻچي وڃ بد ذات، خبر ڪاڏن کي پوي!

ڪوريٽ چڙهيون هڻڻ لڳو. ڪجهه همراهه ڪيس سنڀالڻ لاءِ ڀڳا. ڪن پاڻي پياريس، ڪن تريون مهٽيس، ڪن ڏندڻ ڀڳس. وڏي مشڪل ڪانپوءِ هوش ۾ آيو. اجان اڌ اکيون مس کوليون هنائين جو موتي نظر پنجي ويس. وڏو چرڙاٽ ڪري ٻيهر ڊرڪي پيو.
مان حيران ته ٻيلي مون ته ڪجهه به ڪو نه چيو، هيءُ همراهه چو ٿو بيحال ٿئي؟
سوچيم ته ڪنهن طرح ٻچي جان ڇڏايان، نه ته هي وڏيرا ته مونکي جيئرو ڪونه ڇڏيندا. اهو سوچي اجا اٿيو ئي مس هوندس جو هڪ مچوءَ وڏيري ڊرڙ پاڻي ڪٺي چيلهه ۾ ڀڪاوڙو. مان ٻچڻ تي، هو روڪڻ تي. قميص چيهون چيهون ٿي وئي، ڪنجي ڦاٽي پئي، جتي ڪم ٿي وئي، پر سٽڻ مان هٿ ڪونه ڪڍيه.

اجان ان افراتفريءَ ۾ هناسين ته ٻاهران چوڀول ٻڌڻ ۾ آيو. ڪنهن چيو: مبارڪان، مبارڪان! رئيس ليمون خان اچي ويو!
جو جتي سر تتي جمي ويو. ويرم ني ڪونه گذري جو هڪ همراهه هو ٻهو مون جهڙو، مون جهڙن حالن ۾ سهڪندو، رڙندو، رنيندو، سڏڪندو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوڏن ڀر ڪسڪندو اندر اچي پهتو. اجان بيهوش ٿيڻ جي سانباهن ۾ مس هو جو اوچتو مونتي نظر پنجي ويس. دانهن ڪري چيائين: هيءُ وري ڪير آندو اٿو هتي؟

ڪنهن جواب ڏنس ته: تون جو ڪم ٿي ويو هنين رئيس، ته آخرڪار تنهنجو روٽ ته پورو ڪرڻو هونه؟ آهي نه صفا سوڌ پوڌ تو جهڙو؟

رئيس غصي ۾ ٿڙڪندي مونکان پڇيو: اڙي گهر ته نه ويو آهين منهنجي؟
سادگيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي چيم: نه.
وري ساڳيءَ ڪاوڙ ۾ چيائين: ڪير آهين ڙي تون؟
ورائيم: شاعر آهيان. حڪم ٿئي ته ڪلام عرض ڪيان.

جڻ ڪنهن پيٽ ۾ سنـو وهاني ڪڍيس. ٻاڪاريندي چيائين: اڙي گهوڙاڙي! انين نه ڪجانءِ! سڄي رات ڪتي جي ڦرن شعر ٻڌايا آهن. ڏسين نٿو ته ٻچي نڪتو آهيان بدمعاش ڪان. لاهه پٺي ڇڏيا آهن نياڳن.

ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويه. مشاعري وارن جي هٿ چڙهي ويو هوندو رئيس، ۽ هنن ڪيس موڳو "مٽر" مليراني سمجهي خوب ڪلام ٻڌايا هوندا. ٿي سگهي ٿو ته صدارت به ڪرائي هجين.
زمين سان مٿو ٽڪرائيندي چيائين: اڙي اهو ٺڳ ته ناهين جنهن جي جاءِ تي مون سڄي رات لوڙيو آهي؟
قميص جي ڦاٽل ٻانهن ڏيکاريندي چيومانس: مون به ڪو سڄي رات سيج تي ڪونه گذاري آهي رئيس.
پيرن مان گهيتلو لاهي ڏڪندڙ هٿن سان مونڊانهن اڇلائيندي چيائين: اڙي پر هنن بدمعاش مونکي شاعر ڪيئنءَ سمجهيو؟

ڏڪ گسائيندي در ڏانهن ڀڳس. گهٽي ۾ وڃڻ ڪان اڳ، اڌ ٻيڪڙيل در مان ڪيس مخاطب ٿي چيم: شڪر ڪر رئيس جو هنن توکي شاعر ني سمجهيو، ايه ٻي اي نه سمجهيانون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي اَدب اديب

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار کي ڏٺي ڏينهن ٿي ويا هئا. نہ همراه جو حال نہ احوال، نہ نياپو نہ نڙو، نہ خط، نہ پٽ، ڪا خبر ني ڪانہ تہ جيئرو بہ آهي يا مئو. هونئن بہ اڄڪلهہ اجرڪ ۽ ٽوپيءَ واري جو حال ڪونهي. ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي، چڙهي وڃو ڪنهن "مشتعل نوجوان" يا، "حق پرست" جي ور تہ ڪهڙي ني اها ڪندس. يا تہ ڪاتيءَ سان ڪهندس، يا ڪيندس گولين سان، يا وري هاري مٿانئس گاسليٽ جو دٻو، تيلي ڏني، بيهي تماشو ڏسندا سندس سڙڻ جو. پهريون تہ ڏوهاري جهلبا ڪونہ، پر جي قسمت ڀلائي وڌن ۽ پيا پنهنجي غلطي سان پڪڙجي، تہ بہ پنو ناهي. پاڻهي عورتن جو جلوس وڃي ڇڏائي ايندن لاڪپ مان. يا وري نالي ڀل جي بهاني خود ني ٿاڻي وارا ايلاز منٿون، آزيون نيزاريون ڪري، گهر پڄائي ايندس تہ ابا هيءُ همراه سوگهو ڪيو ۽ ڪيس پارٽ بہ ڪري ڇڏيو تہ ٻيهر واردات ڪان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان ڪان تہ ٻہ ٽي سو نوٽ پري گهمي.

سو ڳالهہ پني هلي شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار جي. گهڻن ڏينهن کان سندس خير خيريت معلوم ڪونہ ٿي سگهي هني، ان ڪري سوچيم تہ وڃي سندس حال احوال وٺي اچان. اهو سوچي وڃي سندس وٿاڻ تي پهتس. ڇا ڏسان تہ يار اسان وارو حليو بدلايو اينن ويٺو آهي، ڄڻ مخلوق ني ڪنهن ٻيءَ دنيا جي هجي. هڪ هٿ ۾ قلم، ٻئي ۾ ترار، جسم تي زره بڪتر، مٿي تي لوهي ٽوپ، ان منجهان پيشانيءَ تي لڙڪندڙ زنجيرن جي جهالر، ساڄي ڪلهي مان لڙڪندڙ رائيفل، کاٻي مان ڪلاشنڪوف، چيلهہ جي چوڌاري گولين جي پيٽي، ٺونٺين، گوڏن، پنين ۽ ٻانهن تي فولادي بچاءَ واريون ڍالون. سامهون ٽي وي پيو هلي، پاسي ۾ ريڊيو پيو وڄي. قلم سان ڪاغذ ڪارا بہ ڪندو وڃي، فون تي هدايتون بہ ڏيندو وڃي. رکي رکي هوائي فائر بہ پيو ڪري. مان اچي پريشان ٿيس تہ يا الاهي، هي ڪهڙي ماجرا آهي؟ يار هو هڪڙو، سو بہ چريو ٿي پيو ڇا؟ ڪاڏي مان بتال ٿيو، ڪل ٽڙي ويس يا ڪا ٻي ويڌن ٿي ويس؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريجهو وجي چيومانس: ڀائو بلبل، خوش ته آهين نه؟
هٽ سان خاموش رهڻ جو اشارو ڪندي چيائين: ڊسٽرب نه ڪر.
چيم: يار، خير ته آهي؟ قلم ۾ ڪم مليو اٿئي ڇا؟
منهنجي ڪن ۾ رازداراڻو سرپاٽ ڪندي چيائين: قومي ڪم آهي، چريا، قومي ڪم.

منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو. سڌو وڃي ٽي وي بند ڪيم، ان ڪانپوءِ اچي ريڊيو آف ڪيم. جڏهن هٽ سندس لوهي ٽوپ ڏانهن وڌايم ته دانهن ڪري چيائين: اڙي، اڙي، هي ڇا ٿو ڪرين؟
مون ڪيس جواب ني ڪونه ڏنو. لوهي ٽوپ لاهي هڪ ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيم مانس ۽ هٽ ڪان جهلي هني ڪمري ۾ وٺي وڃي ڪرسيءَ تي ويهاريو مانس.
ٿورو ناراضگيءَ وچان چيائين: تون هي سڀ ڪجهه چڱو نٿو ڪرين. توکي احساس ني ناهي ته مان ڌرتي ماءُ جي خاطر ڪيتري نه عظيم قرباني ڏني رهيو آهيان.
چيم: مٺي تي گرمي چڙهي وئي هيني، لهندني ته پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندين.
چيائين: تون منهنجي خلوص جي توهين ڪري رهيو آهين. توکي خبر آهي ته مان ڪير آهيان.
چيم: جي ها، خبر اٿم، تون شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار آهين

دانهن ڪري چيائين: ۽ اها به خبر اٿني ته هڪ شاعر، هڪ ليکڪ، هڪ اديب جا ڪهڙا فرض هئڻ گهرجن؟ وطن جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ ڪيس ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟

مان چپ چاپ ڪيس ڏسندو رهيس. سوچيم: مست جو مٿو ڦري ويو آهي. پر هو چپ نه رهيو. زوردار آواز ۾ گرجندي چيائين: تو جهڙن ڪاهل، ڪانئر ۽ بزدل اديبن صرف ڪاغذ ۽ قلم کي پنهنجو ايمان بنائي رکيو آهي. ٿوري گهڻي ذهني عياشي ڪري، نالو ڪمائي، تيس مار خان ٿيو پيا گهمو. توهان ني پاڇوڪڙ اديب آهيو، جن جي ڪري سنڌڙي ماءُ تي هي ڏکيا ڏينهن آيا آهن.
حيران ٿي پڇيم: بلبل، توکي اهو سڀ ڪجهه ڪنهن پڙهايو آهي؟
چيائين: مون پاڻ پڙهيو آهي. عظيم دانشورن جي لکڻين ۾ پڙهيو اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم: ڇا ڇا پڙهيو اٿئي بلبل بيقرار؟
ڇيانين: تون نہ سمجهي سگهندين پٽل. تون سرڪاري ڪامورو آهين. ليڪ ان ڪري آهين تہ تنهنجو نالو ڇپجي. فوٽو ڇپجي. پبلسٽي ٿئي. ان جو فائدو وٺي تون پروموشن وٺين. سٺيءِ جاءِ تي بدلي ڪرائي سگهين. وزيرن اميرن سان گڏ فوٽو ڪڍائي سگهين. دعوتون اڏائي سگهين. اسان چريا ناهيون. سڀ سمجهون ٿا.
چيم: پوءِ بہ ڪجهہ ٻڌاءِ تہ سهي. آخرڪار هيءَ هيڏي ساري تبديلي ڪيئن آئي تنهنجي زندگيءَ ۾؟
ڇيانين: مون اهوئي ڪيو آهي جو ڪتاب لکن ٿا.
پڇيم: ڪتاب ڇا ٿا لکن؟
ڇيانين: ڪتاب لکن ٿا تہ اديب جو فرض صرف ادب پيدا ڪرڻ ناهي بلڪ اهي هٿ ٺوڪيا ننگ اديب، جي صرف شعر، ڪهاڻي، ڊرامو وغيره لکي، مٿي هيٺان ٻانهن ڏئي سمهي ٿا رهن، سي قوم جا مجرم آهن.
چيم: تہ پوءِ هڪ اديب کي ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ٿا لکن ڪتاب ان باري ۾؟
ڇيانين: ڪتاب ٿا لکن تہ هڪ اديب کي نہ صرف لکڻ گهرجي بلڪ ڇپائڻ ۽ ان کانپوءِ وڪڻڻ پڻ گهرجي. ان کانپوءِ پنهنجي لکڻين کي عام ڪرڻ لاءِ رستن تي نڪرڻ گهرجي. پٿر هڻڻ گهرجن ۽ پٿر کائڻ گهرجن. جيل وڃڻ گهرجي، تحريڪون هلائڻ گهرجن، قربانيون ڏيڻ گهرجن. قوم منتظر آهي. ان کي نہ صرف دڳ ڏيکارڻو آهي، پر سڀ کان پهريون ان راهہ تي پاڻ هلي ڏيکارڻو آهي.
چيم: جي اديب اهو سڀ ڪجهہ ڪن، تہ پوءِ سياستدان ڪهڙي مرض جي دوا آهن؟
ڇيانين: سياستدان ٻئي اهم محاذ تي جهاد ۾ رڌل آهن.
پڇم: ڪهڙو محاذ؟
ڇيانين: سياسي محاذ تي هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽي رهيا آهن. جن کي ڏاڙهي ناهي، سي هڪ ٻئي جا نڪ لاهي رهيا آهن. جن کي نڪ ڪونهي، سي هڪ ٻئي جا لٽا لاهي رهيا آهن. پر ياد رک، اهو سڀ ڪجهہ قوم جي ڀلائيءَ ۽ بهبود لاءِ ڪري رهيا آهن، ذاتي مفاد لاءِ نہ.
چيم: بلبل بيقرار، اينئن ڇو نٿو ٿئي تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجو پنهنجو فرض ايمانداريءَ سان ادا ڪري؟ اديب ادب جي آبياري ڪري. سياستدان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياست ڪري. ڪارڪن بنيادي ڪم ڪري.
چيائين: ڪتاب اينن نئا لکن.
پڇيم: ڪنهن لکيا آهن اهي ڪتاب؟
چيائين: سياستدانن.
پڇيم: ڇا ٿيڻ گهرجي انهن ڪتابن موجب؟
چيائين: هر ڪم اديب کي ڪرڻو آهي. جيئنن دنيا جي سمورن مشهور اديبن ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو مون ان ٿيوريءَ تي عمل پڻ شروع ڪري ڏنو آهي. صبح صبح جو هڪ شعر لکيم. هاڻي زره بڪتر پائي گهٽيءَ ۾ اهو ڪلام ڳائي هڏائيندس. هي ڏس، کيسي ۾ پٿر پڻ کنيا اٿم. ڪجهه دوڪانن جا شيشا ڀڃندس. پڪڙجي پيس ته جيل هليو ويندس، بچي ويس ته ٻيو شعر لکندس.

مونکي بلبل بيقرار جون ڳالهيون ڏاڍيون عجيب لڳيون. ڪجهه چوان ئي چوان، ان کان اڳ هو اٿيو ۽ کيٽ مان هڪ ڪاغذ ڪڍي آيو.
پڇيم: ڇا آهي ان ڪاغذ ۾؟
چيائين: ايندڙ مهيني جو پروگرام آهي. منهنجي پروگرام موجب ايندڙ مهيني سمورا افسانا نگار بندر روڊ تي ٽائر جلائيندا، بسين کي ساڙيندا ۽ ٽرانسپورٽ جي هڙتال ڪرائيندا. انهن جي اڳواڻي آغا سليم ڪندو.
پڇيم: آغا سليم ڇو؟
چيائين: لالو پٺاڻ آهي. ٽرانسپورٽرن سان اهو ئي پڇي سگهندو. ان ڪميٽيءَ ۾ امر جليل، علي بابا، حميد سنڌي، غلام نبي مغل ۽ ٻيا شامل آهن. ٻي ڪميٽي شاعرن جي آهي جنهنجي اڳواڻي شيخ اياز ڪندو ۽ ان ۾ تنوير عباسي، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، تاجل بيوس ۽ ٻيا شامل آهن. استاد بخاري ڪجهه ڪجهه بيمار ٿو گذاري، ان ڪري هو مهمان فنڪار طور ڪم ڪندو. ان ڪميٽيءَ جو ڪم هوندو سول نافرماني ڪرڻ، جيل ڀرڻ ۽ بک هڙتال ڪرڻ. ٽين ڪميٽي ڊرامانگارن جي آهي. ان جي مهنداري عبدالقادر جوڻيجو ڪندو ۽ ان ۾ نورالهديٰ شاهه، شوڪت شورو، منظور قريشي ۽ ٻيا شامل هوندا. انهن جو ڪم ناٽڪي ڪم ڪري ڏيکارڻ آهي. مثلاً گرفتارين جي اطلاع ملڻ تي چانهه ڪري بيهوش ٿي وڃڻ، هارٽ اٽيڪ جي ايڪٽنگ ڪرڻ، روئي روئي بيحال ٿي وڃڻ، ماڻهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپڙا ڦاڙي، پار ڪڍي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪن تي اوچنگارون ڏني روئڻ وغيره.

چيڙ: ماشاءالله هوم ورڪ تہ خوب ڪيو اٿئي.

چيائين: اجا ڪٿي ڳالهہ آهي؟ مون تہ صحافين، محققن، دانشورن لاءِ بہ پروگرام جوڙي ڇڏيا آهن. في الحال هڪ جهلڪ ڏيکاري ٿو ڇڏيانءِ.

اينئن چئي هو مونکي هني ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي هڪ بي حد خوبصورت ڪرسي، ململ جي ڪپڙي سان ڍڪي هئي.

پڇيم: هي ڇا آهي؟

چيائين: ڪرسي آهي. جڏهن اسان اديبن جي هلچل ڪامياب ٿي ويندي ۽ ڪاميابي اسان جا قدم چمندي، تڏهن اسان هيءَ ڪرسي پنهنجي سياستدانن جي خدمت ۾ پيش ڪنداسين ۽ پوءِ کين وڏي شان مان سان ڪرسيءَ تي ويهاري، سندن قدمن ۾ ويهي، سندن شان ۾ قصيدا لکنداسين.

چيم: ڪرسيءَ ملڻ کانپوءِ سياستدانن جو ڪم ڇا هوندو بلبل پاءُ؟

چيائين: حڪم هلائڻ، پلاٽ ۽ پرمٽون جاري ڪرڻ وغيره وغيره. ۽ ها، اهو نہ وسارجانءِ تہ تو جهڙن نڪمن، لالچي ۽ ڀاڄوڪڙ اديبن جو پڇاڙو پڻ اهي ئي ڪندا.

مان بلبل بيقرار جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏڪي ويس. ڊوڙ پائي سندس لوهي ٽوپ کڻي پاڻ پائي ڇڏيم. هڪ هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي ۾ ڀاڄي کپڻ واري ڇري کڻي گهٽيءَ ۾ نڪري پيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنج پنهنجا

چار سنڌي هڪ دعوت ۾ آيل هئا ۽ ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڪرسين تي تقريبن ليٽيا، زندگيءَ جي وڻندڙ مشغلن مان هڪ ٻن سان دل بهلائي رهيا هئا.

هڪ، جيڪو پاڏي جهڙو ٿلهو هو ۽ پخال جهڙي چمڙي جو جيڪيٽ پاتو هئائين، سو ڪو اعلي عملدار ٿي ڏٺو. ڪيس سونو ڏند پڻ پيل هو، جنهن جي نمائش ڪرڻ لاءِ هن هر هر ڏند ٽيڙي کلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

ٻيو، سلوار قميص پاتل وڏيرو هو. بوسڪيءَ جي جوڙي تي سيمر جي جتي پاتي هئائين ۽ ٻن آڱرين ۾ پاتل هيرن جون جرڪندڙ منڊيون ڏيکارڻ کان، زبان کان وڌيڪ هٿن کان ڪم ٿي ورتائين. شڪل صورت مان لوڪڙ ٿي لڳو.

ٽيون سياستدان هو. وڏي مڇ، وڏو پٽڪو، وڏي پانچي واري وڏي سلوار. ڳلي ۾ سوني زنجير، ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ سوني پونچي، کهڪهو آواز، کل تي زور. هڪ هڪ ٽهڪ سلوموشن ۾ ٻه ٻه منٽ گهلبو هلي.

چوٿون تعليمي ماهر. سوٽ، بوٽ ۽ ٽاءِ تائين نفاست سان ڪپڙا پهريل. ڳالهائڻ مهل تحمل ۽ بردباريءَ جو بهترين مظاهرو، گلاس مان سرڪ پرڻ وقت تهذيب جا سيني اصول سامهون ۽ ميزبان خاتون جي جسم کي لالچي نگاهن سان ڏسڻ وقت اخلاق جي سمورين حدن جو تحفظ. هن جي شڪل نورنيڙي جهڙي هني ۽ هو هر هر زبان مچڪائي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو.

لوڪڙ وڏيري ڪاڇو ڪانيندي پڇيو: ٻڌو اٿئون ته سرڪار ڪارخانا واپس پئي ڪري.

پخال جهڙي عملدار وراڻيو: واپس ڪري يا نه ڪري، تنهن سان تنهنجو ڇا؟ تو وارو ڪارخانو ته اڳ به پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هو، ۽ آئنده به رهندو.

تعليمي نورينڙي زبان مچڪائيندي پڇيو: وڏيري جو به ڪو ڪارخانو آهي ڇا؟ مون ته اڳ ڪڏهن به اهڙي ڳالهه ڪونه ٻڌي.

مڇ سياستدان پنهنجو سلوموشن وارو ٽهڪ ورجائيندي چيو: هيرامنڊيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٿو ڳالهه ڪريس. تون به سمجهندو ڪر ماستر. اسان وڏيرن جا ته يار ڪارخانا به اهي اٿني ته انڊسٽريون به اهي ني اٿني. جيڪا شيءِ اڳي ني پرائيويٽ هجي، ان کي وڏيڪ پرائيويٽ ڪيئن ڪندا؟
لوڪڙ ٺڪي ڪل ڪلندي چيو: ابا توهان سياستدانن جو ڪهڙو ڀروسو؟ مسجدن کي سرڪاري تحويل ۾ به ته توهان ني ورتو هو.
مچ پڇيو: اهو وري ڪنهن هٽايني؟
لوڪڙ چيو: ڇو؟ وسري ويني ڇا؟ ضياءُ الحق مسجدن ۾ ملان پگهارن تي ڪونه رکيا هئا؟
مچ سلوموشن مهڪ ڏنو، جڻ ڪُنل سنيءِ سان پراڻو رڪارڊ وڄو. چيائين: پگهار رکو ملن کي ته ڪونه ملندي هني ڀوتار. پگهار ته هين کي به ملندي هني.
لوڪڙ وراڻيو: ملندي هوندي. توهان سياسي مُٺهو آهيو، ڀهرين ته توهان کي ملندي هوندي.
مچ کي ڪاوڙ لڳي.
منهن ۾ گهنج وجهي چيائين: سيني کي ملندي هني. آفيسرن کي، وڏيرن کي، شاگردن کي، ملن مولوين کي، ماسترن کي.
پخال بيزاريءَ جو اظهار ڪندي چيو: ڇڏ سائين انهيءَ ڳالهه کي. ننين بادشاه جي ڳالهه ڪيو. وڏيرا، ڌاڙيلن جو ڇا حال آهي؟
لوڪڙ ڪاڄن جي مٿ ٺڪيندي چيو: وڃاني ڇڏيو آهي حرامن. ڇنيءَ تي ڇني پني ٿي اچي. ملڪ ۾ امن امان آهي ڪونه. شهرن ۾ ايه . ڪيو. ايه باهه ٻاري ڏني آهي، ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن جي مصيبت. ويون ته رجون ڪيڏانهن.
نورينڙي اکيون مچڪائيندي چيو: وڏيرا سائين، ٻلي ني شينهن پڙهايا، ڦر ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا.
لوڪڙ کي ڏاڍي باهه لڳي. چيائين: منهن ڪارو چورن جو ته تو ڪيو آهي ماستر.
نورينڙي چيو: پروفيسر چنه.
لوڪڙ چيو: جيڪو به آهين، سڄي خرابي تنهنجي چورن جي آهي. نه لکن نه پڙهن. ڪلاشن هٿن ۾، وتن جيئي سنڌ جا نعرا هڻندا. ڪي وڃي لاڪپ وسائين ۽ ڪي وڃيو ڌاڙا هڻن. ڪر پڇين ته ڀيٺهان توهان جي ڇوڻ سان سنڌ جيئندي، نه ته مري ويندي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پخال سونو ڏند ڏيکاريندي چيو: سنڌ تہ هزارها سالن کان قائم آهي. هريهرو چورن کي دماغ ۾ پنهنجي ويٺي آهي. ڪم ڪار پڇين ڪونہ. ھڏي پاڻ ۾ ليپي ڪونہ. محنت جي نالي کان ون ۽ وڃن. باقي جيئي سنڌ ڙي جيئي سنڌ. اسان سنڌي آهيون ڪونہ، رڳو هنن بدمعاشن اڇي ٺيڪو ڪنيو آهي سنڌ جو. مهاجرن کي ڪيڏو، پنجابين کي ڪيڏو، بنگالين کي ڪيڏو، سيٺي کي ڪيڏو. مولا مينهن وساء تہ ڪانئر چٽن ڪم کان!

لوڪڙ ڪلندي چيو: ابا جنهن کي وٺيو تنهن کي ڪيڏو، هيلي پنجابين کي نہ ڪيڏو. اسان پارا مولائي يتيم ٿي ويندا.

مچ سلوموشن ٺهڪ ڏنو: مهاجرن ۾ بہ سخي جام پيا آهن. هرويهرو ڏاڏاني تہ نہ ڪر وڏيرا.

سيٺي ٺهڪ ڏنو.

مچ جو ٺهڪ دير تائين گونجندو رهيو.

نورينڙي زبان سچڪائيندي چيو: ھڏو اٺم تہ پي آء اي وارن نين اينٽرهوسٽيسن لاء اخبار ۾ اشتهار ڏنو آهي.

مچ چرڪ ڀريو. پڇيائين: چو؟

نورينڙي مرڪندي چيو: اڳيون تہ ھڏي اگهہ سان سنڌي زميندار پرڻجي ويا!

مچ ڦڪي کل ڪلندي چيو: اهو بہ تہ قومي يڪجهتيءَ طرف هڪ مثبت قدم آهي. تنهنجي چورن تہ رڳو شڪار ٿاهيا آهن. ٺاهڻ تہ سکياڻي ڪونهن.

نورينڙي وراڻيو: چورن جي ڳالهہ نہ ڪر. اهي نہ پڙهن، نہ لکن. رڳو نعري جو زيبڪ.

پخال چيو: مون تہ اڳي ني چيو نہ تہ سڄي خرابيءَ جي جڙ اهي چورا آهن. سنڌ بچايوڙي سنڌ بچايو، جڻ تہ سنڌ ڪيڏانهن ڀڄي ٿي وڃي. مري وياسون ڙي مري وياسون، جڻ تہ بگهڙ ٿا کائنن. سنڌين جو آهي اڇو منهن. پاڻ کان تہ پورهيو پڄندن ڪونہ، ڪو ٻيو اچي محنت ڪندو تہ ان جي جان جي پويان پنجي ويندا. هاڻي مهاجر قوم کي ني ڪٽي وٺو. سندن ھڏي ڏسو، سندن تعليم ڏسو، سندن محنت ڏسو. اسان ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ سندن مقابلو ڪري سگهنداسين؟ چورن حيدرآباد ۾ ڦشري ڪني تہ هٿي ڪراچيءَ ۾ بہ ٿي سو سنڌي مارائي وڌائون. نہ هٿيار، نہ همت. پوءِ هون زور ايلازن تي تہ هيلي اسان کي نہ ماريو. اسان جتوني آهيون، اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوٺيجا آهيون، اسان سيد آهيون، اسان کهڙا آهيون. اسان توهان جا پنهنجا آهيون.
مچ ڇيو: اسيمبليءَ ۾ به اهو حال اٿن. پاڻ ڪي اڪر به ڪونه اچين، اسان ٻهاري اسپيڪر چونديو ته ڪاوڙ جي پيا. بابا، جي عقل اوڌر ڏنا وٺون ته به توهان جي ڪاوڙ!
نورينڙي ڇيو: ڇورن جو به اهو حال آهي. پاڻ پڙهن ڪونه، حيدرآباد يونيورسٽي جو اعلان هٿ آيو ته ڀٽي سان نڪري ويا. چي: هٽ وٺي ڏنا لطيف آباد اسان ڪان وڃايو.
لوڪڙ ڇيو: اسان جي رنن مان اڇي ڇيٽن جي ڏپ، جي ڏنا ڪيون شاديون ٻاهرين مان ته به ڳالهه ڪونه ٿي وٺين. ڪهوڙا ڪهوڙا پني ٿي پوي.
پخال ڇيو: سنڌي چوندا ته ڪم ڏسني بنان پنسي. چار ڏوڪڙ وٺي جي ڪنهن ڏارني جو ڪم ڪيو سين ته غدار ڪان سواءِ نالو ئي ڪونه وٺندا. جن ته هيا مفت ۾ ڪم ڪندن.

ايتري ۾ چار فيشنل جوانڙيون، هٿن ۾ جام، چپن مان سگريٽ جا دونهان اڏائينديون، چيلهه مٽڪائينديون ڏانهن وڌي آيون.
مچ ڪهبرائيندي سرڪوشيءَ ۾ چيو: مري وياسين. بيگمات پيون اچن. خدا خير ڪري.
مچ جي زال سندس ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ويهي رهي. ڪهائل سنڌيءَ ۾ چيائين: ڇا ڳال آهي ڊارلنگ؟ ڪيڙا ڏنا مشورا ڪيو ويٺا چارني ساڙو؟
مچ سلوموشن ۾ ڪلندي چيو: اسان کي موت ڪنيو آهي ڇا جو توهان جي خلاف ڳالهائينداسين؟
ٻيءَ لوڪڙ کي چنهنبي پائيندي چيو: ميءَ جو فون آيو آهي لاهور مان بديرا.
لوڪڙ سور ڪان ڪنجهندي چيو: نه توهان چنني پينرن جي ڪا خبر ٿي پوي، نه توهان جي ميءَ جي. چنه، ڪهڙو حڪم آهي تنهنجي ميءَ جو؟
جوٺس چيس: چوي ٿي ته پنجينءَ جو رشتو طيءَ ٿي ويو آهي. اسان سيني کي سڏايو اٿائين. ڪڏهن هلندين جاني؟
پخال نشي ۾ جهومندي پڇيو: ڪهڙو مرغو ڦاٿو آهي هن ڀيري؟
جوٺس تارا ڦوٽاري چيس: تون ڪڏائين هوش ۾ نان ايندين؟
پخال پنهنجا سمورا حواس يڪجا ڪندي پڇيو: پر ڪير آهي اسان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿين وارو سنڌيو؟

جواب مليس: مني چوڻ ٿي تہ ڪو انقلابي سنڌي اديب آهي، وڏو دولتمند آهي.

سيٺ جي منهن تي ڪهنج پئجي ٿا وڃن.

ڪجهہ دير خاموشي.

مير وڏيءَ ڪيت سان گلاس خالي ڪري ٿو ۽ پوءِ گنٺل رڪارڊ تي پنهنجو ڏکو ٺهڪ وجائي ٿو.

سڀ ڏانهنس حيرت مان ڏسن ٿا.

مير چوي ٿو: چنبو تہ پنجون ٿيو شريڪ ڀاءُ بہ خيرن سان پنهنجوني نڪتو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لوسڻ جو نڪ

هاڻي ته اها ڳالهه عالم آشڪار ٿي چڪي آهي ته صاحب مون واري جو ڊرائيور گدو منهنجو پڳ مٽ يار آهي. هن سان منهنجون هٿيهه دليون آهن. ساڳئي طرح هن جو به مون ۾ ساهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ڪٿي ائين ته ناهي ته اسان ٻنهي هڪ ٻئي لاءِ پيدا ڪيا ويا آهيون؟ دنيا وارن جي نظرن ۾اسان ٻنهي بي وقوف، احمق، ۽ چسا آهيون، پر اسان کي وري دنيا وارن ۾ اهي خاميون نظر اينديون آهن. اسان ٻئي مختلف موضوعن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گفتگو ڪري دانشورن، اديبن، سياستدانن، ۽ فلاسفرن جا بخيا اڌيڙيندا آهيون، ٺٺول ڪندا آهيون، ۽ دل کولي هنن جي احمقانن روين تي کلندا آهيون. مونکي ذري برابر به تڪليف ٿئي ته گدوءَ جو جيئڻ محال ٿي پوندو آهي. چريا ڪريا آهيون، پر هڪ ٻئي جي زبان خوب سمجهندا آهيون.

ڪالهه هڪ عجيب ڳالهه ٿي گذري.

گدو سخت پريشانيءَ جي حالت ۾مون وٽ آيو.

پڇيم: ڇا ڳالهه آهي گدو؟

اداس لهجي ۾چيائين: ڳالهه ئي نه پڇ مٺر ڀاءُ.

چيم: خدا خير ڪري، ڪا اهڙي تهڙي ڳالهه ته ناهي؟

چيائين : خدا خير ڪري ، بلڪل اهڙي تهڙي ڳالهه آهي.

پڇيم: هاءِ هاءِ! هي ڪهڙا ٿو بد سوڻ زبان مان ڪڍين گدو؟

چيائين: حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان مٺر.

ايترو ٻڌڻ کان پوءِ پلا وڏيڪ ٻڌڻ جو مون ۾ تاب ڪٿي؟ چڪري ڪائي مورچا ٿي ڪرڻ وارو هوس جو اوچتو خيال آيم ته اهو "مورچا" ڇا ٿيندو آهي؟ سوچيم ته في الحال مورچا ٿيڻ جو پرگروام ملتوي ڪجي ٿو. مشهور سنڌي اديب شمشير الحيدريءَ کان مورچا جو مطلب معلوم ڪري، پوءِ مورچا ٿيڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

مونکي اينئن ٻڌتر ۾ ڏسي گدوءَ پڇيو: ڇا ٿو سوچين مٺر؟

وراڻيم: بس ائين ئي ذهن ۾ ڪا علمي ۽ ادبي جنگ جاري هئي. تون ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪو به الڪو نه ڪر. اسان ته وري به چريا آهيون، سياڻن سنڌين جي مٿي مان به ويڳ وڃي ني نٿو. هڪ ٻئي کي چئي ٽڪرين ڪري ڇڏيو اٿن. هڪ ڳالهه تي ته ٻيهن ني نٿا. ديڳ ۾ پيا ٿا رڄهن، پر هٿ پير هٿي نڪرڻ بجاءِ جهيڙو ان ڳالهه تي جوڙيو بيٺا آهن ته ديڳ پنهنجي يا پرائي؟

گدوءَ مونڊانهن ڪهوريندي چيو: مٺو، جڏهن تون سياڻن جهڙيون ڳالهيون ڪندو آهين، تڏهن مونکي تون ڪان ڊپ ٿيڻ لڳندو آهي. ٻانو، پاڻ چريا ني چڱا آهيون. شاهه سائين ڪونه چيو آهي ته: مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا!

چيمر: شاهه سائين کي وچهه نه آڻ گدو. ڪيس خبر نه هئي ته ڪانئس پوءِ، سندس ڌرتي تي اسان جهڙا گڏهه به پيدا ٿيندا. نه ته سنڌ کي سڪار جي دعا نه ڏئي ها.

چيانين: شاهه سائينءَ ته وڏا قهر ڪيا آهن. ڪر کي به دعا ڏني اٿائين. چيو ڪونه اٿائين ته: الا، ڪر جيئن! خبر ني نه ٿي پوي ته الائي ته تهمينه لاءِ چيو اٿائين اهو بيت، الائي مصطفيٰ ڪر جي لاءِ؟

ٽڪرڙ ۾ ڪيس چنبينديي چيمر: اڙي ماٺ ڪر گدو، اهي ڪر ان دور ۾ ڪونه هوندا هئا.

ڏاڍي سادگي سان وراڻيائين: ڪر ته هر دور ۾ هوندا آهن ياءُ مٺو.

مان گدوءَ جي وات مان اهو گفتگو هڏي ڏڪي ويس. سوچيم: عقل ۽ دانش جو جيڪو ديڳڙو مون چاڙهيو آه، ان جو ڍڪڻ هيءُ مست ضرور لاهيندو ۽ سمورو ٻوڙ هاري ڇڏيندو. ان ڪري ڳالهه بدلائڻ لاءِ پڇيو مانس: ها، تون پنهنجي پريشانيءَ جي ڳالهه ڪر.

گدوءَ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ پوءِ چيائين: مان ڏاڍو پريشان آهيان.

پڇيم: ڪنهنجي لاءِ؟

چيائين: پنهنجي سهري جي لاءِ.

پڇيم: ڇا ٿيو آهي تنهنجي سهري کي؟

چيائين: نڪ کان بيٺو آهي.

پڇيم: نڪ کان بيٺا ته هزارين بلڪ لکين انسان آهن.

چيائين: بروبر ياءُ پر منهنجي سهري جو مسئلو ٻيو آهي.

پڇيم: ڪهڙو؟

چيائين: ٿوري عقلمندي جي ڳالهه آهي. غور سان ٻڌڻي پوندي. ڏس، ڪاڙيلن ڀريون جياني اغوا ڪيا، خبر اٿئي ڇو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيم: ڇو؟
چيائين: ان لاءِ جو اهي نڪ کان بينا هئا. ان ڪان پوءِ چيني اغوا ڪيائون. پڇ ڇو؟
پڇيم: ڇو؟
چيائين: ان لاءِ جو اهي به نڪ کان بينا آهن.
چيم: اهو ته محض اتفاق آهي.
چيائين: نه اتفاق ناهي. ڊاڙيلن کي ٻي نڪا، ننڍڙي نڪ وارا يا نڪ کان بينا ماڻهو وڌيڪ پسند آهن. منهنجو سهرو به ان ڪري ئي پريشان آهي. ماني کائڻ ڇڏي ڏني اٿائين، گهر کان ٻاهر پير نٿو پائي، جي ڪنهن ضروري ڪم سان نڪرڻو به ٿو پويس ته رات جي اونداهيءَ ۾ نڪري ٿو ۽ نڪ ڍڪي ٿو گهمي.
چيم: پر مون ته ڪيترن ئي ننڍي نڪ وارن ۽ بينن کي ڏينهن ڏٺي جو ديده دليريءَ سان شهر ۾ گهمندي ڦرندي ڏٺو آهي.
چيائين: اهي اڪ جا پڪا هوندا. سچ پڇين ته صاحب وڏي جي پاڙي ۾ کي ڪوريا وارا رهندا آهن، مون تي نظر پوندي ئي در دريون بند ڪري ڇڏيندا آهن. روڊ تي بيٺل گهر ۾ ڪهٽ هٽندا آهن. گهر ۾ ويٺل ڇت تي چڙهي ويندا آهن. ڇت وارا اگهڻ ۾ ٽپو ڏيندا آهن. اگهڻ وارا ڪڏ ڪوٺي مٿان مٽي ورائي ڇڏيندا آهن.

مان سوچ ۾ پنجي ويس. دل ۾ چيم ته ٻيلي ڪٿي گدو سچ ته نٿو چوي؟ گدوءَ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو: مٺو، اسان کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي. منهنجو هڪڙو ئي سهرو آهي. اهو به کڄي ويو ته پوءِ ڇائيندو؟
مان چپ رهيس.
گدوءَ وري چيو: نڪ جو سوال ايڏو اهم ته ناهي مٺو. ماڻهن کي لوسڻ جا نڪ به ته ٿيندا آهن. تمام وڏن نڪن وارا به نڪ وڌائيندي دير نه ڪندا آهن. نڪ کي مٿر لائيندا آهن. نڪ رڳڙيندا آهن. نڪ ۾ ناڪيلي وجهائيندا آهن. منهنجو سهرو انهن کان ته چڱو آهي مٺو.

مان ائي ڪڙو ٿيس. گدوءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيم: گدو، اهو سڀ ڪجهه روڪڻ لاءِ اسان کي ڊاڙيلن جي هٿ لاهڻي پوندي. سندن ڇهڙو ڏسڻو پوندو. سندن نڪ ڏسڻو پوندو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيرن جا نشان

گيدوڙي پنهنجي واچ ۾ ٽائيم ڏٺو، پوءِ ريل جي سائنيڪن پٽن ڏانهن نهاريائين. مايوسيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي پنهنجي منهن چيائين: ڏاڍي دير ڪري ڇڏيائين.

مون سندس دل رکڻ خاطر همدردي ڏيکاريندي چيو: جانِ آئي. ليٽ هوندي.

هن کي اطمينان نہ ٿيو. پهن تي بيهي، ريل جي پٽن کي دور دور تائين گهوري ڏٺائين. ڪجهہ نظر نہ آيس تہ ٿڌو ساهہ ڀري چيائين: وڃائي ڇڏيائين. سادي ڏهين جو ٽائيم، مٿان اچي پوڻا ٻارنهن ٿيا آهن رات جا.

مونکي الائي ڇو گيدوڙي جي پريشاني ڏسي مزو پئي آيو. شرارت وچان مرڪندي چيومانس: ماڻهو چوندا آهن تہ: رب رسي تہ مت کسي، پر مان چوندو آهيان تہ زال رسي تہ سڪاڪسي. توسان بہ ساڳي ويڌن آهي گيدوڙا.
چڙي چيائين: لک دفعا چيوٿيمانءَ تہ مونکي گيدوڙو نہ سڏيندو ڪر. ان نالي سان منهنجي شخصيت متاثر ٿي ٿئي.
اچان چيڙائيندي چيومانس: شخصيت تہ تنهنجي ان ڏينهن ئي متاثر ٿي هئي، جڏهن تو لاهور مان شادي ڪئي هئي.
وڏيڪ ڪاوڙ جي چيائين: لاهور مان شادي ڪرڻ ڪا گار آهي ڇا؟
چيم: تہ پوءِ گيدوڙو ڪهڙي گار آهي؟ غريبائو ميوو آهي. چنبڙڻ جي خاصيت اٿس. شل نہ ڪنهن کي چهٽي!
چيائين: خچر، منهنجو نالو گل محمد آهي. سيٺ گل محمد. الحاج سيٺ گل محمد ايم. اين. اي. سمجهئي؟
کلندي چيومانس: اهي دڙڪا وڃي پنهنجن هارين کي ڏي، گيدوڙا پيارا، پاڻ تہ ننڍي هوندي جا يار آهيون.
هن خار مان مونڏانهن ڏٺو. ڏند پڪوڙي ڪا خراب گار ڏنائين ۽ پوءِ وري ريل گاڏيءَ جي تلاش ۾ پري پري تائين واجهائڻ لڳو.

رئيس گل محمد گيدوڙو، جو پاڻ کي الحاج سيٺ گل محمد ايم اين اي چورائيندي فخر محسوس ڪندو آهي، منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائمريءَ کان ڪڏ پڙهيا آهيون. وڏيرڪو ٻار هو، ان ڪري مئٽرڪ ٻه ڪونه ڪيائين. پٺس لوڪل باڊيز جو چيئرمن هو، مري وڃڻ کان پوءِ اها ڪرسي پٽ کي ورثي ۾ ڏني ويو. سنڌ ۾ اينئن ئي ٿيندو رهندو آهي. سياست چند گهرائن جي ذاتي ملڪيت طور پيءُ کان پٽ ڏانهن منتقل ٿيندي رهندي آهي، ٻني ٻاري جيان، جاين جڳهين جيان، ڍورن ڍڳن جيان. وڏيرڪو ٻار هو، شڪر آهي جو صرف ڇريو ئي نڪتو. هر ڪنهن کي پيو چنبڙندو هو. مونکي ته اهڙو چنبڙندو هو، ڄڻ چيچڙي چڙهي. اٺن ويهن، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، کائڻ پيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هئائين. هي ڇا آهي؟ هو ڇا آهي؟ اينئن ڇو آهي؟ اينئن ڪڏهن کان آهي؟ مطلب ته ڪتي- مک وانگر حياتي حرام ڪري ڏني هئائين. اهوئي سبب هو جو نالو ئي ڪٺي رکيو سونس "ڪيدوڙو." ٻهريون ڪاوڙيو، پوءِ ايلاز ڪيائين ۽ آخر ۾ رشوتون ڏنائين، پر نالو پڪو ٿي ويو هو، لهي ڪونه سگهيو. هو اڄ به مون لاءِ ڪيدوڙو آهي، سڀاڻي به ڪيدوڙو ئي رهندو.

ٻانهن کي سٽ آيه ته ڇرڪي پيس. چيم: ڪلهوني ڪيڏي وڏني يار. خوشيءَ وچان پنيءَ تي مڪ وهائيندي چيائين: هو ڏس، ٽرين پني اچي.
پڇيم: ڪٿي آهي؟
چيائين: انڌو آهين ڇا؟ پريان روشني نظر ڪونه ٿي اچني؟
چيومانس: ٽرين ۽ حقي ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي ايه اين اي صاحب.
ڏاڍو لڄي ٿيو. ڳالهه بدلائيندي چيائين: ڏاڍي ڪوشش ڪيم، هوائي جهاز ۾ سيٽ ئي نه مليس. سيشن ٿيڻ ڏي، تحريڪ استحقاق پيش ڪندس.
مون سندس ڳالهه ٻڌي ان ٻڌي ڪري ڇڏي. چيم: وڏيرا، مونکي هڪ ڳالهه ٻڌاءِ. پنهنجي سهڻي سيبتي ڏاڏي پوٽيءَ زال هوندي، تو لاهور مان شادي ڇو ڪئي؟
من لاپرواهي مان وراڻيو: تون اهو سوال هڪ سو ٽيرنهن دفعا اڳ به ڪري چڪو آهين، ٽيڙو.
چيم: ها، پر تو مونکي هڪ دفعو به مناسب جواب نه ڏنو آهي.
چڙي چيائين: ڪهڙو ڪارومنهن ڪيانءِ؟ اهو ساڳيو سوال ٻين کان ڇونه ٿو ڪرين؟ تنهنجا اڌ کان وڌيڪ عوامي نمائندا، اديب، شاعر، دانشور اهو گناه ڪري چڪا آهن. انهن کان پڇ جن جو سنڌ لاءِ هنيانءُ ٿو ڦاٽي، جيڪي قوم پرستيءَ جا جهنڊا کڻي روڊن تي نڪرن ٿا، جيڪي ڇوڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڦهلائن ٿا، جيڪي ملڪ ۾ نفرت ۾ بغاوت جي باهہ دکائن ٿا. انهن کان پڇ تہ هو ڏارين مان شاديون ڇو ٿا ڪن. مان چپ چاپ پٿر جي بينچ تي ويهي رهيس ۽ ان جاءِ کي ڏسڻ لڳس جتي ٿوري دير کان پوءِ لاهور مان شاليمار ايڪسپريس اچڻي هئي ۽ جنهن ۾ سوار وڏيري گل محمد ايم اين اي جي فلم ايڪٽريس زال پنهنجين ٻن ڀينرن سان گڏ وارد ٿيڻي هئي.

پليٽ فارم خالي هو. صرف ڪولي هئا، جي پنهنجين مقرر ٿيل جاين تي پلٿي ماريو ويٺا هئا. ڪي نوٽڻ کيڏي رهيا هئا، ڪي ڪچهرين ۾ مگن هئا، ڪجهہ جاين تي چاڪ جا نشان لڳائي، اڻ ڇاتل ڪولي چانهہ جي اسٽال تي شيشي جي گلاس ۾ چانهہ پي رهيا هئا، يا ڏاڪڻ هيٺان چادر تاڻي ڪونگهرا هڻي رهيا هئا.
هو بہ اچي منهنجي ڀرسان ويٺو. چيائين: ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.
مون پنهنجن ئي خيالن ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيو: واقعي ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.

شڪي نگاهن سان موڻڏانهن ڏسندي چيائين: سڀ لچايون سمجهانءِ ٿو، ٽيڙو.
مٺل آواز ۾ چيم: جي سمجهين ها تہ پوءِ ايڏي بيچيني سان هن ٽرين جو انتظار نہ ڪرين ها، وڏيرا.

منهن ۾ ڪروڌ ڀرجي آيس. ڪڙڪو ڪندي چيائين: توجهڙن تعصبي ماڻهن تہ ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. هر ڳالهہ ۾ وطن. هر ڳالهہ ۾ سنڌ، هر ڳالهہ ۾ شاهہ لطيف. ٻيلي خدا جو خوف ڪيو. ملڪ مولا جو آهي. انسان بہ سڀ خدا جا خلقيل آهن. جي ڪنهن اردو ڳالهائي يا پنجابي ڳالهائي تہ ڪهڙو بغداد ٿي ويو؟ سنڌ ڪا ڇوراڻ جي شيءِ آهي ڇا جو ڇوراڻجي ويندي، يا ڪجهي ويندي، يا ڪٿي پوندي؟ هرويهرو اچي ڇتا ٿيا آهيو. اڙي پناهگير پنجابي ڪي بگهڙ تہ ناهن جو کائي ويندا؟
مان منجهي پيس تہ کيس ڪهڙو جواب ڏيان صرف ايترو چئي سگهيس: ڪڏهن سمنڊ ڪناري پيرن هيٺان واري کسڪندي محسوس ڪئي اٿئي؟
هن سگريٽ دکايو. وڏو ڪش هڻي منهن ڦيري ڇڏيائين.

مان آڌيءَ رات جي ننڊا ڪڙيءَ اونداهيءَ ۾، ڪراچيءَ شهر جي سٽل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنين کي ڏسڻ لڳس. سوچيم: ڪڏهن هيءُ شهر به منهنجو پنهنجو شهر هو، هتي منهنجي پنهنجي ٻولي ڳالهائبي هئي. منهنجا پنهنجا ماڻهو رهندا هئا هتن ڳلين ۾، ماڙين ۾، محلن ۾. تڏهن ڪوبه اجرڪ تي ڪولي وسائڻ وارو ڪونه هو، ڪچ جون ڇاتيون وڍڻ وارو ڪونه هو. سنڌي ٽوپيءَ جو ڪنڊ ڪورڻ وارو ڪونه هو. معصومن کي پيٽرول هاري ساڙڻ وارو ڪونه هو. ۽ هاڻي اهوئي شهر ڪشمور تائين ڦهلجڻ لڳو آهي. هر پير هيٺان واري کسڪڻ لڳي آهي. پنهنجي ٻوليءَ تي دريون بند ڪرڻ وارا، هاڻي پنهنجي وجود تي دروازا بند ڪرڻ لڳا آهن. ڪهڙا نه ٻوڙا آهن هن ڌرتيءَ جا ماڻهو!

تڏهن اوچتو هو سگريٽ اڇلائي ڪڙو ٿي بيٺو. منهنجي ٻانهن کي زور سان ٻاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيائين: اچهو، ٽرين اچي وئي.
گاڏي واقعي اچي ويجهو پهتي هئي.
اسٽيشن تي چرپر مچي وئي. ننڍاڪڙن انسانن ۾جڻ ٻيهر جان موٽي آئي هئي. ٽڙيل پکڙيل ڪولي، ٻڳڙيون ٻڌندا، اکيون مهٽيندا، ڊوڙندا، ڊڪندا، پنهنجين پنهنجين والاريل جڳهين ڏانهن موٽڻ لڳا.

اسان جي بلڪل سامهون اوڪڙو ويٺل ڪولي اڃان اٿڻ وارو ئي مس هو جو هڪ ٿلهي ٿنڀري، وڏين مڇن واري ڪولي ڪيس ٺيلهو ڏيندي چيو: اڙي او جهنگلي، هتي ڇو ويٺــو آهين؟ هيءَ ته منهنجي جاءِ آهي. هيءُ چاڪ جو نشان نٿو ڏسين زمين تي؟
ڪمزور ڪولي پنهنجيءَ پوري طاقت سا سڌو سنئون اٿو ٿي بيٺو،ڇوءَ جي اکين ۾ اکيون ملائي چيائين: هيءَ منهنجي جاءِ آهي. منهنجو پيءُ به اتي ئي ويهندو هو ۽ ان جو پيءُ به اتي ئي ويهندو هو. چاڪ جو نشان ڊهي ويندو آهي چوڌري، ماڻهوءَ جي پيرن جا نشان هميشه قائم رهندا آهن.

مون مڙي ڪيدوڙي ڏانهن نهاريو، جڻ چوندو هجانس:، الحاج سيٺ گل محمد ايم اين اي، تنهنجي سورن سوالن جو جواب اجهو اهو اٿئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مار بکـھڙ کي

ان رات مان خيروءَ جي ڀاڪڙي هوٽل تي ويٺو. ماسٽر چندر جا پراڻا رڪارڊ ٻڌي رهيو هوس. خيرو دلبر مڙس آهي. موڊ ۾ هوندو آهي ته ماسٽر چندر ۽ جيوڻي ٻائيءَ جا رڪارڊ زور زور سان وڄائيندو آهي، پر جي گهران جوءِ سان وڙهي ايندو آهي يا وري اوڌر وارا گهرا هڪ ايندا ڏسندو آهي ته پوءِ انتقامي ڪاروائيءَ طور جلال چانڊئي جي ڪيسيٽ تي زور رکندو آهي. ائين ڪرڻ سان جن پريت کان هڪ طرف نجات ملندي اٿس ۽ ٻئي طرف کان دشمن ڏڙي کان به محفوظ رهندو آهي. چوندو آهي ته جنهن وٽ ڪلاشن نه هجي ته اهو جلال چانڊئي جا ڪيسٽ هميشه پاڻ وٽ ڪيسي ۾ سان رکي. چور، ڌاڙيل يا پوليس وارو پريان ايندو ڏسي ته صرف ٻڌڻ ڏهائي ڇڏي. ماڻهو ته ماڻهو، جناور به ٻڌي جان ڇڏائيندا.

هڪ پورهيءَ زائفان کي غيبات جو حساب ٿي پيو. گهڻائي پير فقير پڇيائون، عامل ڀوپا آزمايائون، حڪيم ۽ ڊاڪٽر ڏنائون، پر چري ڪينءَ؟ چي: ويرون وير وڌ. مائيءَ جي حالت جيئن پوءِ تيئن وڌي بگڙندي. آخرڪار هڪ ڏاهي هام هڻي ته مونکي ڇڏيو ته مان ٺوم جن کي منهن ڏيان. اندر گهري هڪ اک، هٿ ته ٻئي پيون ملڻ. سڀني مٽن مائٽن ڪٺي هاڪار ڪئي. ڏاهي ڇا ڪيو جو ڪيندي ئي ڪيسٽ سونا خان بلوچ جي، ڪٺي ڪيائين ٽيپ رڪارڊ چالو. جن جون اچي متيون منجهيون. توبهه، زاري، منٿون، ايلاز، گيسيءَ جو ٺڪاءُ. چي: خدا جي واسطي ٽيپ بند ڪر. منهنجو دم ٿو نڪري.
ڏاهو مڃي ڇا؟ جنين پوءِ تيئن وڃي آواز وڌائيندو.
آخرڪار جن بيحال ٿي وڃي ڪريو. حضرت سليمان جو قسم کنيائين ته هيءَ مائي ته ڇا، هن شهر مان به ڪونه لنگهندس. جي وري ڪٿي ڏسو ته جينري ساڙجوم. تڏهن ڏاهي کي روح ۾ رحم پيو. ٽيپ بند ڪيائين. زائفان چڱي ڀلي ٿي وڃي پنهنجن وارثن حوالي ٿي.

اهو ڏوهيڙو ته مون هروڀرو وچ ۾ ڏنو. دراصل ڳالهه پئي ڪيم ته مان ان رات خيروءَ جي ڀاڪڙا هوٽل تي ويٺو هوس. ڪن مان پين ڪيڏي ڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن شعر به پڙهي جوڙيه ته ڪڏهن وري هٿ سان ميز تي طبلو وڄائي ماسٽر چندر سان سر به پئي ملايه. ايتري ۾ چا ٿو ڏسان ته هڪڙا ٻه همراه هوٽل ۾ گهڙي آيا اچڻ سان سلاماليڪم ڪري سامهون واريءَ ڪٽ تي ويهي رهيا.

مان پهلا شاعر ماڻهو، سوهجان پنهنجي پورن ۾ گم. پتوئي ڪونه پيم ته ڪي آيا ني منهنجي لاءِ هئا. خبر تڏهن پئي، جڏهن هنهي مان وڏيڪ ٿلهي مونکي مخاطب ٿي چيو: مٺر مرگو تون آهين؟

چيم: هائو. اهو آهيان.

سنهڙي پڇيو: شاعر آهين؟

چيم: صدقي وڃانءَ، بلڪل شاعر آهيان. عرض ڪيو اٿم ته:

پخال جهڙي ٿلهي مڙس اڏ ۾ روڪيندي چيو: عرض پوءِ ڪجانءِ، پهريون اسان جي سوالن جا جواب ڏي.

حيران ٿي ويس. چيم: پوليس وارا آهيو ڇا؟

پخال ڪاوڙ ۾ زور سان مڪ ٽيبل تي هڻندي چيو: چپ ٿي ڪري ويهين؟

چيم: چپ تي هڪ شعر ياد آيو اٿم. رڳو اهو ٻڌو، پوءِ سچو ڏينهن چپ.

سنهڙي همراه ساندي وانگر زبان مچڪائيندي چيو: اڄ تائين گهڻا شعر لکيا اٿئي؟

خوشيءَ وچان لونءَ لونءَ ٺري پيم. ڪڇيون هڻندين چيم: سائين پوتار، شعر ٿا پڇو؟ بياض پڇو بياض. ڳوڻ کن ديوانن جي ڪڏ ٿي وئي آهي بختاور. اجهو هينئر به هڪڙو ڪلام پئي جوڙيه جو توهان اچي ويا. عرض ڪيو اٿم ته:.

مار بگهڙ کي، مار بگهڙکي،

ساندي زبان مچڪائيندي چيو: ترس، ترس، ترس. في الحال ترس. بگهڙ کي پوءِ مارجانءِ. پهريون اهو ٻڌاءِ ته ان ڳوڻ کن ڪلام جو اڄ تائين ڪو معاوضو مليو اٿئي؟

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ چيم: پنجاه، سو روپيه کن ضرور مليا هوندا ڪنهن مشاعري ۾. ها، باقي وهه واهه ته لکن جي ٿي آهي.

ساندي چيو: وهه واهه سان پيٽ ته نه ڀربو نه مٺر سائين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ سوچيم ته بيلي سانبو چوي ته سچ ٿو. پر پوءِ به خبر ناهي ڇو چيو مانس: پيٽ ته برابر نه ڀريو سائين، پر روح ته خوش ٿيندو بختاور. هاڻي هيءُ ڪلام ٻڌي ڪٿي ڏسو:

مار بگهڙ کي، مار بگهڙ کي،
اٺ ڙي ڇورا، مار بگهڙ کي.

پخال خبر ناهي ڇو ڏاڍي جوش ۾ اچي ويو. ڏند ڪرٽيندي چيائين: اسان پٺهين جا نوڪر ناهيون جو تنهنجو "بگهڙ ڙي بگهڙ" ويهي ٻڌون. اسان ڪم وارا ماڻهو آهيون. ها يا نه ۾ جواب ڏي ته وڃون.
تعجب ۾ پڇيم: ها يا نه؟ ڇاجي ها يا نه؟
پخال سانبي کي اکين ئي اکين ۾ ڪجھ چيو.
سانبي ٿوري دير پنهنجي زبان مچڪائي ۽ پوءِ چيو: ڏس درويش، غريب ماڻهو ٿو ڏسجين. ڪو ڏنڊو ڏاڙي به ڪونه اٿئي. سچي زندگي اجائي سجائي شاعري ڪئي اٿئي.
مون وچھ ڪيس ٽوڪيندي چيو: اجائي سجائي نه چئه، بختاور. عرض ڪيو اٿم:

مار بگهڙ کي، مار بگهڙ کي،
اٺ ڙي ڇورا، مار بگهڙ کي.

سانبي پنهنجي ٻنهي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون. منهن بڇڙو ٿي ويس. اينن، جڻ پيٽ ۾ مروڙ پئي هجيس. چيائين: ٺيڪ آ، ٺيڪ آ. ڪٿي هينءَ تا چنون ته بغير معاوضي جي شاعري ڪئي اٿئي.
مون چيو: معاوضو ته منهنجا سامعين مونکي داد جي صورت ۾ ڏيندا آهن.

پخال ڪان رهيو نه ٿيو. تارا ڦوٽاري چيائين: اڙي پوري ڳالھ ته ٻڌ خچر. خواه مخواه اچي لڙ لاتو اٿئي.
مان ڌجي ويس. صفا ماٺ ڪري ويهي رهيس.
سانبي وري پنهنجي ڪٿا شروع ڪئي: اسان سوچيو آهي ته تون سکي زندگي گذار.
زبان سان ڪجھ ڪونه چيم. رڳو اکيون ڦيرائي، ڪنڌ کي سٽ ڏئي اشاري سان پڇيم: ڪينءَ.
سانبي چيو: ٻڌايانءِ ٿو. ڏس، موڳا مٺر، اڄڪلھ ملڪ ۾ جمهوريت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي آئي آهي. شينهن ٻڪري گڏ ٿا چرن. ترقي ۽ خوشحالي چوطرف ڦهلجي وئي آهي. اسلامي شريعت نافذ ٿي وئي آهي. پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿي ويو. سرڪاري ڪارخانا مالڪن کي موٽي مليا رهيا آهن. مالي ورهاست صوبن جي درميان خير خوبيءَ سان ٿي وئي. اها ته اڃان شروعات آهي، باقي سڌارا ته اڃان پٺتي پيا آهن. جمهوريت عوام کي خوشحال ڪندي آهي ۽ عوام دشمنن جي پاڙ پٽيندي آهي.

مونکان رهيو نه ٿيو. هڪدم پنهنجو تازو شعر جهونگارڻ لڳس:

مار بگهڙڪي، مار بگهڙ کي،
اٺ ڙي ڇورا، مار بگهڙ کي.

پخال هيٺ جهڪي بوٽ ۾ هٿ وڌو.
مون هڪدم ٻني هٿ ڪٺي وات تي ڏنا.
سائنڊي سلسلو جاري رکندي چيو: انهن سڌارن کي مناسب مشهوري ڏيڻ لاءِ جدا جدا ادارا اخبارن ۾ پنهنجي طرفان مبارڪباد جا پيغام شعر جي صورت ۾ ڇپائي رهيا آهن. مثال طور تو پاڻيءَ جي ورهاست وارو اشتهار پڙهيو هوندو.
ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪيم.
چيائين: پر اها شاعري ڪچي هئي. اسان کي صحيح شاعر وقت تي نه مليو، ان ڪري ريلوي جي ڪانٽي واري کان اهو ڪلام لکايوسين. هاڻي اسان جو خيال آهي ته اهو شعر ۽ ٻيا اهڙا شعر آئنده توکان لکرايون.
مون حيرت ۾ ڪيس ڏٺو.
هن هڪدم چيو: فڪر نه ڪر، توکي مناسب معاوضو ملندو. ڏس، هڪ سڌاري جي شان ۾ مبارڪباد جا اشتهار هر ضلعي ڪائونسل جو چئيرمن، تعلقي جو چيئرمن، ميونسپالٽيءَ وارا، ٺيڪيدار، وڏيرا، واپاري، يار دوست، بسن وارا، ٽانگي وارا، رڪشا وارا، قلفيءَ وارا، ڪِني جي رس وارا، کير وارا، گوشت وارا__ مطلب ته هر اهو ماڻهو جنهن کي الله تعاليٰ ساهه کڻڻ جي توفيق عطا ڪئي آهي، سو پنهنجي عقيدت ۽ خوشيءَ جي اظهار لاءِ اخبارن ۾ شعروشاعريءَ جو اشتهار ڇپائي ٿو. ماشاالله اڄڪلهه ته سڌارائي سڌارا آهن. اشتهار ئي اشتهار ڇپجندا. ڪالاباغ ڊيم ٺهندو، اشتهار ڇپندا. ٻهاري ايندا، اشتهار ڇپندا. ڊاڙيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماريو، اشتهار. پريس وارو ماريو، اشتهار. ڏکي چوري ٿي وئي، اشتهار. ڏکي موٽي ملي، اشتهار. مطلب ته اشتهار ئي اشتهار. ساڄي اشتهار، کاٻي اشتهار. اوپر اشتهار، اولهه اشتهار. زمين اشتهار، آسمان اشتهار.

پخال ڏند ڪرٽيندي رڙڪني: اڙي اڪتي وڌ. ڳهاري پنجي ويني ڇا؟
سانئي ٺڪي ڪل ڪلندي چيو: سمجهي وئين نه؟
مون وراڻيو: سمجهي ته ويس، پر___
سانئي پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڳد ڳد ٿيندي چيو: پر ٻر ڪجهه ڪونه. اسان توکي امير ڏسڻ ٿا چاهيون. تو وٽ به بنگلو هوندو، ڪار هوندي، رنگين ٽي. وي هوندي، فرج هوندي. ۽ اهو سڀڪجهه تڏهن ٿيندو، جڏهن تون اسان کي، اسان جي مرضيءَ مطابق شعر لکي ڏيندين، تنهنجي هر شعر جي قيمت توکي نقد ڏني ويندي. چئه، ڇا خيال آهي؟
مان ٽپيءَ ۾ پنجي ويس.

پخال ڪپڙا ڇنڊيندي اٿي کڙو ٿيو. کيسي مان پنجين سوين جا ٻه نوٽ ڪڍي مرنڊانهن اڇلائيندي چيائين: خيال وري ڪهڙو آهي؟ اچي وٺ هيءُ ايڊوانس. رهڙي وٽ ڏهه ٻارنهن شعر آدم شماريءَ بابت ڪرائڻ جي فائدي ۾. سڀاڻي اچي ڪٺي ويندا سين. هل شاهه صاحب ته هلون.
سانئڙو به زبان مچڪائيندو اٿي بيٺو.

مان ٻني نوٽ هٿن ۾ جهلي ڪين غور سان ڏسندو رهيس.
پخال ڇهڙ ڏيندي چيو: اڙي ٿورا اٿني ڇا؟ مر نه، سڀاڻي ٻيا به ملندئي. هاڻي ته ڪل ڪوٻلا! هرڪا ڏر ڏار ڏار ڏوڪڙ ڏيندئي. جاڻ ته شاهوڪار ٿئين پولا.
آهستي آهستي نوٽن تان نگاهون هٽائيندي چيم: هڪ شعر ياد آيو اٿم. عرض آهي ته-

پخال قهر آلود نظرن سان مونکي گهوريندي چيو: ڏوڙ پئي تنهنجي عرض کي. پنيان ته ڪر ڪر نه ڪر، ڪروڙي. وڃ، وڃي ڪم کي لڳ.
هو هلڻ لڳا.
مون ٻني نوٽ مروٽي سروٽي ڪٺي سندن قدمن ۾ ڦٽا ڪيا.
هو ترسيا، جهڪي نوٽ کڻيائون ۽ پوءِ گار گند ڪندا، ٻجا گهرروڙيندا،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واءُ مينهن ڪندا هليا ويا.

مان چپ مونيءَ اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. چندر جو آواز اچان به فضا ۾ گونجي رهيو هو:

مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين.

مان اچان به سوچ ۾ گم هوس جو اوچتو خيروءَ اچي ڪلهي تي هٿ رکيم.

چيائين: ڪير هنا؟

وراڻيم: واپاري هنا.

پڇيائين: ڇو آيا هنا؟

چيم: آيا هنا منهنجا شعر خريد ڪرڻ.

چيائين: پوءِ، ڪيني واپار؟

چيم: نه. پٽ به ڪي وڪڻبا آهن؟ ڪارا هجن، ڪوجها هجن، آهن ته وري به اولاد نه؟

هو چپ ٿي ويو. شايد منهنجي ڳالهه نه سمجهيائين.

ڪجهه ويرم ڪان پوءِ پڇيومانس: شعر ٻڌايانءِ خيرو؟

خوشيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻي چيائين: ها.

چيم: عرض ڪيو اٿم ته:

مار بگهڙ کي، مار بگهڙ کي،
اٿ ڙي ڇورا، مار بگهڙ کي،
اٿ ندوار، مار بگهڙ کي،
اٿ ڙي ڀورا، مار بگهڙ کي.

خيرو مونکي حيرت ۽ عقيدت وچان ڏسندو رهجي ويو.

مان اٿيس. سينو ڦوڪي، مڇ مروٽي، زور سان کنگهڪار ڪندو گهر ڏانهن روانو ٿيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قصو ڇئن فقيرن جو

روهڙي کان ڪراچيءَ ايندي، ريل جي گاڏي ۾ مونکان سواءِ ٻيو ڪوبہ مسافر ڪونہ هو. صرف چار فقير هئا جي هڪ ٻئي کان بي نياز، ڇنني ڪنڌن ۾ چپ چاپ ويٺا گاڏيءَ جي جهٽڪن تي جهومي رهيا هئا. مونکي پڪ آهي تہ هو جتان جتان بہ ريل ۾ سوار ٿيا هوندا، اينئن ئي الڳ ٿلڳ، جدا جدا، بيگانا رهيا هوندا.

مون جڏهن پنهنجو سامان سڙو ٺاهي رکيو ۽ سيٽ تي ويهي سکءَجو ساهہ پٽيم، تڏهن منهنجو ڌيان هنن ڏانهن هڪدم ڇڪجي ويو. عجيب صورتحال هئي. چارئي ڪنڌن والاريل- ۽ سي بہ فقيرن سان!

ڪجهہ وڌيڪ غور سان ڪين ڏٺم. هڪ پنجابي پئي ڏٺو، ڪاري ڪوڏ، مٿي تي نوڙيءَ وانگر وٽيل پڳڙي، هٿ ۾ حقو، جنهن مان رکي رکي گڙڪاٽ پئي ڪڍيائين.

ٻيو، بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهہ جي ڪو پٺاڻ هو. سندس ڪپڙو لٽو، شڪل شبيہ، گفتگو جو انداز- سڀ کان وڌيڪ نسوار جي چپٽي، ڪلم ڪلا ٻڌائي رهيا هئا تہ همراهہ پهاڙن جي ڏيهہ جو رهواسي آهي.

ٽيون، سڪل سڙيل، ٽينٽهر جهڙو، ڪارو ۽ ڪرجهو، بنگالي وصفن وارو ٻهاري هو. مٿي تي ڪپڙي جي اڇي ٽوپڙي، انگوڇي نما ڦاٽل ڪوڏ، پان سان ٿٿيل ڏٺي جهڙا چپا ڦڏا ڏند ۽ منهن تي مظلوميت.

چوٿون سنئون سڌو سنڌي هو. ڏنبو ڏوٿو جوان. مٿي تي آرسين واري ٽوپي. ڪلهي تي اجرڪ. گولڊ ليف جو هڪ سگريٽ ڦوڪي پورو مس ڪيائين تہ وري ان مان ئي ٻيو پئي دکايائين. رکي رکي شوڪارا بہ پئي ڀريائين.

دل سوچيم تہ ڪراچي تائين ڀري جو سفر آهي. اڪيلي سر ڪاٽڻي نہ ڪٽبو. ان ڪري ڇو نہ هنن همراهن سان ڪچهري ڪندو هلان. محفل جي محفل، وندر جي وندر، ڏيٺو وٺٺو ڪجهہ ڪونہ پوندو، موٽڪو وروٺهن ٿي پوندي.

اهو سوچي ڪين پاڻ ڏانهن سڏ ڪيم. ڀهرين تہ اک جي ڀچڙيءَ سان بہ ڪونہ ڏٺائون. پوءِ جو ٿرماس کولي چانهہ اوتي هر هڪ کي پيڻ جي اڇ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير، ته مڙي سڙي، مڇو ناهي اچي اڳيان ويٺو.
چيومانس: مان مهمان نواز سنڌي آهيان. واقف اڻ واقف هڻڻ ڪو شرط ناهي. جي آياسي اگهيا واري ڪار آهي. منهنجا وڏا به اينئن ڪندا هئا. پاڻ ته گذاري ويا، پر اهو هنر ورثي ۾ مونکي ڏئي ويا. ويهو، مون سان گڏ چانهه پيئو، بسڪوٽ کائو. مانيءَ جو وقت ٿيندو ته اها به منهنجي خرچ تي ٿيندي. ٻي ڪا گهرج هجيو ته اها به ٻڌائجو. پاڻ گهر وڃڻ به گهرجائوءَ جي گهرج پوري ڪندا آهيون.

منهنجا اهي ڳالهوڻءَ وارا ڳفتا ٻڌي، سنڌي فقير خوشيءَ وچان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ "قادر قلندر مست" جو زوردار نعرو هنيو. جي مان سنڌس وات تي بر وقت هٿ ڏئي کيس ماٺ نه ڪرايان ها ته گمان غالب هو ته هو اٿي بيهي ڌمال به هڻي ها ۽ پنهنجي مسرت جي اظهار ۾ ٻه ٽي قلابازيون پڻ کائي ها.
پنجابي فقير پهريون ته حقي مان هڪ لنبو ڪش هنيو، پوءِ ساڳئي انداز سان ڦرڙاٽ ڪندي چانهه جو ڍڪ ڀريو ۽ پوءِ منهنجي پيرن کي زور ڏيندي چيو: ٻڌيرا سائين، مولا خوش ڪندئي. جهڙا سنڌي ٻڌا هناسين، تهڙا اکين سان ڏٺاسين.
پڇيم: سو ڪيئن؟
چيائين: منهنجي ملڪ ۾ توهان جي سخاوت ۽ رحمدلي مشهور آهي ٻڌيرا سائين. اسان جي ڳوٺ جا سمورا فقير، ٽولا ناهي، آهستي آهستي سنڌ ۾ آيا ۽ ٿورن ڏينهن ۾ لکا پتي بنجي ويا ٻڌيرا سائين. اسان به انهيءَ آسري تي گهران نڪتا آهيون.
پڇيم: ٻيو ڪير اٿئي ساڻ؟
چيائين: زال آهي ٻڌيرا سائين، ٻه جوان ڌيئرون آهن. هڪ اسٽيشن اڳيان گاڏن ۾ گدائي ڪرڻ ويون آهن، اجهي آيون. تون ڏسندين ته دل خوش ٿي ويندئي منهنجا سائين.
چيم: سنڌ ۾ ڪهڙو ڪم ڪندئو؟
چيائين: عورتون گهرن ۾ ڪم ڪنديون، مان ٻار سنڀاليندس. اسان جا سمورا مرد اينئن ئي ڪندا آهن سائين. ٿورا پئسا گڏ ڪري سوزوڪي وٺنداسين. ان مان ٻه سوزوڪيون ڪنداسين، ٻن مان چار، چئن مان اٺ، پوءِ ڪنهن سنڌي زميندار کان زمين خريدي آرام سان گذارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنداسين بڊيرا سائين. اسان جي ڳوٺ مان آيل سمورن فقيرن اينن ني ڪير آهي منهنجا سائين.

مون پٺاڻ فقير ڏانهن ڏٺو جو پشتو ۾ ڪو گيت به ڳائي رهيو هو ۽ نسوار جي دٻليءَ جي وچ ۾ جڙيل آئيني ۾ پنهنجو منهن به ڏسي رهيو هو. پڇيو مانس: ڪٿان جو پٺاڻ آهين فقير؟
ڪاروڙجي چيائين: مان افغان آهيان افغان. تو ڪڏهن افغان مجاهدين ڀٽا آهن!
چيم: انهيءَ کان سواءِ هيو هٽو ڇا اٿم.
چيائين: اسان حريت پسند افغان مجاهدين فقير آهيون.
چيم: هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين؟
چيائين: هٽو اٿم ته ڪراچيءَ ۾ هٿيارن جي تمام گهڻي گهرج آهي. آرڊر بڪ ڪرڻ آيو آهيان.
پڇيم: ڇا ڇا ڏيني سگهندين؟
چيائين: هيو ته الله تعاليٰ توهان کي سڀ ڪجهه گهر ويٺي ڏياري موڪليو آهي، باقي خنجر کان ويندي راڪيٽ لانچر تائين هيءُ فقير اوهان کي ڏئي سگهندو، سو به صرف اسلامي اخوت جي جذبي تحت.
پڇيم: ڪيترا فقير اسلامي اخوت جي جذبي تحت سنڌ ۾ آيا آهيو؟
چيائين: مڙني لکاکن. هيا پنڌ ۾ آهن. اجهي آيا ڪي آيا.
ڪجهه دير ترسي هوريان چيائين: هيروئن. ڪپني رئيس؟
گهبرائجي چيم: ڪهڙي هيروئن واندي اٿئي؟
چيائين: اها هيروئن نه، پائوڊر واري هيروئن. سيرڪن خريد ڪري ڇڏ، ڪروڙ پتي بنجي ويندين. ڏهه سير آندي اٿم. ڏهن ڏينهن کان پوءِ منهنجو ڊفينس ۾ بنگلو ڏسندين.
چيم: سڀ بنگلا توهان ڪٿي ويندئو ته پوءِ اسان ڪيڏانهن ويندا سين؟
چيائين: توهان ته اڳي ني ڍڳا چارينڌا آهيو رئيس. توهان کي ڪهڙو فرق پوندو؟

مونکي افغان فقير جي گفتگو نه وڻي، ان ڪري بهاري فقير کان پڇيم: تون ٻڌاءِ، ڪٿان آيو آهين؟
زارو قطار روئيندي چيائين: اهو هڪ تمام وڏو درد ڀريو داستان آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين.
چيمر: پوءِ بہ ٻڌاءِ تہ سهي.
چيائين: پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ اسان بهار ۾ رهندا هئاسين. اوهان پاڪستان ناهي، سبز باغ ڏيکاري اسان کي مشرقي پاڪستان ۾ وٺي آيو. اتي اسان توهان جي چوڻ تي بنگالين جا لاهہ پٽي ڇڏيا. سندن جهڙن ٻچو ناس ڪري ڇڏيو سين. بنگلاديش ٺهيو تہ توهان اسان کي ڇڏي ڀڄي ويا. پر خدا ڪنهن کي بہ اڪيلو ڇڏيندو ناهي. اسان جا مٽ مائٽ، عزيز دوست، سڀ هت آهن. اسانکي ٿورا ٿورا ڪري هت گهرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. اسان هر روز ٽي چار سون جي ٽولين ۾ سرحد ٽپي پنجاب، ۽ پنجاب کان پوءِ ڪراچي پهچندا آهيون. فقير بنجي داخل ٿيندا آهيون ۽ ٿورن ٿي ڏينهن ۾ پلاٽ ۽ پرمٽون وٺي ڪاروبار ڪندا آهيون. هاڻي ڪراچيءَ تي اسان جو قبضو آهي. فقير مان صرف اوستائين آهيان جيستائين ڪراچي ڇاوڻيءَ تائين نہ پهتو آهيان. ان کان پوءِ ڇا جي فقيري ڇاجي ڳالهہ؟
چيمر: ٻيو بہ ڪو هنر ڄاڻين؟
چيائين: موت جا هڪ هزار هڪ طريقا ايندا اٿمر. چوين تہ هڪ توتي بہ آزمائي ڏيکاريان.
ڏپ ۾ ٻني هٿ ٻڌي چيومانس: في الحال تہ معافي ڏي يار. اڳي پوءِ پڙ تہ تنهنجي ئي پوٺو آهي. پر ٿوري مهلت ڏي.
چيائين: تنهنجي مرضي سائين، نہ تہ هڪ ننين ٽرڪ آندي اٿمر. مغز ۾ گرمٽ سان سوراخ ڪرڻ جي.

مون جلدي سان سنڌي فقير ڏي ڏٺو جو اجا بہ شوڪارا ڀري رهيو هو.
چيمر: ڪير مڙس آهين جوان؟
چيائين: ٻڌايائين ڇا ستمگر، غمزده آ داستان منهنجو.
چيمر: ڪجهہ تہ ٻڌاءِ.
چيائين: وڏيري نور حسن خان جو اڪيلو پٽ آهيان.
چيمر: نور حسن خان تہ تمام مشهور زميندار آهي.
چيائين: ها، ابي ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو هومر. وڏيرڪو ٻار، پنسو جامر. ڳڻتي نہ فڪر. ڪڏهن ماڊل گرل پيون اچن، ڪڏهن فلمر ايڪٽريسون. ڪڏهن ڊانسر تہ ڪڏهن مجري واريون. پنسو ڪٽي تہ ڊڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي وجي ابي کان وٺي اچون. وري ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه. جوئا شراب ۽ ڳائو بجانو ته سنڌي وڏيري جو ڏاج آهي. اهي ڳڻ نه هجن ته وڏيرو ڪير سڏائي؟

پچيم: پوءِ؟

چيائين: ابي جا به ساڳيا حال. جڏهن ڏوڪڙ وٺڻ ڳوٺ وڃان ته هر دفعي نئين سريت ساڻ ڏسيو اچانس. ڪڏهن لاهور جي ته ڪڏهن گجرات جي. ڏاڍيل به ويو ڏاريندو. هيڏانهن منهنجي پٽ، هوڏانهن ابي جا پنهنجا شوق، چوندا آهن ته ڪاڏي کوهه به ڪٽيو وڃن. زميندار ڪهڙي شيءِ آهي؟

پچيم: هاڻي به ڳوٺان پيو اچين؟

چيائين: ها، ڪنگال ٿي ويو هوس. چيم ته وڃي ابي کان ڪجهه پئسا وٺي اچان.

پچيم: پوءِ مليئي ڪجهه ڏوڪڙ؟

چيائين: نه. ابو ڳوٺ ۾ ڪونه هو.

چيم: ڪيڏانهن ويو هو؟

چيائين: ٻه واري ڳوٺ ۾ پڻ ويو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻُل چُڪ

رئيس هو سڄي رات جو جاڳيل، سر ڪڇيءَ منجهند تائين پيو هو بستري ۾ ڦڙهه لڳو. رات ڦاٽو پيو هجيس ۽ ڪونگهري جو ٺڪاءُ پيو لڳيس. ننڍي وڏيريءَ به ٽي ڦيرا ڪيا. نمرتي سان ٻهر ۾ اچي ليٽيس پڻ. ريڊيو وڄايائين. پروگرام پورو ٿيو ته ڪيسٽ چاڙهيائين. ڪجهه نه وريس ته غسلخاني ۾ وڃي خوب وهنجي سهنجي گل ٿي ٻاهر نڪتي. ڳوڙهي نيري رنگ جو جوڙو پاتي، مٿان ميڪ اپ جو تهه چاڙهي، تيز خوني رنگ جي لپ اسٽڪ لڳايائين. ڪبٽ مان "پوائزن" جو پرفيوم ڪڍي ٻهرين ڪنن جي پاپڙين کي، پوءِ ڳچيءَ جي پاسن کي، ان کان پوءِ ڏورو ڪپڙن جي مٿان ڇنڪاريائين. خوشبو سڄي ڪمري کي وٺي وئي.

رئيس پاسو ورايو.

ننڍي وڏيري پنهنجي ڪاميابي تي پنهنجي منهن مرڪي. پلنگ جي ڀرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي، پنهنجا آلا وار رئيس جي منهن تي ڦهلائي، سندس سيني تي ڪنڌ رکي ليٽي پئي. رئيس جو ڪونگهرو بند ٿيو. اکيون کولي ننڍي وڏيريءَ ڏي ڏٺائين ۽ پوءِ اتان ئي پٺي پٺي، سندس وارن ۾ آڱريون وجهي چيائين: نيٺ اٿارڻي نه ننڊ مان؟

ننڍي وڏيريءَ پنهنجا خوني چپ رئيس جي اڇي ڏاڙهيءَ ڪان وٺي سندس اکين تائين گسائيندي آخر ڪار وڃي سندس پيشانيءَ تي ڏنگ ڪيو. وڏي نخري سان ڇهڪندي چيائين: ۽ تو جو سڄي رات جاڳايو مونکي؟
رئيس کي ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي. چيائين: رات ته مان آيس ئي ڪچي اسر جو گهر. توکي وري ڪٿان جاڳايو؟
ننڍي وڏيريءَ اجا به رئيس جي ويجهو ٿيندي سرهاڻ ۾ چيو: انتظار ته ڪرائيني نه؟ وڏيون تياريون ڪرايون هيني مونکان. هڪ هڪ منٽ ڪري ڳڻيم. سڄي رات جو نه آئين ته مان به ماٺڙي ڪري سمهي رهيس.

رئيس ڳالهه سمجهي ڪلي ڏنو. پيار مان مٿس هٿ ڦيريندي چيائين: هانو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيلي. اها خطا ٿي وئي. ان لاءِ معافي. سزا جيڪا چوندينءَ سا منظور.
ننڍي وڏيريءَ لاڏ سان چيو: هون! وڏو آيو آهي سزا وارو. ڪوڙو ڪنهن جاءِ جو.

رئيس وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي آهلي پيو. ننڍي وڏيريءَ جو منهن پنهنجن هٿن ۾ ورتي، عاجزيءَ وچان چيائين: محبوب سائين، اينئن مهٽن سان تہ نہ مار. حڪم ڪري تہ ڏس نہ. هڪڙو اٽني رنگ بادامي جهڙو، مٿان ٿي پائين گهرا نيرا ڪپڙا. ان جي مٿان وري هي ست سو سينگار. مونکي تہ ٻيلي منو ڪڻ.

ننڍي وڏيري جا هاٿي رئيس جي دل جو دهڪو ٻڌي پئي سگهي، تنهن پنهنجو جرڪندڙ هٿ سندس ڪارن ڪٽ جهڙن چپن تي ڪٽي رکيو. سندس مڇ کي هلڪو ڏرنتاڙو ڏيندي چيائين: نہ جاني. اهڙا لفظ تہ زبان مان نہ ڪڍ. منهنجي تہ دل ٿي وسامي.

رئيس کي اوچتو ئي اوچتو اچي ڪنگهہ چڙي. ڪراڙو مڙس، مٿان وري هيءَ چتي ڪنگهہ. ڪنگهي ڪنگهي تاراني ساوا ٿي ويس. همراه رڙي پيو رڙي. واڇن مان ڪگ پئي ڳڙيس. وهاڻي ۾ منهن ڏئي اچي ڪنجهڻ ويٺو.

ننڍي وڏيري ٻروڙ پاڻي پاڻي ڪٽي آني. ڪجهہ پياريائين، ڪجهہ چنبا هنيائينس، باقيءَ سان منهن ڏرڻاريندي ٽوال سان صاف ڪيائينس. جڏهن ساهہ بحال ٿيس، تڏهن چيائين: يار، اسان جا حال اهي اٽني. رات تہ ڪٽي ايس پي صاحب ۽ اي سي صاحب سان گڏ گذري، پر جي ڪٽي سوير ڀرو اچجي ها، تہ بہ تنهنجي ميار تہ وري بہ اسان تي قائم رهي ها. هنہ ڙي پيري! جي ڏهہ سال اڳ ملين ها تہ پاڙي وارا ڪرڪريا ٻڌن ها ڪرڪريا. هاڻي وتون ٿا منهن ڳوليندا.

هو اٿيو. آئيني ۾ پنهنجو گهنجيل منهن ڏٺائين. ڦڻيءَ سان ڀهريون وار ۽ پوءِ ڏاڙهي سنواريائين ۽ پوءِ ننڍي وڏيريءَ ڏي ڏسندي چيائين: دل نہ لاهہ نازان، توسان ڪيل وعدو پاڙيو. اڄ ڪجهہ آسرو آهي. جي ٿو ڏڪ ناموڪو لڳي پوي تہ پوءِ سياڻي ئي هلي شهر تنهنجو قرض لاهيو. هي ڏاڙهي آ.

ڦورو چريو مس تہ وري اچي ڪنگهہ ورايس. ڪنگهي ڪنگهي مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو. سهڪندي چيائين: ابل! ٻيلي نازان، ڪنگهہ پورين ڪري ڇڏيون. اڄ ڊاڪٽر کي گهرائڻ پنجي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڻ پاڻي ڪري، چانهه جو ڊڪ مس ڀريو هنائين جو ڪمدار جو نياپو پهتس ته اوطاق ۾ انتظاري آهيان. نياپو ملندو ويس ۽ جتيءَ ۾ پير وجهندو ويو. نندي وڏيريءَ ٻانهن کان جهلي نيزاريءَ سان چيس: ٻه گرهه نيرن جا ته کايو وڃ.

چيائين: اڳو پوءِ منجهند جي ماني موڪلي ڏجاءِ اوطاق ۾. ڪمدار آيو آهي. نندي وڏيريءَ منهن ٻچڙو ڪندي چيو: ان مني ڪمدار کي ٻه هاڻي اچڻو هو.

رئيس مچ مروٽيندي، ٿورو مرڪندي چيو: وڏيري، انهن جي مهاڀي ته ڪانون ٿا. ڪمدار نه هجن ته جيڪر وڏيرا ڪتر ٿين. چڱو منڙي مان هاڻي هلانءِ ٿو. رات آهي تات. پيا ڳن ڏينداسين.

اوطاق ۾ ڪمدار حال احوال ڏين لاءِ اتاولو ويٺو هو. رئيس کي ڏسندي ئي وڏي واڪي چيائين: بسم الله بسم الله. صدقي. صدقي انهيءَ نور تان. ڀلو ڙي رئيس ڀلو تنهنجا هلڻ. جوانن کي ٻه شهه آ.

رئيس ڪمدار سان هٿ ڏني مليو. ڪيس ڀر ۾ وهاريائين. پوءِ آهستگيءَ سان مام ۾ پڇيائين: جوسا، ڪر احوال شڪارين جا؟

ڪمدار زوردار نعرو هڻي چيو: زنده باد، جيڏانهن پير تيڏانهن خير ڀوتار. جوسو هجي ڪمدار ۽ سوڀ نه ٿئي؟ اينن ته ڪتابن ۾ ئي لکيل ڪونهي.

رئيس وري ٻه هوريان پڇيو: ڪتاب ڇا ٿا لکن؟

ڪمدار وراڻيو: ڪتاب ٿا لکن ته رات ٽپيدار وريام جي گهر کي ڪاٽ لڳو. الهه تلهه ڪجي ويس. جوءِ جا زيور هنيس لڪ ڪن جا، اهي ويس. ڪو روڪڙو هنس ويهه پنجويهه هزار روپين جو، اهو ويس. ڪو ڪپڙو لٽو. مطلب ته نوڙهو ڪکڙ ڪري بيهاري ويس شڪاري.

رئيس جي منهن تي مرڪ اچي وئي. پڇيائين: ٻي ته خير خيريت ٿي نه؟ ڪو ڏکيو ٿنيو ته ڪونه؟

ڪمدار چيو: نه منهنجا سائين. مجال آ جو ڪنهن کي رهڻ ٻه آئي هجي. بس رکو پٺس پوڙهي. هوڙهياڻي ڪني. ٿوري گهٽي ان کي ٿڪاٿڪي ڪري ويا.

رئيس گهبرائجي چيو: اڙي آڏاري ته نه رکيائون مڙهي کي؟

ڪمدار کلندي چيو: نه ڀوتار، مري ٿو جو ڇتو ٿيو آ. ڪانو جي هڏي ڪاڏل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس. سو پورو ڪري پوءِ مرندو.
رئيس ڪجهه دير ماٺ ڪري ويهي رهيو. آخر ڪار ٿڌو ساهه ڀري چيائين: ڀيلي ڪمدار، اهو پوڙهو منهنجو ننڍپڻ هوندي جو يار اٿئي. خيال رکجانس.
ڪمدار هڪدم وراڻيو: ڀوتار سائين، توهان ته ڪمال ٿا ڪيو. جي ياريون نباهڻ ويٺاسين ته پوءِ ڀيلي پاڻ به ڪٿيو ڪاڏو. ٿورو مٽي وارو گهوڙاٽو لڳو اٿس، ٻيو مڙئي خير آهي. ڪراڙو آهي جڄ، هڪڙي شڪاريءَ ڪي ڪٺي اهڙو سوگهو ٻڪ وڌائين جو ڇڏي ئي نه. اهو ته شڪر ڪري جو گهوڙاٽي ۾ جان ڇٽي ويس، نه ته ابا شيروءَ وهايو هوس ڌري گهٽ ڪلاشن.
رئيس بيزار ٿي هٿ جي اشاري سان ڪيس بس ڪرائيندي چيو: چڱو چڱو هاڻي ٺهيو. عملدارن جو حصو انهن کي شام تائين پهچائي ڏجانءِ. ايس پي صاحب رات شڪايت پئي ڪئي ته وڪيل واري اغوا جا ڏوکڙ اڃا تائين ڪيس ڪونه مليا آهن.
ڪمدار هٿي هٿ ٻڌي رئيس کي چيو: ابا، تون بابو آهين پر ڀيلي پنهنجي بس اٿس. پنج لک پورا ڳڻي ترڻيءَ تي موڙ رکيامانس. هڪ رات ڀرني هاراڻي دف ڪري بيٺو ته منهنجا بابا گهران ڪڍي ته مان ڪونه ڏيندومانس. مان پاڻ مسڪين ماڻهو جيترا ناڻگ ٿو جهليان، تڏهن ٿو وڃي ڪو ڪيو مانيءَ جو نصيب ٿئيم. وٺيس ته وهنوار رکي، نه وٺيس ته او هو رستو پيو اٿس نانگي شاه وارو.
رئيس ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي خيال کان سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: بس فقير بس. تون ته ڪو صفا پنير ٿڪيو ٿو وڃين. هاڻي ڇڏ انهيءَ ڳالهه کي. جانوءَ جو احوال ڪر.
جانوءَ جو نالو ٻڌي ڪمدار ڪجهه مڙئي جهڪو ٿيو. چيائين: جانوءَ ڌاڻهن به خير ئي ڀانءِ ڀوتار. اڃا تائين ڪا خير خبر ڪونه آئي آهي. بس اڄهو آيو ڪي آيو.
رئيس چيو: ڪم ته پڪو ڪيو اٿئي نه؟

ڪمدار وراڻيو: رڍني جا سورهن آنا رئيس. اس ۾ ته وار اڃا ڪونه ڪيا اٿم.
رئيس پڇيو: پوءِ به پراڻي جوءِ آهي ڪٿي ٿي نه پوي ڪا خرابي.
ڪمدار جي لهجي ۾ هاڻي اهو اعتماد نه رهيو هو. دل کي ڏڍ ڏيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: نه ڀوتار، جانو آهي جن. جهڙي تهڙي جي ته هٿ ۾ ايندو ني ڪونه. همراهه به سائنس سيبتا موڪليا اٿر. آهي ڇا؟ رڳو ماڻهو ڪٺي اڇئو آهي. پنهنجي حد ۾ پهتو ته پوءِ وڃي ماءُ کي سلام ڏني. سڀئي آسامي آهي ڀوتار سائين. پنجاه لک کان گهٽ ڏني ته لاهي لتر پورا ڏهه ڳڻي هڻجانءِ منهنجي ڪپاڙيءَ ۾.

رئيس جي منهن جو پاڻي موٽي آيو. چيائين: هانو يار. اسان به ڪي وعدا ڪري وينا آهيون حويليءَ ۾. چار ڏوڪڙ ڏياريندين ته پٽ رهجي ايندي. پر هاڻي ته منجهند اچي ٿي آهي، اڃا تائين ڇو نه موٽيا.

ڪمدار پير جي نهن سان زمين ڪرٽيندي وارڻيو: آهي ته اون مونکي به ڳڻتي، پر رک مولا تي ڀوتار. اجهي جاڻ آيا. ڇورا آهن بلاڙا. ڪنهن کي وٺ ٿورو ني ٿا ڏين؟ ڀلي ته پنيان لشڪر لائي ڇڏين. واڇوڙي وانگر منٽن ۾ وڃي وٿاڻ تي پڄندا. تون فڪر ني نه ڪر بابا سائين.

رئيس دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. دور دور تائين ڇهچ سايون ٻنيون ڦهليل هيون. انهن ڪانپوءِ هنا ڳهاٽا ڳجگاهه ٻيلا. هڪ ني رستو هو اوطاق کان ٻاهر وڃڻ جو ۽ اهو سمورو رستو ويران هو. ڪابه چرپر، ڪوبه تحرڪ، ڪابه زندگي ڪونه هني ان رستي تي. ماٺ هني. ٻهراڙيءَ جي ٽتيءَ واري ماٺ.

دل ۾ سوچيائين: ڪا ڳالهه مڙني ضرور ٿي آهي، نه ته هيتري دير جو آخر ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟ پڪڙجي ته نه پيا؟ خير، ان کي منهن ڏني وٺنداسين. هي عملدار وري ڪهڙي ڪم ايندا؟ پر جي ويڙهاند ۾ مري پيا ته پوءِ؟

ڪمدار جڻ ته سندس دل جي ماجرا حرف بحرف پڙهي ورتي. آٿت ڏيندي چيائين: رئيس، تو جهڙو شينهن مڙس به دل لوڙهي ويهي ته پوءِ اسان ٻلا لڏيون ٻيو ڇا ڪيون؟

رئيس ٻاهرين ڏاڏر ٻڌندي چيو: نه نه ڪمدار، اها ڳالهه ناهي. مونکي ڪا ٻي ڳڻتي آهي.

ڪمدار مرڪندي چيو: سائين سڀ ڳڻتيون لهي وينديون بابا. ٿورو صبر ته ڪر منهنجا سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ان وقت ٻاهران چوبول ٻڌڻ ۾ آيو.

رئيس دريءَ مان ٻاهر ڏٺو. سامهون رستي تان پوليس جي گاڏي ڊوڙ اڏائيندي پئي آئي ۽ پٺيانس هشام ماڻهن جا نعرا هڻندا، سينو ڪٽيندا روئيندا، رڙندا، ٻاڪاريندا، ڊوڙندا پئي آيا.
رئيس جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. ڪيس پنهنجي دل سيني ۾ ٻيهندي محسوس ٿي.
ڪمدار ڪان رڙ نڪري وئي. داڻهن ڪري چيائين: يا حسين! قهر ٿي ويو.

ٻئي ڄڻا گهبراهٽ ۾ اچا اٿيا ئي مس هئا ته رئيس جو خاص نوڪر نورو سڏڪندو اندر آيو. سڏڪندي چيائين: ڀوتار سائين، بغداد ٿي ويو. پوليس لاشا کڻي آئي آهي.
رئيس مٺل آواز ۾ چيو: ڪير ڪير آهن نورا؟
نوري ٻئي هٿ منهن تي رهائيندي اوڇنگار ڏئي چيو: ڀوتار سائين، ماسات الهه رکڻي جا پٽ آهن. ڪراچيءَ ۾ پڙهندا هئا. ظالمن ڇرا هڻي ماري وڌن.

ٿوري دير ته رئيس حيرت وچان سوالي نگاهن سان ڪمدار کي تڪيندو رهيو. پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري صوفي تي ڍان ٿي ڪريو. مرڻينگ آواز ۾ نوري کي چيائين: ڪٽي جا ڦرا! منهنجو ته ساهه ئي سڪائي ڇڏيو هيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلبل، ٽرڪ ۽ جمهوريت

تازو جمهوريت تي ڪراچيءَ ۾ هڪ سيمينار ڪرايو ويو. وڏن وڏن اڪابرن تقريرون ڪيون ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو.

هر ڪنهن جمهوريت کي پنهنجي نقطي نظر کان ڏٺو، جاچيو ۽ بيان ڪيو. ائين، جيئن ستن نابينن هاٿيءَ کي هٿوراڙيون ڏني، ڇهي، ٽوڪي وڃائي ڏٺو هو ۽ پوءِ ڪنهن چيو ته هاٿي ٿنڀي جهڙو آهي، ٻئي چيو ته نه، هاٿي پکال جهڙو آهي، ٽئين چيو ته هاٿي پهاڙ جهڙو آهي، وغيره وغيره ويچارا نابين هئا. ڪين خبرئي نه پئي ته هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا هوندا آهن ۽ کائڻ جا ٻيا هوندا آهن.

جمهوريت تي تي ماهرن جي راءِ ٻڌي مونکي سخت مايوسي ٿي. ماهر ته آخرڪار ماهر ئي آهن. ضروري ناهي ته سندن هر راءِ عام ماڻهوءَ جي سمجهه ۾ اچي. اهو به ضروري ناهي ته سندن هر راءِ خود سندن سمجهه ۾ به اچي. ان ڪري لاچار ٿي فيصلو ڪيو ويو ته عام راءِ ورتي وڃي، ان کي ٽيپ ڪيو وڃي ۽ پوءِ هوبهو ائين ئي، بنان سينسر ڪرڻ جي، ان کي توهان تائين پهچايو وڃي. هيٺ اهي انٽرويو آهن، جيڪي مختلف طبقن جي ماڻهن کان ورتا ويا آهن.

## ملڪ زرتاج خان ٽرانسپورٽر

سوال: اوهان جو جمهوريت بابت ڪهڙو خيال آهي؟

جواب: نيڪ خيال آهي.

سوال: ڪجهه وضاحت ڪيو.

جواب: ڏسو صاحب، جمهوريت جيڪا آهي، سا هڪ ٽرڪ مثال آهي. اوهان ڊيزل صحيح وجهندا ۽ وقت تي وجهندا ته ٽرڪ به نيڪ هلندي، پر جي ڊيزل ئي نه پوندي ته پوءِ ٽرڪ ڪينن هلندي صاحب؟

سوال: جمهوريت جا ڪجهه مسئلا بيان ڪيو.

جواب: صاحب، جمهوريت جو ڪوئي مسئلو ناهي صاحب. ٽرڪ جو چالان تڏهن ٿيندو آهي صاحب جڏهن ٽريفڪ جي سپاهيءَ کي "ڀاڄ" ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجبو آهي. "ڏاج" سمجھو ٿا نہ صاحب؟
سوال: "ڏاج" جو جمھوريت سان ڪھڙو واسطو؟
جواب: سپاھيءَ سان تہ آهي نہ صاحب؟ سپاھيءَ کي "ڏاج" ڪبو تہ............
سوال: ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. مان سمجھي ويس. ڀلا اھو ٻڌايو تہ جمھوريت اسان جھڙن ملڪن ۾ ڪامياب ڇو نہ ٿيندي آهي؟
جواب: اهو ڪوبہ مشڪل سوال ناهي صاحب. ٽرڪ جو ئي ڪٿي مثال وٺو نہ صاحب. ٽرڪ اسان جي ملڪ ۾ گھڻي دير هلي نہ سگھندي آهي صاحب. سندس "لائيف" تمام ٿوري ٿيني ٿي. "لائيف" سمجھو ٿا نہ صاحب؟ تہ مون عرض پئي ڪيو صاحب تہ ٽرڪ جي لائيف اسان جي ملڪ ۾ مختصر ٿني ٿي. ڇو؟ ان لاءِ صاحب تہ هڪ تہ ٽرڪ کي اڪثر "ڪلينر" هلائيندا آهن. "ڪلينر" سمجھو ٿا نہ صاحب؟ ٻيو تہ اسان جي ملڪ ۾ رستا سڌا ناهن. ڪڏون ڪوھا آهن، جھاڪا آهن، ڪچا رستا آهن صاحب. ٽيون تہ اسان جي ملڪ ۾ ٽرڪ کي ساڙي ڇڏڻ جو رواج عام آهي. ڪٿي ڪو ايڪسيڊنٽ ٿيو ناهي، باھہ ڏني ناهي. جڏھن ٽرڪ ئي سڙي وئي صاحب، تہ پوءِ باقي ڇا ڇيو؟
سوال: جمھوريت جو انھن ڳالھين سان ڪھڙو تعلق؟
جواب: ڪمال آهي صاحب. چوان تہ ٿو تہ جمھوريت ٽرڪ جي موافق آهي. اسان کي بہ "ڏاج" ٿا ڪيو. "ڏاج" سمجھو ٿا نہ صاحب؟

## شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار

سوال: جمھوريت ڇا آهي؟
جواب: بلبل آهي.
سوال: مان اوهان جي لاءِ نہ جمھوريت لاءِ پڇي رهيو آهيان.
جواب: عرض ڪيم تہ بلبل آهي.
سوال: بلبلو يا بلبل؟
جواب: سبحان الله؟ ڇا تخيل جي پرواز آهي!
سوال: بهرحال، اوهان پنھنجو بيان جاري رکو.
جواب: عرض ڪيم تہ بلبل آهي.
سوال: اهو ڪيئن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب: اهو هين ۽ تہ ملڪ ۾ جمهوريت ايندي آهي تہ بلبل ڳائيندي آهي. نہ تہ اسان ڳائيندا آهيون.
سوال: عام تاثر اهو آهي تہ شاعر هنهي پاسي ڪمائيندا آهن. جمهوريت هجي نہ هجي، هو هر حال ۾ راضي.
جواب: اهو تاثر درست ناهي تہ اسان هنهي پاسي ڪمائيندا آهيون ۽ نہ وري هر حال ۾ راضي هوندا آهيون.
سوال: چون ٿا تہ گذريل دور ۾ اوهان غزل جي بجاءِ نعتون ۽ قصيدا لکڻ شروع ڪيا هئا؟
جواب: ها، لکيا تہ مون سهرا پڻ آهن پر داد وڏيرا وٺي ويا.
سوال: اوهان انقلابي شاعري بہ ڪئي آهي؟
جواب: في پوري ملندي تہ مرثيو بہ لکي ڏيندا سين.
سوال: توهان جمهوريت کي بلبل سڏيو هو. اهو ٻڌايو تہ پلا ان مناسبت سان "گل" ڪير آهي؟
جواب: گينڊو.
سوال: مون گل پڇيو هو.
جواب: مون بہ گل ئي ٻڌايو آهي.
سوال: ڇڱو پلا هاڻي اجازت؟
جواب: ايترو جلدي؟ ڇڱو پلا في تہ ڏيندا وڃو پنج سئو روپيہ.
سوال: پنج سئو روپيہ ڇا جا؟
جواب: وقت ڏاڍو قيمتي آهي سائين. ايتري ۾ مان جمهوريت جي شان ۾ هزار ڏيڍ جا قطعا لکي وٺان ها!

## ڊاڪٽر مولا مدد ڊي ڊي ٽي- بي سي

سوال: ڊاڪٽر صاحب اسلام عليڪم.
جواب: وعليڪم اسلام. وات کول.
سوال: جي مان بيمار ناهيان.
جواب: تہ پوءِ هت ڇو آيو آهين؟
سوال: جمهوريت جي سلسلي ۾.
جواب: جمهوريت جو بہ علاج آهي اسان وٽ.
سوال: اوهان غلط سمجهيو، مان دراصل جمهوريت متعلق اوهان جي راءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي آيو آهيان.
جواب: جمهوريت يا آمريت سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟
سوال: ڪجهه تہ فرق هوندو.
جواب: اسان لاءِ تہ ساڳي ڳالهہ آهي. آمريت ايندي آهي، ان جي خلاف جلسا جلوس ٿيندا آهن. مٿا ڦاٽندا آهن. علاج اسان ئي ڪندا آهيون. جمهوريت ايندي آهي. ان جي خلاف جلسا جلوس ٿيندا آهن. لاٺي چارج ٿيندو آهي. مٿا ڦاٽندا آهن. علاج وري بہ اسان ئي ڪندا آهيون.ڪمائي هڪ جيتري آهي.
سوال: عوام تي جمهوريت جو ڪهڙو اثر پوندو آهي؟
جواب: عجيب سوال آهي. ٻاني پوليس وارو ساڳيو آهي. سندس لٺ ساڳي آهي. عوام جو مٿو ساڳو آهي. ڏک تہ هڪ جيترو ئي لڳندو يا گهٽ وڌ لڳندو؟
سوال: اوهان کي هنهي مان ڇا پسند آهي؟
جواب: پوليس.
سوال: نہ. منهنجو مطلب آهي آمريت يا جمهوريت؟
جواب: پهرين آمريت پوءِ جمهوريت. وري آمريت پوءِ جمهوريت. وري آمريت پوءِ جمهوريت.
سوال: ائين ڇو؟
جواب: اسان جو روزگار لڳو رهندو. خير خوبي، امن امان هوندو تہ اسان ڇا کائينداسين؟

## رئيس زور آور خان. حال گريڊ ٢٢- او ايس ڊي.

سوال: رئيس ٢٢ گريڊ جون مبارڪان.
جواب: خير مبارڪان، ٻلي ڪري آيا، جي ڪري آيا. ويهو ويهو.
سوال: ڪجهه پنهنجي متعلق ٻڌايو.
جواب: ڇا ٻڌايان؟
سوال: تعليمي لياقت؟
جواب: اهو نہ پڇو باقي سڀڪجهه پڇو.
سوال: عمر؟
جواب: اهو نہ پڇو، باقي سڀڪجهه پڇو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال: تجربو؟
جواب: اهو نہ ڇڇو، باقي سڀڪجھ ڇڇو.
سوال: اهليت؟
جواب: اهو نہ ڇڇو، باقي سڀڪجھ ڇڇو.
سوال: باقي ڇا ڇچان؟
جواب: سڀڪجھ ڇڇو.
سوال: جمهوريت متعلق اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟
جواب: سائين ڪا ڳالھ آهي؟ جمهوريت ٿين ڪرڪائي ڇڏيا آهن.
سوال: ڪنهن جا؟
جواب: انهن ٽرڙن ٽوٽ عملدارن جا هيو ڪنهن جا؟ وٺيو ہ ٿي ڊگريون، ڪيو ہ ٿي امتحانڙا پاس، وتندا هنا الوليون ڪندا. ڪين ڪهڙي خبر تہ اصل ذهن تہ هني هند لڪا پيا آهن. هاڻي ڪن خبر تہ گهٽين ويهين سنو آهي؟
سوال: ماشا الله ماشا الله. اوهان تہ ڪافي سڌارا ڪيا هوندا؟
جواب: ها (ڪنگھندي) ڇونہ؟ (ڪنگھندي) بلڪل بلڪل. سڌارا بہ ڪيا. (ڪنگھندي) في الحال تہ ڪم پيا سکون. (ڪنگھندي) ڪنگھ ٿي پني آهي.
سوال: جيستائين ڪم سکي وٺندا، تيستائين توهان جو مدو بہ پورو ٿي ويندو.
جواب: مسو ڀل تہ پورو ٿني پر ٿين تہ ڪرڪي ويا نہ؟
سوال: عوام جا؟
جواب: نہ نہ. انهن ٽرڙن ٽوٽ عملدارڙن جا. (ٿورو ترسي) چگو ڀلا هاڻي يا علي مدد. منهنجي ٽيوشن جو ٽائيم ٿي ويو آهي.
سوال: ڪنهن کان ٽيوشن وٺندا آهيو توهان؟
جواب: انهن ٽرڙن ٽوٽ..... (سوچي) اخباري نمائندو تہ ناهين؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُگھاڙا انسان

سڄيءَ دنيا ۾ اگھاڙن ماڻهن جا ڪلب (Nude club) آهــن، جن ۾ ميمبر، رنين مردين، ڪپڙا لٿا لاهي، الف اگھاڙا ٿي اندر ويندا آهن. اتي ڪلب ۾ هڪ ڏار دنيا آباد آهي، جنهن ۾ راند روند جو سامان به آهي، هوٽل، سنيما، ٿيئيٽر به آهن. شاپنگ لاءِ هر قسم جا دوڪان به آهن، آرام ۽ ساهي پٽڻ لاءِ سمنڊ جا ساحل به آهن. مطلب ته ٻاهرينءَ دنيا جهڙي هڪ ٻي دنيا ان چار ديواريءَ ۾ آباد آهي. فرق صرف اهو آهي ته ٻاهر اسان پاڻ کي لباس ۾ ڍڪي ٿا رکون، ڪلب ۾ داخل ٿيڻ جو شرط ئي آهي هر قسم جي لباس کان آزادي. مکيه گيٽ جي لابيءَ ۾ پنهنجو ميمبر شپ ڪارڊ ديکارڻو پوندو. ان کان پوءِ ڪپڙن لاهڻ وارين ننڍڙين ڪوٺڙين مان هڪ جو نمبر ملندو. ميمبر يا ان جا ساٿي پنهنجي پنهنجي مليل نمبر واريءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃي پنهنجا سمورا ڪپڙا لٿا لاهي، ڪلب ۾ اندر داخل ٿي ويندا. پوءِ جهڙا مٺن تهڙا علي خان. هر ڪو هڪ ٻئي جهڙو. ماءُ، پٽ، پيءُ، ڌيءَ، نهن، سس، مطلب ته برابريءَ جو اعلي مظاهرو نظر ايندو. ڪي ڪرڪيٽ پيا کيڏندا، ڪي هٽ هٽ ۾ ڏني پسار پيا ڪندا، ڪي ريسٽورينٽ ۾ چانهه يا ڪافي پيا پيئندا ۽ ڪي وري ٻارن ٻچن سميت پڪنڪ پيا ملهائيندا.

سئٽزرلينڊ جي هڪ اهڙي ئي ڪلب ۾ مون هڪ سک کي ڏٺو، جيڪو اردگرد جي ماحول کان بي خبر، هڪ بريف ڪيس گوڏن تي رکي، ان مٿان ڪاغذ تي ڪافي دير کان ڪجهه لکي رهيو هو. مونکي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي ڪجهه شڪي ٿيو. ٺيٺ پنجابيءَ ۾ چيائين: ڪوٺ خط ٿو لکان. گوربچن جي ماءُ کي لکيو اٿم ته "اگھاڙا ته اسان به آهيون پر هي ته صفا اگھاڙا آهن".

اينءَ چئي هو کلڻ لڳو.

مونکي خبر ناهي ته هن جيڪي چيو سو مذاق ۾ چيائين يا ساڀيا، پر هن جي ڳالهه منهنجي دل ۾ کپي وئي. اگھاڙا ته اسان به آهيون. مون ڪئي دفعا ڪوٺائين غريب عورتن کي، پنهنجي ڦاٽل ڪپڙن مان تقريبن ننگو ٿيندو ڏٺو آهي. مسڪينن جي ٻارن کي اوهان اڪثر بغير ڪپڙن جي ننگو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻورڙندو ڏٺــو هوندو. بنگال ۾ سـري لنڪــا جي مـحنت ڪـش نوجوان ڇوڪرين کي صرف ململ جي سنهڙي ساڙهي اوڍيل هوندي آهي. ڪين انگي خريدڻ جا نه ڏوڪڙ هوندا آهن ۽ نه ئي وري ڪڏهن هـنن اهڙو تصـور ئي ڪيو هوندو.

ان جي برعڪس يورپ جي ماڻهن لاءِ شايد غربت اگهاڙي بنجڻ جو سبب نه هجي. هو پاڻ کي (Naturlistes) چوائن ٿا ۽ سندن فـلاسـافي آهي ته: هڪ دفعو توهان پنهنجي جسم تان ڪپڙن جو بوجهه لاٿو ته پوءِ سمجهيو ته توهان پنهنجي ڪردار مان اڳرائي ۾ ارهه زوراني وارو عنصر وڌي، ٽڪي، ڪيڍي، ڦٽي ڪري ڇڏيو. ان بعد توهان قدرت جي حقيقتن سان سڪون ۽ آرام واري زندگي گهاري سگهندا.

فرانس جي هڪ اهڙي ئي ڪلب ۾ گذريل ٽيهن سالن کان اگهاڙا ماڻهو تمام گهڻيءَ پابنديءَ سان پنهنجي عقيدي موجب ننگي حياتي گهاريندا پئي رهيا آهن، پر هاڻ منتظمين کي اها شـڪـايت پيدا ٿي آهي ته ماڻهن ۾ اگهاڙي رهڻ جي فلاسافي هاڻي اها نه رهي آهي. هو صرف هتي سج جو تو وٺڻ لاءِ اچن ٿا ۽ بس. هڪڙي ڪلب جي سربراه ته اينن به چيو آهي ته: هاڻي ته غضب ٿي ويو آهي. ماڻهن ته ٿورا ٿورا ڪپڙا پائڻ به شروع ڪري ڇڏيا آهن. انهن "باغين" ۾ نوجوان نسل پيش پيش آهي. هو هر ان شيءِ کان بغاوت ڪن ٿا جنهن کي سندن وڏا پسند ڪن ٿا. پندرهن سالن جي هڪ خوبصـورت ڇوڪريءَ چيـو ته: مان ڪجو پائڻ ان ڪري پسند ٿي ڪيان جو اينن ڪرڻ سان ڇوڪرا مون ڏانهن ڏيان ڏين ٿا. اگهاڙي هجان ته مون ۾ ۽ ٻين ڇوڪرين ۾ ڪهڙو تفاوت!

اسان جي ملڪ ۾ به اگهاڙا جام ملندا. انهن جا به ڪلب آهن، ٽولا آهن، گروه آهن. پر هو پاڻ ڏانهن ڏيان نه ڇڪائڻ لاءِ ڪپڙا اوڍين ٿا. لوڪ لڄا کان لباس ڍڪين ٿا. اهي ننگا ماڻهو هن سماج جو اهم حصو آهن. اسان جي معاشري جا مکيہ ڪردار آهن. لکها، ڪروڙها ماڻهن جي عزت، غيرت ۽ زندگيءَ جا ٺيڪيدار آهن. سندن ضمير منافقيءَ جي ڪٽ هاڻا، ڪاڏل، چوسيل ۽ کوکلا آهن. سندن ڪردار رنڍيءَ جي ڪوٺي تان ميڙيل ٺڳڙين جيئن غليظ ۽ ڪراهت آميز آهي. انهن اگهـاڙن جي ڪلبن جو ڪو جانزو وٺي ۽ دنيا کي ٻڌائي ته يورپ جي (Naturalistes) جي پويان ڪو فلسفو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه آهي، اسان جي نانگن جو نه ڪو دين آهي ۽ نه ايمان، نه عقيدو، نه اعتقاد.

اگهاڙن جي ان دنيا ۾ سڀ ڪان اگرا، سڀ ڪان ڦڙت ۽ سڀ ڪان گهٽيا اسان جا سياستڪار آهن. پنهنجي انگريزن برابر ناهن. سڀ انسان هڪجهڙا به ناهن. پر عام ماڻهن جي نظرن ۾ سندن ڪرندڙ ساک کي ڏسي، آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن ڪو ٽولو يا گروه نا پسنديدگيءَ جي حد تائين پستي جي غارن ۾ ڪري چڪو آهي ته اهو آهي سياسي ماڻهن جو ٽولو. آسانيءَ سان وڪامندڙ ۽ آسانيءَ سان دستياب ٿيندڙ هي پيشه ور ماڻهو صرف ۽ صرف پنهنجي چرب زبانيءَ ۽ بيضميريءَ جو ڪٽيو ڪائين ٿا. جتان گهٽو مليو، وڌيڪ سٺيو ٽڪر مليو. ڪو پلاٽ مليو، يا پرمٽ ملي، يا ڪيش ملي، اوڏانهن اينئن ڀڄندا جو گوڏ به هٿ ڪانه ايندن. ماڻهو ڀل پيا مرن، گولين جا وسڪارا لڳا پيا هجن، ڳوٺن جا ڳوٺ تباه ٿيندا هجن، لاشن مٿان لاش ڳوٺ پيا موٽن، پر هي همراه پنهنجي نشي پتي ۾ ئي پورا. زور آور آڏو بزدل ۽ ڪمزور سامهون ٿهار. ملڪ، وطن ۽ دکي انسانيت واسطي ڪوڙا ڳوڙها وهائيندڙ هي نانگا، دراصل ڪنهن جا به ناهن. ٽوڙ جوڙ سندن دستور آهي ۽ دولت ميڙڻ سندن منشور آهي. ووٽ ورتي ڪان پوءِ وري ملاقات يا نصيب. پندرهن سالن جي ان خوبصورت فرينچ ڇوڪريءَ چواٽي واسڪوٽي به ان لاءِ ٿا پائين ته جيئن ڏسڻ وارا توجه سان ڏسن ۽ عوام جو همدرد سمجهن. سنڌ جي نالي ۾ انهن ئي همراهن گهٽ ۾ گهٽ پنجاه کن جماعتون ناهي ورتيون آهن. هر هڪ جماعت ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڀيرا، ڏهه ڏهه ڳوڙها ڳاڙي سنڌي ۽ سنڌواسين جي حال تي روئي ٿي، ڀاڪاري ٿي، سڏڪا ڀري ٿي، پر جڏهن ڪين صرف ۽ صرف هڪ نقطي تي، يعني "سنڌ بچايو" جي اصولي سڏ تي گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏجي ٿي ته هر ڪو ننگو پنهنجي سر جهنگ منهن ڪري وڃي ٿو ڀڄي. پنهنجي ڏيڍ سر جي مسجد کي بچائڻ وقت ڪين نه مارڻ جو مرم ٿو ماري ۽ نه جهانگيرڻ جي جهوري ٿي ڪائي.

اگهاڙن جو ٻيو ٽولو آهي سنڌ جو زميندار. هو ڪلهه به ننگا هئا، اڄ به آهن ۽ سڀاڻي به رهندا. هنن ڪڏهن به پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي. دراصل ڪين ان ڳالهه جي نه ڄاڻ آهي نه فڪر. هنن جو اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصول آهي تہ: ٻيڙا تہ اهڙو ني آهيون، جو ڪرڻو آهي سو ڪري وٺون. چور ۽ ڌاڙيل ڌاڙڻ، کين پناهہ ڏيڻ ۽ سنڌن آنڌل مال مان حصو پتي وٺڻ ۾ کين ڪوبہ شرم، ڪوبہ حياءُ، ڪابہ ڪراهت نہ ٿي اچي. هو ان ڳالهہ کان قطعي غافل آهن تہ سنڌن دشمن، سنڌن پيرن هيٺان زمين سرڪائي رهيا آهن. هنن کي پنسو گهرجي ۽ اهو پنسو بہ اهڙي وسيلي سان گهرجي جتي گهٽ ۾ گهٽ مزاحمت ٿئي. هنن کي ان ڪري گهر جا ڪڪڙ مارڻ سولا لڳندا آهن. قومي ڪارڪنن کي ڪٺائي، ڪانئن ڳرين رقمون طلب ڪرڻ، هارين نارين تي هلان ڪري، سنڌن ميڙي چونڊي ڦري وڃڻ ۽ رستي ويندي مسافرن جي مال تي هٿ صاف ڪرڻ هنن جا خاص مشغلا آهن. سنڌي چور تہ نڌڪا آهن، ان ڪري انهن جي باري ۾ نہ ڪانئن ڪو پچا ڳاڇا ڪندو ۽ نہ وري ڪو کين زوربار ني ڪندو. لاکي جهڙا للنگ هنن بزدلن جي بڪ جو بڪ ٿي ويا. ڊاڪٽر سليمان شيخ جهڙا مثيادار مڙس سنڌن ڪروڌ جو خاص نشانو آهن. هڪ طرف سنڌي ماٺهو ڌارين جي ظلم ۽ غضب کي وڏيءَ مشڪل سان منهن ڏئي رهيا آهن تہ ٻئي طرف هي اگهاڙا سنڌن زندگي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ تاراج ڪري رهيا آهن.

نانگن جو ٽيون ڪلب سنڌ جو ڪامورو آهي. ڪنڌ ۾ ڪليءَ وارو ڪامورو. بدفضيلتو ۽ بدافعالو ڪامورو. لوڀي، لالچي ۽ حرمي ڪامورو. بداعمال ۽ بدڪردار ڪامورو. بي پرواهہ ۽ لاپرواهہ ڪامورو. اهي اگهاڙا صرف پنهنجي لاءِ جيئندا آهن. کين قومي مسئلن سان ڪابہ دلچسپي ناهي. هنن جو دين ايمان پنسو آهي يا مٿان جو دڙڪو. جتي بہ اهي هجي يا انهن مان ڪابہ هڪ شيءِ موجود هوندي، اتي ٻئي جي لاش کي بہ ٻي مانو ڪندي ڪونہ ڪيٻائيندا. چورن ڌاڙيلن کي تحفظ بہ سنڌن ني دم سان آهي. ڪوڙا ڊرميسانيل بہ اهي ٿا جاري ڪن. پلاٽن جو، زمينن جو، ويندي ڳوٺن جو وڪرو بہ اهي ني ڪامورا ٻيڙن مٿ تي وينا ڪن. شهرن جا شهر رنن جي سودي ۾ ڏئي ڇڏيانون. سنڌ بہ آني بيٺي آهي.

اگهاڙن جو چوٿون ڪلب پيرن ۽ ميرن جو آهي، پنجون ٽوٽي ڪارڪنن جو، ڇهون غنڊن شاگردن جو، ستون بي ايمان ۽ مڪار اديبن، صحافين ۽ دانشورن جو، اٺون بي حس عام ماٺهو جو. سوين ڪلب آهن هن ملڪ ۾ ڪپڙا پاتل اگهاڙن جا. جن کي ظاهري اک ڏسي نہ ٿي سگهي، ظاهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن هٿي نه ٿا سگهن ۽ عام ذهن سوچي نه ٿو سگهي. اهڙن اکاڙن جي وچ ۾ مان پاڻ کي ان سڪ وانگر ٿو ڀانيان جو بريف ڪيس ڪوڊن تي رکي، ان مٿان ڪاغذ تي ڪوٽ خط لکي رهيو هجي ۽ چئي رهيو هجي: ڪوٽ خط ٿو لکان. گوربچن جي ماءُ کي لکيو اٿم ته اکاڙا ته اسان ٻه آهيون پر هي ته صفا اکاڙا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوان خواب

صاحب مون واري جو ڊرائيور، گدو، هونءَ ته ڪجهه ڪجهه چريٽ ضرور آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن سمجهه ۽ عقل جي ڳالهه به ڪري ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو مان پنهنجا منجهيل ذاتي مسئلا اڪثر هن کان حل ڪرائيندو آهيان. هو پنهنجي محدود ذهني صلاحيتن جي ڄار کي اهڙيءَ ريت ڦهلائيندو آهي، جيئن ڪوريئڙو پنهنجي گذران لاءِ تندون اڻندو آهي. ۽ پوءِ وِيچار جي ڪهڙي سمونڊ ۾ ڪرُ ٿي، سچي موتيءَ جي ڪا نه ڪا سِپي، ڳولي ڦولي، آڻي آڏو رکندو اٿم. مان هن جي انهن ئي ادائن تي فدا آهيان.

هڪ ڏينهن چيومانس: گِدو.

چيائين: جيءُ.

چيم: هڪ مسئلو آهي.

چيائين: ڪهڙو؟

چيم: عجيب مسئلو آهي گدو، ٻڌندين ته مون تي کلندين.

چيائين: هر گز نه. نور ٻڌاري. تون ٻڌاءِ ته سهي.

چيم: ڳالهه ئي ڪجهه اهڙي آهي گدو.

چيائين: پوءِ ته ضرور ٻڌاءِ.

چيم: مان هر روز هڪ خواب ڏو ڏسان گدو.

چيائين: ساڳيو ئي خواب؟

چيم: مان ڏسندو آهيان ته مان هڪ وڻ آهيان.

چيائين: ڪهڙو وڻ؟

چيم: سرنهن جو. گهاٽو، سائو، ڦهليل وڻ، جنهن ۾ خوبصورت، خوشبودار پيلا گل آهن. جنهن جي ڇانو ٿڌي ۽ وڻندڙ آهي. جنهن جي ڏارن تي پينگهون ٻڌل آهن ۽ شاخن تي رنگبرنگي پکي ويٺا آهن.

ڪِجهه گهڙيءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو.

هن مونکي گهوري ڏٺو ۽ پوءِ چيائين: مان به هڪ خواب ڏسندو آهيان.

پڇيم: هر روز؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: هر روز. ساڳئي وقت، ساڳيو ئي خواب.
چيم: ڪهڙو؟
چيائين: مان ڏسندو آهيان ته مان ٻڪري آهيان.
پڇيم: ٻڪري؟
چيائين: ها ،ٻڪري.
ٿوري دير رکي چيائين: تون ضرور دل ۾ کلندو هوندين. مان ڪجهه ڪجهه چريو آهيان نه؟
چيم: نه گدو. تون هرو ڀرو ايڏو چريو ته ناهين. پر ٻڪري؟
چيائين: اهائي ته عجيب ڳالهه آهي. منهنجي سڄي عمر اهائي تمنا رهي آهي ته جيڪر مان گهوڙو هجان ها. پر ٻڪري ته مون ڪڏهن سوچي به نه هئي.
چيم: ٻڪري به سٺو جانور آهي گدو.
چيائين: ها، سٺو جانور آهي. پر خواب ۾ ساڻس سلوڪ سٺو نٿو ڪيو وڃي.
پڇيم: ڪيئن؟
چيائين: هر روز ساڳيائي ڪاسائي مونکي ڪهي ڇڏيندا آهن. مان ٽڙپندو آهيان، ٿٿڪندو آهيان، رڙندڙ آهيان، ڇڙهيون هڻندو آهيان، پر هنن کي ذرو به ڪَهل نه ايندي آهي. ڪوبه ڪهڪاءُ نه ايندو آهي. هو ڏوڪيندا مون ڏانهن ايندا آهن. سندن هٿن ۾ تکا ۽ ڊگها ڪات هوندا آهن، جي هو منهنجي جسم ۾ ٿنبي ڇڏيندا آهن ۽ مان مري ويندو آهيان.

مان چپ چاپ هن کي ڏسندو رهيس.
هن وري چيو: ائين ڇو ٿيندو آهي؟ آخر ائين ڇو ٿيندو آهي؟ مان مرڻ نٿو چاهيان. مان ٻڪري ٿي مرڻ نٿو چاهيان. مان ڪاسائين جي ڪاتين سان ڪسڻ نٿو چاهيان. مان ته ساون، ڪشادن، اڻ کٽ ميدانن ۾ آزاد ڊوڙڻ ٿو چاهيان. هڪ ڀلي، بي خوف، زور آور گهوڙي جيان ٽاپ ٽاپ ڪندو، هڻڪندو، سهڪندو.
چيم: شاهه سائينءَ جو بيت ياد اٿئي؟
چيائين: ها، ياد اٿم. گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.
چيم: پڇاڙي ته ٻنهي جي ساڳي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ها.
پڇيم: پوءِ ڇو ٿو ڊڄين؟ ڪهڙو تفاوت آهي ٻنهي ۾؟
چيائين: وڏو تفاوت آهي ٻنهي جي وچ ۾. آزاديءَ جي آخري ڏوڙ ۽ غلاميءَ جي پوئين دانهن جيترو فرق آهي.
چيم: گدو، اڄ ته ڏاڍيون ڳهريون ڳالهيون پيو ڪرين. سچ پڇين ته جيڪر سياڻا به منجهي پون اهي ڳالهيون ٻڌي.
چيائين: اهو ته تون ٿو چوين. ماڻهن لاءِ ته مان اهوئي احمق گدو آهيان.
چيم: ٻڌاءِ اڄڪي ڇا ڏسندو آهين خواب ۾؟
چيائين: اهو پوءِ ٻڌائيندو مانءِ، پهرين تون ٻڌاءِ.
چيم: منهنجو خواب ته مختصر اهي. مان سِرنهن جو ڳاڻو، ساوو، ويڪرو وڻ آهيان، جنهن جي ڏارن تي پينگهون ٻڌل آهن ۽ ٽارين تي رنگبرنگي پکي ويٺل آهن. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڪي مسافر منهنجي ڇانو ۾ ويهي ٿڪ ڀڃن ٿا ۽ پکهر سڪائن ٿا.
چيائين: ۽ پوءِ اهي ئي ماڻهو ڪهاڙن سان تنهنجا ڏار ڪپين ٿا. ائين نه؟
چيم: ها، پر تو کي ڪيئن خبر پئي گدو؟
هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ چوندو رهيو: پکي ڊپ ۾ اڏامي وڃن ٿا ۽ پينگهون ٽٽي وڃن ٿيون؟
چيم: ها، ها گدو.
چيائين: ۽ پوءِ هڪ هڪ شاخ ڏارو ڏار ڪٽي وڃي ٿي ۽ تنهنجي خوشبو، ڇانو ۽ سرهاڻ لٽجي وڃي ٿي؟
حيران ٿي چيم: ها بلڪل ائين ئي آهي. هو مون کي ٽوڙي ڦوڙي ڇانگي ڇڏين ٿا.
چيائين: ۽ پوءِ تون ويران ٿي وڃين ٿو ۽ هو ٺهڪ ڏيندا، کلندا نچندا هليا ٿا وڃن.
چيم: ڪمال آهي گدو، پر اهو سڀ ڪجهه توکي ڪهڙي ريت معلوم ٿيو؟

هو ڪافي دير چپ رهيو. سوچيندو رهيو. شايد ساڳيوئي خواب ٻيهر ورجائي رهيو هو.
۽ پوءِ ٻنل اکين سان مونڏانهن ڏسائين ۽ آهستي آهستي لرزندڙ ڇپن سان
چيائين: اسان ٻنهي جا خواب ساڳيائي آهن مٺا. تنهنجي اجڙيل، سڪل، ڇانگيل ٿڙ جي پاڙ ۾، هو مونکي ٻي پوري ويندا آهن ڀائو! اسان ٻنهي جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب ساڳياڻي آهن.

ٻيهر ماٺ ڇانئجي وئي.
اسان ٻنهي مان ڪنهن به نه ڳالهايو.
ائين لڳو ڄڻ صديون گذري ويون آهن.
تڏهن مان اٿي بيٺس. ڪدوءَ ڪي زور سان پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو. سرهاڻ ۾ چيم: اڄ کان پوءِ پنهنجا خواب مختلف هوندا ڪدو. اڄ کان پوءِ مان ڪتجن کان انڪار ڪري ڇڏيندس ۽ تون ڪسڻ کان باغي ٿي ويهجانءِ.
اسان پنهنجا لڱ لوهي ڪنداسين ۽ هنن جا ڪات کهاڙا کُند ٿي ويندا.
اڄ کان پوءِ اسان جا خواب مختلف هوندا ڪدو. اڄ کان پوءِ اسان جا خواب ڀوائتا نه هوندا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سَتر ڙي سَتر

اخبار جي خبر آهي ته چين ۾ هڪ عورت جي موت تي دهل دمامر وڄايا ويا، ناچ ڳانا ٿيا، چرچا ڀوڳ ٿيا ۽ کِلن جا ٺوڪرا پنجي ويا. پس منظر ان سچي قصي جو اهو ٻڌايو ويو ته چين ۾ پراڻي چوڻي آهي ته: ڪو به شخص ستر سالن کان مٿي جي نٿو سگهي. ستر سالن جي ڄمار کان وڏيڪ عمر زنده رهڻ وارن لاءِ چيني ڏک نه، بلڪ خوشيءَ جو اظهـار ڪندا آهن. سندن ڪفن دفن تي شاديءَ جو گهمان ٿيندو آهي. هـڪڙا مسخريون ڪندا پيا مردي کي غسل ڪرائيندا، ٻيا جهمر به وجهندا ويندا ۽ قبر به کوٽيندا ويندا، ٻيان گهر آيل مهمانن، مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين کي ڪل مسخري جا ٽوٽڪا ٻڌائي، کلائي کلائي کيرو ڪندا ويندا.

جڏهن مردو قبر ۾ لهندو، تڏهن ته ٽهڪن جي اصل بارش ٿي ويندي.

هڪڙو چوندو: نڪ ته ڏسوس، جهڙي گجر!

ٻيو چوندو: وار ته صفا جهڙي سوتلي!

ٽيون چوندو: ڏند ڏٺا اٿوس؟ ڪوڪا آهن ڪوڪا!

مرحوم جي زال چوندي: جيتري ته پاڙي اوڙي جون زالون تپائي ڏنيون هنائين، هاڻي ته حورن ۾ ٺاڪوڙو هوندو!

پٽ چوندو: بابو زندگيءَ ۾ ته ڪنجوس هوســو هو، دوزخ ۾ ته ٽانڊا به بچائي رکندو!

هڪڙو پاڙيوارو چوندو: ويچاري جي شڪل چورن جهڙي هوندي هئي، پر نڪتو ڏاڙيل!

ٻيو پاڙيوارو چوندو: هن کي ڏسي ته منهنجا ٻار ٽي وي بند ڪري ڇڏيندا هئا. چوندا هئا مفت ۾ جيئرو جاڳندو ڪارٽون پاڙي ۾ موجود آهي ته پوءِ بجلي ڇو ڪپايون!

هر لفظ تي کل، هر جملي تي ٽهڪ. سوڳـوار سڀ کل ۾ ٻٽا پيا آهن. محلي ۾ جشن متو پيو آهي.

ڪو واٽهڙو پڇي ٿو: ابا، ڪنهنجي شادي آهي ڇا؟

جواب مليس ٿو: نه چاچا.

وري پڇي ٿو: ٻلا ڪا خوشي آهي ڇا؟

وري جواب مليس ٿو: نه چاچا. فلاڻو چون چان چين مري ويو آهي. ان جو جشن آهي.

واٽهڙو ڏند ٽيڙي کلي ٿو ۽ چوي ٿو: مري ويو! لڏڙي جو اولاد، آخرڪار مري ويو! مون ته سمجهيو هو ته پيءُ وانگر اهو به قيامت جا ڏڏا ويڙهيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڱو ڀلا، ھيءَ منھنجي ھڻ ته جھل ته مان وچي اندر ڪي ٻه ٽي ٺھڪ ڏني اچان. حرامخور منھنجو ڳھاٽو يار ھو!

ڇين جون اھي خوشگوار روايتون ڏسي دل ٿي چوي ته جيڪر پنھنجي ملڪ ۾ به اھڙي قسم جو ڪو رواج پنجي ته ڪيڏو نه سٺو. ھونءَ ته ڪلي ڪونه ٿا سگھون، من ڪنھنجي مرڻ تي ني ڪلون. ھمراه ستر سالن ڪان چڙھيو ناھي، لسٽ ۾ نالو آيو ناھي. اخبارن ۾ اعلان ٿي وڃي ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو، وينل ڳوٺ فلاڻو، الله جي فضل ۽ ڪرم سان ھاڻي ستر سالن جو ٿي ويو آھي. ھر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته سندس مرڻو وڏي ڌام ڌوم سان ملھايو ويندو. ايندڙ اعلان جو انتظار فرمائيندا.

ايندڙ اعلان ان صاحب يا صاحبہ جي لاڏاڻي تي ڪجھ ھن ريت ٿيندو: خوشخبري! سيني عزيزن، دوستن ۽ واقفڪارن کي اھو ٻڌي مسرت ٿيندي ته اسان جو ڏاڏو جناب فلاڻو خان ولد فلاڻو خان، گذريل رات خير خوبيءَ سان ھن جھان فانيءَ مان لاڏاڻو ڪري ويو. مبارڪ! صد مبارڪ! ڪانڌين جو ميڙ سڀاڻي ڏھين بجي صبح جو سندس گھر تي ٿيندو، جنھن ۾ ملڪ جا مشھور ڳائڻا وڄائڻا ۽ چرچائي شريڪ ٿيندا. ڪفن دفن کانپوءِ ھڪ ويرائٽي پروگرام پڻ ترتيب ڏنو ويندو. اوھان کي گذارش آھي ته گھڻي تعداد ۾ شرڪت ڪري اسان جي خوشين ۾ اضافو ڪندا.

اھڙي انتظام جي ھن قوم کي سخت ضرورت پڻ آھي. اھي فلم اسٽار جي جھور پوڙھي ھئڻ جي باوجود، پنھنجي پوٽين ڏوھٽين جي عمر جيترين ڇوڪرين سان ھيرو جو ڪردار ڪرڻ لاءِ بضد آھن، اھي وڏيرا جي ڏند ڪاني ڏاڻن کي لڳا آھن، پر شادي ارڙھن سالن جي ڪڙمياڻيءَ سان ڪرڻ لاءِ ڪگ ڳاڙيندا وتن ٿا ۽ اھي سياستدان جي نه ٻڌن، نه ڳالھائن، نه سمجھن، نه اٿن نه ويھن، پر شوق قوم جي خدمت ڪرڻ جو، سي ھاڻي اک ٻٽن، ھوشيار ٿين. اجھو ٿو نئون نظام اچي. ستر سالن کان مٿي وارا سمورا ڪامورا، دانشور، صحافي، ڊاڪٽر، وڪيل، واپاري-- مطلب ته سڀ عورتون توڙي مرد، پنھنجي پنھنجي وصيت لکي ڇڏن ته سندن رحلت تي ڪھڙو مسخرو گھرانجي، ڪھڙيءَ ڊانس پارٽيءَ کي مدعو ڪجي يا ڪھڙي ڳائڻي کي اڳواٽ بڪ ڪري ڇڏجي.

اسان جي ملڪ ۾ ڪراڙن توڙي ڪراڙين ايڏو ته آزار مچايو آھي جو اھا خبر ٻڌڻ کانپوءِ عام ماڻھو سندن گذاري وڃڻ جو انتظار به مشڪل ڪندا. ھاڻي کان ني روز شام جو بينڊ باجا ۽ پوپليون وڄائيندا سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درتي ڦيرا پائيندا نظر ايندا. نهُرون ڪراڙين سَسن جي پوپان پُنڌي ٻاري ڏينديون. وڏي واڪي چونديون ته: ترس ٻَلا، باقي هڪڙو سال. ٿيءُ پورن ستر سالن جي، پوءِ ڏس ته ڪيئن نه ٿي تنهنجي قبر تي زليخا ۽ ڪنيجان ڪان لاڏا ڳارايان.

ڪنجوس دعا گهرندا ته: يا منهنجا مولا، ابي جي حياتي چند ڪلاڪ ئي سهي، ستر سالن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ڪجانءِ، نه ته خواه مخواه دهلارين جا پئسا کيچيءَ ۾ پنجي ويندا.

سياسي ورڪر ڳچيءَ ۾ ڳارو پاني،روني روني، پٽ تي ليٽڙيون پاني چوندا: الله سائين، جيڪي ڏنا اٿني تن کي ته ساجهر ني ڪن، پر آئينده لاءِ صدقي مٺي مرسل جي، ستر کان هڪ پهر به مٿي نه ڪجان. هڪڙن اڳي ني رنڌي رکيو آهي، ٻيا جيڪا کيپ ڪٽندا سا جڳ ڏٺي آهي. سنڌي اڳواڻ ستر چڙهيو ته جهڙوڪر جڳ اڙيو. سَوَن جو سودو ڪوڙين جي ملهه ڪري اچي گهر کان نڪرندا ۽ مٿان هوڏ اها ته جي اسان نه هجون ها ته سياڻي جو سج ني سنڌ تي ڪونه اڀري ها!

بهرحال، جيڪڏهن چين وارن جي چوڻ تي اسان به ستر سالن وارو سلسلو جاري ڪري ڏنو ته پوءِ جيڪي تماشا ٿيندا، تن متعلق سوچي هاڻي ني لڳ ٿا ڪانڊارجن.
مثال طور توهان آفيس ۾ ويٺا آهيو، ٻه ٽي ناهوڪا جوان توهان سان ملڻ اچن ٿا. توهان حال احوال پڇون ٿا.
هوچوَن ٿا: سائين خبرون خير، توهان جي مشهور گيهه "مهمان" جو بينر گهرجي.
توهان پڇو ٿا: ڪا تقريب آهي؟
هو چون ٿا: جي ها، فلاڻو عوامي اڳواڻ مرڻ ڪنڌيءَ تي پيو آهي. ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي، جي اوچتو لاڏاڻو ٿو ڪري ته ان لاءِ اڳواٽ بندوبست ڪرڻ ته ضروري آهي نه؟ اسان هن ڀيري قبرستان ۾ مزاحيه مشاعرو ڪرائڻ جو سوچي ڇڏيو آهي. اوهان جو بينر سڀ کان اوچيءَ قبر جي مٿان هٽنداسين ته جيئن سڀني حاضرين ڏسي سگهن. اسان جي آمدني به ٿيندي ۽ توهان جي مشهوري به ٿي ويندي.

توهان صبح جو پنهنجي آفيس اچو ٿا. اچان ڪرسيءَ تي مس ويهو ٿا ته توهان جو پٽيوالو جهمر هڻندو. زور زور سان ڳائيندو ڪمري ۾ داخل ٿو ٿئي، "اي هوا مان ڇو نه ڪلان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان حيران ٿي ڪيس ڏسو ٿا ۽ پڇو ٿا: رمون! هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟

رمون نچڻ بند نه ڪري. جهمر جاري رکندي سر ۾ جواب ٿو ڏئي: خوشي آهي منهنجا بابا، خوشي. رات ابو گذاري ويو. اسي سالن جو هو. "اي هوا مان چو نه نچان، " الله سائين اهڙيون خوشيون توهان کي به نصيب ڪندو. آمين!

توهان پنهنجي گهر ۾ ويٺا آهيو. اوچتو در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو. توهان ٻاهر نڪري ڏسو ٿا ته ٻاهر توهان جو ڪراڙو صاحب بيٺو آهي. سوزوڪيءَ ۾ مٺائيءَ جا دٻا سٿيا پيا آهن ۽ هو انهن مان هڪ دٻو ڪڍي توهان کي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو: مبارڪ هجيو مسٽر فلاڻا خان. هيءَ مٺائي قبول ڪيو.

توهان ششدر ٿي پڇو ٿا: سر، هيءَ خوشي ڪهڙي سلسلي ۾ آهي؟
هو چوي ٿو: منهنجي زال رات گذاري وئي. ستر سال ۽ ڪجهه ڪلاڪ عمر هنس.
توهان پڇو ٿا: بيمار هئي؟
هو سيٽي وڄائيندي چوي ٿو: نه مون کيس زهر ڏئي هلائي ڇڏيو. اڇي، هيءُ وٺ اَن خوشيءَ ۾ ٻيو دٻو.
توهان پڇو ٿا: ٻي شادي ڪرڻ جو ڪڏهن ارادو آهي سر؟
هو وراڻي ٿو: اهاً ته رات ئي ڪري ڇڏيم. پوڙهيءَ جي مرڻ کان ٺيڪ ڏيڍ ڪلاڪ پوءِ! (اک هڻندي) پر هن ڀيري زال جوان پرڻيو آهيان!
توهان بيسا خته چئو ٿا: پوءِ ته هن ڀيري مٺائي هوءَ ئي ورهائيندي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واٽون ويهه ٽيون

منهنجو ڳوٺاڻو دوست، علي گل سبزوني ڏاڍو سادو ماڻهو آهي. غريب، مفلس ۽ مسڪين-پر ڪهڪهرو ۽ وفادار. سڏ تي سر جو سودو ڪرڻ وارو مانجهي مڙس. هڪل تي هڪيو تڪيو حاضر. ترب آڏو ڪنل، ڏاڍ آڏو ڏونگر، جيئن اڏول، جهڙو ڏهيسر.

اهڙي جوڙي سان مون پنهنجي حياتيءَ جا ڪئي سال گڏ گذاريا. تقدير جي وير مونکي ويرانيءَ وستيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. ان ويراني واهڻ ۾ ڪي خوشبودار وڻندڙ گل ٽڙندا ڏٺم. منهنجو دوست به انهن مان هڪ هو.

جدا ٿيڻ جو وقت آيو ته مڙس ميڻ جيان رجي پيو. اکيون وڏ ڦڙي جيئن وسي پيس. اصل هنيانءُ ئي ڦسي پيس.

سڏ ڪا پريندي چيائين: سائين مونکي به ساڻ وٺيو هل.

دل پري بيٺي هنر، چيو مانس: گل، ٻڌو ڪين اٿئي ته شاه سائين چئي ويو آهي ته،پن ٻوڙين پاتال ۾، پهڻ تارين تون! خدا گهريو ته وري ملنداسين. دل نه لاهه، شينهن جهڙو مڙس آهين. پنهنجا ٻروچ ائين روئندو ڏسني ته جيڪر ٺٺولين ۾ ئي ماري وجهني.

مٿي ڪي هٿ ڏني پٽ تي ويهي رهيو. چيائين: پر سائين، منهنجي دل نٿي مڃي. هنيانو ۾ هٿ ٿا پون.

مون وراڻيس: چريا، ڪو دنيا ٿورو ئي ٿو ڇڏي وڃان؟ ڪراچي هيءَ رکي آهي. اتڏن ملتان لڏو هوءِ توکان ڪراچي ڪانه ليندي؟ جڏهن سک لڳئي، ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾ چڙهي پنجانءِ.

ڪجهه مڙئي سرهاڻي ٿيس. پر وري نا اميديءَ جو ڪڪر منهن تي مڙي آيس.چيائين: پر سائين توهان کي ڪينءَ ڳولي لهان؟

مون چيو: سولي ڳالهه آهي. اسٽيشن تي لهي، ڪنهن رڪشا واري کي چنجانءِ ته توکي طارق روڊ وٺي ايندو اتي پهتين ته پوءِ پنڌ پري ناهي.

چيائين: پر سائين، اهو طارق روڊ ڪينءَ لهان.

مون چيو: ڏس مولائي، ڪراچي وڏو شهر آهي. ان ۾ هر هڪ ڳليءَ جا نالا تختين تي لکيل آهن. اهي نالا ملڪ جي مشهور هستين يا اسانجي تاريخ جي اهم شخصيتن جا ڪنيا ويا آهن. (مثلن) لياقت آباد، ناظم آباد، گلشن اقبال، شبلي نتماني روڊ، مير تقي مير روڊ، حسن نظامي روڊ، اردو بازار، وغيره وغيره. اهو ان ڪري ته جيئن اسانکي پنهنجي ماضيءَ سان واقفيت ٿئي ۽ پنهنجي سورهين ۽ سورمن جا ڪارناما، سندن نالي جيان همشه ڳانبا رهجن.

هن ڪنڌ لوڏي ها ڪار ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو: نه رڳو ايترو پر انگريزن ۽ هندن جي نالن کي ختم ڪري انهن جي جاين تي پنهنجن مسلمانن جا نالا رکيا ويا آهن. جيئن ته رام باغ کي ٽوري ني ڦير ڦار سان مسلمان بنائي "آرام باغ" ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح ايلفيءَ کي "زيبي" ڪيو ويو.
پڇيائين: زيبي، وري ڪير آهي؟
چيم: آهي نه، هئي. منهنجا موڳا دوست علي گل سبزوني. زيب النساء هڪ مغل شهزادي هئي ۽ هاڻي ڪيس آيو ويو پيار وچان "زيبي" چوندو آهي. زيبي اسانجي تاريخ جو هڪڙو خوبصورت چمڪندڙ ستارو آهي.
ڏئو ته بروچ کي ڪجهه مڙني چڙ لڳي.
پر سائين زانفائن جا نالا به ڪڏهن رستن تي رکبا آهن؟ رستن تي گڏه گهوڙا پيا ڪن ڪچرو ڪن.
مان منجهي پيس. ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيم: چريو آهين، تنهنجي شهر ۾ ڏس پاڃي مارڪيٽ جو نالو شاه عبداللطيف مارڪيٽ آهي يا نه ؟
چيائين: هائو سائين.
ان ۾ نالي رکڻ وارن جو ڪهڙو ڏوهه؟ اها ته شاه عبداللطيف جي غلطي هئي ته هن ڪڏهن به پاڃي نه رکي.
پر، سائين.
لائبريءَ جو نالو اقبال لائبرري آهي يا نه ؟
هائو.
پر قبضو اڻ پڙهيلن جو اٿس. ڪڏهن اخبار يا رسالو پڙهندو ڏٺو اٿئين؟ سدائين پيا نوٽڻ يا چوپڙ راندا ڪن. ائين آهي يا نه؟
ها سائين.
اهڙيءَ ريت منهنجا موڳا علي گل سبزوني، هاڻيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا هوندا آهن ۽ کائڻ جا ٻيا.
هو چپ ٿي ويو.
ڪجهه دير خاموشي رهي. آخر مون ئي ڳالهايو: ڏس درويش، تون اڻ پڙهيل آهين. پڙهيل هجين ها ته منهنجي ڳالهه ضرور سمجهين ها. فاتح قوم هميشه جيتيل قوم جي هر نشان کي مٽائي ڇڏيندي آهي. پر خير، توکي پنهنجي جاءِ جو ڏس ڏيان. جناح روڊ تان جمشيد روڊ ۽ پوءِ جگر مراد آبادي روڊ ,نبي مسـ
چيائين: اهو جگر مراد آبادي وري ڪٿان جو بادشاه هو؟
چيم: تغزل جو بادشاه هو. سڄي عمر پاڪستان کان نفرت ڪندو رهيو. ايندو هو ڪڏهن ڪڏهن، غزل ڳائي، ڏوڪڙ ميڙي، پارت موٽي ويندو هو. بادشاه جو ٿيو. سندس پوئين سندس ياد ۾ رستي جو نالو رکي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو حيرت مان مونکي ڏسندو رهيو.
مون چيو: جگر مراد آبادي روڊ لتاڙي اڳتي ايندين ته قاضي نذرالاسلام روڊ ايندو.

اهو قاضي نڪاح پڙهائيندو آهي ڇا؟

مونکي کل اچي وئي: نه چريا، هيءُ بنگالي ٻوليءَ جو بادشاه آهي. هي ٻه سڄي عمر پاڪستان کان باغي رهيو. ڀارت ۾ ئي رهيو پر سندس رعايا ڪيس هر مهيني پاڪستان مان پينشن موڪليندي رهي. هيءُ روڊ ٻه سندس يادگار آهي بادشاه جو ٿيو. هو چپ رهيو.

پوءِ ڪشمير روڊ ايندو ۽ ان کان پوءِ خالد بن وليد روڊ، خوشحال خان خٽڪ روڊ، سر سيد روڊ، مولانا حالي روڊ، اقبال روڊ.

اهي سڀ ڪير آهن؟

اهي سڀ پنهنجي وقت جا باڏشاه هنا، علي گل سبزوني. سورهيه ۽ سورما هنا.

اهي سڀ مري ويا. مٺن کي آواز نه ڏي.

شاه ڀٽائي، سچل سرمست، بيدل، بيڪس ،سامي، دليت، جيوٽي، چندر، ڪنور، اهي سڀ ڪٿي آهن؟

مان ڏوهارين جيان چپ.

اياز، نياز، امر، امداد، گداني، شمشير، سليمان، تنوير ڪٿي آهن؟

مان خاموش. اکيون پرجي آيه.

هوشو، هيمون، دريا خان، بختاور، دودو، تماچي، ڪٿي آهن؟

ساهه سڌ کو ٻنجي اڀريو، ڏڪندڙ چپ لڪائڻ لاءِ منهن ڦري ڇڏيم. لرزندڙ آواز ۾ چيم: علي گل سبزوني، منهنجا سادا سودا، اٻوجهه دوست، تو کي ڪينءَ سمجهايان؟ وقت اسان کي لتاڙي ڪڏهو کر دز اڏائيندو دور نڪري ويو آهي.ڀٽائيءَ وجي ڀٽ شاهه ۾ پناهه ورتي آهي. جتي سندس روح تي راتاهو هڻڻ لاءِ هر سال ادبي ڪانفرنسون ٿينديون آهن ۽ مانگر مڇ ڳوڙهن جا درياءَ وهائيندا آهن.

هن ڳالهه نه مڃي. چيائين: پر موررڙني جي شهر ۾ موررڙني جوني نانءُ نشان ڪرنهي؟ وڏڙا ڳالهه ڪندا آهن ته هوشو شيديءَ اڪيلي سر انگريزن جي فوج جو مقابلو ڪيو هو. ان جو ٻه کو ياد ڳار ناهي؟ دودو ۽ دريا خان ٻه ڪونه ٿا ڳانجن. ڇا اهي سنڌ جا سڄڻ ناهن؟

اها ڳالهه ناهي علي گل سبزوني.

ته ڇا ڳالهه آهي سائين؟

منهنجي وڏ وڏ مان وهه وسي پيو. ذهن جي ڪزڙاڻ درد ٻڻجي زبان تي اٿلي آئي. لڙڪ لاڙيندي چيم: اسان اهي رستا وڃائي ويٺا آهيون، منهنجا دوست. اسان اهي رستا وڃائي ويٺا آهيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترڪٽي ڏاڪڻ

جنهن وقت منهنجي ڪراڙي صاحب، پنهنجي جوان زال ڪان، بورچيخاني ۾ مار پني ڪاڏي، ٺيڪ ان وقت سندس ڊرائيور گدوءَ، دريءَ ٻاهران ريڊيو تي ڪامينٽري پئي ٻڌي.
پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ زور دار ميچ پئي هلي. پاڪستان کي راند کٽڻ لاءِ ويهه رنسون گهربيون هيون ۽ بال وڃي بچيا هئا ڪل ڏهه. جنهن وقت ڪپيل ديو عمران خان کي بولنگ ڪرڻ لاءِ ڊوڙيو، ان وقت بيگم صاحب پنهنجي ڪراڙي مڙس (يعني منهنجي صاحب) کي مارڻ لاءِ ويلڻ هٿ ۾ کڻي دروازي ڏانهن لوهه پاتي.
هيڏانهن عمران خان بال کي زوردار اسٽروڪ هڻي چار رنز بنايون، هوڏانهن صاحب مون واري جي ڌون تي ويلڻ جو ڌڪو ٿيو. رانياڻ ڪري صاحب ٻاهر پڳو پر پير ٿڙي ويس، منهن وڃي اٽي جي ڪنستر سان لڳس. ڪنستر اونڌو ٿي پيو ۽ صاحب پيوت بنجي واريلا ڪندو، روئندو، پٽيندو، پيرن جا پلاند ڏيندو، ليلاڙاڻ ڪندو ڊائننگ ٽيبل هيٺان لڪي ويو.

گدوءَ ريڊيو بند ڪري ڪن دريءَ سان لڳائي مزيد صورتحال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سڀ بيسود. سوچيائين، شايد صاحب بي هوش ٿي ويو آهي، يا وري گذاري ويو آهي، يا اڃا به ٿي سگهي ٿو ته پٽ نبي پڄي ويو آهي.
گدو اڃا اهوئي سوچي رهيو هو ته اوچتو ويلڻ جو زور دار ڌڪو ٻڌائين ۽ ان سان گڏوگڏ صاحب جو ٻرڙاٽ فضا ۾ بلند ٿيو.
گدوءَ جلدي سان ريڊيو کوليو. عمران خان ڇڪو لڳائي ڇڪو هو. اهڙن موقعن تي ڊرائيورن، نوڪرن چاڪرن ۽ بورچين کي پنهنجن استادن کان هڪ خاص تربيت مليل هوندي آهي ته جڏهن به گهرجي مالڪن کي وڙهندو ڏسو ته هڪدم ڪن لاٽار ڪان ڪم وٺو ۽ ان ڪان پوءِ نظر بچائي کسڪي وڃو. ڇو ته عين ممڪن آهي ته گهر جا ڀاتي پاڻ ۾ ٺهي وڃن ۽ سمورو نزلو توهان تي ڪري.
گدوءَ پڻ استاد منڙ جو اهو مقولو ياد ڪيو ۽ دريءَ ڪان هٽي پاسو وٺي وڃي باغ ۾ ويهي رهيو. بورچيخاني مان طرح طرح جا آواز ايندا رهيا. وٺ پڪڙ، مار ڌاڙ، پٽ پاراتا گونجندا رهيا، پر گدوءَ پنهنجا ڪن بند رکيا.

ڪجهه دير ڪانپوءِ جڏهن صاحب مون وارو ٺهي جڙي، سوٽ بوٽ پائي، ٺاهه ٺاهه لڳائي، منجهڪائيندو اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيو ته گدوءَ ڪهوري سندس نڪ تي لڳل تازي پلستر کي ڏٺو. ڪن جي پاپڙيءَ تي چڪ جي نشان کي ڏٺو ۽ ڪنڌ تي ٻڌل پٽيءَ کي ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب مون واري پهريون ڪاوڙ ۾ گدوءَ کي رهڙ پئبندي چيو: اڙي چا ٿو ڏسين ڙي ڪريلا؟ پوءِ لڪي ڪل ڪلندي چيو: ڏاڪڻ تان لڙرو پير ترڪي ويو هو.

گدوءَ گاڏي اسٽارٽ ڪئي ته صاحب وري غصي ۾ ڪڙڪاٽ ڪندي چيس: اڄ وري يونيفارم ميري پاڻي آيو آهين؟ ٻيهر اهين ڪيو اٿئي ته ڊسمس ڪري ڇڏيندو مانءِ.

گدوءَ هٿ ادب جا ٻڌي نماڻائيءَ سان چيو: صاحب، دراصل منهنجي گهر واري پيڪين وئي آهي، ان ڪري يونيفارم ميري ئي رهجي وئي. اڄ ايندي ته ڌوئارينديو مانس.

صاحب کي جڻ چڻنگون وٺي ويون. ڇَهڙ ڏيندي چيائين: هڪ ته توهان ماڻهو زالن کان ڊاڍو ڊپو. ساهه ٿو نڪريوَ. مجال آ جو ڪٿي زال تي ڪنٽرول رکو. اڙي مڙد ٿيو مڙد.

گدوءَ حيرت مان صاحب ڏي ڏٺو.

صاحب ٿورو ٿورو شڪي ٿيو. پهريون نڪ تي لڳل پلستر کي ساڄي هٿ جي ڏسئي آگر سان آهستگيءَ سان ڇهيائين. سور کان ڇرڪ نڪري ويس. پوءِ ڪن جي پاپڙيءَ کي هٿ لاتائين. انين جيئن ڪُويا ڪانڻ کان اڳ پير مرشد ۽ استاد جو نالو وٺڻ وقت ڪندا آهن. پاپڙيءَ ۾ ڏندن جي نشانن کي جا چيائين.گردن چبو ڪري ڏٺائين. سور جي سٽ اڀريس ته وري اچي گدوءَ تي بگڙيو.

چيائين: پيڪين وئي آهي! هونهه! اڙي پادر ڪڻ پادر. اهڙو ٻوٽ وارو هٿينس جو منهن تي چاپچي پويس. وري نه نالو وٺي پيڪين جو. منهنجي بيگم کي ڏٺو اٿئي؟ وئي آهي ڪڏهن پيڪين؟ ساهه نه ڪڍي ڇڏيانس. گهر ۾ گهڙندو آهيان ته جڻ راڪاس گهمي ويو. انون نه؟

گدو ويچارو منجهي پيو ته ڇا چوي. چپ چاپ گاڏي بنگلي کان ٻاهر ڪڍيائين. ڪيس عمران خان جو چڪر ياد آيو ۽ ان سان گڏ اوترو ئي زوردار ويلڻ جو آواز. مجرم جو شور ۽ صاحب مون واري جون ڪيڪون.

هن آئيني مان پٺتي ڏٺو. صاحب مون وارو پنهنجي زخمي ٽنگ کي آهستي آهستي زور ڏئي رهيو هو ۽ زور سان گڏوگڏ عجيب عجيب شڪليون ٺاهي رهيو هو. اوچتو سندس نظر وڃي گدوءَ تي پئي. غضبناڪ آواز ۾ چيائين: اڙي ڇا ٿو ڏسين ڙي گڏهه؟ سڌيءَ طرح گاڏي هلاءِ ته ڪرين نه ڪو حادثو واڻڙا ڪنهن جاءِ جا.

ٽنگ ۾ سور جي ٽاٽ اڀريس ته بيساخته دانهن نڪري ويس. رڙ ڪري چيائين: ابول! وڃائي ڇڏيائين. گدوءَ ڏي ڏسي ڳالهه مٽائيندي چيائين: ترڪڻي ڏاڪڻ جو اجهو اهو نقصان آهي، پير ٽڙيو ناهي، ماڻهن ڪريو ناهي. ڇورا، ڪلين ٿو ڇا؟ اٺ جا ٿر تنهنجو دماغ ڏاڍو خراب ٿي ويو آهي. منهنجي خبر ڪانهيءَ ڇا؟ نڪ مان ور ڪڍي ڇڏيندو مانءِ.

گدوءَ کئي چپ هنئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏي ٻن تلوارن کان ٿيرائي ڊفينس ۾ اندر داخل ٿيو. ڪيس رئيس لونگ خان جو بنگلو ائين ياد هو جو اکين کي پٽي ٻڌي به گاڏي هلائي ته جيڪر بنا ڏسڻ جي وڃي سڌو گيٽ تي بيهي رهي. صاحب مون واري جي لونگ خان سان پراڻي ياري آهي.
جڏهن کان صاحب مون وارو پروموشن وٺي آيو آهي، تڏهن کان لونگ خان جي ٻيگهي مچي وئي آهي. نه رڳو پاڻ پرمٽن ۾ ٺيڪا پيو کٽي، پر هن هن جو به ڪم ڪار ڪرايو ويٺو آهي. صاحب مون واري کي خرچي پاڻي گهر ويٺي ملي ويندو آهي. ڪڏهن نئين ڪار، ڪڏهن بيگم صاحبه لاءِ هيرن جو سيٽ، ڪڏهن لنڊن جو چڪر.
رئيس پاڻ به جلالي ماڻهو آهي. ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي. وڏو ڳرنگ زميندار آهي. ٻه شاديون اڳ ۾ ئي ڪيل هيس، تازي هڪ شادي لاهور جي هڪ فلم ايڪٽريس سان ڪري آيو آهي. وڏو شوقين مڙس آهي. دهمان اهڙو جو مجال آهي ڪنهنجي جو ساڻس نظرون ملائي سگهي. مٿي تي ڪلف وارو وڏو طرو، شهپر وڏا ۽ ڇهنباٽي، اکيون ڳاڙهيون جهڙيون رت، هئه ڙي رئيس تنهنجي لنءَ!

رئيس لونگ خان جي نوڪرن صاحب مون واري جي گاڏي ايندي ڏٺي ته ڊڪ پائي وڃي گيٽ کوليائون. ٻين ٽڙ تڪڙ ۾ وڃي رئيس کي خبر ڪئي. گدوءَ گاڏي ڪاهي آڻي بنگلي جي پورچ ۾ بيهاري مس ته رئيس به لڪڻ جي سهاري منڊڪائيندي اچي گاڏيءَ جو در کوليو.
گدوءَ جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ڏٺائين ته رئيس لونگ خان جي ساڄي ٻانهن کي پلستر ٻڌل هو، ٽنگ ضربيل هئي ۽ مٿي تي پٽي ٻڌل هئي.
صاحب مون وارو چنگهندو گاڏي مان لٿو. ٻئي ڀاڪر پائي مليا ته سور کان دانهن نڪري وين.
صاحب مون واري پڇيو: رئيس، توکي وري ڇا ٿيو؟
رئيس وراڻيو: ڪهڙو ٿو حال پڇين صاحب. صبح ڏاڪڻ تان ترڪي پيس. تون پنهنجي ڪر خبر؟
صاحب مون واري گدوءَ ڏي ڏٺو. ٿورو ڪنگهيائين ۽ پوءِ چيائين: مان به ڏاڪڻ تان ترڪي پيو آهيان رئيس. ڪينءَ گدو؟
تڏهن گدوءَ کي اوچتو الائي ڇا ٿي ويو.
چريانپ جا دورا هن تي اڳ به پوندا رهيا آهن. پر اڄ ته حد ڪري ڇڏيائين. نه ڪيائين هم نه تم، رڙ ڪري چيائين: ته پوءِ سائين اهڙيون ترڪڻيون ڏاڪڻيون ڏاريو ڇو ٿا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاٽري

لاٽريءَ تي بندش پيل آهي، پوءِ بہ لاٽري هلي پئي. ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ڍنگ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾.
منهنجي سٺ سالن جي ڪراڙي صاحب جي ڀاڪُن ۾ ويهن سالن جي ننڍي نيٽي، سدا ملوڪ زال لاٽريءَ ۾ نڪري آئي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ صاحب مون وارو ڪافي مالدار آهي ۽ سندس ننڍي نيٽي سدا ملوڪ زال هڪ بي حد غريب مالهيءَ جي ڌيءَ آهي. انشاءالله ٿوري ئي عرصي ۾ صاحب مون وارو مالهي ٿي ويندو ۽ سندس گهر واري پنهنجي سٽن ڀائرن سميت لڪا پٽي ٿي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽوباٽيڪسنگهہ هلي ويندي. تمت باالخير.

وڏيري ڏگاڻي خان جي پٽ واڳُڻ خان جي لاٽريءَ ۾ وزارت نڪري آئي. ٿيو هينئن جو واڳُڻ خان پيءُ جي چلم لاءِ ٽانڊو کڻڻ پاڙي واري مڪان ۾ ويو ۽ جڏهن موٽيو تہ وزير ٿي موٽيو. هاڻي هو پنهنجو ٽوپي ٽانڊو ٻين کان ڪرائيندو آهي. دراصل سندس والده ماجده سان بہ ساڳيو ئي واقعو ٿيو. ڳوٺ جي ڪڙميائي هني، وڏيري ڏگاڻي خان جي حويليءَ ۾ ٽانڊو کڻڻ ويني، موٽي تہ بورچياڻي بڻجي چڪي هني!

منهنجي هڪ فنڪار دوست جي لاٽريءَ ۾ ٢٢ گريڊ نڪتو آهي. منهنجو اهو فنڪار دوست ڳالهين جا ڳوٺ اڏيندو آهي. ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ لاءِ دليل جوڙيندو آهي. وقت سان گڏ هلندو آهي ۽ هر روز نئين اپريل سچ کي سلامي ڏيندو آهي. اصول جو چندو وصول ڪندو آهي ۽ بي اصوليءَ جي پٽ پريان لڪي کائيندو آهي. جڏهن کان لاٽري نڪتي اٿس، تڏهن کان پير پٽيءَ تي ڪونهيس. پنهنجي پراڻي کي کاڻي ماريو اٿائين. ان ڪري ئي مون تيرنهن سيون اکواڻ پيٽ ۾ هٿاڻي ڇڏيون آهن. ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي، متان ضرورت پنجي وڃي.

منهنجي لاٽريءَ ۾ ڏهہ لک روپيہ نڪتا. اها خبر مونکي ڏاڍي دير سان پئي. ٿيو هينئن جو مان رات جو هڪ روپئي جا چولا ۽ ڊبل روٽي کائي، متان ڀاڻي جو وڏو وٺو پي، لت ڪوڙي سمهي پيو هنس. اڌ رات ڌاري، در تي ڪڙ ڪڙ ٿيو. وڃي کولي ڏٺم تہ ڇا ڏسان تہ شاعرِ جذبات حضرت بلبل "بيقرار" بيٺو آهي.
چيم: صبح جو اچجانءِ، هاڻي ننڊ پيو آهيان.
چيائين: ترس بابا، تنهنجي لاءِ خوشخبري آندي اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: مان چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو تنهنجي خوش خبريءَ کي، پڪ ئي پڪ تازه ترين ڪلام ٻڌائڻ آيو هوندين.

چيائين: نه، نور ٻڌاري.

چيم: پوءِ قرض گهرڻ آيو هوندين.

چيائين: هر گز نه.

چيم: جوءِ مار ڏني ائني؟

چيائين: نه.

چيم: سس مهمان ٿي آئي هوندئي.

چيائين: ماٺ ڪرين ته ٻڌايانءِ نه.

چيم: ماٺ ڪيم.

ڪيسي مان اخبار ڪڍي منهنجي سامهون رکندي چيائين: هيءُ ڏس، لاٽريءَ ۾ تنهنجا ڏهه لک روپيه نڪتا آهن.

چيم: مشڪريون ٿو ڪرين ڇا؟

چيائين: پاڻ پڙهي ڏس. هيءُ تنهنجو نالو. هيءُ ڏهه لک روپيه.

ڏٺم واقعي ائين ئي هو.

چيم: بلبل بيقرار، هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي؟

چيائين: ٻلو ٿي رهيو آهي ڀانو.

ٻلو واقعي ٿيو. خبر باهه وانگر پکڙجي ويئي. الائي ڪٿان پنجاهه سو دوست پيدا ٿي ويا. ٻه ٽي سو قريب ترين مائٽ اچي وارد ٿيا. ٻه ٽي ننڍپڻ جون محبوبائون، چارينج وسري ويل ٻار، ڏهن کن سالا ۽ ساليون، مطلب ته کن ۾ ڪيل ٿي ويا. ڪرهٽن سان ماني پيو ڪاراني، ڪو زور پيو ڏني، ڪو ڪپڙا پيو استري ڪري. زال به ٽن سالن کان پوءِ منهن ڌوئي اچي ٻر ۾ ويٺي. انگل پيا ٿين. ناز، نخرا، ادائون، دلبريون. رشتي ڪرائڻ وارين جي ٻه ڏهه ٿي ويئي. فوٽن جا البم کنيو بيٺيون آهن، چي: هيءَ وٺ. چڱي ائني، اينر هوسٽيس آهي. هيهر لاٽريءَ جي ضرورت ئي نه پوندئي. چڱو ڀلا، اها نه ته هيءَ ڏس، هيءَ ماڊل گرل آهي، فلمن ۾ به ڪم ڪندي آهي. ٽي وي ۽ ريڊيو ته سندس ڪاپي هٿ جو کيل آهي. هن سان شادي ڪر. ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳندئي. چڱو ڀلا باهه ڏي ٻنهي کي. تون هينئن ڪر جو منهنجي گهر هلي ڏس. منهنجون ڪڪيون به ته ويٺيون آهن!

ايتري ۾ در ڪڙ ڪيو.

چيم: ڪير؟

چيائون: انڪم ٽئڪس وارا.

چيم: مون ڪنگلي وٽ ڇا رکيو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانون: اچا ڪلھ ني تہ ڏھ لک روپيہ نڪتا اٿني.
چيمر: مليا تہ ناھن.
چيانون: ملي ويندا، تون اسان جو حصو پتي چڏاء.
چيمر: انعام نڪري منھنجو، حصو پتي توھان جو اھو ڪھڙو انصاف آھي؟
چيانون: انصاف جو شوق اٿني تہ نوشيروان عادل جي زماني ۾ جمين ھا. اسان سپاٽي وري ايندا سين. جو اسان جي حصو اسان کي نہ مليو تہ پوء خبر اٿني.
ھو ھليا ويا.

پوليس وارا آيا.
چيانون: ڪٿان آندا اٿني ايترا ڏوڪڙ؟ سمگلر آھين؟ ڌاڙيل آھين؟ چور آھين؟ ايہ اين اي آھين؟ ڪير آھين؟
چيمر: لاٽري نڪتي آھي.
چيانون: پٺين جي بہ لاٽري نڪتي ھني. اٿي ڙي ٿاڻي تي ھلي بيان ڏي.
چيمر: پر منھنجو ڏوھہ؟
چيانون: تنھنجو ڇا خيال آھي تہ اھي ايترا سارا تنھنجا بابا جيڪي لاڪپن ۾ بند آھن، تن سڀني ڏوھہ ڪير ھوندو؟ اٿي تہ لايانء نہ لتر.
ھيو پوليس وارو ويجھو آيو. چيائين: بابا ونڊ ورھاء. سک پاء.
چيمر: پر ڏوڪڙ تہ اچا مليا ناھن.
چيائين: ملي ويندئي. اسان کي خرچڙي ڪراء پوء پلي ويٺو موجان ماڻ.

دھلاڙي آيا. ڳاني وجاني گھور وٺي ھليا ويا.
چندي وارا آيا. چندو وٺي رمندا رھيا.
فسادي ٽولي وارا آيا. چيانون: ڪلاشنڪوف وٺنا آھن. اسان جي پندرنھن پرسينٽ ڪميشن ٻاھر ڪڍ.
چيمر: منھنجو ڪنھن بہ ٽولي سان تعلق ناھي.
چيانون: تہ پوء ٿي ويندئي. شھيدن سان!

رات جو ڌاڙيل آيا.
چيانون: ھل اسان سان.
چيمر: ڪيڏانھن؟
چيانون: اھو نہ پڇ، اٿ، تکو ٿيءُ.
زال مون واري چيو: پر ادا، ھن جو ڏوھہ ڪھڙو آھي؟
چيانون: ڏھ لک روپيہ لاٽري جا نڪتا اٿس. ڏھ لک ڏيني ڇڏاني وڃجوس.
زال چيو: ٻاھر ڏني ساڙيانس. جھڙو سچو اگھ ھنو، اھڙو ھاٿي ٿيندو تہ منو منھنجي ڪھڙي ڪم جو!
رشتن واري مانيء چيو: ادا، سوکھو جھلجوس. وڏو بي حيا اٿو. ھن عمر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار پنسا ڇا مليس، مڙس هليو هو شادي ڪرڻ ڪکو ڪنهن جاءِ جو.

دهلارين چيو: ڏاڙيل سائين، مولا گنج ڏنيو. حڪم ٿئي ته وڃايون توهان جي نالي جو دس.

پوليس واري ڪڙاڪ سان ڏاڙيلن کي سلام ڪندي چيو: ڀوتار اسان جو حصو ته نه وسارجو، پاڻ ۾ ڀائر آهيون. تازا پنڌا ٿيل مٽ مائٽ، چاچا ماما، سالا ساليون، سڀ ڪن ۾ رني ٿي ويا. رکو وڃي ٻچيو شاعر جذبات حضرت بلبل بي قرار.

چيومانس: بلبل بي قرار.

ڇيائين: جيءُ.

چيم: ڇا خيال آهي ڀاءُ؟

ڇيائين: لاٽريءَ جي ٽڪيٽ ني ڏاڙيل صاحبن کي ڏيني ڇڏ ادا. اسان اهڙائي چڱا آهيون.

اتي ڏاڙيلن جو سردار اڳتي وڌي آيو. لاٽري جي ٽڪيٽ کسي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. سائين کي هلڻ جو اشارو ڏيندي مونکي چيائين: هڏڙي مورک، وري به پنهنجا سنڌي ڀاءُ آهيون. اسان نه ڦريونءَ ها ته ٻيو ڪو ڦري وڃني ها، اسان سکيا ته تون به سکيو. هاڻي الهه واهي، دعا ڪجانءِ.

ڏاڙيل ويا هليا. بلبل بيقرار ۽ مان ماٺ ميٺ ۾ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا سين، ڪجهه دير کان پوءِ بلبل چيو: ڏهن لکن جي وڃڻ جو ڏک اٿئي؟

چيم: نه.

ڇيائين: پوءِ چپ ڇو آهين؟

چيم: سوچيان ٿو ڪهڙن ڪهڙن ڏاڙيلن کي دعا ڪيان؟ سنڌ ته سڄي ڏاڙيلن جي قبضي ۾ آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجو پنهنجو خون

ان ڏينهن مان ڏاڍو مشغول هوس.

صبح کان ني ماڻهن جي پيڙ. ننڍيون وڏيون ميٽنگون. ان کان پوءِ بورڊ جي ساليانِي ميٽنگ. ميٽنگ دوران ورڪنگ لنچ. غير ملڪي وفد سان ملاقات. سانجهي ڪڏ شام جي چانهه ۽ پوءِ ڪنهن هوٽل ۾ رات جي ماني. صحيح معني ۾ مٽي ڪنهن جي به فرصت ڪونه هئي. ٻه ٽي دفعا گهران ضروري فون آيو پر چوائي ڇڏيم ته مان واندو ناهيان. فارغ ٿيندس ته پاڻهي ڳالهائيندس. جڏهن ٿڪڙ هوندي آهي ته غلطي رچان غلطي ٿيندي ويندي آهي. ڪجهه ضروري ڪاغذ ڪونه ٿي لڌا. وڏي جاکوڙ کان پوءِ اهي مليا ته پتو پيو ته واسطيدار فائيل ته لوهي الماري ۾ بند آهن ۽ الماريءَ جي چابي رکندڙ ڪلارڪ موڪل تي ڳوٺ ويل آهي. ڪهڙي وٺ پڪڙ ڪانپوءِ تالو ڀڳو ويو ته خبر پئي ته اها غلط الماري هئي. اصل الماري ته رچان ني ڪا ٻي آهي. انهي پريشاني ۾ بيٺا هئاسين جو پٽيوالي هڪ ڪارڊ آڻي اڳيان رکيم. چيائين: هيءُ صاحب توهان سان ملڻ ٿو چاهي.

مان ته اڳي ني بيٺو هوس تتو، سو ڪارڊ ڏانهن اک کڻي به ڪونه ڏٺم. پٽيوالي کي رهڙ ڏيندي چيم: بس هاڻي اها ڪثر رهجي وئي هئي، سا به تو پوري ڪري ڇڏي. اڙي چوينس نٿو ته هتي ساهه کڻڻ جي به فرصت ناهي. پٽيوالو ڇهڙ ڪائي موٽي وڃڻ لڳو. ٻه ٽي قدم کڻي بيهي رهيو.

رڙڪري چيم: وري ڇا ٿيني؟

هبڪندي چيائين: سائين، توهان ڪارڊ ته ڏٺو ني ڪونه.

مونکي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي، پر پوءِ به ڪارڊ کڻي نالو پڙهيم. ڪا دير ته ڪارڊ کي ڏسندو ني رهيس.

سوچيم: ڪهڙي مجبوري شاهه صاحب کي مونڏانهن وٺي آئي آهي؟ ڪو ته لاچار اٿس جو صبح سويري پنڌ پيو آهي.

واندڪائي ته بنهه ڪونه هئي، پر خبر ناهي ڇو دل چيم ته شاهه صاحب کي ائين موٽائي ڇڏڻ مناسب ناهي. مونکي سائس ملڻ گهرجي. ٿوري دير لاءِ ني سهي. ٿي سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ سان منهنجي انا کي تسڪين پهچندي هجي. يا ٿي سگهي ٿو ته منهنجي اندر ۾ لڪل حاسد انسان جون انتقامي اميدون پوريون ٿينديون هجن، يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته مون ڪيس پنهنجي لئه سان مرعوب ڪرڻ ٿي گهريو. ڇا به هجي، مون فيصلو ڪيو ته ڪم کڻي ڪيترو به گهڻو هجي، مصروفيتون ٿوري دير لاءِ مهمل ڪري سگهجن ٿيون. ڇو ته ايندڙ ملاقات منهنجي لاءِ بي حد اهم هئي.

بي حد اهم ملاقات ته منهنجي سائس اڳ به ٿي چڪي هئي. اڄ کان ويهه سال اڳ اها منهنجي لاءِ زندگيءَ جي اهم ترين ملاقات هئي. منهنجي مستقبل جو ڦيريون ڏاڪو هو. منهنجي خوابن جي تعبير هئي اها ملاقات. پر ان ملاقات ۾ هن نه رڳو مونکي مايوس ڪيو هو، بلڪه منهنجي سهاڻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن کي چڪنا چور ڪري، منهنجي آشائن ۽ اميدن جو گلو گهٽي ڇڏيو هئائين. مونکان پهريان ملاقات ڪيئن ٿي وسري سگهي؟ ڪيئن ڀلو ڀلائي سگهان ان ڏينهن کي؟

ان ڏينهن طبيعت ٺيڪ نه هئم. صبح کان وٺي بستري مان اٿڻ جو موڊ نه هوس، ۽ نه ئي وري ڪو ارادو ئي هوم اٿڻ جو. دل ۾ پڪو پهه پچائي ڇڏيو هوم ته اڄ جا سمورا پروگرام ملتوي. نه سنگت نه ساٿ، نه يار نه دوستار ۽ نه وري گهر جو ڪم ڪار. ڪجهه به نه ڪبو. سڄو ڏينهن آرام ئي ڪبو. سڀ کان وڏي عياشي اها جو ڏاڙهي به نه لاهبي.

اخبار آئي ته اها به بستري ۾ ئي پڙهيم. ناشتو به بستري ۾ ٿيو. زال به ٿي ٿيرا ڏنا ته وڃي ٻاهي پيتي وٺي اچ. پر ان کي به ڪتو جواب ڏنم. ٽي ويءِ تي ڪرڪيٽ ميچ پئي هلي، لنچ ٽائيم اها ڏسي پوري ڪيم ته در تي ٽپالي هڪ رجسٽرڊ خط ڏئي هليو ويو. کولي پڙهيم ته حيران ٿي ويس، پبلڪ سروس ڪميشن جي طرفان انٽرويو جو سڏ هو. تعجب جي ڳالهه اها هئي ته انٽرويو ان ئي صبح جو نائين بجي ٿيڻو هو.

سوچيم: ضرور ڪاپل ٿي آهي. اينئن ڀلا ڪيئن ٿيندو ته انٽرويو ته صبح جو هجي ۽ ليٽر ملي منجهند جو؟
چڱيءَ طرح پڙهي ڏٺم. ڪٿي به ڪا ڀل ڪونه ڏسڻ ۾ آيم.
سوچيم: متان خط کي ٽپال ۾ دير ٿي هجي.
تاريخ پڙهيم. ڪلهوڪي تاريخ ۾ خط رجسٽر ٿيل هو.
اينئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ سوچيم: ڪو به رجسٽر خط هڪ ڏينهن ۾ ته پهچي سگهي ٿو، ان کان اڳ ڀلا ڪيئن پهچندو؟

ڳنتيءَ ۾ پئجي ويس. مقابلي جي امتحان لاءِ ڪيتري نه محنت ڪئي هئم. ڪيترين نه اميدون جوڙيون هئم. ڪيترا خواب!
پهريون ته يقين ئي ڪونه پئي آيم، پر جڏهن پنهنجي اکين سان اخبار ۾ پڙهيم تڏهن پڪ ٿيم ته مون لکت وارو امتحان پاس ڪري ورتو آهي. هاڻي صرف انٽرويو ۽ پوءِ هڪ نئين، ڪامياب، خوشگوار زندگيءَ جي ابتدا.

پر هيءُ خط جو رجسٽرڊ ٽپال ذريعي مونکي اڄهو هيننر ٽپالي ڏئي ويو آهي، تنهن منهنجي هر آس تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي.
بخار جي باوجود اٿي ڪڙو ٿيس. گهڙيال ۾ ٽائيم ڏٺم. منجهند جو ڏيڍ ٿيو هو.
سوچيم: ختم ٿي ويو. کيل ختم ٿي ويو. هر کيل ختم ٿي ويو.
پر پوءِ به خبر ناهي ڇو، ڪهڙي آس تي، خط هٿ ۾ جهلي، مان گهر کان ٻاهر نڪري آيس. بخار ۾ سڙندي چيم: اينئن نه ٿيندو. مان ڪين اينئن ڪرڻ نه ڏيندس. مان ڪين هرگز هرگز اينئن ڪرڻ نه ڏيندس.
رڪشا مان لهي آفيس اندر پهتس ته پتو پيم ته انٽرويو ختم ٿي چڪا آهن ۽ ميمبر گهر وڃڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. سيڪريٽريءَ کي خط ڏيکاريندي چيم: هيءُ منهنجو انٽرويو ليٽر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪ نظر منهنجي حلئي ڏي ڏٺو، پوءِ خط ڏانهن ڏٺائين.
چيئر: هينئر مليو اٿم. اڌ ڪلاڪ اڳ.
چيائين: پر توکي ته صبح پهچڻو هو.
چيئر: جنهن، گهڙيءَ ليٽر مليو، ان ني گهڙيءَ پهتو آهيان.
چيائين: انٽرويو ته ختم ٿي ويا.
چيئر: ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه.
چيائين: ته پوءِ ٽپال وارن جي لاپرواهي هوندي.
چيئر: نه، ائين ناهي. خط روانو ئي ڪلهه ڪيو ويو آهي. اهو ته ٽپال کاتي جو معجزو چئبو جو هني ڏهاڙي تي پهچائي ڏنو اٿن.
چيائين: مونکي افسوس آهي. مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان.
چيئر: توهان بورڊ کان پڇي ته ڏسو.

هو بيدليءَ سان اٿيو. خط هٿ ۾ کڻي اندر هليو ويو. ڪجهه دير بعد جڏهن موٽيو ته پري کان ئي خط مون ڏانهن ڪڍندي چيائين: چيئرمين انڪار ڪري ڇڏيو.
چيئر: پر انڪار جي ڪا قانوني حيثيت هوندي.
چيائين: مونکي ڪا به خبر ناهي. تون هاڻي وڃي سگهين ٿو.

مان خط هٿ ۾ کڻي جيئن ئي ٻاهر نڪري رهيو هوس ته بورڊ روم مان ٽهڪڙن جا آواز هڏي ٻيهي رهيس. نا انصافيءَ جا رڌ مونکي سرير جي سرحد تائين گهائي رهيا هئا. خبر ناهي ڪهڙي جذبي جي اوچتي غلبي مونکي بورڊ روم جي اندر ڌڪي ڇڏيو.
سڀ ميمبر چپ ٿي ويا.
منهنجا برا حال، وڌيل ڏاڙهي، پيرن ۾ پيل چمپل، بخار کان ڏکندڙ اکيون ڏسي، هو هڪ ٻئي ڏي ڏسڻ لڳا.

چيئرمين جي ڪرسيءَ تي شاهه صاحب ويٺو هو. مون خط سندس سامهون ٽيبل تي رکيو ۽ چيو: شاهه صاحب، عدل ۽ انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهي، خدائي وصفن جو احترام نه ڪرڻ پالڻهار خلاف بغاوت جو اعلان آهي.
هو چپ رهيو.
چيئر: مان غريب جو ٻار آهيان. خوشحاليءَ جا خواب ڏسڻ جو گناهه ڪيو اٿم. ان جي ايڏي وڏي سزا ته نه ڏينم.
چيائين: قانون قانون آهي. اسان مجبور آهيون. انٽرويو پورا ٿي ويا.
چيئر: ٽنين ڏينهن حيدرآباد ۾ انٽرويو آهن. مونکي اتي موقعو ڏيو.
چيائين: نا ممڪن، خوامخواهه پنهنجو وقت نه وڃاءِ. هليو وڃ.
چيئر: مان خيرات نه، بلڪ حق گهرڻ آيو آهيان.
تپي ويو. غصي ۾ چيائين: تون ته ڪو خطرناڪ ماڻهو ٿو ڏسجين. نڪر هتان نه ته هٿائيندو مانءِ لاڪپ ۾.
چيئر: ڏوهه منهنجو ناهي شاهه صاحب، قصور توهان جو آهي. پنهنجي ڪوتاهي کي لڪائڻ لاءِ مون سان ڏاڍائي ته نه ڪيو. مان سنڌي آهيان. توهان جو پنهنجو آهيان.
چيائين: مون سنڌين جو ٺيڪو ته نه کنيو آهي.
چيئر: تڏهن به سائين رت دانگيءَ تي به ورندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: اسان جو وقت نہ وڃاءِ. لنچ کي اڃا ئي دير ٿي وئي آهي.
هوائيو. ساٿس گڏ سمورا ميمبر پڻ اٿيا ۽ ٻاهر هليا ويا.
مان اڪيلي ڪمري ۾ خط هٿ ۾ جهلي ويٺو رهيس.

ان ڳالهہ کي ويهہ سال گذري ويا.

مون پنهنجي محنت سان ٻيهر، ٻئي ڪميشن مان مقابلي جو امتحان پاس ڪري ورتو.
شاهہ صاحب رٽائر ٿي ويو ۽ ڪم ناميءَ جي غار مان اڄ مون وٽ موٽي آيو آهي. مون سوچيو: مونکي ساٿس ملڻ گهرجي.

پٽيوالو جڏهن شاهہ صاحب کي اندر وٺي آيو تہ ڏٺم تہ هو ڪاني ڪراڙو ٿي ويو هو. مون سان هٿ ملائي هو ويهي رهيو، ويهڻ لاءِ چيومانس تہ جهجهڪندي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.
چيم: حڪم ڏيو شاهہ سائين.
التجا واري انداز ۾ چيائين: هڪ عرض کڻي آيو آهيان.
چيم: حڪم ڪريو.
ڪيسي مان هڪ خط ڪڍي مونکي ڏنائين. چيائين: منهنجو پوٽو آهي. لکت جو امتحان پاس ڪيو اٿائين. اڄ توهان وٽ بورڊ ۾ انٽرويو آهن پر هن کي خط اڄهو هينئر مليو آهي. پنهنجا سنڌي آهيون. اميد ساري توهان ڏي آيو آهيان. مهرباني ڪري ڪيس ايندڙ هفتي تائين مهلت ڏيو. لاهور واري انٽرويو ۾ اجازت ڏيوس تہ سندس زندگي سڦل ٿي پوندي.
مون گهوري شاهہ صاحب کي ڏٺو. هن جي منهن جا گهنج وڌيڪ گهرائي ويا هئا.
سندس هٿ ڏڪي رهيا ها ۽ هو سراپا التجا بڻيل هو.
چيومانس: مونکي سڃاڻو ٿا شاهہ صاحب؟
چيائين: توهان کي پهرين ڪير نہ سڃاڻندو سائين.
چيم: ياد اٿو ويهہ سال اڳ، هڪ اهڙي ئي موقعي تي مان توهان جي آڏو اها ساڳي التجا کڻي آيو هوس.
هو چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري زمين کي گهوريندو رهيو.
اوچتو هن جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا.
مان چوندو ويس: توهان ماڻهو جڏهن ڪرسي تي هوندا آهيو، تڏهن سڀ رشتا، سڀ ناتا ڀلائي، درندا بڻجي ويندا آهيو، ۽ جڏهن ڪرسيءَ تان لهي ويندا آهيو، تڏهن توهان کي سنڌ ۽ سنڌيت جي محبت ماري وجهندي آهي.
هو سڏڪي پيو. چيائين: غلطي برابر منهنجي هئي. مان معافي ٿو گهران.
مان اٿي بيٺس. هٿ وڌائي چيومانس: مون اڄ تائين ڪنهن بہ بزرگ جي بي عزتي نہ ڪئي آهي. پر توکي نڪري وڃڻ لاءِ چوندي مونکي منهنجو ضمير ملامت نہ ڪندو. تون وڃي سگهين ٿو.
هو اٿيو. ڪنڌ جهڪائي در ڏانهن وڌيو. تڏهن خبر ناهي ڇو مون زور سان ٽيبل تي مڪ وهائي ڪڍي. ٽٽل شيشي جا ذرا منهنجي هٿ ۾ پيهي ويا ۽ خون وهي هليو.
هو بيهي رهيو. پر مون ڏانهنس ڏٺو بہ ڪونہ. هٿ مان ڳڙندڙ خون کي مخاطب ٿي چيم: شاهہ صاحب، اهو خط هتي ڇڏي وڃو. توهان جو ڪم ٿي ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مردن جو مامرو

صاحب مون واري جي ڊرائيور گدوءَ جڏهن کان اخبار ۾ خبر پڙهي آهي تڏهن کان پريشان آهي. سڀ کان پهريون ته سهڪندو مون وٽ آيو.
چيائين: مٺرا هيءَ خبر ڏٺي اٿئي؟
پڇيم: ڪهڙي؟
چيائين: مردن واري.
چيم: ڪهڙن مردن واري؟
چيائين: بي شرم مردن واري.

ڏاڍو وائڙو ٿيس. ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچيم. هونءَ گدوءَ جي ڳالهه چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي ڪلاڪ اڌ ته سمجهه ۾ ايندي ئي ناهي. جيڪڏهن ٿوري گهڻي سمجهه ۾ اچي به ويندي آهي ته ان جا نتيجا بيحد خطرناڪ نڪرندا آهن، ڇو ته سمجهه سمجهه جو ڦير آهي. جو ڪجهه گدوءَ جي سمجهه ۾ ويٺل آهي، اهو ٻئي جي سمجهه ۾ بلڪل اهڙي جو اهڙو اچي وڃي، سا اڻ ٿيڻي آهي.
پڇيو مانس: ڪهڙا بي شرم مرد؟
چيائين: اهي ئي جيڪي بي حيا آهن.
چيم: ڪهڙا بي حيا مرد؟
هڪدم چيائين: ڊڇڻا، گيدي، بزدل، ڪاتر، ڪميڻا، بي غيرت مرد.

هاڻي ڳالهه مڙني ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ لڳي هئم. ڪجهه سوچي چيومانس: گِدو، سنڌ جي ڌاڙيلن جي ڳالهه ته نٿو ڪرين؟
ڪنڌ ڌوڻي چيائين: نه.
چيومانس: سنڌ جي وڏيري جي ڳالهه ته ناهي؟
چيائين: هرگز نه.
چيم: سنڌ جي پير، مير، وزير جو ته ذڪر ناهي؟
چيائين: نه، نه، نه.
چيم: ته پوءِ پڪ ئي پڪ سنڌ جي سياستدان جي ڳالهه هوندي.

هو ڪوڙ دير مونکي ڏسندو رهيو ۽ آخرڪار ڪلندي چيائين: ڇريو ته مان آهيان، عقل تنهنجو ڪسجي ويو آهي.
چيومانس: يار، تو ته منجهائي ماريو آهي. ڇوين ٿو ته ڳالهه مردن جي آهي. مرد به اهڙا جي بي شرم، بي حيا، بي غيرت، ڊڇڻا، بزدل، گيدي، ڪاتر ۽ ڪميڻا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ها، انئين ته آهي.
مٽو ڪنهندي چيم: وڏيرو به ناهي، پير، مير، وزير به ناهي، سياستدان به ناهي.
چيائين: نه.
چيم: اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.
ٻني هٿ اکين تي رکي چيائين: نور ٻٽاري، ڪوڙ ڪرڻ ٿو ڳالهايان. ابي جو قسم آ.
چيم: ڏوڙ پنهنجي پٽهين ڪي.
چيائين: شهيدن سان چرچا نه ڪر.
چيم: پٽهين وري ڪڏهن کان شهيد ٿيو؟ ڪڏهن ڪوهه ۾ ٽپو ڏيڻ وارا به شهيد ٿيا؟
چيائين: امان جي آزار کان ڪوهه ۾ ٽپو ڏنو هنائين، ۽ ڪنهن جي آزار کان جان ڏيڻ وارا شهيد هوندا آهن، ۽ شهيدن سان چرچا ڪرڻ گناهه آهي.
مون سخت ڪاوڙ ۾ فيصلو ڏيندي چيو: ڇا به هجي، گهٽ ۾ گهٽ تون هرگز هرگز چريو ناهين.
هو روئنهار ڪو ٿي ويو. ڏکويل آواز ۾ چيائين: مونکي تومان اها اميد نه هئي، مٺو.

مونکي مٿس ڏاڍو رحم آيو. ڪيس ڀاڪر پائيندي چيم: مون ته مذاق پئي ڪيو. تون ته ٺپ چريو آهين. ۽ تنهنجو پيءُ به شهيد هيو.
هو گد گد ٿي ويو. خوشي ٿيندي چيائين: جيڪڏهن جهاز ۾ سڙي ويل شهيد سڏائي سگهن ٿا ته پوءِ ٽڏي پاڻي ۾ ٻڏي مئل ته واقعي شهيد ٿيا نه؟
ان کان سواءِ بابو ته مظلوم به هئو. ڪوهه ۾ ٽپو نه ڏني ها ته امان ساهه ڪڍي ڇڏيس ها. خبر اٿئي، هڪ دفعي تارونءَ تي ٽڪٽي تپائي رکي هنائينس. ٻني دفعي مٿي تي مٽ ڀڳو هنائينس. ٽئين دفعي ڪن ۾ وڄون وجهي ڇڏيو هنائينس.
چيم: تنهنجا ناناڻا هندوستان مان آيا هئا ڇا؟
چيائين: ڇا مطلب؟
چيم: مطلب اهو ته ڪيس ته دهشتگرد هئڻ گهرجي ها.
چيائين: پاڙي وارن جو به اهو ئي رايو آهي. خبر اٿئي، هڪ ڀيري پاڙي جي چوڪيدار جو ڪن ڪپي ڪرٽي تي اڇلي ڇڏيو هنائين.
پڇيم: پوءِ ڇا ٿيو؟
چيائين: ٿيندو وري ڇا؟ ڪن کي ڪانءُ کڻي ويو.
مونکي ٽوررو ٽورو گڏوءَ جي ماءُ کان ڊپ ٿيڻ لڳو هو.
هن وري چيو: ٻي خبر اٿئي ڇا ٿيو؟
هيٺي آواز ۾ چيم: ڇا ٿيو؟
چيائين: پاڙي جي هڪ مائيءَ سان جهيڙو ٿي پيس، ان کي ننڊ ۾ مٿي ۾ ڪرڪو ٺوڪي ڇڏيائين.
ڊڄندي پڇيم: پوءِ ڪيئن نڪتو اهو ڪرڪو؟
چيائين: ڪرڪو؟ ڪرڪو ته اڃا تائين اتي لڳو پيو آهي. البت مائيءَ کي وڏي پوري ڇڏيائون.
هاڻي منهنجي دل ڪچي ٿيڻ لڳي هئي. ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيومانس: ها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي، توهوءَ اخبار واري ڳالهه پني ڪني. بي غيرت، بي شرم ۽ گيدي مردن جي.
چيائين: ها، اجهو هن اخبار ۾ آيو آهي ته ڀارت ۾ زالن جي ڏاڍاين کان بيزار مردن هڪ جماعت ٺاهي آهي ۽ ان جماعت حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته کين پنهنجن زالن جي ظلمن کان بچايو وڃي.

مونکي ڏاڍي حيرت ٿي ان خبر تي. چيم: ٻيو ڇا لکيل آهي اخبار ۾؟
چيائين: لکيل آهي ته ان جماعت چيو آهي ته هندوستان ۾ سو کان وڌيڪ مردن کي سندن زالن باهه ڏئي ساڙي ماريو آهي. ڪيترن کي ٽونڊو، منڊو، ڪاڻو ۽ انڌو ڪري ڇڏيو اٿن. باقي سمورا مار موچڙي ۾ آهن ۽ سندن حياتي سخت خطري ۾ آهي، ان ڪري حڪومت کي گهرجي ته کين جان جو تحفظ فراهم ڪري.

اسان ٻئي ڪافي دير تائين چپ ٿي وياسين.
آخرڪار ڪڏهن چيو: خبر اٿئي مٺا، صاحب پاڻ واري سان به ساڳي ويڌن آهي.
چيم: جاني؟
چيائين: اتون نه ته؟ ابا، زال اٿس ننڍي، پاڻ آهي سندس پيءُ جيڏو. پوءِ ته سڄو ڏينهن آهي پادرن ۾. ڪلهه به ڇمڇو ڏون وارو وهاڻي ڪڍيو هنائينس. رت انين پيو وهيس جو ڪتا نه چٽين.
چيم: ڪتا ته هونءَ به رت چٽي چٽي بيزار ٿي پيا آهن.
پڇيائين: ڪنهنجو؟
چيم: سنڌين جو.
چيائين: ڏس، مونکي منجهاءِ نه. ڇريو برابر آهيان پر چپ ناهيان. مون ڳالهه پئي ڪئي صاحب پاڻ واري جي.
چيم: مون به پنهنجي صاحبن جي ڳالهه پئي ڪئي. ها، پوءِ ڇا ٿيو؟
چيائين: ٿيندو وري ڇا؟ صاحب پاڻ وارو ڏندڻجي ويو. بيگم صاحبه ڪيس اتي ئي ڇڏي، پاڻ پارٽيءَ ۾ هلي وئي. موٽي آئي ته به صاحب انين ئي ڏندڻيو پيو هو. بيگم صاحبه سير تي هلي وئي. آتان موٽي ته به صاحب ڏندڻيو پيو هو. بيگم صاحبه ڊنر تي هلي وئي. رات جو دير سان گهر موٽي ته به صاحب ڏندڻيو پيو هو. ان تي ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. چيائين، ڇا مصيبت آهي؟ جڏهن ڏس تڏهن ڏندڻيو پيو آهي. مني کي سک سان سمهڻ به نٿو اچي.
چيم: پوءِ ڇا ٿيو ڪڏهن؟
چيائين: بيگم صاحبه رات جو دير تائين وي سي آر تي فلم ڏٺي، ۽ پوءِ سمهي پئي.
پڇيم: ۽ صاحب پاڻ واري جو ڇا ٿيو؟
چيائين: اڃا تائين ڏندڻيو پيو آهي.
مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. چيم: ڪڏهن، اهڙين عورتن کي ته جيئري ئي جهنم رسيد ڪرڻ گهرجي.
چيائين: نه. اهڙن بزدل مردن کي سنگسار ڪرائڻ گهرجي. اهي مردن جي نالي تي بدنما داغ آهن. سماج جي وجود تي ناسور آهن. ٻاڙي ڪنهن جاءِ جا، جوئن جا ڪلا ڪائن پاڻ، نالو بدنام مرد ذات جو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: تون ٺيڪ ٿو چوين ڳدو ڀاءُ. ڪمزوري اسان جي پنهنجي آهي. چوندا ناهن ته: سوٽي هجي ساڻ، ته ڪڏهن ڪوهي نه ڪري. هجي ڪا اسان ۾ مرداڻي هشمت ته مجال آهي زالن جي جو ائين وتن ٿهري ڪارناما ڪنديون.

ڳدو کي منهنجي ڳالهه وڻي وئي. چيائين: جي تون مون سان ساٿ ڏين مٽر، ته پوءِ مان هڪ مهم هلايان جنهن موجب ڪوبه مرد، عورت جي غلامي نه ڪندو ۽ جي ڪندو ته پوءِ ان کي ڳالهيءَ ڀاڄيءَ مان ڪڍيو ويندو.
چيم: ۽ سندس مٿو ڪوڙيو ويندو.
چائين: ۽ کيس ڪاري ڪڏهن تي چاڙهي، سندس سرڳس ڪڍيو ويندو.
چيم: ۽ کيس پراڻن موچڙن جا هار وڌا ويندا.
چيائين: ۽ ڪهنيءَ جي ٻارن کي هشڪر ڏيي ته کيس پٿر هڻن.
چيم: ڪوبه مرد زال جي مارڻ کائيندو، سندس ڪپڙا نه ڌوئيندو، سندس سنندبل پالش نه ڪندو ۽ کيس زور به نه ڏيندو.
چيائين: نه وري لپ اسٽڪ، لالي ۽ پائوڊر وٺي ڏيندو.

مان چپ ٿي ويس. ٿورو هٻڪي چيم: يار ڳدو، اهو آخري شرط لپ اسٽڪ، لالي ۽ پائوڊر وارو ڪڍي ڇڏ.
پڇيائين: ڇو؟
چيم: ان لاءِ ته مان اڄهو هيننر ئي بازار پني ويس نوران لاءِ ميڪ اپ جو سامان وٺڻ لاءِ.
چيائين: ته پوءِ نه وٺ. انڪار ڪري ڇڏ. انقلاب انين ئي ايندو آهي. قربانين ڏيڻ سان.
چيم: توکي خبر ناهي ڳدو. مڙي وڃ.
چيائين: مونکي سڀ خبر آهي تون بزدل آهين. جوءِ کان ڊڄين ٿو.
چيم: مون جهڙي جٽ هجني ته جيڪر تون به ڊڄين. هي ڏس رات وار پٽيا اٿائين. هيءُ ٻانهن ۾ چڪ وڌو اٿائين. هيءَ ڪڪ ۾ مڪ هنئين اٿائين.
منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. پر هن ظالم کي ذرو به ڪهل نه آئي. ٽوڪ هڻندي چيائين: مار مڄو! واهه جو مڙس هليو آهي دنيا جي مردن کي سڌارڻ! اڙي منهنجي زال اهڙي هجي ته بندوقن مان ڪڍانس. زبان هلائي ته زبان ڪپي ڇڏيانس. هٿ هلائي ته هٿ ڪپي ڇڏيانس. آگر سڌي ڪري ته آگر پڇي ڇڏيانس. هونهه! وڏو آيو آهي خلق کي سڌارڻ وارو.
انين چئي اٿڻ لڳو ته دانهن نڪري ويس.
چيم: ڇا ٿيو ڳدو؟
ڇنگهندي چيائين: اٿي ئي نٿو سگهان، مٽر. سور وڃائي ڇڏيو آهي.
پڇيم: ڇا جو سور اٿئي؟
نظرون بچائيندي چيائين: نياڳيءَ رات سوٽي وهائي ڪڍي هني ڪوڏي ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڦريون انعام

شاعرِ جذبات حضرت بلبل بيقرار واقعي بي حد جذباتي ماڻهو آهي. صبح مون سان ملڻ آيو ته بي انتها جذباتي پئي ڏٺو. خوشيءَ وچان ڏند بند ئي نه پيا ٿيس.
پڇيم: ڇا ڳالهه آهي بلبل بيقرار؟
چيائين: خوشخبري آهي.
پڇيم: ڪهڙي خوشخبري آهي؟
چيائين: نهايت ئي اهم خوشخبري آهي.
چيم: ٻڌاءِ ڪٿي.
چيائين: ڦريون مٺائي کاراءِ.
چيم: اصل ايڏي وڏي خوشخبري آهي ڇا؟
چيائين: ها.
چيم: هاڻي سمجهيم. سائين قائم علي شاهه بادشاه جي وڃڻ جي؟
چيائين: نه.
چيم: رحيم بخش جماليءَ جي روپوش ٿيڻ جي؟
چيائين: نه.
چيم: الطاف حسين تي تازي ترين قاتلاني حملي جي سازش جي؟
چيائين: نه. نه. نه. موڪا.
چيم: ته پوءِ پڪ ئي پڪ ڪنهن بيمار اديب کي سرڪار نامدار دوا درمل لاءِ پنج هزار روپيه ڏنا هوندا.
چيائين: اها به ناهي.
چيم: ڪو اشارو ڏي.
چيائين: انعام،
چيم: پرائيز بانڊ ۾ وزارت نڪتي اٿئي ڇا!
چيائين: ڦريون انعام.
چيم: مونکان زور آهي. تون ٻڌاءِ.
چيائين: مونکي خبر هئي ته تنهنجو ميڄالو مختصر آهي. سياڻو ۽ سمجهو هجين ها ته اڄ ڪو معتبر آفيسر ٿيو ويٺو هجين ها. ان پڙهيلن جي جي حضوري نه ڪرين ها.
هٿ ادب جا ٻڌي ڪيس التجا واري انداز ۾ چيم: ڀائو شاعر جذبات، منهنجا گناهه بي حساب آهن. اوڳڻ اپار اٿم. حد درجي جو ڇسو، بيوقوف، بلڪ گڏهه آهيان. ان ڪري پنهنجي نالائقي جي سزا پنهنجي جينري ئي پيو لوڙيان. تون مهربان آهين، سمجهو ۽ سياڻو آهين. سو مون تي مهر ڪر. جيڪا به چڱي خبر اٿئي، بنا دير ٻڌاءِ. مون ۾ وڌيڪ سسپنس سهڻ جي طاقت ڪانهي. سنڌ سرڪار جي الفريڊ هچڪاڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري خطرناڪ سسپنس مان نڪتي اچا ۽ چار ڏهاڙا مس ٿيا آهن. ان ني مٿو ڪجھ ڪري ڇڏيو آهي.
پنهنجي ڪنڌي ڏند جي نمائش ڪندي، کلندي چيائين: جي تنهنجو اهو حال ٿيو آهي ته پوءِ ان ڊرامي جي اصل ڪردارن جو ڪهڙو حشر ٿيو هوندو؟
چيم: هڏو اٿم ته اهي ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا بادام روغن جي مالش ٿا ڪرائين.
چيائين: اهو ته ٿيو انهن جو حال جي ڪيترن ڏني چاڙهي پيا ۽ جيڪي رهجي ويا؟
چيم: چون ٿا ته انهن ڪيهن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا آهن ۽ چاليهه ڏينهن سوڳ ملهائيندا پر ڀيلي خوشخبري ته هتاءِ.

هو بالم ٿي ڪوچ تي ويهي رهيو. واسڪوٽ جي کيسي مان هڪ تهه ٿيل سنڌي اخبار ڪڍي سامهون رکيائين. چشمو نڪ تي رکي، اخبار پڙهندي چيائين: خوشخبري هيءَ آهي ته لاهور ۾ ٿيل چوپائي مال واري ميلي ۾ سنڌ جي هڪ ڳاڙهي ڏڳيءَ کي گولڊ ميڊل، ڪاموري ٻڪريءَ کي پهريون انعام ۽ ڳاڙهي ڳئون کي ٻيو انعام مليو.
چيم: اها وري ڪهڙي خوشخبري آهي؟ چوپائي مال کي انعام ملڻ تي ايڏو جذباتي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟
چيائين: سنڌ جو ماڻهو نه سهي، جانور ني سهي، انعام ته ڪٿي آيو نه؟
چيم: ڇا ٿو چوڻ چاهين بلبل بيقرار؟
چيائين: روز ٿو ڪرڪيٽ جي ڪامينٽري ٻڌين. پاڪستان جي چاليهن سالن جي تاريخ ۾ ڪو هڪڙو سنڌي رانديگر پيدا ٿيو؟ سدائين ٻين لاءِ تاڙيون وڄائي وڄائي هٿ ني ڪسي ويا اٿئي.
چيم: حنيف محمد؟
چيائين: هونهه! هو ليکي نه ليکي، اسان لال جي ليکي. چڱو ڀلا، ڪو هاڪيءَ جو رانديگر؟
چيم: نه.
چيائين: اسڪواش؟
چيم: نه.
چيائين: ٽينس؟
چيم: نه.
چيائين: باڪسنگ؟
چيم: نه.
چيائين: سوئمنگ؟ شاٽ پٽ؟ هيمر ٿرو؟ جيويلن ٿرو؟ پول والٽ؟ لانگ جمپ؟ هاءِ جمپ؟ ايٿليٽڪس؟ مصوري؟ سنگ تراشي؟
چيم: نه.نه. نه. نه. نه.
چيائين: سائنس؟ ٽيڪنالاجي؟ ڪمپيوٽر؟ ايٽامڪ ٽيڪنالاجي؟ سرجري؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايجاد؟ ريسرچ؟
مان مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيس. جواب سمجهيم ته ڏيانس. هو اٿي منهنجي پويان اچي ويٺو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي هوريان چيائين: ياءُ، ڪاوڙ نه ڪجانءِ. سنڌ ۽ سنڌيت جا نعرا هڻڻ جدا ڳالهه آهي، سچائيءَ کي منهن ڏيڻ ٻي ڳالهه آهي. عرصي کان اسڪول ۽ ڪاليج بند پيا آهن. شاگرد نه پڙهن، نه لکن. چاقو ڇري کڻي رچي ڪاپي ڪري پاس ٿين. استادن جي ٽڪو عزت لڳي پئي آهي. ڪر ڪجهي ته ڏسي. جهنڊو هٿ ۾، الهه ڙي واهي. نه راند سان دلچسپي، نه ادب سان، نه سائنس سان شوق، نه فن سان لڳاءُ. آهي ڪو اسان ۾ جو هوائي جهاز اڏائي سگهي؟ ريل جي انجڻ هلائي سگهي؟ ڪمپيوٽر مرامت ڪري سگهي؟

بلبل بيقرار کي ايڏو جزباتي مون اڳ ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو ڪيس هن حالت ۾ ڏسي منهنجا ته لاهه نڪري ويا.
چيومانس: ٺڏو ٿيءُ يار. هرويرو ڇو ٿو ڪاوڙ ڪرين؟
هو اٿي بيهي رهيو. منهنجي ڪمري جي ڀت تي لڳل هرڻ جي سڱن ڏانهن ڏسندي چيائين: اسان جي نوجوانن کان ته هي جانور چڱا، جي سنڌ جو نالو ڪنهن نه ڪنهن طرح ته روشن ڪيو ويٺا آهن.
چيم: بلبل بيقرار سنڌين کي موقعوئي ڪڏهن مليو آهي؟ هو ته ويچارا هميشه احساس محروميءَ جو شڪار رهيا آهن.
باهه وٺي ويس. ڏڪندي چيائين: چورين، ڌاڙن ۽ ڦرن ڪرڻ جو موقعو ملين ٿو؟ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ڪرائڻ جو موقعو ملين ٿو؟ اشرافن کي اغوا ڪرڻ جو موقعو ملين ٿو؟ باقي پڙهڻ جو، مقابلي ڪرڻ جو ۽ انعام کٽڻ جو موقعو ڪونه ٿو ملين.

هو هليو ويو. مان چپ ٿي ويس. ڳالهه ته واقعي سچي ڪني هنائين. جواب هجي ته ڏيانس. ٻيو ڪجهه ته ڪونه ڪيم، باقي اهو سو ڪيم جو پنهنجي پٽ کي ساڻ ڪري بازار مان وڃي ڪيس ڪجهه ڪتاب، ڪرڪيٽ جي بيٽ ۽ ٽينس جي ريڪيٽ وٺي ڏنم.
هن چيو: پر بابا، تعليمي ادارا ته بند آهن.
چيومانس: جيستائين اهي کلن، تيسين تنهنجو گهرئي تنهنجو تعليمي ادارو آهي. اسان هر گهر کي اسڪول، ٽريننگ سينٽر ۽ مقابلو گهر بنائينداسين پٽ. اسان هر ميدان ۾ مقابلو ڪنداسين، انعام کٽنداسين ۽ پاڻ ملهائينداسين. اسان وڙهي ڇاڻون. منهن ڏئي ڇاڻون. مڙس ٿي مقابلو ڪري ڇاڻون. اسان ميدان ڇڏڻ وارا مڙس ني ناهيون پٽ. هٿڻ، هڪلڻ ۽ ٻيلي سارڻ اسان جو مرڪ آهي. ۽ ان ۾ فرق وجهڻ وارن کي اسان ڪڏهن ڪونه بخشينداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڙي ناهه پروڙ

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته سو ڏني پاڙو ڇڏجي ۽ سو ڏني پاڙو وٺجي. اها چوڻي هزارين نه ته سوين سال پراڻي ضرور هوندي. ان زماني ۾ پڳڙيءَ جو رواج به ڪونه هوندو. پراڻيءَ زمين تي زوريءَ دخل ڪرڻ جي رسم به نه هوندي. دلالن ذريعي جائداد وغيره خريد ڪرڻ جو سلسلو پڻ ڪونه هوندو. ان هوندي به سياڻن ڪي ڪا ته مصيبت سجهي هوندي، جنهن ڪي ذهن ۾ رکي هنن اها چوڻي جوڙي هوندي.

اڄ جي ڳالهه ٻي آهي. اڄ ته اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، بلڪ چپ رهڻ تي به پئسا ٿا خرچ ڪرڻا پون. سو نه، هزار. هزار نه، لک. لک نه، ڪروڙ. جنهن ڪي جيتري ڪٻي ڪٿي. آخبار ۾ پڙهيم ته يورپ ۾ خواتين سنهڙي ۽ سهڻي ٿيڻ لاءِ ٻيا ته جيڪي جتن ڪن ٿيون سي ڪن ٿيون، پرهاڻي لکين روپيه هڙان ڏني، پنهنجي هڏائين پيري جون سب ڪان هيٺيون ٻه ٽاڪيون، آپريشن ذريعي ڪيڏاني ٿيون ڇڏن. انين ڪرڻ سان سندن چيلهه سنهي ٿني ٿي ۽ هلڻ وقت ٽانگن جيان وٽ ڪاڻڻ ۾ آساني ٿي ٿئين. خير، اهي ته پئسي وارن جا انگل آهن. پر هزارين نه ته سوين سال اڳ، جڏهن اهو پهاڪو جڙيو هوندو، تڏهن سو روپيه به موجوده لکين روپين جي برابر هوندا. ۽ جيڪڏهن ڪوبه شخص ايتري رقم ڏني پاڙو وٺڻ يا پاڙو ڇڏڻ جي عياشي ڪندو هوندو ته ضرور ڪنهن آزار ڪان، لاچار ڪان يا آچار ڪان ڪندو هوندو. توهان پڇندا ته اهو آچار وري ڪٿان آيو؟ سو سائين عرض آهي ته اهو آچار به انهن ئي چوڻين ۽ پهاڪن مان پندا ٿيو. ٻڌو ڪونه اٿو ته لاچار ڪي آچار ڪونهي! موڻکي خبر ناهي ته اتي آچار جي ڇا معني آهي، پر ايتري ڄاڻ سو ضرور اٿم ته آچار ڪٽڙو ٿيندو آهي. مانيءَ سان گڏ ڪائبو آهي. ڪي ماڻهوءَ مانيءَ هوندي به آچار جدا ڪائيندا آهن ۽ لڪي لڪي ڪائيندا آهن، ۽ اهو به ته آچار ڪي ڏسي يا ان متعلق سوچي وات پاڻي پاڻي ٿي ويندو آهي.

مون پاڙو آچار ڪان ورتو هو ۽ لاچار ڪان ڇڏيو.

پاڙي وٺڻ جا تفصيل منهنجي گهريلو زندگيءَ، سماجي زندگي ۽ خود منهنجي پنهنجيءَ مختصر زندگيءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿا، ان ڪري ان پهلوءَ جو ذڪر ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. ها البت پاڙي ڇڏڻ ۾ ٻين ٻي اصولي سببن سان گڏوگڏ ڪي اصولي سبب پڻ هئا. اهي بنان ڪنڪي ٻڌاني سگهجن ٿا. مثلن منهنجي بلڪل ٻر واري گهر ڌڻيءَ کي حيواني زندگي بي حد عزيز هئي. هن پنهنجي گهر ۾ ڪتن، ٻلن، ڳئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن، ڪانون ۽ ڪبوترن کان علاوه نور، نانگ، سانڊا، رڇ، باندر، ٻولڙا، گوريلا مطلب ته هر طرح جي جهنگلي مخلوق کي پنهنجي گهر ۾ مناسب نمائندگي ڏني هئي. اها جدا ڳالهه آهي ته شاديءَ کان پوءِ سندس گهرواريءَ کي ڏسي، رڇ ۽ گوريلو ٻئي خوف ۽ هراس وچان ڪيڪرات ڪندا، جهنگ منهن ڪري جو وٺي ڀڳا ته وري ڀيهر نه موٽيا. حالانڪ گهر ڌڻيءَ ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تي اعلان ڪرايا ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڇپايا ته اوهان گهر موٽي اچو اوهان کي ڪجهه به نه چيو ويندو، ۽ اهو به ته انهن ٻنهي جانورن کي واپس آڻيندڙ جي خدمت ۾ پنجاهه هزارن جو حقير نذرانو پڻ پيش ڪيو ويندو، پر چون ٿا ته انهن ٻنهي جانورن پنهنجي مالڪ کي چوائي موڪليو ته سائين، اهي پنجاه هزار روپيه الله سائين توکي بخشي ڏني، اسان کي پنهنجي جان پياري آهي، ان ڪري اسانکي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي.

گهر ڌڻي ته گهر ڌڻي، گهر ڌياڻي به ڪا گهٽ ڪو نه نڪتي. پاڻ سان گڏ جوئن، ليکن، تنبڙن ۽ ڪرڙين جو لشڪر ڪنيون آئي. آواز ۾ بلا جو جادو. هٿ ڳالهائي ته ڪوئيٽا وارا پيا ٻڌن. چال ۾ قهر جي لچڪ، قدم قدم تي ميڙو ڦٽائيندي هلي. اکين ۾ غضب جي ڪشش، منهن موڙي، ڏسي توکي. اچڻ سان رنڌڻي ۾ رولو وجهي ڏنائين. ويچارا جيت، جانور، پکي پکڻ، ماٺ ٿي ويا. ساهه مٺ ۾ اچي وين، جهڙو نانگ سنگهي ويو هجين. ويچاري نانگ جو برو حشر هجي، ٻه ٽي دفعا پاڻ کي ڏنگ هڻي خودڪشيءَ جي به ڪوشش ڪيائين، پر پنهنجو زهر ڪٿي ٿو اثر ڪري. لاچار آسرو پلي، مالڪ جي پراڻي پادر ۾ ويڙهجي سيڙهجي سمهي رهيو. ڳنن ۽ مينهن ڪجهه ڏينهن بائڪاٽ طور کير ڏيڻ کان انڪار ڪيو، پر لاچار کين به هار مڃڻي پئي. ڪي جانور احتجاج طور ويريءَ واري ديوار ٽپي پناهه وٺڻ لاءِ منهنجي گهر ۾ پڻ گهڙي پيا. منهنجي سوئمنگ پول ۾ پاڙي واري جو لڏڙو ترڻ لڳو. منهنجي ڊرائنگ روم جي صوفي تي لنگور پلٽي ماري ويهي رهيو ۽ منهنجي غسلخاني ۾ ٻڪهيءَ چنهنب وارا ٻگهه، تارا پٽي هر ايندي ويندي کي گهورڻ لڳا.

فون ڪري پاڙي واري کي شڪايت ڪيم ته: سائين هيءُ ڪهڙو ظلم آهي؟
پڇيائين: ڇو، ڇا ٿيني؟
چيم: تنهنجو راڻي باغ منهنجي گهر منتقل ٿي آيو آهي.
چيائين: اها شڪايت ته مونکي ڪرڻ گهرجي.
پڇيم: ڪهڙي شڪايت؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانين: اهاني ته تون منهنجا قيمتي جانور، لوڀ لالچ ڏني، هيراڻي ڏڌاري، پنهنجي گهر اغوا ڪري ويو آهين.
چيم: اهو الزام آهي. ڀلا ڪو سياڻو ۽ سمجهو شخص ڪڏهن پراوا جانور به اغوا ڪندو آهي ڇا؟
چيانين: ته تون ڇا ٿو سمجهين، ملڪ ۾ جيڪي به اغوا جون وارداتون ٿين پيون، انهن ۾ سمورا انسان ئي ڪڄن ٿا؟
چيم: منهنجو علم محدود آهي پاڙي وارا. مونکي سک، سانت ۽ آرام گهرجي. تنهنجي ٻڪريءَ ٻيڪاٽ ڪري منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي. تنهنجي ڪاٽ ڪني منهنجي اباڻي پلنگ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. تنهنجي ڳائي، منهنجي لائبريريءَ جا سمورا ڪتاب چٻاڙي ڇڏيا آهن. مونتي رحم ڪر پاڙي وارا. مونتي رحم ڪر.
چيانين: مان ڇا ڪيان؟ تون ديوار اوچي ڪرائي ڇڏ.
چيم: ان مان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو. ٻڪي ديوار جي مٿان اڏري ايندا، ۽ جيت جٿيا ديوار جي هيٺان زمين کوٽي هليا ايندا.
چيانين: ته پوءِ ڀلا مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟
چيم: مسئلي جو اصل بنياد ڳول پاڙي وارا.
چيانين: چنين ته مسئلي جي اصل بنياد کي ئي توڏانهن موڪلي ڏيان.

ڏکي ويس. رڙڪري چيم: نه نه. خدارا ائين نه ڪجانءِ. مونکي هي سڀ منظور آهن. ڀلي ته ٻڪري ٻيڪاٽ ڪري، سندس رانڀاٽن ۾ هڪ عجيب سوز آهي. ڀلي ته لڏڙو منهنجي سوئمنگ پول ۾ تري، هن جي شڪل ٿوري ٿوري مونسان ملي ٿي. ۽ ڀلي ته ڳائي منهنجا سمورا ڪتاب چٻاڙي ڇڏي، آخر ته تواريخ ۽ جاگرافيءَ جا ڪتاب هئا. تواريخ ۽ جاگرافي ڪڏهن به هڪ جهڙا نه رهيا آهن، پيا بدلجن سدلجن، ٻيهر ملي ويندا. ڀهڙي ڳائي ته ٻيهر ڪونه ملندي.

ان ڏينهن مون پورا هڪ لک روپيه ٻڳڙيءَ جا ڏني اهو پاڙو مٿاني ڇڏيو. سوچيان ٿو، سنڌي پهاڪا به هاڻي نه صرف پراڻا، بلڪ ڦديه ٿي ويا آهن. ڇو نه ڪين حالتن موجب مٿانجي سٿانجي؟ مثال طور هينءَ چوڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي:
لک ڏني پاڙو ڇڏجي، لک ڏني پاڙو وٺجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دانشوري

سنڌي نثر توڙي نظم تي عالمي ادب جو اولڙو ايترو ته ڳهاٽو ۽ گهرو پيو آهي جو ڪيترين ئي پرڏيهي صنفون اسان جي ادب جو اهم ۽ اڻٽٽ حصو بڻجي پيون آهن. مثلن شاعريءَ ۾ سانيٽ، ترائيل، هائيڪو، بلينڪ ورس وغيره. افسانوي ۾، آڪهاڻي، فينٽيسي، Stream of Conscious-ness وغيره وغيره.

هاڻي اوچتوني اوچتو هڪ ٻي صنف ادب ۾ اچي پر ڳهٽ ٿي آهي. خبر ناهي ان کي ڪهڙي ڪاتي ۾ وجهجي، پر اهميت جي لحاظ کان اها صنف ٻهرين جاءِ والاري ٿي. ان تي طبع آزمائي ڪرڻ کان سواءِ ڪوبه اديب، اديب نٿو سڏائي سگهي. نالوان صنف جو آهي "دانشوري". توهان حيران ٿيندا ته اها دانشوري وري ادب جو ڪهڙو قسم آهي. پر اها حقيقت آهي ته "دانشوريءَ" کان سواءِ نه ڪو شاعر سڏائي سگهي ٿو، نه ڪو ڪهاڻيڪار، نه ناول نگار ۽ نه وري ناٽڪ نويس. "دانش" مان نڪتل ان لفظ جو مذڪر "دانشور" ۽ مونث "دانشوري" آهي. جهڙيءَ طرح انوري، اصغري، اختري، جنوري، فيبروري وغيره.

اهڙي ئي هڪ "دانشوري"، جهوزير پر اڳي کان اڳري، ڳالهائڻ جي ٻلاڙي، ناز ۽ غمزن ۾ ماهر، ساڙ حسد ۽ مسهانپ جو زنده مثال، مونکي اڪثر ملندي رهندي آهي. هن کي اهو وهم ويهي ويو آهي ته سڄ صبح جو سوير، صرف هن لاءِ ئي ٿو اڀري، ۽ شام جو پڻ هن جي ئي خاطر لهي ٿو. جيڪڏهن هوءَ اڄ کان چاليهه سال اڳ، ٻن وچڙيل طوطن جي ڪهاڻي نه لکي ها ته اڄ جيڪر ملڪ ٽريو پيو هجي ها. پر اها اسان جي بد بختي چئجي جو "دانشوري" صاحبه نه صرف اهو افسانو لکيو، بلڪ ان کي ڇپرائي به ڏيکاريو. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن، سنڌي ادب تي سندس ان ڪٽ احسانن جو بار وڌي ٿو وڃندو.
ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن مانئي دانشوري مونکي هڪ تقريب ۾ ملي، تڏهن هڪ اديب دوست ڪيس ڏسي، مونکي پاسيرو وٺي وڃي چيو: ارمان نه ڪر دوست! ڪن ملڪن تي قدرتي آپدائون ايندين آهن، جهڙوڪ تازو ايران ۾ زلزلو آيو، بنگلا ديش ۾ ٻوڏ آئي، هندوستان ۾ وبا ڦهلي، جپان ۾ جبل ڦاٽندا آهن، آفريڪا ۾ ماڪڙ آئي. اسان جي قسمت ۾ "دانشوري" لکيل هئي، سا آئي. ان کي قدرت جو ڏمر سمجهي، صبر ۽ شڪر سان ويهي سهه ۽ شاهه سائينءَ جي اها سٽ هر وقت پيو ورجاءِ ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماندي ٿيءُ نہ مارني، تنهنجو الھ پيي آهي!

چيومانس: الله تعالي ڪارساز آهي. هن جي ڪرم مان اميد لاهڻ ڪفر آهي. ڪڏهن تہ مظلوم اديبن جي بہ ٻڌندو.
دانشوري ڪن سرلا ڪري اسان جي گفتگو ٻڌي رهي هئي. هڪدم ڪڙڪو ڪندي چيائين: ٻڌانءِ ٿي ٻڌان ڇورا. ڳالهيون ٿو ڪرين؟
چيم: نہ آپا منهنجي مجال آ.
چيائين: تہ پوءِ ڇا ۾ آهيوڙي سنڌي اديب مظلوم؟ توهان مظلوم تہ ٿيو، اديب ٿي ناهيو. اديب تہ پري رهيا، توهان سنڌي بہ ناهيو. سنڌي تہ اڃان بہ ڪاشيءَ آهن، توهان تہ انسان بہ ناهيو. اڙي انسان تہ وري بہ انسان آهي، توهان تہ ماڻهون بہ ڪونهيو. ماڻهو تہ وري بہ ..........
مون ٻني هٿ ٻڌي درد ناڪ آواز ۾ دانهن ڪئي: پناهہ!
چيائين: بس، اتي ٿي بان ڪيني؟ اڃان ٻڌ تہ ٻڌايانءِ. سنڌيءَ ۾ بہ چار اکر آهن ۽ اديب ۾ بہ چار اکر آهن. انسان ۾ بہ پنج اکر آهن تہ ماڻهونءَ ۾ بہ پنج اکر آهن. سنڌيءَ ۾ بہ س آهي تہ انسان ۾ بہ س آهي. انسان ۾ بہ ن آهي تہ ماڻهونءَ ۾ بہ ن آهي. مظلوم ۾ پنج اکر آهن پر اديب ۾ چار اکر آهن. ان مان ثابت ٿيو تہ مظلوم ڪڏهن بہ اديب ٿي نٿو سگهي ۽ اديب ڪڏهن بہ مظلوم ٿي نٿو سگهي. انسان ماڻهو نٿو ٿي سگهي ۽ ماڻهو انسان نٿو ٿي سگهي.
مون ڳالھ بدلائڻ لاءِ چيو: اڄڪلھ ڪجھ لکي رهيا آهيو؟
چيائين: جيستائين منهنجي هر دلعزيز افساني "ٻن طوطن جي ڪهاڻي" جي ٽَڪر جو ڪو افسانو نٿو لکجي، تيستائين منهنجو ٻيهر قلم کڻڻ اجايو آهي.
چيم: ان کي تہ چاليھ سال ٿي ويا.
چيائين: شاهہ صاحب کي جو اڍائي سو سال ٿي ويا آهن؟
چيم: پر تڏهن بہ جي افسانو نہ تہ ٻيو ڪجھ ٿي ڪٿي لکو.
چيائين: ٽيھ سال اڳ پنهنجي مختصر آتم ڪهاڻي لکي هئم. "ڪني ۽ ٻليءَ جي اڪاڻي" جي ٽالي سان ان مان پيٽ نہ ڀريو اٿو ڇا؟
چيم: ڪني ۽ ٻلي جي اڪاڻي تہ واقعي لاجواب تخليق هئي. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان کي ساراهيو ويو هو. پر اها تہ خبر پئجي ٿي نہ سگهي تہ آخرڪار ويچاري ڪني جو ڇاٿيو؟
چيائين: ٻليءَ ڪني سان شادي ڪري ڇڏي.
چيم: اها تہ ويچاري ڪني سان زيادتي ٿي.
تارا ڦوٽاري چيائين: ڇا ٿو چوين؟ ڇڳاڻي برباد، گناهہ لازم. ڪني جي زندگي سنورجي وئي. هونءَ جو وتيو ٿي هر ٻليءَ ڪان ٻرن ۾ لڪندر، سو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻليءَ جي حفاظت ۾ زندگيءَ جا باقي ڏينهن نهايت آرام سان گذاري رهيو آهي.
چيم: ويچاري جي شخصي آزادي ته وئي نه؟
کلي چيائين: ويچاري ڪني جي ڪهڙي شخصي آزادي ٿيندي آهي؟
دل ۾ سوچيم: دانشوريءَ سان گڏ رهي، ويچارو ڪونو به دانشور ٿي پيو هوندو.
دانشوريءَ کي هين کي صلاح مشورا ڏيڻ ۽ مٿن ٽوڪ ۽ ٺٺول ڪرڻ ۾ ايم. اي جي اعزازي ڊگري مليل آهي. هڪ ڏينهن مونکي چيائين: اهو سوٽ پاتو اٿئي؟ ان ڪان ته گوڏ پهڏين ها ته چڱو. مونکي ڏس، اچني ٿي ڪا لباس ۾ غلطي نظر؟
چيم: توهان ته عورت آهيو.
چيائين: ڪلين ڪينءَ ٿو؟ هيڏو سارو ڪئي ٿو وات ڦاڙين. مونکي ڏس، مان صرف مرڪندي آهيان. وات بند چپ ٿورا کليل.
چيم: توهان کي ڏند ڏاريا آهن، دل کولي کلڻ سان ڪري پوڻ جو امڪان هوندو.
ڏاڍي ڪاوڙ لڳس، چيائين: جهڙو بيهودو انسان آهين، اهڙو گهٽيا شاعر آهين ۽ ان کان به وڌيڪ واهيات هيو سيڪجهه آهين.
چيم: وري به شڪر آهي جو ڪنو ناهيان.

بجو گهروڙي مونکي منهن ۾ ڏنائين. چيائين: چاليهه سال قلم گهرڙيندي گذريا اٿئي. منهنجي "هن طوطن جي ڪهاڻي" جهڙي ڪهاڻي لکي سگهيو آهين ڪڏهن؟
چيم: ها لکي هئم.
حيران ٿي چيائين: ڇا، ڇا، ڇا؟ لکي هيئي؟ ڪڏهن؟
چيم: ڪئي سال اڳ.
چيائين: پوءِ ڇا ٿيو؟
ٿورو پر پرو وجي چيومانس: هني طوطا شرم کان ڊڪٽيءَ ۾ ڊيڪ پري هڏي متا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي طوطا

نئيا هوندا هئاسين. شام جو روز ٺهي جڙي ايلفيءَ جي سير تي نڪرندا هئاسين. سعيد منزل کان صدر ڪو پنڌني ڪوهه لڳندو هو. پريڊي اسٽريٽ مٿ ته صدر سامهون. ايلفيءَ تي چڙهڻي کان پوءِ ٿيندو هو شوڪيسن جو معائنو. گهڻو ڪري ويهندا هئاسين يا ته بوٽن جي دڪانن تي، يا وري ريڊي ميڊ ڪپڙن جي دڪان تي. عمر ني اهڙي هئي. شام جي چانهه "زيلن" ۾، "پام گرو" ۾، يا وري ايلفيءَ جي مهڙ ۾، گهڙيالن ۽ واچن جي دڪان مٿان، ڪليل ڇت تي، هڪ غريباڻي هوٽل ۾. گهڻو گهڻو شوق ٿيندو هو ته رات جي ماني ٻه ٻاهر کائبي هئي. ان لاءِ ٻه اسان جا وٿاڻ ٺهيل هئا. ڪيفي جارج، فاروق هوٽل يا پائنير. ان سموريءَ فضول خرچيءَ تي ٽن چئن روپين کان وڌيڪ خرچ ڪونه ايندو هو. ايلفيءَ ۽ بوري بازار جو هڪ هڪ دڪاندار اسان کي سڃاڻندو هو، هڪ هڪ غنڊو اسان کان واقف هو ۽ هر هڪ واندو اسان جو چاڻو هو. ڏينهن جي دير پنجي ويندي هئي ته سڀني خيريت معلوم ڪندا هئا.

سعيد منزل جي بلڪل سامهون، فوٽ پاٿ تي هڪ ڀار ڪيڻ وارو ويهندو هو. پٽ تي لفافا ٺهايل هوندا هئس. مناسب خرچي ملڻ تي طوطي کي پڃري مان ڪڍندو هو، ۽ طوطو ڪونه ڪو لفافو پنهنجي چنهنب ۾ ڪڍي آڻي ڪيس هٿ ۾ ڏيندو هو ۽ پوءِ پاڻ مانڙي ڪري ٻيهر پڃري ۾ رڃي ويهي رهندو هو. هڪ ڏينهن طوطو پڃري ٻاهر ني ڦري رهيو هو، مالڪ پنهنجي غمن ۾ غطان هو ۽ مٿي وڻ تي آزاد طوطن جا ڪٽڪ زور زور سان آواز ڪري رهيا هئا ۽ لامارا پائي رهيا هئا. اينن پني لڳو جڻ پنهنجي سائيءَ کي پاڻ سان اڏامي هلڻ لاءِ آماده ڪري رهيا هجن.

مون چيو: آخر هيءُ طوطو اڏامي ڇو نٿو وڃي؟

امر جليل کلندي چيو: اهو سنڌي آهي. اڏامي ڪيڏانهن ويندو؟

ان رات دير سان گهر موٽندي واءِ ڊبليو. سي.اي جي هاسٽل ٻاهران فوٽ پاٿ تي رفت ٿيل پوسٽ باڪس کي ٻاڪر پائي اسان ٻني جڻان سنڌي طوطي کي ياد ڪري زور زور سان ايترو ته کليا هئاسين جو پاڙي وارا اسان کي چريو سمجهي، چاچا (جليل جي مرحوم والد) کي گهران سڏي آيا. کل هجي جو بند ني نه ٿئي. کلي کلي اکين مان ڳوڙها وهي هليا، تڏهن اوچتو اسان کي محسوس ٿيو ته اها خوشيءَ واري کل نه هئي. ڏک، تڪليف ۽ خود ترسيءَ واري پيڙا هئي، جا لڪائڻ خاطر ٽهڪن جو سهارو ورتو هئوسين. اڄ ٻه سڄي سنڌ ان خودترسيءَ (Self pity) واري احساس تحت بظاهر ته پني ٿي کلي ۽ خوشيون ملهائي، پر اندران سڄي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏي پهتي آهي. سنڌي طوطو لوٽ پاٽ ٿي ڪنڌ جهڪايو ويٺو آهي. ڪيس احساس ئي ناهي تہ پڃري جو در کليل آهي ۽ سندس ساٿي کليل فضا ۾ جهومي، ڳائي، لامارا ڏئي ڪيس پاڻ ڏانهن سڏي رهيا آهن. خودداري ۽ خود شناسي وڃائڻ وارن جو اهوئي حال ٿيندو آهي. ٿين بہ ڪهڙجي، جي ڏهر اسان پاڻ سان ڪيا آهن، جي ظلم، ستم ۽ ريل اسان پنهنجي هٿن سان پنهنجي وجود تي وسايا آهن، تن جو صلو ڪٿي نہ ڪٿي تہ ملڻو اٿئون.

نہ اٿئون هڏي، نہ تعليم، نہ لياقت، نہ قيادت. نہ ڪنهن کي سهون، نہ پاڻ ڇرون، نہ ٻئي کي ڇرڻ ڏيون. چوويهہ ڪلاڪ طنز، ٽوڪ ۽ گلا خوري. ڪهڙي چڱي مڙس جي پٽڪي نہ لاٿي اٿئون؟ آهي ڪو اديب، ڪو دانشور، ڪو سياستدان، ڪو سماج سڌارڪ، ڪو وڏيرو، ڪو عملدار جيڪو اسان جي طعنن، نفرتن ۽ الزامن کان آجو رهيو هجي؟ ڪنهن کي سک‌ساھ ڪم ڪرڻ ڏنو اٿئون؟ باقي رڙو رڙ تہ سنڌ بچايوڙي سنڌ بچايو. سنڌ ڏوڙ تي بچندي؟ ہ جتان پيار ۽ محبت سان گڏ ويهي ڇانهہ جو ڪوپ نٿا پي سگهون. ہ جتان هڪ نقطي تي متفق ٿي ڪم نٿا ڪري سگهون. هر ڪنهن جي ديگڙي جدا چڙهي پئي آهي. سنڌ بچايوڙي سنڌ بچايو.

وڏيون آسون اميدون هيون ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي ٽن ڏينهن واري ڪنوينشن ۾. چيوسين ڪي ڪم جون ڳالهيون ٿينديون. موجوده معاملن تي غور ويچار ٿيندو. سنڌ ۽ سنڌواسين جي مسئلن جو حل سوچيو ويندو. عالم فاضل، اديب دانشور، سياستدان ۽ سماج سڌارڪ گڏ ٿيندا. دنيا ڏسندي تہ هنن جو بہ ڪو ڌڻي سائين آهي. نڌڻڪا ڪونهن. اڃان ساهہ اٿن. مئا ناهن.
پر ٿيو ڇا؟ يار سيني جي ٽوپي لاهي وڃي پار پيا. جن جي آڏو بهہ جهليو وينا هناسين، تن آڏو بہ وانڪاڻي پياسين. ڳالهہ اها ناهي تہ فنڪشن فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڇو ٿيو؟ ڪنهن پارڪ يا ميدان ۾ ڇو نہ ٿيو؟ ڳالهہ اها آهي تہ نتيجو ڪهڙو نڪتو. سڀ مسئلا حل ٿي ويا؟ ڪوبہ هڪ مسئلو حل ٿيو؟ يا موريکو مسئلا وڌي ويا؟ ماڻهن جي دل شڪني ٿي. نفسياتي طور شڪست خورده ٿي نڪتاسين. ٻيهر اهڙي ڪوشش ڪرڻ ۾ چڱو موچارو وقت لڳي ويندو.

اسان وٽ وقت ئي تہ ناهي.
وقت اسان کي تمام گهڻو پٺتي ڇڏي ويو آهي. هر ڏينهن، جو گذري ٿو سو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي اقليت ڏانهن ڏکيندو وڃي ٿو. هر سچ، جو لهي ٿو سو اسان ۾ وڏيڪ نفاق وجهندو لهي ٿو. افسوس وري به ان ڳالهه جو آهي ته بجاءِ احساس ڪرڻ جي، اسان غير ذميداريءَ جو ڪلم ڪلا مظاهرو ڪندي به نٽا ڪيباٻيون. اهو نٽا سوچيون ته هر ماڻهو پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌ ۽ سنڌواسين جي خدمت ڪري رهيو آهي. هر ڪو پنهنجيءَ پر ۾ جدوجهد ڪري رهيو آهي. گهٽتائي آهي ته صرف انهن ڪوششن کيDirection ڏيڻ جي. سندن رخ سڌي ڪرڻ جي. کين يڪجا ڪرڻ جي.

پر اسان جا نادان دوست پنهنجي جوش ۾، سادگيءَ ۾ يا خلوص وچان هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ ۾ رڌل آهن. ڪر ڪنهنکي نٽو بخشي. هر ڪو انين ٿو ڀانئين ته ڪريان جيڪي ڪجهه ٿو، سو مان. باقي سڀ آهن رڪائل ۽ غدار.

مونکي ڪنهن چيو: فلاڻي همراه توکي فلاڻيءَ اخبار ۾ خوب لتاڙيو. توکي رڪائل ڪامورو سڏيائين. توکي خودپسند چيائين. توکي غدار ۽ بي عمل سڏيائين. توتي ذاتي حملا ۽ جلهون ڪيائين. توکيس ٺاهوڪو جواب ڏيڻ بدران موريو ڪالم لکڻ ني بند ڪري ڇڏيو.

کيس چيم: مان ان شخص کي سڃاڻان. هو بيحد خلوص وارو، سچو ۽ درد مند سنڌي آهي. حالتون هن جي مرضيءَ مطابق ناهن، ان ڪري مايوس (Desperate) آهي. مان کيس ڪنهن به قسم جو جواب ڏئي سندس همت شڪني نٽو ڪرڻ چاهيان. ۽ اهو به ممڪن آهي ته انين ڪرڻ سان اسان ۾ اڳواٽ موجود ويڇن ۾ هڪ وڏيڪ ويڇي جو واڌارو ٿئي. هن جو ني پت گهاٽو. پڪ اٿم ته هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو حسد ۽ ساڙ وچان نه، پر خود رحمي وچان (Self pity) لکيو اٿس.

ٻئي دوست هڪ تازي اخبار ڏيکاريندي چيو: هيءُ ڏس تنهنجي ڪتابن جي مهورت تي تبصرو ٿيو آهي. اعتراض آهي ته اهي فنڪشن فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ڇو ٿيا.

چيم: ان يار کان اڃان هڪ مهورت وسري ويو آهي جيڪو هاليڊي ان ۾ ٿيو هو. جنهن جي صدارت سائين غلام مصطفي شاهه ڪئي هئي ۽ خاص مهمان مخدوم محمد زمان طالب المولي جن هئا. منهنجي ايندڙ ڪتاب جو مهورت به اهڙي ني ڪنهن هوٽل ۾ ني ٿيندو. اهي فنڪشن مان ڪونه ڪرائيندو آهيان، منهنجا پبلشر ڪرائيندا آهن. ان هوندي به جيڪڏهن منهنجو اهو يار مونکي خاطري ڏئي ته منهنجي انين نه ڪرڻ سان سنڌ جا سمورا مسئلا حل ٿي ويندا، بهارين جي لوڊ رڪجي ويندي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالا باغ ڊيم نہ ٺهندو، سنڌين کي نوڪريون ملنديون، شهرن ۾ سنڌين جو معاشي تورڙي طبعي قتل بند ٿي ويندو، مختلف سوچ رکندڙ سنڌي اڳوڻ هڪ ٿي ويندا وغيره وغيره، تہ پوءِ مهورت تہ ڇا، ڪتاب ڇپائڻ يا موڪلڻ لکڻ تان ئي هٿ ڪڍي ڇڏيندس. باقي رهي منهنجي ذاتي خلوص جي ڳالهہ، سو ان جو احساس اهي ئي ڪري سگهندا جن کي خبر هوندي تہ مان ڪهڙين حالن هيٺ ڇا لکي رهيو آهيان. يا مون جهڙا ٻيا درست ڪيترو وڏو جو کم سر تي کڻي پوءِ قلم هٿ ۾ ٿا کڻن.

منهنجي سنڌ جي سيني ننڍين تورڙي وڏن ليکارين ۽ دانشورن کي هٿ ٻڌي وينتي آهي تہ ٻاڻُ، هيءُ وقت وڏن ڪيڻ جو ناهي. ٿوريون گهٽيون خطائون سيني کاں ٿينديون هونديون، انهن کي درگذر ڪيو. خدا جي واسطي، سنڌ جي واسطي، امڙ جي واسطي اختلاف گهٽايو. بيڪار ڳالهين تي پاڻ ۾ وڏيڪ نفاق پيدا نہ ڪيو. هڪ ٻئي جي عزت ڪيو. هڪ ٻئي سان محبت ڪيو. معمولي تضاد ۽ تڪرار نظر انداز ڪيو. گڏ ٿيو. يڪجا ٿيو. يڪ زبان ٿيو. ڪراڙ ۽ ڪوتا ڳولي ڏار ڪيو. اهاني وطن جي خدمت ٿيندي. اهاني توهان جي سنڌ لاءِ عظيم قرباني ٿيندي.
نئين سال جي موقعي تي اسان جو اهو عزم پنهنجي وطن واسين لاءِ سال جي پهرين سوکڙي ٿيندي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اينن ڪرڻ سان فوٽ پاٿ تي وينل وانڙي طوطي کي بہ غيرت اچي وڃي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪالم ڪيئن لکجي

مون اخبارن ۾ ڪالم لکڻ ڪهڙيءَ ريت شروع ڪيو، اهو هڪ جدا، ڏکوئيندڙ ۽ درد ناڪ داستان آهي. جن ٻڌو تن به رنو، جن نه ٻڌو تن به رنو. بچي اهي ويا جيڪي انهن ڪاسارن ڪان ني پري آهن. اڪثر ماڻهو مونکان پڇندا آهن ته: اوهان پنهنجي ڪالمي زندگيءَ جو آغاز ڪهڙي طرح ڪيو؟

منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا آهن، چپ ٿڙڪڻ لڳندا آهن ۽ آواز بند ٿي ويندو آهي. ڪن اکين ڏٺي شاهدن جو چوڻ آهي ته منهنجون اکيون پڻ پٿرائجي وينديون آهن. پر منهنجا ڪجهه قريبي دوست ان راءِ جا نه آهن. هنن جو چوڻ آهي ته منهنجون اکيون ته شروع کان ني پٿرايل آهن.

بهرحال، اهو پڻ هڪ الڳ، ڏکوئيندڙ ۽ درد ناڪ داستان آهي. زندگي رهي ته ان جو به تفصيلي ذڪر ڪبو، پر ٻهريون ڪالمي زندگيءَ جي متعلق تمام مختصر معلومات.

دراصل مون پبلڪ جي بيحد اصرار تي اهو بارگران پنهنجي ڪمزور ۽ ناتوان ڪلهن تي کڻڻ قبول ڪيو. ٿيو هينءَ جو مونکي ننڍي هوندي کان ني قدرت هڪ عظيم انسان ٿيڻ وارين تمام خوبين سان نوازيو هو. مثلن پرائمري ڪلاسن ۾ پڙهندي، مان ٻارن جي ٻاريءَ ۾ چرچا ڀوڳ لکندو هوس، ڪجهارتون پڇندو هوس، معما ڀريندو هوس ۽ قلمي دوستيءَ لاءِ خط لکندو هوس. وڏو ٿيس ته ريڊيو تي فرمائشي پروگرام لاءِ خط لکندو هوس. ٿورو وڏو ٿيس ته رستن تي، پٽين تي، بسن تي، مطلب ته جتي به رجهه ملندو هوم، اتي قوم جي نالي پنهنجو ناقص پيغام لکڻ شروع ڪري ڏيم. اهو نيڪيءَ جو ڪم ڪندي غلط فهميءَ رچان ڪني ڀيرا جان ناتوان کي ڪجهين ۾ ظاهري ضربون پڻ رسيد ٿيون. پر شوق جنون جي حد تائين ۽ جنون ديوانگيءَ جي سرحد تائين پهچي ويو. بس اتان ني منهنجي ڪالم نويسي جي شروعات ٿي. هڪ گهر ڏٺيءَ پنهنجي ديوار تي لکيل تحرير ڏسي ٻهريون ته پنهنجو منهن پٽيو، پوءِ منهنجا چونڊا پٽيا ۽ آخر ۾ سڏڪندي چيائين: هيڏو ڦهر ني ڪرڻو اٿئي ته ڪنهن اخبار جا پنا ڇو نٿو ڪارا ڪرين؟

مونکي ان سڄڻ جي پرسوز آواز ۾ لڪل پرخلوص صلاح بيحد وڻي. اهڙيءَ طرح ٻني ڀيري، جڏهن مان هڪ بس جي پويان پنهنجي تقرير مڪمل ڪري، اطمينان قلب حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي ڀيهر پڙهي رهيو هوس، تڏهن ان بس جي ملعون ڪنڊيڪٽر لڪي لڪي اوچتو بس جو هينڊل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پنيءَ تي وهائي ڪڍيو ۽ نهايت ئي ناموزون ۽ نا مناسب زبان استعمال ڪندي چيائين: اڙي اهڙو نواب جو پٽ آهين ته وڃي اخبار ۾ خبرون ڇپاءِ. خالي پلي غريب جي ڳاڏيءَ جو منهن ڪارو نه ڪر.

اهو هڏي منهنجي دل ۾ چڻ ڏنڪ لڳو. سوچيم: ڀلي ڇوري سچ ٿو. مان ته واقعي ڪو احمق آهيان. خدا جي عطا ڪيل هيڏي ساري بي پناهه ڏات درن ۽ ديوارن تي پيو ٿو ضايع ڪيان. نه نه، مان ائين هرگز نه ڪندس. مان ڏات ڌڻي آهيان. فنڪار آهيان، ڪلاڪار آهيان، آرٽسٽ آهيان. ان ڪري پنهنجي ڪلا جو صحيح استعمال ڪرڻ منهنجو فرض آهي.

بس، گهڙي ئي اها ڪيم. ڳولي ڦولي هڪڙو پراڻو يار هٿ ڪيم، جو هڪ روزاني اخبار ۾ ڪمپازيٽر هو. ڪيس ايلاز منٿ ڪيم. پنهنجي شوق جو اظهار ڪيم. پنهنجي ڏات جي پرچار ڪيم. هٿ جوڙيم، پيرين پيس. چيم: وارو ڪر محمد رمضان، ويل اها اٿني. اڄ موقعو وڃايئي ته يا عمر هٿ هئندين. هڙو وڻجارو وري نه ملندئي.
محمد رمضان ڳوٺائي به آهي، ترضائي به آهي، زال جي طرفان مائٽي به اٿس، ڳالهه مڃي ويو. ايڊيٽر کي چيائين ته اهو ڪم ڪنهن به طرح ٿيڻ گهرجي. هو به ڪو تتو ويٺو هو. وه واه ٿي وئي. ڪالم لکڻ جي حامي ڀرجي وئي. پهريون ئي ڪالم تماڪ جي اگهه تي لکيم. سوچيو هوم ته ڀيو ته نه ڳهٽ ۾ ڳهٽ موالي ته خوش ٿيندا ۽ منهنجي فائدي ۾ خطن جا انبار لڳي ويندا. پر ائين ٿيو ڪونه. نه خط نه پٽ. نه فون نه نياپو.
سوچيم: اليڪشن جو زمانو آهي. هر ڪو پنهنجي نفسا نفسيءَ ۾ هوندو. ڇو نه مان ئي ڪٿي پڇي وٺان.

اهو سوچي هڪ قومي اڳواڻ کي فون ڪيم. چيم: سائين اوهان جو فلاڻي ڪالم متعلق ڇا خيال آهي.
چيائين: ڪهڙو ڪالم؟
چيم: تماڪ جي اگهه وارو ڪالم.
چيائين: ڪهڙيءَ اخبار ۾ ڇپيو هو؟
چيم: فلاڻيءَ اخبار ۾.
چيائين: ڪٿان نڪرندي آهي اها اخبار؟
چيم: هتان نڪرندي آهي اها اخبار.
چيائين: مونکي ته خبر ناهي.
چيم: توهان ته قومي ليڊر آهيو.
چيائين: قومي ليڊر کي ٻيو ڪم ڪونهي ڇا؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻني اڳوان کي فون ڪيم.
چيائين: وڃ بابا وڃي ڪو ٻيو ڪم ڪارڪر. اجايو ڇوٽو وقت وڃائين. ڪنهن کي وقت رکيو آهي اهڙا بيڪار ڪالم پڙهڻ جو.
دل ۾ چيم ته ڀلا اهوڄهه اڳوان ملڪ ۽ قوم جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهندا؟ مونکي سنئون سڌو عوام کان پڇڻ کپرجي.

هڪ راهگير کان پڇيم: يار منهنجي ڪالم بابت ڪهڙي راءِ اٿئي؟
ساڙ ۾ چيائين: ڪالم بابت ته راءِ پوءِ ڏيندس، پهرين پنهنجي متعلق ٻڌي وٺ ته تون هڪ بي حد بيهودو ماڻهو آهين.
حيران ٿي چيم: اهو وري ڇو؟
وڌيڪ غصي ۾ چيائين: ان ڪري جو تون منهنجي پير تي چڙهيو بيٺو آهين.

ٻني ماڻهوءَ کان پڇيم. هن چيو: تون ٻيهر ديوارن تي نعرا لکڻ شروع ڪري ڏي. ڪالم لکڻ تنهنجي وس جي ڳالهه ناهي.
ٽئين کان پڇيم، هن چيو: مونکي تنهنجي حال تي رحم ٿو اچي. تون ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کان علاج ڇو نٿو ڪرائين؟
سوچيم: جي ايڊيٽر کي اهڙي قسم جا رايا ملندا رهيا، ته پوءِ ته منهنجي ڇٽي ٿي ويندي.
ان ڪري اڪر بدلائي پنهنجي تعريف ۾ سو ڪن خط ايڊيٽر جي معرفت اخبار کي ڏياري موڪليم، جن ۾ منهنجي انداز بيان، تخيل ۽ موضوعن جي وڏي واکاڻ ڪيل هئي. ڪجهه عرصو ائين ڪندو رهيس. آخرڪار هڪ ڏينهن ايڊيٽر گهرايه. سندس آڏو خطن جا بنڊل رکيل هئا. مونکي ڏسي مرڪيو. چيائين: هي سڀ خط توهان جي ڪالم جي تعريف ۾ مليا اٿم.
مون حيرت جو اظهار ڪندي چيو: واقعي؟
چيائين: جي ها. هي سڀ توهان جي محنت جو ئي نتيجو آهن. مان توهان کي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. پر گڏوگڏ هڪ صلاح به ڏيندس. اها هيءَ ته آئينده جيڪي به خط موڪليو، اهي پنهنجي نالي واري ليٽر پيڊ تي نه موڪليو ته بهتر!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گاڊ فادر

(God father) جو محاورو سنڌي ادب ۾ نئون سهي، پر اهڙي قسم جي ڪردار جو تصور تمام گهڻو قديم آهي. "ڀوتار" ان لاءِ بلڪل ٺهڪي ايندڙ لفظ ته ناهي، پوءِ به گهڻي ڀاڱي ان شخصيت جي منفي پهلوءَ کي هڪدم اچل ڏئي ظاهر ڪري ٿو. ان لفظ منجهان هڪ اهڙي شخص جو تصور ابڀري ٿو، جيڪو ٻين ڏوهارين کي نه صرف تاتيندو هجي، بلڪ انهن کي تحفظ پڻ فراهم ڪندو هجي. انهن جي پرگهور لهندو هجي. ڏکيءَ ويل ڪم ايندو هجي ۽ سهنجيءَ ويل ڪانئن پنهنجي غرض جا ڪم وٺندو هجي. مغربي لفظ ۽ ڪردار هرويرو شيطاني ناهي. "گاڊ فادر" هر ڪرستان جو رسمي طور نامزد ڪيل "مجازي پيءُ" ٿيندو آهي، جيڪو سندس جمڻ کان پوءِ اعلاني طور مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ باقي زندگي قائم ۽ دائم رهندو آهي. اها ضرورت شروعات ۾ ان ڪري پيش آئي هني ته جيڪي ماڻهو وڏي ڄمار ۾ عيساني مذهب ۾ داخل ٿيندا هنا، تن کي شڪ ۽ شبهه جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. انهن تي نظر رکڻ خاطر ۽ پڻ انهن کي مذهبي تربيت ۽ تعليم ڏيڻ خاطر، هر هڪ نئين ڪرستان سان هڪ هڪ نگهبان مقرر ڪيو ويندو هو. ان کي (God Father)، يا عورت جي صورت ۾ (God Mother)، يا ٻنهي جي حالت ۾ (God parents) سڏيو ويندو هو. ان کانپوءِ رسم پنجي وئي ته هر عيساني ٻار جي ڄمڻ وقت، سندس گاڊ فادر جو اعلان ڪيو رجي. اڄ اها رسم پنهنجي مذهبي اهميت وڃائي ويٺي آهي، پر سماجي ۽ روايتي اهميت اڃ به اوتري ئي اٿس. ان کان پوءِ مغرب منجهان ئي، هڪ ناول وسيلي، ان ڪردار کي ظاهري طور سنجيدو، مهمان نواز، سخي، غريب پرور پر اندروني طور تي ظالم، رهزن، لوڀي ۽ زور آور انسان جو روپ ڏنئي، ادب ۽ فن جي دنيا ۾ هڪ نئون موڙ آندو. نتيجي طور نه رڳو يورپ ۽ آمريڪا ۾، بلڪ مشرقي دنيا ۾ پڻ هر هنڌ، هر زبان ۾، هر معاشري ۾، اهڙا ڪردار تخليق ڪيا ويا، جيڪي مٿين ڪردارن سان ٺهڪي ٿي آيا. خود اسان جي ٽي وي ڊرامن، فلمن ۽ افسانن ۾ گاڊ فادر جو اولڙو عام جام ملندو. سچ پڇو ته جينئن مان شروع ۾ چئي آيو آهيان، "ڀوتار" جو تصور هو بهو مغربي "گاڊ فادر" سان ڀيڄي ٿو اچي. اهوئي ٻاهريون شريفاڻو ڏيکاءُ، راڄ جو چڱو مڙس، چيڙي، نبيري ڪرڻ وارو، سار سنڀال لهڻ وارو. ابو امڙ، ڇپر ڇانو، آٿت اجهو. اندر ۾ ڪات. نياڻيءَ سياڻيءَ ۾ اک. چور بدمعاش جو رکوالو. شل نه ڪنهن سان ڇپ پوي. ڏاڍي آڏو گونگي ڳانءِ. ٻي ڀيڄ لاءِ راڪاس برڙ باڪاس. ڳارين جا ڏوڙيا. دهمانن جا ڏڏڪا. اهڙا ماڻهو وري به چڱا. پر منهن ۾ ملان، اندر ۾ ابليس اجان ڪي ٻيا. ٻاهريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک ويک، هلي چلي، ڳالهه ٻولهه اهڙي عزت ۽ شرافت واري، جو دل چري ته جيڪر پير ڌوئي پيئجن. اندر ڪولي ڏسون ته ڪارنهن جا ڪٽڪ ڪنڊلي ماريو ويٺا هوندا.

اهي ته ٿيا روايتي ڳوٺاڻا "گاڊ فادر". اڄڪلهه ته هر هنڌ، هر طبقي ۾، هر ميدان ۾ اهي ڪردار ڪاهي پيا آهن. آفيسن ۾، سياست ۾، واپار ۾، تعليم ۾، مذهب ۾، مطلب ته هر طرف مڪاريءَ جي بازار گرم آهي. ڀاڙيتا دلال، جن جي مٺ ۾ ڪئي ڪاراڻتا ڪارندا ملندا، سي حڪم تي هڪيا تڪيا حاضر ملندا.

عام شڪايت آهي ته نوجوان بيروزگار آهن. اعليٰ تعليم وٺڻ کان پوءِ به سالن جا سال نوڪريءَ لاءِ ڌڪا کائيندا ٿا وتن پر نوڪري ڪو نه ٿي ملين. چٺيون چپاٽيون، سفارشون، سڀ ڪجهه ڪرائجي ٿي، پر ڪم ڪو نه ٿو ٿئي. ويچارا ڇوڪرا ڏڪا جهلي جهلي، مايوس ٿي يا ته سماج تي بوجهه بڻجي ويهي ٿا رهن، يا وري موٽ ۾ سماج جوئي بار هلڪو ڪري ٿا رکن. ائين ناهي ته نوڪريون ڪو نه آهن، يا ملن ئي نٿيون. نوڪريون ملن ٿيون ۽ جام ٿيون ملن. هڪ هڪ ماڻهو، ٽي ٽي آرڊر کيسي ۾ کڻيون ٿو گهمي. ڪسٽمز جو، ايڪسائيز جو، پوليس جو. پڇائيندو ٿو وتي ته ڪماڻي وڌيڪ ڪٿي آهي؟

چون ٿا ته پروموشن نٿا ملن، غلط ٿا چون. جن کي ملڻا آهن، تن کي ٻه، ٽي ٽي ڏاڪا مٿي، هڪ ئي ڌڪ ۾ مليو ٿا وڃن. ١٨ گريڊ جا عملدار ٢١ گريڊ تي قبضو ڪيو ويٺا آهن. ويچارا حقدار وتن ٿا ٻاٿون ڪائيندا. للنگ پيا ليلائين، ڪرا ڪنجا پيا کائين. سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو، هر شيءِ ممڪن آهي. نوڪري به ملي سگهي ٿي، پروموشن به ٿي سگهي ٿو، مرضيءَ مطابق بدلي سدلي به ممڪن آهي. پر ان جي لاءِ هڪ عدد زوردار قسم جو "گاڊ فادر" هئڻ لازمي آهي. ان کانسواءِ ڪجهه به ڪو نه ٿيندو. توهان ڀلي ته قابل هجو، لائق فائق هجو، تجربيڪار هجو، ذات ڏٺي هجو. سڀ ڪجهه هجو، پر جي ڪو "ڀوتار" ساڻ نه اٿو ته سمجهو ته ڪجهه به ناهيو.

ڪي بختاور اهڙا آهن، جن جا پينڊ ۽ ٻانڊ سندن گاڊ فادر به آهن. ڀين جا پيٽيوپا، سالا، چاچا، ماما، ان پد تي پهتل آهن. جن وٽ اهي ناهن پر الله جي مهرباني سان "گاڊ فادر" ڀاڙي تي حاصل ڪرڻ جا اهل آهن، سي به چوويهه ئي ڪلاڪ ڪامياب آهن. ڪين نڪي لهر، نڪو لوڏو. ڪم انهن جو ئي ٿيندو. ناممڪن کي ممڪن بنائڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي، صرف صحيح ماڻهوءَ تي وجي آڱر رکجي.

اسان جي سنڌي سماج ۾، منهنجو پنهنجو تجربو آهي ته لياقت نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪونه. جي اٿو ڪو سورس (Source)، ته پوءِ ته ڪهران ٻاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرڻ جي به گهرج ناهي. هڪ ڇڏ، پنج آرڊر ناهي جوڙي اچي جهوليءَ ۾ اڇليندا. پر جي نه، ته پوءِ ٻانو ٻلي پيا پاڻي ڀريو، ڇلا ڪيڏو ۽ ٻاڏايو. ڪجهه ڪونه ورندو. سنڌي "گاڊ فادر" ڀيرين ڏسندو پنهنجو مفاد، پوءِ عزازت ۽ رشتيداري، ان کان پوءِ رن روڳڙي، نشا پتا وغيره وغيره. خلوص وارا ڪي تمام ٿورا، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، اٽي ۾ لوڻ برابر. پر پوءِ اهڙن درويشن کي مون وانگر ڪير ٿو پڇي؟ سيد، پير، امير، ڏٽي پوزيءَ ڏيڻ ۾ اهڙا ته پڙ تي ويا آهن، جو ٻانبو ته بس ڪم ٿيو پيو آهي، دير ئي اسان ۾ آهي. خبر تڏهن پوندي جڏهن هلي جتي ته جتي، همراهه جا گوڏا به گسي ويندا. يارن کي پنهنجي پيٽ سور کان فرصت ملي ته ٻين جي به ڳڻ ڪن نه؟ رات وچي سڄي سرور ۾. ڏينهن جو اڌ وڃي خمار ۾. باقي بچيا ٻه پهر، سي تيل ٿليل، ٿٽي ٿوڪاري ۾. ڪل پيران داخير. ٻاهران وڏا قومي هيرا، ڪٿيو جو بيان ڏين ته مون پارا هزارين احمق روڄن تي جهمريون هٽي پيا ساٿا ٿين. صدقي صدقي، ابا سنڌ بچائيندو ته اهو، ٻئي جي جاءِ آ؟. هل زڙي يار تنهنجي همت! بلي بلي! فلاڻو بيان به ان ڏنو. فلاڻو بيان به ان ڏنو. قوم جو درد آهي ته بس ان ليڊر جي دل ۾. ماني ئي ڪا نه ٿي وڻيس.

وري جهمر، وري هنيوڄي. جيئي جيئي- فلاڻو جيئي. سدا جيئي- فلاڻو جيئي. زنده باد زنده باد. فلاڻو خان زنده باد. سنڌ جو رهبر. فلاڻو ليڊر. اندي پوندي ۾ خوش، اسان رڳو اکيان پويان ٿرڻ ۾ پورا ته من ڪا نظر پنجي وڃين. هوڏانهن جن نه ڪن، ادي کي عشق اندو ڪيو.

صبح جو ٻه ڪلاڪ در ٻاهران ويهي ويهي ٿڪاسين. نه سوال نه جواب. نه جيءُ، نه ٿوٽ. ٻيلي هيءَ واهه جوجٽ ٿي. راڄن کي چوندا وتون. ته پير فلاڻو خان اسان جو پڳ مٽ يار آهي. عالمن، اديبن لاءِ ته اصل قربان قربان ويندو آهي. پر هت ته قصوني اور آهي. لاچار ٿي نوڪر کان پڇيوسين ته: ٻانوڪر خبر آهي ڪو ملاقات جو آسرو؟

چيائين: سائين، وڃي منجهند جي ماني ٽڪر کائي اچو. وزير صاحب اڃا ننڊ پيو آهي.

ماني کائي موٽي آياسين.

ٻه ڪلاڪ ٻيو انتظار ٿيو.

نوڪر چيو: وزير صاحب هاڻي غسلخاني ۾ آهي. توهان شام جي چانهه پي پوءِ اچو.

چانهه ڪنهن کي ٿي وڻي ٻه ٽي ٿيرا هيڏانهن هوڏانهن جا ڏئي موٽي آياسين.

نوڪر چيو: وزير صاحب ڊنر تي ٿو وڃي. توهان وري سڀاڻي اچجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيوسين: رات جو ڇو نہ اچون؟
ڇيائين: توهان تہ سدا اچو، پر وزير صاحب بہ اچي نہ؟

بہ ٽي مهينا ائين صبح شام ڪندي گذري ويا.
هڪ ڏهاڙي اوچتو ئي اوچتو وزير صاحب راهہ ويندي ور چڙهي ويو. دوبدو ٿي وئي. هڪــو ٻڪــو ٿي ڇيائين: اڙي يار تون؟ تون تہ ٻيلي مونکي هر وقت ياد آهين. اچين ڇو نہ ٿو ملڻ؟
ٻڌايو مانس تہ روز ملڻ ايندو آهيان.
ڏک جو اظهار ڪندي ڇيائين: ڪمال آ. مونکي ڇورا ٻڌائين ئي ڪونہ ٿا.
اڄ ٿو وڃي ڌمال ڪيان.
ڇيم: منهنجو ڪم؟
ڇيائين: اهو تہ بس ٿيو پيو آهي. مون فلاڻي کي بہ ڇيو آهي. فلاڻي کي بہ ڇيو آهي. رڳو هيءُ ڏکيو مهينو گذري وڃي، پوءِ آرڊر گهر ويٺي ملندني.

ٻن مهينن ڪانپوءِ وري ملاقات ٿني ٿي.
چوي ٿو: ڏٺئي يار اڄ ئي توکي پنهي ياد ڪيم. تنهنجو نالو ويو.
پڇيم: ڪيڏانهن ويو؟
چوي ٿو: ياد تہ مونکي بہ پوريءَ طرح ڪونہ ٿو اچي. پر ويو ضرور.
پڇيم: ڀلا سائين نالو ياد بہ اٿو؟
چوي ٿو: اڙي يار تنهنجو نالو بہ ڪو وسرڻ جو آهي ڇا؟ اسان کي تہ توتي ناز آهي.
ڇيم: ناز تہ مونکي بہ پنهنجي پاڻ تي ڏاڍو هو، پر هاڻي مڙني شڪ ٿو پويہ.
چوي ٿو: تون فڪرني نہ ڪر. تنهنجو ڪم ٿيو پيو آهي.
ڇيم: پر فلاڻي ماڻهوءَ تہ مونکان بہ پوءِ توهان کي ڪم ڇيو هو. سندس ڪم بہ تمام ڏکيو هو. بلڪ ناممڪن هو.
چوي ٿو: ها، ان جي سفارش زور هني.
دل ۾ چوان ٿو: رن ٺاهوڪي اٿس.
هو پاسو ڇڏائيندي چني ٿــو: تون دل نہ لاهہ. ڪم تنهنجو ئي ويندو. رڳو هيءُ مهينو ترس.
دل ۾ چوان ٿو: ڀوتار منهنجا، منهنجو تہ جو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو، پر مهيني ڪانپوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويريون ۽ ويچا

٢٥ مارچ تي ٻنپهرن جو اٽڪل ساڍي ٽين بجي، جڏهن پي آءِ اي جي فوڪر فلائيٽ PK853، موهن جي دڙي هوائي اڏي تي پاڻ کي ڪٽي زور سان ڌڪو ڪيو، تڏهن مون سوچيو: مان دنيا جي قديم ترين تهذيب جي سرزمين تي پهچي چڪو آهيان. اها سرزمين، جنهن سڄي دنيا کي هڪ دفعو نه، ڪئي دفعا پنهنجي منفرد حيثيت سبب پاڻ ڏانهن متوجهه ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي. قديم ترين سڀيتا موهن جو دڙو ۽ جديد ترين سوچ ذوالفقار علي ڀٽي جي وچ ۾ هن مٽيءَ ڪروڙين لال ۽ مٿيا جڳ کي آڇيا آهن. ڪئي ڏاها، سورما ۽ سرويچ هن ڌرتي جي ڌوڙ ۾ دفن آهن. ڪئي ڏاتار، ڏات ڌڻي ۽ ڏاها هن ڀونءِ جي ڀِٽن ۾ ابدي ننڊ سمهي رهيا آهن. دريا جي ڌارا پنهنجو رخ ڦيرائي وئي آهي، پر لهرن تي لڙهندڙ هزارها سال پراڻا رسيلا گيت اڃ به هتان جي هوائن ۾ سموهيل ۽ سمايل آهن. اڄ مان ان زمين تي قدم رکي رهيو آهيان، جتان جو گيان، گمان جون حدون اورانگهي سچ ۽ ساڃيا جي سرحدن ۾ پيهي، جڳ ۾ جاڳرتا جو ڪارڻ بڻيو هو.

جهاز مان لهي مون هڪ نظر انهن کنڊرن کي ڏٺو جن ۾ اسان جو ماضي ڇپيل هو. جي هزارها سال اڳ جيان اڄ به اڏول ۽ اڙڏا، اوچي ڳاٽ پنهنجي برتريءَ جي علامت بنيا بيٺا آهن. هن جي ذري ذري ۾ اسان جي تاريخ دفن آهي ۽ جي اسان جي ماضي، حال ۽ مستقبل جا امين آهن.

مان شهر ان وقت پهتس جڏهن ڪنهن ٻني هنڌ "سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال" تي مذاڪرو ٿي رهيو هو. اهو افسوس زنگيءَ ڀر رهندم ته لاڙڪاڻي ۾ موجود هوندي به مان ان موقعي جو فائدو وٺي سنڌ جي عظيم ترين همعصر ڏاهي، سوڀي گيانچنداڻي کي ملي نه سگهيس.
سوڀو سنڌ جي سوچ ۽ ساڃهه آهي. بيداريءَ جي باب جو پهريون حرف آهي. ننين سنڌي ادب، دانش ۽ علم جو سرجڻهار آهي. اهو نبل، ڪمزور ۽ پي هٿيار سپاهي آهي، جنهن خالي هٿين، پنهنجي خلوص، سچائي ۽ سڪ جي زور تي لکين دليون جيتيون آهن. شل خدا علم جي هن روشن مينار کي هن زمين تي گهڻي ڪان گهڻي عرصي تائين قائم رکي.
ماٺهن هدايه ته هن بيمار هوندي به تمام سهڻي نموني سان سنڌ ۾ امن امان جي مسئلي جو جائزو ورتو. بعد ۾ مونکي ماڻهن سان ان عنوان تي ڳالهائڻ جو تفصيلي موقعو مليو. انهن ۾ غريب هاري، مزور ۽ ورڪر به هئا ته ڪامورا، زميندار ۽ سياستدان به هئا. پڙهيل لکيل شاگرد،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر، وڪيل ۽ ڊاڪٽر به هئا ۽ ان پڙهيل ٻڳيءَ وارا، هوٽل جا بيرا ۽ تغاري کڻڻ وارا محنت ڪش پڻ شامل هئا. عام تاثر اهو ني هنو ته ضلعي ۾ ڌاڙا، ڦريون ۽ چوريون. پاڳاريدار وڏيرا زميندار ڪرائن ۽ انهن تي پوليس جي معمولي سپاهيءَ کان وٺي اعلي عملدارن جي ڇپر ڇانو آهي.

هڪ ٽانگي واري چيو: بابا سائين، کهڙيون ڪو ڳالهيون پڇين بختاور! پوتار اڳ به زورآور هوندا هئا هاڻي به زورآور آهن. ڌاڙيل به اهي ڌارين، ڀنگ وٺي ڇڏائين به اهي. اسان مسڪين هيڏانهن به موچڙي ۾، هوڏانهن به موچڙي ۾، وڃون سو وڃون ڪيڏانهن؟

چيم: پوليس وارن جي ڪيو خبر؟

چيائين: بختاور سائين، ڪچان ته ڪافر ٿيان، ماڻ ڪيان ته مشرڪ. ننيڙو ماڻهو آهيان، پر جي منهنجي ڳالهه ڪوني مڃي ته ملڪ مان سڀ ڏولاوائي لهي وڃن. سڄي خرابي آهي ني ان خاڪي ورديءَ ۾. رئيس به انهن جو يار، وڏيرو به انهن جو سلامي ته چور بدمعاش به انهن جو ساٿاري.

هڪڙو وڏيرو مليم. ننيڙو قد، وڇونءَ ڇاپ مڇ، پاسي تي پريل پهراڻ. ڳالهه ڳالهه تي مڇ پيو مروٽي.

چيومانس: وڏيرا، هي ماڻهو ڇاٽا چون؟

ڪلندي چيائين: ماڻهو ٿا ڏوڙ پائين. چور ڌاڙيل ته رکن ني بالا عملدار خود ٿا.

پڇيم: پوليس جا عملدار؟

هڪ ٻڪو ڪي هڪدم چيائين: نه نه. پوليس وارا ته بلڪل برجستا عملدار آهن.

پڇيم: ته پوءِ کهڙا عملدار؟

چيائين: ٻيا ضلعي جا عملدار.

چيم: مثلاً؟

چيائين: مثلاً ڪمشنر صاحب خود.

چيم: ڪمشنر ڇو؟ ايس پي ڇو نه؟ ڊي آءِ جي ڇو نه؟

چيائين: ڪمشنر بروچ آهي.

چيم: هو به پنجابي آهن.

چيائين: اسان پنهنجي اکين سان ڌاڙيلن کي ڪمشنر سان گڏ گاڏيءَ ۾ گهمندي ڏٺو آهي.

مان ڏاڍو حيران ٿيس. ننڍي قد وارو ماڻهو، جنهن کي پاسي تي پريل پهراڻ پيل آهي ۽ جنهن جون مڇون وڇونءَ جهڙيون آهن، سو ڪنهنکي ٿو بيوقوف بنائي؟ پاڻ کي يا عام ماڻهن کي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيومانس: وڏيرا، سريتون ڏاريندو آهين؟
مڇ مروٽي، ڏند ٽيڙي ڇيانين: هانو.
ڇيہ: ڪهڙيون ڏاريون اٿئي اڄ تائين؟
ڇيانين: ڇيڻي آ؟
ڇيہ: انهن مان ڪهڙيون ڳاڏيءَ ۾ چاڙهي ڪهايون اٿئي شهر وچ ۾؟
هو چپ ٿي ويو.

هني وڏيري ڇيو: هروچ زور وٺي ويا آهن. هشيءَ تي ڦرن ني سنڌين کي ٿا. اڄ تائين هڪ بہ هروچ ڪونہ ڦريو آهي.
ڇيومانس: رئيس، ڏاڙيل تہ سيد کي بہ ڪونہ ڦريندا آهن. پوءِ ان جو ڪهڙو سبب آهي.
ڇيانين: ڪمال ٿو ڪرين صاحب. سادات جي بي حرمتي ڪيئن ڪندا؟
ڇيہ: الله، رسول ۽ قرآن جي حڪمن جي انحرافي ڪرڻ وارن کي سيدن جو ڪهڙو ڪهڪاءُ ايندو؟ جي تنهنجي چواڻي هروڇ هروچ کي پناهہ ٿو ڏني تہ پوءِ سيد جو ساٿاريدار بہ سيد ني هنڻ گهرجي!
جواب ڪونہ ڏنائين. مٿون ٺوڪي اٿي هليو ويو.

رات جو نويڪلو ٿي مون اڻ ڳنڀير مسئلي تي ويهي غور ڪيو. سنڌي زميندار، وڏيرو ۽ جاگيردار بنيادي طور ايامن کان پاٿاريدار پڻ رهيو آهي. اهو جدا بحث آهي تہ ڏاڙيل ڏارڻ، کين پناهہ ڏيڻ يا سندن ڪٽيو کائڻ، هڪ زميندار جي مجبوري آهي يا شوق آهي. پر اها حقيقت آهي تہ مجموعي طور سنڌي ڀوتار جو رول ان ڏس ۾ هميشہ مذمت وارو رهيو آهي. هيٺي کي هيسائڻ ۽ سرڪش کي دہائڻ لاءِ ڏاڙيل جو هٿيار سنڌ ۾ عام جام استعمال ٿيندو پئي رهيو آهي.
ماضيءَ ۾ ڏاڙيلن جا بہ ڪجھ اصول هوندا هئا. سندن اکين ۾ بہ شرم ۽ حيا جو پاڻي هوندو هو. نياڻيءَ سياڻيءَ جو ننگ ماريندو هون. قرآن مجيد ۽ پيرن جي پلاند تان ٽري ويندا هئا. پنهنجي پرائي جي تميز هوندي هئن. هاڻي انين نہ رهيو آهي. ڊهن ٿا تہ صرف ڏاڍي ۽ زور آور کان. پوليس جا پنهنجا پاليل آهن، ان ڪري مٿن تہ مڇ ني ڪونہ ٿا چنڊين. وڏيرن جا وهاريل آهن، انهن جي ني اشاري تي هلن ٿا. وڏيرن توڙي پوليس جي پاٿاريدارن ۽ ساٿاريدارن جي پڇ تي لت ايندي تہ آئي وني کي ڏاڙهڻ لاءِ ڊوڙندا. ڪو برجستو، ايماندار ۽ دلير عملدار جيڪڏهن ڏوهاري زميندار تي وجي آڱر رکندو تہ اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ اهوئي زميندار اُن عملدار جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندو. جو الزام پڄندس، سو مٿس ڏريندو. جو ڏوهہ گناهہ سري سگهندس، سو سندس سر تي هٿندو. ان جاهل، خود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غرض ۽ ڏرهاري ذهنيت رکندڙ وڏيري کي کهڙي ڳالهه ته هو پنهنجي لالچ، خودسريءَ ۽ انا خاطر قوم کي ڪهڙو ڇيهو رساني رهيو آهي. هڪ طرف ته هو سنڌ ۾ صدين کان ڀائرن جيان رهندڙ سنڌين ۽ بلوچن جي وچ ۾ ويڇو وجهي، ڪين ڌار ڪري، سنڌين ڳڏيل طاقت کي ورهائي رهيو آهي، اهڙيءَ ريت سنڌ دشمن پرمار قوتن جي همت افزائي ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف فرض شناس، باهمت ۽ ايماندار سنڌي ڪامورن تي داغ لڳائي، سنڌين راهه ۾ ڪنڊا پوکي رهيو آهي. سنڌي ۽ بلوچ سنڌ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪندي، جنهن ميٺ محبت سان گڏ رهي رهيا آهن، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي قومي تحريڪن ۾ سنڌين کان وڌيڪ بلوچ اڳرا ۽ اتاهان نظر ايندا. سنڌي ادب، صحافت توڙي فنڪاريءَ ۾ اسان جا اهي ڀائر اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جدوجهد ڪري رهيا آهن. اهڙن ڳهڻڪهرن ۽ هڏ ڏوکين کي، چند مفاد پرست نالائقن جي ڦهلايل افواهن ڪري اسان پنهنجي قومي زندگيءَ مان خارج ڪري؛ صرف پاڻ کي اڪيلو ۽ اهالو ته ڪري سگهون ٿا، سنڌين ڪوبه نقصان ڪري نه سگهنداسين.

هيءُ وقت دوستن پيدا ڪرڻ جو آهي، دشمنيون وڌائڻ جو هرگز ناهي. جمهوريت جو نازڪ سلو پيار ۽ محبت جي فضا ۾ ئي اسري سگهندو، نفاق ۽ ناچاڪائيءَ جي اس ۾ ڪو مانجي ويندو. اهڙيءَ ريت سنڌي سرڪاري ڪامورا اول ته آهن ئي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، انهن مان به چند اهڙا ملندا جن کي پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو درد هجي. هاڻي انهن تي به اجايا الزام هڻي کين بد دل ڪري ڇڏينداسين ته پوءِ آسمان مان فرشتا ته اچي اسان جي خدمت ڪرڻ ڪندا. ڪراچيءَ جا پناهگير ۽ نواز شريف جا ڳوٺائي اسان سان جيڪي ڀال ڀلائيندا، سي به ڏٺا پيا آهن. هونءَ به اهو تصور ئي جهڙو آهي ته ڪوبه آفيسر احتساب جي چنبي کان آزاد ٿي سگهي ٿو. بلڪ حقيقت ته اها آهي ته جيڏو وڏو عملدار، اوڏي وڏي سندس جوابداري. هو نه رڳو انتظامي طور پنهنجي بالا اختياريءَ وارن ڏانهن جوابده آهي، بلڪ مختلف سرڪاري ايجنسين جي پڻ نظرن ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن وڏيرو يا جاگيردار به ڪڏهن ڪم ڇپر ۾ ڪرڻ تي مجبور آهي ته پوءِ پڙهيل ڳڙهيل، سياڻو ۽ سڌريل آفيسر ڪينءَ ڪلم ڪلا ڏوهاريءَ جي پشت پناهي ڪندو؟ اها سوچ سراسر جاهلاڻي، احمقاڻي ۽ ڳوٺاڻي آهي. اها سوچ خطرناڪ پڻ ثابت ٿي سگهي ٿي. ان ڪري عام ماڻهن، دانشورن ۽ خاص طور شاگردن کي اهڙي منافقاڻي سوچ تي ڪهري نظر رکڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بجيٽ، بهشت ۽ فني خرابي

هيءَ بجيٽ جي ٻئي صبح جي ڳالهه آهي.
اسر ويل بينسريءَ جي مڌر آواز تي اک کلي پيم. ڇا ڏسان ته ٻاهر، دريءَ ٻاهران، پپل جي وڻ تي رنگبرنگي، خوبصورت پکي ڇهچهاٽي رهيا آهن. ٿورو پرڀرو نهر جي ڪناري هڪ شينهن ۽ هڪ ٻڪري پاڻ ۾ چرچو ڀوڳ، مسخري ۽ ڇخن ٻه پيا ڪن ۽ رکي رکي پاڻي ٻه پيا پين. وڻ کي ٽيڪ ڏيو هڪ ڳوٺاڻو، اڪيون پوري، سک ۽ چين جي بينسري وڄائي رهيو هو. بينسريءَ جي جادوئي آواز تي جهنگل جا سمورا جانور پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، ڊوڙندا اچي ڳوٺاڻي جي چوگرد گهيرو ٺاهي گڏ ٿيا هئا ۽ موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿي جهومي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا، موج ۽ مستي ملهائي رهيا هئا.

مان حيران هوس ته هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. اڳ ته اهڙو ڪرشمو ڪڏهن ٻه نظر نه آيو هو. آخر هيءَ ڪهڙي تبديلي آئي آهي؟ ڪو معجزو ٿيو آهي، ڪو سامري جادوگر آيو آهي، ڪا جادوءَ جي لٺ ڦري وئي آهي؟
هيڏي خوشي، هيڏي خاموشي، هيڏو سڪون ۽ اطمينان ته مون ورهين کان نه ڏٺو هو. آخر هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟

ايتري ۾ شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار کير سان ڀريل هڪ بالٽي کڻي گهر ۾ ڊوڪيندو اندر گهڙي آيو. بالٽيءَ مان ڇلڪندڙ کير سندس پاچا پسائي ڇڏيا هئا، بالٽيءَ جي وزن کيس ڪجهه قدر ڪٻو ڪري ڇڏيو هو، پر ڪنهن دلي خوشيءَ سندس اکين ۾ انوکي چمڪ آڻي ڇڏي هئي. هو بالٽي کهليندو وارنڊي تائين آيو ۽ پوءِ ڪتي وانگر سهڪندو، پٽ کي ٽيڪ ڏئي زمين تي ويهي رهيو.
منهنجي حيرت وڌي وئي.
پڇيم: بلبل بيقرار، هيءُ کير ڪٿان آندو اٿئي؟
بلبل بيقرار ڪافي دير سهڪندو رهيو. پو بالٽيءَ مان کير جي لپ ڀري ٽڙي آلي ڪيائين، ٻڪ ڀري هٿ منهن ڌوتائين ۽ پوءِ ڏند ٽيڙي چيائين: اڙي ڪڏهر، تنهنجي در ٻاهران کير جي نهر پئي ٿي وهي ۽ توکي خبرني ڪانهي؟
تعجب ۾ چيم: نهر؟ کير جي نهر؟ بلبل بيقرار نشو پتو ته ڪونه ڪيو اٿئي؟
هو کليو. کلي کلي کيرو ٿي پيو. ککين کي هٿ ڏئي کلندي چيائين: يار، تون ته ڪوصفا ڀوڪ بصر آهين. توکي خبر ني ڪانهي ته رڳو کير جي ني نه، ماکيءَ جي ٻه نهر تنهنجي در ٻاهران پئي ٿي وهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار جي ذهني صحت تي شڪ ته اڳ ني هو، سندس ڳالهيون ٻڌي پڪ ٿي ويه ته همراه جو ڪوڙ ڪو اسڪرو واقعي ڍلو ٿي ويو آهي. اڃان ڪجهه چوان ني چوان ته ايتري ۾ صاحب مون واري جو ڊرائيور گدو، رڙيون ۽ رانباٽ ڪندو، منهن مٿو پٽيندو اندر ڪاهي آيو.

رڙڪري چيم: اڙي گدو، خير ته ائني؟ ڇو ٿو ٻاڪارين؟

وار پٽيندي چيائين: ماکيءَ جي مکين ڪاني ماريو آهي. اڙي گهوڙا ڙي، مونکي بچايو.

غور سان ڏٺو سين ته واقعي گدوءَ جي منهن ۽ مٿي تي هزارن جي تعدد ۾ ماکيءَ جي مکين يلفار ڪري ڏني هني. هو هنو جو ويچارو کين ڀڄائڻ لاءِ خود پنهنجو ني منهن مٿو پٽي، پاڻ کي وڏيڪ زخمي ڪري رهيو هو.

هڪدم دونهون دکاني مکين کي ڀڄايو ويو. گدوءَ کي محفوظ جڳهه تي ويهاريو ويو. چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ ڏيندي چيومانس: ڪٿان آندني ايترين ساريون مکيون؟

رونيندي چيائين: توسان ملڻ پئي آيس. در ٻاهران ماکيءَ جي نهر وهندي ڏٺم. سوچيم، ٿبي هشندو وڃان. بس مکيون وراني ويه.

چيم: توهان چريا آهيو، يا منهنجو مٿو خراب ٿيو آهي؟

چيائون: مٿو تنهنجو ني خراب ٿو نڪي پيارا مٿر. لڳي ٿو ته تو ڪالهه وزير خزانا جي بجيٽ تقرير ٻڌي ني ناهي. ورنه اهڙيون بي خبريءَ جون ڳالهيون هرگز نه ڪرين ها.

چيم: برابر، تقرير ٻڌڻ وسري وني هنم. مون ان وقت وي سي آر تي فلم "شري چار سو بيس" ويئي ڏٺي.

چيائون: ان ۾ بجيٽ تقرير ڪا نه هني ڇا؟

چيم: مشڪري ڇڏيو. اڪتي ڳالهه ڪيو.

چيائون: تقرير ۾ اهو سڀڪجهه چيائون جو تون هاڻي اکين سان ڏسي رهيو آهين.

چيم: صبح ساڻ سوير غريب ڳوٺاڻي کي سڪ ۽ چين جي بينسري وڄائيندي ته مون به ڏٺــو هو. ۽ شينهن ۽ ٻڪريءَ کي هڪ ني گهاٽ تي پاڻي پيئندي به ڏٺو هوم. ۽ رنگبرنگي پکين کي وڻن تي مٺيون لاتيون لنوندي به ڏٺو هوم.

شاعر جزبات کي سخت غصو اچي ويو. دڙڪو ڏيندي چيائين: اڃان اڃو منهن ڪنني ڇا؟ ايترو ڪجهه ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ به يقين نٿو اچني ته بجيٽ ۾ چيل هڪ هڪ لفظ سچو نڪتو.

گدوءَ چانهه جي ڪوپ مان سرڙاٽ ڪندي چيو: ۽ ها، ڊي. سي صاحب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آفيس ٻاهران ڏاڙيلن جي هڪ ميل ڊگهي قطار پڻ بيٺي آهي. هو پنهنجا هٿيار جمع ڪرائيندا ٿا وڃن. ڳوڙها ڳاڙيندا ، توبهه تائب ٿيندا ، غريب غربي جا هٿ ۽ پير چمندا ، معافي وٺندا ، پنهنجو پاڻ کي قانون جي حوالي ڪندا ٿا وڃن.
مون حيرت وچان چيو: سچ ٿو چوين گدو؟
گدوءَ ڪوپ مان ٻيو سرڙاٽ ڪيندي چيو: نور پٽاري. ابا ، ذات ڏاڙيل اڇي ڪنو ٿيو آهي. روئي روئي ڪٺي رڇ پريا اٿن. گيسيءَ جو نڪاءُ پيو ٿو پوي. چون ٿا تہ اسان کي معافي نہ گهرجي. اسان سيني کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو.
چيم: پر گدو ، ايڏي تبديلي ڪيئن آئي اوچتوني اوچتو؟
چيائين: ليڊر ليڊر ۾ فرق ٿيندو آهي مٺر. ڪن اڳواڻن جي دهشت وڏن وڏن جوڌن جا ڇهه ڇني ڇڏيندي آهي.
بلبل چيو: اهو تہ ڪجهہ ناهي ، مون پنهنجن گنهگار اکين سان ڏاڙيلن کي مسجد ۾ ليٽڙيون پائيندي ڏٺو آهي. توبهہ زاري ڪري وٺي جو ٿا اوچنگارون ڏين تہ ٻڌڻ وارن جو هانءُ ڦرو ڪنبي. ڏاڙيل تہ ڏاڙيل پر پوليس وارا بہ سڀ جا سڀ ورديون لاهي حج تي سنبريا آهن.
چيم: واهہ ڙي واهہ! اڄ تہ معجزو ٿي ويو.
بلبل چيو: اڃان ٻڌ. رشوتخور ڪامورا صرف گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ گهرن کان ٻاهر نڪري آيا آهن. هنن پنهنجي سموري مرڙي خيراتي ادارن کي دان ڏئي ڇڏي آهي. بنگلا ، ماڙيون ۽ موٽرون يتيم خانن حوالي ٿي ويا آهن ۽ هڪ ڪان وڏيڪ شوق مان پرٿيل زالون.
چيم: ماٺ ڪر ڙي بلبل بيقرار ، ڪٿي شريعت بل نہ لاهہ ڪيي ڇڏني.
بلبل وراڻيو: اڙي آهي شريعت بل ۽ بجيٽ جون گڏيل برڪتون تہ آهن جو اڄ شينهن ٻڪري گڏ ٿيا آهن ۽ کير ۽ ماکيءَ جو نهرون گهٽين ۾ پيون وهن ۽ چور ڏاڙيل توبهہ تائب ٿي مسجدن جا تڏا ويڙهي رهيا آهن ۽ راشي عملدار نيڪ نمازي ٿي پيا آهن.
گدوءَ وچ ۾ چيو: ۽ پوليس وارا وردي لاهي حج تي سنبريا آهن ۽ غريب غربو سک چين جي بنسري وڄائي رهيو آهي ۽ پکي پکڻ خوشيءَ وچان جهومي ڳائي وڄائي رهيا آهن. ان کان وڌيڪ ڪو ٻرو کپني ڇا؟
مان سوچ ۾ پئجي ويس. آسمان ڏانهن ڏٺم تہ منجهانس نور وسندو نظر آيو.
دل ۾ چيم: مارا! راتورات ڪيڏي نہ تبديلي اچي وئي آهي ملڪ ۾!

اوچتوني اوچتو بينسريءَ جو آلاپ بند ٿي ويو.
پکي پکڻ فرڪو ڏئي اڏامي ويا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسمان مان ساوينڊز سج لينا پائڻ لڳو .
ڪنهن ٻاهران روڪڻي ۽ نهرون بند ڪري ڇڏيون. ڪکر جاري ٿي ويا. سبز باغ ۽ ڪاراباغ هڪ ٿي ويا.

پچير: ڇا ٿيو؟

چيائون: ڏاڍيلن ڏي. سڀ کي اغوا ڪري ورتو آهي. پوليس وارن هيٺ ورديون پائي ڇڏيون آهن ۽ ڪامورا ڇتا ٿي پيا آهن.

پڇير: پر ٿوري دير اڳ ۽ هر شيءِ مرضيءَ مطابق هلي رهي هئي.

چيائون: هاڻي به هر شيءِ مرضيءَ مطابق هلي رهي آهي. پر مرضي ڏاڍيلن جي ٿي هلي.

پڇير: پر ڇو؟

چيائون: ڪافي خرابي ٿي ڏسجي.

پڇير: ڇا پر؟

چيائون: بجيٽ پر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مينهن وسارڙا مرڻا ناهن

هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ کان پڇيم: مينهن وسارڙو ڏٺو اٿئي؟
پڇيائين: اهو ڇا ٿيندو آهي؟
چيم: هڪ جيت ٿيندو آهي، جيڪو مينهوڳيءَ جي موسم ۾ نڪرندو آهي.
چيائين: ڪيڏو وڏو ٿيندو آهي؟
چيم: ننڍڙو ٿيندو آهي، پشم جهڙو نرم، خون جهڙو سرخ ۽ سنڌيءَ جهڙو مانائتو.
چيائين: ڪٿي ملندو آهي؟
چيم: ميدانن ۾، بيابانن ۾، رڻ پٽن ۾.
چيائين: ڪراچيءَ ۾؟
ڪيس جواب ڪونه ڏنم. ياد آيه اهي ڏينهن جڏهن مان سندس عمر جو هوندو هوس.

اسان جي گهر پرسان عيدگاه هوندو هو. وڏو، ڪشادو، اڪيلو، اهاٺڪو. چند ٻير جا وڻ، جن جون سگريون ميڙي کائيندا هناسين ۽ ڪونئر ٻڌي ڪتابن تي هڻندا هناسين. نمازين جي سهوليت لاءِ، سرن سان ٺهيل صفن جون قطارون، جن تي عيد جي ڏهاڙي، چوني جي پوچي ڪري ويندا هنا. ميدان جي چوڌاري پڪين سرن جي چار فوٽي ديوار. اها ديوار ٽپي اسان عيدگاه ۾ ست ڪٽ راند ڪندا هناسين، وڻن ۾ پينگهون ٻڌي لڏندا هناسين ۽ طوطا جهليندا هناسين.
اونهاري ۾ جڏهن بارش اوهيرا ڪري وسندي هني ۽ عيدگاه ڌوپجي صاف ٿي ويندو هو، تڏهن منجهانئس اسان کي ٻه شيون ملنديون هيون: ماٺهن يا فقيرن کان ڪريل ٽنگر پئسا پايون. ۽ نرم، ڳاڙها، موڳا مينهن وسارڙا. هڪ کيسي ۾ پئسا ۽ ٻئي ۾ مينهن وسارڙا جمع ڪري، ائين لڳندو هو ڄڻ دنيا جي دولت ملي وئي هجي. وڏي فخر سان کيسي ۾ هٿ وجهي، ڪٿي جو ٻاهر ڪڍندا هناسين ته آڱرين تي چنبڙيل مينهن وسارڙا ائين لڳندا هنا ڄڻ رت جا ٽيپا چمڪندا هجن.
اهي ڏينهن اهي شينهن. وقت بدلجي ويا. نه اهي ماڻهو رهيا، نه اهي حالتون رهيون ۽ نه وري اسان ئي اهي رهيا آهيون. عيدگاهه جي چوڌاري دوڪان ۽ هوٽل ٺهي ويا آهن. اها ديوار ئي نه رهي جيڪا ٽپي اندر وڃبو هو. رستي تي موٽرن ۽ ٽرڪن جو شور وڌي ويو آهي. اها خاموشي ۽ نويڪلائي خواب ٿي وئي، جنهن جي پاڇن ۾ ماضيءَ جون يادون پلبيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيسون، مسينهن وسارن کي ڏني ڏينهن ٿي ويا. تڏهن اوچتسو ڪراچي يونيورسٽيءَ جو هڪ واقعو ياد ٿو اچيم.
مان انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ تمام ٿورن ۽ چونڊ شاگردن کي داخلا ملندي هئي، ۽ انهن ۾ اڪثريت مٿين ءَ سوسائٽيءَ جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هوندي هئي. مون جهڙا مسسڪين کي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندا هنا ۽ سي به پنهنجن ڪامپليڪسن ۾ مبتلا، ڪاڻ ڪا ڪنڊ وٺيو، لڪيو پيا لڪندا هنا. وڏ گهراڻا ڇوڪرا، ڪاڏين تي چڙهي، اوچا ڪپڙا پهري، فيشني ڇورين سان هٿ هٿ ۾ ڏني وتندا هنا ملڪ ٻيليندا. ڪڏهن ناچ ته ڪڏهن ڳانو ته ڪڏهن پڪنڪ ته ڪڏهن پارٽي. هر وقت ٺهه ٺهه، ٺهه ٺهه. انگريزي ته سندن گهر جي غلام، پنسي ڏوڪڙ جي پرواه ڪونه. آزادي اهڙي جو ڪلم ڪلا هڪ ٻئي جي چيلهين ۾ هٿ وجهي، راڳن جي سامهون الوليون ڪندا وتن ته ڪو جهل پل وارو ڪونه. موڪلن ۾ اسان پارو ٻچهريءَ تائين ويو ته به لڪ ڪٽيائين. هو ڳالهيون ڪن سئيزرلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جون. اسان هڪ سوٽ ۾ ڇهه سال گذاري ڇڏيون، هو ڇهين ڏينهن نئون سوٽ سبايو بيٺا هجن.
اهڙي ماحول ۾ هڪ شاگرد تي نظر پيم جو سڀني کان مختلف، الڳ ٿلڳ ۽ جدا لڳم، نالو هوس سعيد. شام جو ڪٿي پرائيويٽ نوڪري ڪندو هو ۽ ڏينهن جو يونيورسٽي پڙهڻ ايندو هو. سياري اونهاري اهائي خاڪي پتلون ۽ پيلي رنگ جي ڏارين واري قميص. اڳتي هلي خبر پيم ته هفتي ۾ هڪ ڏينهن انهن ٻنهي لٽن کي پاڻ ڌوئندو آهي ۽ باقي ڏينهن استسري ڪري پائيندو آهي.
ڪلاس ۾ ڏاڍو گهٽ ڳالهائيندو هو. اول ته ساٿس ڪو شاگرد پيش ڪڏ ڪري ڳالهائيندو ئي ڪونه هو، پر جي ڪنهن ڪٿي ڪو سوال پڇيس به ته ان جو مختصر جواب ڏئي، بيزاري وچان منهن ڦيري ڇڏيندو هو. مون کيس هر وقت لکندي ڏٺو. ڪلاس ۾، ورانڊي ۾، لائبرريءَ ۾، مطلب ته جتي به هوندو، ويٺسو لکندو. پوءِ ڪنهن ٻڌايو ته بي حسد غريب آهي. ڪتابن خريدڻ جي طاقت ڪانهيس ان ڪري سمورا درسي ڪتاب لائبرريءَ مان اوڌر تي وٺي، پنهنجي هٿن سان نقل ڪري رکندو ويندو آهي.
مونکي ڏاڍو تعجب ٿيو. شيڪسپيئر جو هڪ ڊرامون ئي ڪاپي ڪرڻ لاءِ شينهن جو جگر گهرجي، هتي ته سوين اهڙا ڪتاب ڪهريل هنا، جي قدم قدم تي مطالعي لاءِ ضروري هنا. سعيد پنهنجي غربت سبب اهو پهاڙ جهڙو ڪم پنهنجي سسر تي وسسايو هو. اسسان پنهنجي تماشن ۾ پورا هوندا هناسين، هو پيو لکندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍيون چڱيون موچاريون ڇوڪريون گڏ پڙهنديون هيون، جن مان پوءِ وڃي ڪن ته فن ۽ شوبزنيس ۾ ڪافي نالو ڪمايو، ڪيترائي رومانوي داستان وجود ۾ آيا، ڪي شاديون ته ٿڏي تي ني ٿي ويون. ڪي تمديون به ٿيون، پر اسان واري همراه نه ڏينهن ڏٺو نه رات، لڳو رهيو پنهنجيءَ محنت ڪي.

پوءِ اوچتوني اوچتو هو غائب ٿي ويو. ڊپارٽمينٽ ۾ اچڻ ني ڇڏي ڏنائين. سچ پڇو ته اسان مان ڪنهن ڪي به هن جي ڪمي محسوس ني ڪر نه ٿي. بلڪ ڪيترن ڏينهن تائين ته ڪنهن ڪي خبر ني ڪرنه هني ته هو ڪو غير حاضر به رهڻ لڳو آهي. پلو ٿني هڪ بنگالي پٽيوالي جو جيڪو سندس پاڙي ۾ رهندو هو، جنهن اچي احوال ڪيو ته سعيد جي ماءُ گذاري وني آهي. ماني عرصي کان بيمار هني. ڊاڪٽرن آپريشن ڪرائڻ جي صلاح ڏنس. ڏوڪڙ ڪٿان اچن؟ پورو علاج نه ٿيڻ ڪري ويچاري ڪراڙي مري وني.
اها خبر ان ڏينهن پني، جنهن ڏينهن ڊپارٽمينٽ ۾ وڏو شغل رٿيل هو. چرچي ني چرچي ۾ ڇوڪرين کي ڪلاسي ڇوڪرن مان پنهنجي پنهنجي پسند جي نوجوان کي ور مالها پهرائني هني ۽ جواب ۾ هر هڪ "گهوٽ" کي پنهنجي "ڪنوار" جي ڪانءِ ڪا هڪ خواهش پوري ڪرني هني. مونکي پسند ڪرڻ واري "نازنين" جو وزن گهٽ ۾ گهٽ ٻه مڻ ته ضرور هو ۽ سندس خواهش هني ته مان ڪيس فرمانبردار انگريز شوهر جيان هنج ۾ کڻي سندس ڪمري تائين پهچايان. مون اهو عظيم ڪارنامو تقريبن اڌ پنڌ تائين ته بي حد خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنو، پر ان کان پوءِ الائي ڪهڙيءَ طرح هوءَ جيليءَ جي ڍير جيان منهنجي هٿن مان ترڪي وڃي فرش تي ڪري. زمين تي ڇا ڪري، ڄڻ هنداڻي جيان ڦسي پني. ڪل مان ذل ٿي وني. روڄ راڙو، هاءِ گهوڙا، پنڪو سنڪو شروع ٿي ويو. نازنين جا ٽيمتي هڏا ٽن چنن بيحد اهم جاين تان فريڪچر ٿي پيا. اهو حال ڏسي دل ۾ چيم ته: سنڌي، جيڪو ٻرڙهارٺو هيني سو هاريني، هاڻي ٻچ.

اهو سوچي، لڪندو پڇندو پني ويس جو بنگالي پٽيوالي سان ڏاڪڻين تي ٽڪر ٿي ويو. اتي، انهن حالتن ۾ هن مونکي سعيد جي ماءُ جي وفات جي خبر ٻڌائي. توهان سمجهي سگهون ٿا ته ان وٽ پڪڙ واري ماحول ۾ ويچاري سعيد جي ماءُ جو موت ڪهڙي اهميت رکندو هوندو. ڳالهه ٽهڪن هوڪرن، رڙين ۾ واڪن ۾ گم ٿي وني.

ان کان پوءِ جلدئي سرديءَ جي موڪل ٿي.
موٽي آياسين ته هر ڪو پنهنجي پنهنجي هاليڊيز متعلق ٻڌائڻ لڳو، هڪ تمام وڏي ڪارخانيدار جي ڌيءَ روم ۾ اولمپڪس ڏسڻ وئي هني. وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزي سان اتان جا قصا ٻڌائي رهي هئي، ۽ اسان سڀ ڏاڍي ڏيان سان ٻڌي رهيا هئاسين.
خبر ناهي سعيد ڪهڙي وقت اتي آيو ۽ ڪيترو وقت روم جي رنگينين متعلق ٻڌندو رهيو هو. اسان کي خبر تڏهن پئي جڏهن هن جي اوچتي گرجدار رڙ گونجي اٿي: بند ڪر اها بڪواس.
اسان سڀ وائڙا ٿي وياسين.
هو اڳتي وڌيو. پينٽ جي کيسي مان پنهنجو لرزندڙ هٿ ٻاهر ڪيندي چيائين: توکي خبر آهي، مون ننڍي ڄمار کان ڪيڏي پيار سان پنهنجي کيسي ۾ مينهن وسارا لڪائي رکيا هئا؟
اسان هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳاسين.
هو چوندو رهيو: ڪاڏي ويا اهي سڀ جا سڀ؟
اسان چپ، جهڙي پٽ.
هن چيو: تو انهن جي جاءِ تي منهنجي کيسي ۾ شيشي جا ٽڪر وجهي ڇڏيا آهن. هيءُ ڏس. هي ڏس، منهنجون آڱريون زخمي ٿي پيون آهن. هيءُ ڏس، انهن مان خون ٿو وهي. هيءُ ڏس.
اسان سندس ڏڪندڙ هٿ ڏانهن ڏٺو. سندس آڱرين تي ڪو به خون لڳل ڪونه هو.
چيائين: مان اهي سمورا شيشا تنهنجي دامن ۾ وجهي ڇڏيندس. توکي لهو لهان ڪري ڇڏيندس.
اينءَ چئي هو حملو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو.
اسان کيس پڪڙي، دسي، قابوءَ ۾ آندو ته سهي، پر پوءِ به هو چيخندو رهيو. ڊاڪٽرن کيس نفسياتي مريض ڄاڻايو. ان کان پوءِ کيڏانهن ويو، ڪا خبر ناهي.
مان تعليم پوري ڪري نوڪريءَ ۾ گهڙيس.
مارشلائون ته پڙهائي دوران ئي لڳڻ شروع ٿي ويون هيون. جمهوريت، بنيادي حق، عدل ۽ انصاف، شرافت ۽ اخلاق جا تختا ٿي ويا. زورآور، دادا گير غنڊو، بي غيرت ۽ خوشامدي، مڃ مروٽي گهمڻ لڳو. شريف، غيرتمند، ايماندار ۽ مخلص ڪنڌ جهڪائي هڪ ڪنڊ ۾ پاسيرو ٿي ويهي رهيو. ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا، جيڏانهن ڪوڙ، اتي کپي. ملڪ جو سرمايه دار، جاگيردار ۽ وڏيرو، ويڪائو مال. ڪڏهن هيءَ پارٽي ته ڪڏهن هوءَ پارٽي. جيڪو پارو ڳرو، سو ابو. نه شرم، نه حياءُ.
پر مٿ پنسي ڏوڪڙ ۽ پلاٽ جي پٺيان لور لور ڪندو وتي. غريب ۽ بي ڀهچ کي ڪير پڇي؟ اول ته تعليم نه ملي. جي تعليم ڪٿي هٿي ماري، پني سني پراڻي به، ته نوڪري ڪونه ملي. جي پيسن جا پلاند، آزيون نيزاريون ڪري، ڏوڪڙ پنسو ڏئي، ڪانوڪري وٺي به وجهن ته پروموشن ڪونه ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٺي جڳھہ تي پوسٽنگ نہ ملي. لاھور ۽ اسلام آباد جون نوڪريون نصيبن ۾ الڳ.

وچ ۾ جمھوريت جي ھلڪي جھلڪ ڏسڻ لاءِ ملي. عام ماڻھو کي ساھ پيٽ ۾ پيو مس تہ ٻيھر اونده انڌو ڪار جي ھڪ ڏکھي ڪاري رات شروع ٿي وئي. ماڻھن جا حق ٻيھر غضب، اقربا پروريءَ جي بازار گرم، سفارش ۽ رشوورت جي ٻلي ٻلي. اسان پارا، غريب وري ڪتي جي وات ۾. ڪچيو ناھي، ڪنو ناھي. ساڳيا لاٽون ساڳيا چڱھ. وچون تہ وچون ڪيڏانھن؟ نہ رات ڪٽي نہ جان ڇٽي. خاڪي وردي‌ءَ جا سڀ گناھ معاف، اجرڪ ۽ ٽوپي وارو آزار ۾. ولائتي چپ، سنڌ ۾ بلبل. اسان اتي ني بيٺا واجھايون، نالائق نوازجيو پيا نواز جن. ٻہ ٻہ ٽي ٽي، چار چار ترقيون وٺيو ماڻھو انين اڪتي اڏامندا وڃن، جڻ پر لڳي ويا ھجنن.

پر پوءِ ھو جو چوندا آھن تہ ھر ڪمال کي زوال آھي، آمر جا ڏينھن بہ پورا ٿيا. رات ڏکھي برابر ھني، آخرڪار رھامي ني وئي. جمھوريت جو سورج ٻيھر چمڪي اٿيو. خوشي وچان جنسي چريا ٿي پياسين. اھا ڪھڙي کھٽي، ڪھڙو چوڪ، ڪھڙو محلو ھو جتي خوشيءَ وچان ڇيچ نہ وڌاسين؟ جھمر نہ پاتي سين؟ جھومي جھومي نہ ڳايو سين؟
آخر تہ جيت اسان جي ٿي ھني.
عوام جي، ڏتڙيل کھائل ستايل عام ماڻھوءَ جنگ جيتي ھني. ھٿين خالي. بندوقن، سنگينن، نيزن ۽ ڀالن کان. ۽ تڏھن مون خوشيءَ وچان پنھنجي کيسي ۾ ھٿ وجھي ننڍي پڻ ڪاڻ سانديل، آسن، اميدن ۽ امنگن جا مينھن وساڙا ڪيڻ چاھيا. پر آڱرين ۾ چڀيم ڀڳل شيشي جون تکيون، نوڪدار، ڪرچيون!
ويڪانو وڏيرا، زور آور زميندار، بيشرم سرمايہ دار، دادا گير، غنڊا ۽ خوشامندي ڪوڏڙا مون کان اڳ، وفادارين جا فرضي سيپارا مٿي تي کڻي، ھميشہ جيان منھنجي ني حقن تي ڏاڙو ھڻي، شاھ کان وڌ شاھ جا وفادار بنيا، منزل ماڻي رھيا ھنا.
۽ مان پنھنجي زخمي آڱرين مان ٽمندڙ خون جي ٽيپن کي ڏسي سوچيان ٿو:
خوابن جون خون ازيتناڪ ضرور آھي،
پر رت ڦڙن مان جنم وٺندڙ مينھن وساڙا
ٻيھر ھرگز مرڻا ناھن.
ٻيھر ھرگز مرڻا ناھن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيل جي ڊائري

ڪجهہ ڏهاڙا اڳ شيخ اياز فون تي چيو: بدر ابڙي جي جيل جي ڊائري ڇپجي آئي آهي. مونکي بہ اڃ ني ملي آهي. ضرور پڙهجانءِ. مون ان جو مهاڳ لکيو آهي، اهو خاص طور سان پڙهجانءِ.

چئني پاسي ماڻهو ڊوڙايہ، پر ڪتاب نہ مليو.

هفتي کن کان پوءِ بدر خود مونسان ملڻ آيو. چيومانس: ڪتاب گهرجي.

کلي چيائين: مونکي پڻ هڪ ڪاپي ملي هئي، جيڪا بابا کي ڏئي ڇڏي اٿم.

پڇيم: ڪٿان ملندو؟

وري ساڳي مرڪ: خبر هجيم ها تہ پنهنجي لاءِ نہ وٺان ها؟

بدر جي شخصيت جون بہ ٽي شيون مونکي هميشه پاڻ ڏانهن ڇڪينديون آهن. هن جي وجود کي وڌيڪ اهم بنائينديون آهن. مون جهڙي ڇهہ فوٽي ماڻهوءَ کي ڄامڙو ثابت ڪندڙ انهن خصوصيتن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ سندس مرڪ آهي. نہ ٺهڪ ڏئي زور سان کلندو آهي، نہ وري گهنڊ وجهي ماٺ ڪري نهاريندو آهي. قدرتي طور سند چپ هڪ خاص وٺندڙ شڪل اختيار ڪري ويندا آهن، جن مان هڪ خوبصورت، دلڪش، موهيندڙ مرڪ جنم وٺندي آهي. ان مرڪ ۾ ٿڌي ۽ مٺي پنهنجائپ اينئن تہ ڦهليل هوندي آهي، جيئن گل ۾ خوشبو. اها مرڪ مونکي ڏاڍي ڄاتل سڃاتل لڳندي آهي. ايتريقدر جو جڏهن ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هوم تہ لڳو هو تہ هن مرڪ سان تہ منهنجي صدين جي شناسائي آهي، ڪو ايڏو ويجهو ناتو آهي، جو ڀانيان ٿو ڪڏهن دور ٿيوئي ناهي دل کان.

بدر جي ٻي خوبي سندس خاموشي آهي. ايڏي گهري ۽ گهاٽي خاموشي جا ڪنهن بہ نوجوان کي مهڻو ٿي لڳي، پر بدر جي چهري تي ڏاڍي ٺهندي آهي اها سنجيده چپ چاپ. اهڙي خاموشي جيڪا Intimidating آهي. جيڪا زور آور آهي. جيڪا فاتح آهي. جيڪا جوڳيءَ کي ورهين جي تپسيا کان پوءِ نصيب ٿيندي آهي. هو چپ رهندو آهي، پر سندس ذهن ڳالهائيندو آهي. سندس خاموش Communication ايڏي تہ اثرائتي ۽ مڃائيندڙ آهي، جو لفظن جي محتاجيءَ کان بلڪل آجي ۽ افضل آهي. اها خوبي مون تمام ٿورن انسانن ۾ ڏٺي آهي.

بدر جي ٽين خوبي سندس گهري مطالعي ۽ مشاهدي تي ٻڌل سندس اٿاهہ معلومات جو ڀنڊار آهي. هن تمام گهڻو پڙهيو آهي، بي انتها سوچيو آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻ ميسو مشاهدو ڪيو آهي. صرف علم ۽ ادب ئي نه، بلڪ آرٽ، مهر جوئي، نظم ۽ نثر، تنقيد نگاري، صحافت، تحقيق، سياحت ۽ هيو الائي ڇاڇا. مون پارن سطحي لڪاڙين آڏو هو هڪ بي حد مضبوط ، اوچي ۽ اڏول پهاڙ جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي جيل جي سختين، مارشل لا جي عذابن ۽ حاڪمن جي ڏاڍاين وڌيڪ نکاري ڇڏيو آهي.

چيومانس: ڪتان ملندو به سهي تنهنجو ڪتاب؟

چيائين: مونکي ته نٿو لڳي.

هليو ويو.

هميشه اينئن ڪندو آهي. اوچتو ئي اوچتو ڪٿان ماٺ ميٺ ۾ اچي پرگهٽ ٿيندو آهي، ۽ پوءِ اهڙيءَ ئي خاموشيءَ سان اوچتوئي اوچتو اٿي هليو ويندو آهي.

خير، هو جو چوندا آهن ته بلا جي وڃجي منهن ۾، سو ڪتاب وڃي ورتم پبلشر کان. ڪتاب مليم ته هڪ ئي ڪِيت ۾ پڙهي ڇڏيم. اينئن لڳم ڄڻ ارنداهي آسمان ۾ تارن جا جهرمٽ ڪڙندا ٿا وڃن. ڄڻ صبح جي سوجهري ۾ سرها گل ٽڙندا ٿا وڃن. سچ ته بدر سان پهرين تفصيلي ملاقات "جيل جي ڊائري" ۾ ٿيم. سندس سوچ جي جهلڪ، سندس شخصيت جو پاڇولو، سندس عظمت جو پڙلاءُ، سندس دانش جو جادو ان مختصر تخليق منجهان ڄڻ ڇلڪي پيو.

جام ساقي پراڻو دوست آهي. اسان سڀ سندس خلوص، سادگي ۽ سچائيءَ جا مداح آهيون. بي حد پيارو انسان آهي. پر بدر جي اکين سان ڪيس ڏسڻ بعد ائين لڳو ڄڻ اسان سڀني زندگي جام سان نا انصافي ڪندا رهيا آهيون. گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته پنهنجي پاڻ تي ڏاڍي شرمندگي ٿي. اکين ۾ وهارڻ جهڙي هن بيباڪ انسان کي اسان سندس حق ته ڇا، تر جيترو به مان نه ڏنو آهي. سنڌ ۾ سورهين جي ڪوٽ ته ڪانهي، پر جام جهڙو سپتيو پٽ ورلي ڪا ماءُ ڄڻيندي. بيهر ملندو ته سندس پير ۾ ويهي، سندس سچائيءَ جي سگنڌ جو واس وٺندس ۽ چوندس: جام، پورهيت عوام جو سمورو ڏک ۽ غم، مظلوم سنڌي عوام ڏانهن موڙي ڇو نٿو ڇڏين؟ منهنجي ڏکويل مارونڙن کي تنهنجي ڏاهپ ۽ خلوص جي ضرورت آهي. جنهن ڌرتيءَ جنم ڏنو اٿسني، ان جو حق تو تي وڌيڪ آهي. اڄ سنڌڙي ماءُ واڳن جي وات ۾ آهي، ان کي تو جهڙن ڌودن ۽ جوڌن جي گهرج آهي. مارشل لا جا ڪات ڪند ڪرڻ وارا وير، تنهنجي هڪل ۽ هلن سان هي ڪوڙا ڪانئر، جامڙا، سڌڙيا، غاصب ۽ غدار، جن سچ تي سير وهائي آهي، محبتن کي نفرتن ۾ توريو آهي، سي سڀ ميدان ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا. تون هڪ ڏهمر، صرف هڪ ڏهاڙو جيجل جو جيءَ جيارڻ ٿي ته ڏس.

سهيل سانگي، جبار خٽڪ، رفيق صفي، پرويز علي شاهه ۽ ڪيتراڻي ٻيا سڄڻ، جن سان سندن ذاتي يا ادبي حيثيت ۾ نياز مندي آهي، تن کي بدر جيترو جاڳندو اسان جي سامهون ٻيهر ٿاهي جوڙي ايتن آڻي بيهاريو آهي، جڻ يوناني ڏند ڪٿا جا امر سورما هجن. هنن تي وهيل سور ۽ سختيون، ڏاڍ ۽ ڏمر، زور ۽ زبردستيءَ جو اکين ڏٺو احوال پڙهي، سندن پير چمڻ تي دل ٿي ٿئي. هنن سرويچن جون خوبيون، جي اسان جي اڻ جاڻ اکين کان اوجهل هيون، سي بدر جي عقابي اکين کان لڪي نه سگهيون آهن. اهي چمڪندڙ، دمڪندڙ هيرا، جن کي اسان پهڻ سمجهي ڌڪاري، وساري ڇڏيو آهي، سي هڪ قلم ڪار ۽ چترڪار جي ڇهاءَ سان پوري آب ۽ تاب سان، پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ ٻيهر جي اٿيا آهن. مان انهن پيارن کي ٻه سندن قربانين جو واسطو ڏئي، هٿ ٻڌي عرض ڪندس ته: پيارا، توهان جا سياسي نظريا ڪٿي ڪهڙا ٻه هجن، وجود جي جنگ ۾ اسان کي توهان جي ساٿ جي ضرورت آهي. قرب ڪيو، پنهنجون صلاحيتون، قربانيون ۽ بهادريون پنهنجيءَ جيجل ماءُ کي ٻه ڏيو. هوءَ اهاڻڪي آهي، اهالي آهي، اڪيلي آهي. ڦوڳ، سندس سونهن، ست ۽ ساهه جو سودو ڪرڻ لاءِ آتا آهن. اچو، پنهنجو فرض پورو ڪيو ۽ ٿڃ جو قرض لاهيو.

اياز سچ چيو آهي ته جيڪڏهن ڪيس بدر جهڙو پٽ هجي ها، ته هو جيڪر لکڻ جي ضرورت محسوس نه ڪري ها.
اڄ مون پنهنجي اڪيلي پٽ سرمد کي ٻه اهي ئي لفظ چيا آهن.
جيڪڏهن مون هڪ سٽ، بدر جهڙي لکي ته منهنجي روح کي قرار اچي ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوابن جي ليليٰ

تنهنجو نالو؟
ڪتيجان.
ڪتيجان ليليٰ ٿيندينءَ؟
لالو تہ منهنجي مڙس جو نالو آهي.
تہ تون شادي شدهہ بہ آهين؟
ها.
پر مان تہ هڪ اهڙيءَ عورت جي تلاش ۾ آهيان جا سماج جي ٺڪرايل هجي. ڏکي، ڏکي، ستايل ۽ گهائل هجي. جنهن جو هن دنيا ۾ ڪوبہ نہ هجي. جنهنکي سهاري جي ضرورت هجي.
پر مونکي تہ سهاري جي ضرورت ناهي.
مڙس جو پيار اٿني ؟
ها، مونکي تمام گهڻو چاهيندڙ آهي.
اها ڳالهہ تہ خراب ٿي. قاعدي موجب تنهنجي مڙس کي توتي ظلم ڪرڻ گهرجي ها. ٺرو پيندو آهي؟
نہ.
رات جو گهر دير سان ايندو آهي؟
نہ.
ننڊ ۾ وڙلندو آهي؟
نہ.
گونگهرا هڻندو آهي؟
نہ.
مارڪٽ ڪندو اٿني؟
نہ
اهو تہ ويتر خراب ٿيو. معلوم ٿو ٿئي تہ توکي دنيا ۾ ڪو بہ ڏک ڪونهي .
ڏک ڇا جو؟
اها ئي تہ مصيبت آهي تہ توکي ڪوئي غم ناهي.
منهنجي ليليٰ کي ڏک ئي ڏک سهڻا آهن دنيا ۾. محبت ۾ ناڪامي، هيرو جي بي وفائي، پيءُ جي مارڪٽ، پاڙي وارن جا طعنا تنڪا، بدنامي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برباديءَ. ڪوني شادي لاءِ تيار ناهي. آخر ڪار هڪ پوڪ سان شادي ٿني ٿي. پر هو جلد ئي ڇڏي ڀڄي ويجي ٿو. جيڪڏهن ڀڄي نٿو وڃي ته پڪ ئي پڪ شرابي آهي، جواري آهي، لچو آهي، لفنگو آهي. روز رات جو ٻي اچي ٿو. گهر جا ٿڙ ڀڄي ٿو. ليلي کي چوٽيءَ کان وٺي ماري ٿو، کهلي ٿو ۽ ڪوڙ گهمسان مچائي ٿو.
ليليٰ؟
ها، ٽئين دور جي ليلي. منهنجي ليلي. يعني تون.
پر مون چيو ته منهنجو نالو ليليٰ ناهي. منهنجي مڙس جو نالو لالو آهي.
کيس لالا موسا موڪلي ڇڏ. تون منهنجي ليليٰ ٿيءُ. مان تنهنجي سانوري سلوڻي ڇهري تي ڇانيل مونا ليزا جهڙي مرڪ تي ڇاليهن بندن وارو قصيدو لکڻ ٿو چاهيان. مان تونتي موهت ٿي پنهنجي دل جو داءُ لڳائڻ ٿو چاهيان. منهنجا گيت تنهنجي تن جي خوشبو ٿي پاڙي اوڙي ۾ ڦهلجي ويندا.
هي توهين ڇا پيا چئو؟.
مان هن ڌرتيءَ جو بدنصيب انسان آهيان. ليليٰ، مان شاعر آهيان. منهنجي شاعريءَ ۾ تو جهڙي حسين نازنين جو ذڪر هنڻ گهرجي. تنهنجي ساهن جو سڳنڌ ۽ تنهنجي آواز جو مٺاڻ هجي.
مٺاڻ؟
ها، کنڊ مهانگي آهي. ماڻهو روز منهنجي هڪ شعر جو هڪ بند چانهه جي ڪوپ ۾ وجهي پيئندا ته کين بچت به ٿيندي ۽ ملڪ کي مدد به ملندي.
توهان شاعر آهيو؟
ها ليليٰ، مان شاعر يعني ڪوي آهيان. ڏينهن جو ٽاور تي پڪوڙا وڪڻندو آهيان ۽ شام جو پارٽ ٽائيم شاعري ڪندو آهيان. منهنجا گيت گهر گهر گونجندا آهن ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي ڪنن ۾ آڱريون ڏئي سمهاري ڇڏينديون آهن، منهنجي زندگي ڪنبڻ جي سيج ٿي پئي آهي ليليٰ، مونکي تنهنجي سهاري جي ضرورت آهي. تنهنجي ساٿ سان منهنجي گيتن ۾ گهراڻ پيدا ٿيندو ۽ منهنجون وايون واڄٽ وڄائي ڇڏينديون. تون منهنجي شاعريءَ جو معراج آهين ليليٰ.
مان ليلي ناهيان. مان لالوءَ جي زال آهيان.
نه، تون ليليٰ آهين. ڪوڙ ڳالهائي پنهنجي خوبصورت چيڙن تي ظلم نه ڪر.تون جنم جنم ۾ مونسان هن ڌرتيءَ تي ايندي آهين ۽ پوءِ وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڙي ويندي آهين ۽ مان ڪڏهن شاعر ۽ ڪڏهن پڪوڙاني بنجي ويندو آهيان. تون منهنجي آهين ليليٰ، تون منهنجي آهين.

مونکي تہ ڪجهہ بہ ياد ناهي.

ياد ڪر، ڪجهہ ياد ڪر. منهنجا شعر پڙهہ، منهنجا غزل ٻڌ. منهنجون چڙواڳ نظمون پڙهہ، ۽ پوءِ ڏس تہ انهن ۾ تنهنجوئي تذڪرو هوندو.

مان پڙهيل ناهيان.

ماري وڌءِ. ساڙي وڌءِ پڙهيل بہ ناهين، تہ پوءِ ڪير منهنجون تخليقون ٻڌندو ۽ گنگنائيندو، ۽ مون کي ۽ منهنجي آرٽ کي لازوال ڪري ڇڏيندو؟

آرٽ؟

ها چري مان آرٽسٽ آهيان. شاعري بہ تہ آرٽ آهي.

مان ڇا ڄاڻان انهن ڳالهين مان؟

ليليٰ مونکي نااميد نہ ڪر. مايوسيون منهنجو مقدر تہ بناءِ. ڪجهہ سوچ. ڪجهہ سمجهہ. ڪو رستو ڳولي ڪڍ.

پر توهين آخر منهنجي پٺيان ڇو پيا آهيو؟

پٺيان ڇوپيو آهيان؟ اڙي چري پڙهيل هجين ها تہ سڀڪجهہ سمجهي وڃين ها تہ شاعريءَ جو روح ڇا آهي. ۽ اهو بہ سمجهي وڃين ها تہ هڪ شاعر لاءِ مظلوم هجڻ ڪيترو نہ ضروري آهي. ۽ اهو بہ تہ هر شاعر لاءِ هڪ ليليٰ جو هجڻ تمام ضروري آهي. مان شاعر آهيان هن ملڪ جو وڏو حصو منهنجي نالي کان واقف آهي. ماڻهو مونکي حضرت تيز چمچا چري، جي نالي سان ياد ڪندا آهن ۽ صبح جو ڊبل روٽي منهنجي نالي سان کٽي کائيندا آهن. مونکي پنهنجي گيتن جي گرمي قائم رکڻ لاءِ هڪ گرم مزاج ليليٰ جي گهرج آهي.

توهان شادي ڇونہ ڪريو؟

ڪئي اٿم، پر هوءَ مونکي بنهہ نہ وڻندي آهي. ڇو جو اها فلم منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌي وئي آهي. ڪيس منهنجي صرف تصوير ڏيکاري وئي هئي، منهنجو شعر نہ ٻڌايو ويو هو. ورنہ هوءَ ضرور خود ڪشي ڪري ڇڏي ها، ۽ مان هن مصيبت مان آزاد ٿي وڃان ها، ناداني‌ءَ ۾ ها ڪري ويٺي ۽ مان پنهنجو پڪوڙن جو ٿالهہ ٽور تي ڇڏي پهرينءَ بس ۾ وڃي نڪاح پڙهائي آيس.

مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.

اچي ويندءِ سمجهہ ۾. ڪجهہ ڏينهن دل تي پٿر رکي منهنجو ڪلام ٻڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس ڏه ڏه ڳوڙها نه روئين ته مون کي چنجاڻ. سڀڪجهه سمجهه ۾ اچي رهيو آهي. ڏهين نمبر بس ۾ چاڙهي سوسائٽيءَ جو سير ڪرائيندو ماڻ.
گانڌي گارڊن ۾ ڀولڙا ڏيکاريندو ماڻ.
سو ته هاڻي به ڏسان پئي.
ڇا مطلب؟ تصور کان گهڻو ڪم نه وٺ. حقيقت جي پاتال ۾ پيهي ڏس.
منهنجو مڙس ڏسي وٺي ته.
مان مٽس قطعو لکي سندس سر وڃائي ڇڏيندس، تون بيفڪر رهه. پوءِ به نه مڙيو ته مٽس مرثيو لکي سندس زندگي زهر ڪري ڇڏيندس.
مان بيوه ٿي ويندس.
شهر جون اڌ کان وڌيڪ بيواهيون منهنجي ڪلام جو شڪار اٿني. بيهه ته انهن مان هڪ شاهڪار ڪلام ٻڌايانءِ.
نه نه خدارا رحم ڪيو.منهنجي حال تي رحم ڪيو.
رحم؟ ڇا جو رحم؟ مان ظالم سماج کي ا گ ۾ ني گهاني چڪو آهيان.
مان ريتين رسمن جو به خون ڪندس.
خون؟ نه بابا نه مونکي ڊپ ٿو ٿئي. ڪٿي پوليس نه ٻڌي وٺي.
پوليس جي پرواهه ناهي. منهنجي هنن تي اکئي نه ٻڌندي آهي.
تون ته خطرناڪ ٿو معلوم ٿين.
نه ليلٰي نه مان خطرناڪ ناهيان مونکان ڪو به خوف نه ڪر. منهنجي ويڳاڻي من کي آشا جو آٿت ڏي. منهنجي گيتن کي درد ڏي.
مان صرف بهاري ڏني سگهندي آهيان. هاڻي مونکي دير ٿي ٿئي جمعدار رپورٽ ڪري ڇڏيندو انسپيڪٽر کي. جلدي ڪر آني جا مرچاني پڪوڙا ۽ چٽني ڏار ٻڌي ڏي.
هوءَ پڪوڙا وٺي، ٻهارو کڻي ڊيل جيان ٽلندي گهٽيءَ ۾ گم ٿي وئي ۽ مان سوچيان ٿو، مان ليلٰي کان سواءِ شاعر ڪيئن ٿي سگهندس؟
ضرورت آهي هڪ عدد ليلٰي جي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان تہ چريا آهيون

مان ننڍي هوندين کان ئي ڪجھہ موڳو ۽ بيوقوف آهيان. اول تہ مون کي ڪابہ ڳالھہ سمجھہ ۾ ايندي ئي ڪانهي، پر جي آئي تہ بہ نہ جهڙي. ماڻهو مٿو هڻي هڻي ٿڪجي پوندا، پر مون لاءِ اهي ئي ٽَٽي ٽنگون ٽي. اهوئي سبب آهي جو ماڻهن مون تي عجيب غريب نالا رکيا آهن. ڪي سڏيندا "ڪُند"، ٻيا چوندا "اٺ"، ٽيان "ٻوڪ"، چوٿان "چَرِيٽ". مطلب تہ جيترا وات اوترا لقب. پر جيڪي سڀ کان پراڻا نالا مون تي رکيا ويا، تن مان پهريون هو "مٽر"، جيڪو اڄا تائين هليو اچي. منهنجو مامون مرحيات مونکي "پتل" سڏيندو هو. مامون مونکي ڏاڍو وڻندو هو، پر "پتل" کان مونکي چڙ هئي، ان ڪري منهنجا ۽ مامي جا تعلقات سندس مرڻ گهڙيءَ تائين سڌري نہ سگهيا.

بابي جو خيال هو تہ مونکي گڏھہ جو ميڄالو پيل آهي. ان جي برخلاف امان جي راءِ ۾ مونکي مڪڙجو مغز عطا ٿيل آهي. اها نااتفاقي اسان جي گهر ۾ تمام وڏي فساد جو ڪارڻ بڻي. اڪثر جهيڙا جهڳڙا ٿيندا رهندا هئا. ٿانو ڀڄندا هئا، سرونا ڪڇندا هئا ۽ آخر ۾ معاملو وڃي اسپتالن تائين پهچندو هو. جڏهن هني ڌريون تازه دم ٿي موٽنديون هيون، تڏهن وري نئين مهاڀاري لڙائيءَ جي تياري ٿيندي هئي ۽ هر مهاڀاري لڙائيءَ جو ڪارڻ هيءُ حقير فقير، بندهءِ پر تقصير هوندو هو.

اڄ بہ منهنجا پراڻا يار مونکي "واڇان" ۽ "وانڙي مڪڻ" جي نالي سان سڃاڻندا آهن. اها تہ هنن جي مهرباني چئجي جو ياد تہ ڪن ٿا، ورنہ اڄوڪي دور ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو وزير يا مشير ناهي تہ ڪو پڇڻ وارو ئي ڪونهيس. ڀل تہ ڪٿي گاڏا ڪتابن جا پڙهيل ڇو نہ هجنس. ماڻهو هجي تہ وزير، نہ تہ مشير، باقي سڀ ڪوڙ، ۽ ڪوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ.

مان تہ "مٽر" جو "مٽر" ئي آهيان، پر سياڻا ٿا چون تہ وزير ۽ مشير ٿيڻ لاءِ پڙهيل لکيل هئڻ بہ ضروري ناهي. ڪي انهن کان بہ وڌيڪ سياڻا چون ٿا تہ وڏي آفيسر ٿيڻ لاءِ بہ پڙهيل لکيل هئڻ بہ ضروري ناهي. والله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعلم بالصواب. ڪهڙي خبر؟ مان ته موکو مٺ آهيان. متان سياڻن جي ڳالھ سمجهي نه سگهيو هجان. اسان جو وڏي ۾ وڏو يار ته آهي صاحب مون واري جو ڊرائيور ڳدو ۽ ٻئي نمبر تي شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار.

ڳدوءَ جو چوڻ آهي ته مان ننڍي هوندي ماءُ پيءُ جو مڇو هوندو هوس. شاديءَ کان پوءِ زال جو مڇو ٿيس. نوڪريءَ ۾ اچڻ شرط صاحب مون واري جو مڇو ٿيس. ٻار ڄاوا ته ٻارن جو مڇو بڻيس. ۽ هاڻي جڏهن کان جمهوريت آئي آهي، تڏهن کان آئي وڻي جو مڇو ٿي پيو آهيان. ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي، متان ڪو اوچتو ئي اوچتو وزير ٿي پوي، يا مشير ٿي پوي، يا وري وڏو صاحب ٿي پوي.

هڪ ڏينهن ڳدوءَ کي چيم: يار ڳدو، مونکي ته ڪي ڳالهيون بنهه سمجھ ۾ نه ٿيون اچن.
چيائين: ڪهڙيون؟
چيم: هڪ هجي ته ٻڌايانءِ.
چيائين: پوءِ ٻه.
چيم: چون ٿا ته حيدرآباد ۾ جيڪي ٻه فساد ٿيا آهن، سي سڀ جا سڀ سنڌين ڪرايا آهن. غير سنڌين جي خلاف سازشون ٿي رهيون آهن. سندن زندگي خطري ۾ آهي.
چيائين: اردو اخبارون ته ائين ٿيون چون.
چيم: پر جهيڙي ۾ مرن سڀ سنڌي ٿا. گهر ٻه سنڌين جا ٿا سڙن. اها ڪهڙي ماجرا آهي ڳدو؟
چيائين: رب پاڪ کي خبر مٺ. پاڻ ته چريا آهيون.
چيم: چون ٿا ته سنڌ ۾ سنڌين جي حڪومت آهي.
چيائين: چون ته ائين ئي ٿا.
چيم: پر اڄ تائين سنڌين سان عذر خواهي ڪرڻ ته ڪو آيو ئي ناهي. خونين ۽ فسادين جي دلجي ته هر ڪو بيٺو آهي. ائين ڇو آهي ڳدو؟
چيائين: تون ئي ٻڌاءِ مٺ.
چيم: ٻڌون ٿا ته هر روز ڪنهن نه ڪنهن ضياالحق پرست تي حملو ٿو ٿئي. ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ مان لشڪر ٿو چڙهائي ڪري اچي، ڪڏهن ڇت تي ڊاڙيل ٿا چڙهي اچن، ڪڏهن موٽر کي ٽينڪر ٿو ٽڪر هڻي. ڪڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خنجر سان ماڻهو ٿو گرفتار ٿئي.
چيائين: ھڏو تہ مون بہ آھي.
چيم: پر پوءِ اھي خوني گھر سر ٽوپي پائي الائي ڪيڏانھن الوپ ٿي ٿا وڃن.
چيائين: سنڌين ۾ اھائي تہ خرابي آھي مٺڙ، الوپ ٿي ويندا آھن.
چيم: ڪدو.
چيائين: جيءُ مٺڙ.
چيم: تازو ريل جو حادثو ٿيو.
چيائين: ھائو.
چيم: ويچارن ڳوٺاڻن جا وڙ تہ ڏس. نہ ڏٺائون سيءُ، نہ پارو، نڪري پيا مدد تي. ھنڌ بسترا، ڪپڙا لٽا، ڪاڏو خوراڪ، مطلب تہ جيڪو جنھن ڪان پڳو، سو ان ڪيو.
چيائين: سچو آھين ادا.
چيم: پوءِ بہ ڏوھ اھو ڏنائون تہ زخمين ۽ مئلن جو زر زيور لٽي ويا.
چيائين: اخبار ۾ بہ اھا خبر آئي ھئي.
چيم: جن اسان جو گھر گھاٽ لٽي، اسان کي ٽوٽو ڪري بيھاريو، ڏينھن ڏٺي جو ڌاڙا ھنيا، مال متاع ڦٻايو، انھن کي ڇا چنبو ڪدو؟
چيائين: ذات پاڪ ڄاڻي. منھنجو نہ مٺو ڪچو آھي مٺڙ.
چيم: مون کي ھڪ ٻي ڳالھ بہ سمجھ ۾ نٿي اچي.
چيائين: اھا وري ڪھڙي؟
چيم: اھا ھيءَ تہ خود اسان جا پنھنجا ماڻھو، اصل ست پيڙھيائتا خاندان، اشراف، بنيادي تونگر، رئيس، تيسي ۾ اچي ڌارين جو پاسو وٺي بيٺا آھن.
چيائين: اھو بہ ھڏو اٿم.
چيم: سچ ھڏو اٿئي ڪدو. ڪٿ ھارائن تہ راند جو ڪم آھي. جي ھارانجي تہ مڙس ماڻھو ٿي ھارانجي. روئنجي تہ نہ. پنھنجي کي ڇڏي، ٽري ۽ پاجامي جي پوپان تہ نہ لڳجي نہ؟ جنھن محفل ۾ پنھنجي ڳالھ ھلي، ان ۾ ويھڻ بہ گناھ. پوءِ الائي ڪھڙي منھن سان ويھي ٿا مجلسون ڪن دشمن سان. مري بہ تہ موٽي ساڳيءَ مٽيءَ ۾ اچڻو آھي نہ ڪدو؟
چيائين: ھائو ابا.
چيم: مون کي اھا بہ ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانين: پهريان خط واري ڳالهه سمجهه ۾ آئي اٿئي؟
چيمر: ڪهڙو خط؟
چيانين: اهو جيڪو حيدرآباد جي ڪنهن آفيسر لکيو هو.
چيمر: عشق جو خط هو ڇا؟
چيانين: نه ڙي مٺر نه، اِن خط جو فوٽو به اخبارن ۾ ڇپيو هو. وڏا ڌاٽ ڌاڙيا ها ان خط.
چيمر: پوءِ ڇا ٿيو گدو؟
چيانين: خط گم، خط وارو آزاد.
چيمر: انين ته مون جهڙو موڳو به نه ڪري.
چيانين: موڳو آهين تڏهن ته خط نٿو لکي سگهين.
چيمر: خط لکيو هوم هڪڙي ڇوڪري. هڪڙيءَ ڇوڪريءَ کي.
چيانين: پوءِ؟
چيمر: خط ڇوڪريءَ جي بجاءِ وڃي سندس ماءُ کي مليو.
چيانين: تبي باهه ٿي وئي هوندي.
چيمر: نه. ڏاڍي خوش ٿي. سمجهيائين ته مون کيس خط لکيو آهي. ڏاڍر ڪارايائين پيارياين. پر پوءِ جڏهن حقيقت جي خبر پيس، تڏهن ميونسپالٽيءَ وارن کان ڪتن مارڻ وارو زهر وٺي ماني ۾ ملائي ڏنائينم.
چيانين: پوءِ به بچي وئين؟
چيمر: ڪن ماڻهن تي روز حملو ٿو ٿئي، پوءِ به بچيو ٿا وڃن.
چيانين: اهي ته گوليءَ کان ٿا بچن.
چيمر: مان به گوريءَ کان بچي ويس.
چيانين: تنهنجون ڳالهيون منهنجي سمجهه ۾ نٿيون اچن.
چيمر: تنهنجون ڳالهيون به منهنجي سمجهه ۾ نٿيون اچن.
چيانين: پاڻ ٻنهي جون ڳالهيون ڪنهن کي به سمجهه ۾ نٿيون اچن.
چيمر: اسان چريءَ قوم جا چريا فرد جو آهيون.
چيانين: تنهنجي ماءُ سچ چوندي هئي.
پڇيمر: ڇا؟
چيانين: ته تنهنجي مٿي ۾ مک جو ميڃالو پيل آهي.
چيمر: ۽ بابي جي راءِ متعلق ڇا خيال اٿئي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانين: اهو بہ صحيح چوندو هو. توڪي ڪتي جو مغز ڀڻ مليل آهي. ڀر يقين ڄاڻ تہ اها هڪ صحتمند، سجهو ۽ وفادار ڪتي سان سراسر زيادتي آهي.

ڀچيم: ڪيئن ۽؟

چيانين: ڪتو ڪنهن بہ دشمن کي پري کان سڃاڻي وٺندو آهي، پر تو نہ ڪڏهن دوست کي سڃاتو ۽ نہ وري ڪڏهن دشمن کي ئي سڃاتو.

چيم: اڄڪلهہ اهي ڪتاني ڪونہ رهيا آهن.

صاحب مون واري جي السيشن ڪتي، جنهن اها سموري گفتگو ڀرسان ويٺي ٻڌي، تنهن احتجاج طور، آسمان ڏانهن منهن ڪئي، هڪ خوفناڪ اوناڙ ڪئي ۽ ڀوء چڪ هڻي منهنجي سلوار جو پانچو ڦاڙي ٻاهر ڀچي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# برسات

ڪجهہ عرصو اڳ مون غلطيءَ سان ڪنهن هنڌ اهو لکي ڇڏيو هو تہ : مونکي برسات ڏاڍي وڻندي آهي. مينهن وسندو آهي تہ منهنجو روح ٽڙي پوندو آهي وغيره وغيره. لکڻ کي تہ مان لکي ويٺس، پر پوءِ تجربي ٻڌايو تہ مون پاڻ سان وڏو ٿهر ڪري وڌو آهي. هڪ وٺي پاڻ کي ٻوهي ۾ وڌو اٿم. نسورو ناحق ڪيو اٿم پنهنجي معصوم ۽ بي زبان دل تي.

ان مضمون جي ڇپجندي ئي ان نالائقيءَ واري بيان جا اگرا نتيجا ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا. ٻئي ڏينهن آفيس پهتس تہ پٽيوالي مرڪندي در کوليو.

چيم تہ: ولو ڪلين ڇو ٿو؟

چيائين: ڪجهہ ناهي سائين. ائين مڙني .

چيم: ائين مڙني ڇا؟ ڪجهہ تہ هوندو؟

چيائين: ائين مڙني آسمان تي ٿورو ٿورو جهڙ ڏٺم سائين.

مونکي ڳالھ سمجھ ۾ ئي ڪانہ آئي. پڇيم تہ. جهڙ ڏٺئي تہ پر ڇا ٿي پيو؟

چيائين: سائين جهڙ ٿيندو تہ پوءِ برسات بہ پوندي.

چيم : ٺيڪ آهي، برسات تہ پوندي. پوءِ ڇا ٿيو؟

چيائين: برسات توهان کي وڻندي آهي نہ سائين!

اتي وڃي ڳوڻ پيم تہ هانو ٻيلي، همراه ڇا ٿو چوي.

ٿوري دير ڪان پوءِ هڪ ڪلارڪ ڪي فائيل کڻي آيو.

چيائين: تمام ضروري آهن. اڄ جو اڄ نيڪال ٿيڻا آهن.

کڻي جو فائيل ڏسان تہ سڀ پنا ڏرتا پرتا صاف لڳا پيا آهن.

پڇيم : هي ڇا؟

چيائين: فائيل سائين.

چيم: اهو تہ مان بہ ڏسان ٿو، پر هي فائل آهن ڇا جا ؟

چيائين: ٺيڪيدارن جي Payment جا فائيل آهن سائين. ڪل ڏهن لکن جا بل آهن.

چيم: پر هت تہ ڪجهہ بہ ڪليل ڪونهي. اجازت ڏيان تہ ڇا تي ڏيان؟

چيائين:سائين باقاعدي بل هنا، نوٽنگ هئي، رڪمينڊيشن هئي.

چيم: پرهاڻي تہ ڏرتل ڪاغذ آهن. گٽر ۾ ڪري پيا هيني ڇا؟

چيائين: نہ سائين. ڇورن جو آهي اڇو منهن. جڏهن ڪان هڏو اٿن تہ توهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي برسات ڏاڍي پسند آهي، تڏهن ڪان ڇتا ٿي پيا آهن. ڇون ٿا ته هونءَ الائي اوهان بل پاس ڪيو يا نه، پر جي پنا برسات جي پاڻيءَ سان ڏوتل هوندا ته پوءِ توهان انڪاري ڪري ئي ڪونه سگهندؤ.
ڪارڙ ته ڏاڍي لڳو، پر چپ ڪٿي ڪيو. چيو: جي اشراف آهيو ته وڃي بيهر بل ٺاهي مون وٽ اچو. خالي پني تي صحيح نه اگهه ڪني هنو، نه هاڻي ڪندس.

هو موٽي ويا. ايتري ۾ هڪ ٺيڪيدار اچي پهتو.
چيو: گلشير خان خوش آهين؟
چيائين: رب جا احسان آهن.
چيو: صبح صبح ساڻ ڪينءَ پنڌ پيو آهين؟
چيائين: ڪجهه بل ڪٿي آيو آهيان سائين. پاس ڪري ڏيو ته وڃي ڪي چار ڏوڪڙ وٺان بينڪ مان.
چيو: بل ته پاس ٿي ويندا گلشير خان، پر پهريون چيڪ ڪرڻا پوندا.
چيائين: مالڪ آهيو سائين. چيڪ ڪيو، نه ڪيو، توهان جي مرضي. مونکي پنسا گهرجن.
چيو: اهڙا ڏڪ ته گلشير خان اگهه به گهٽا ڪڍي ويو آهين. ڪم لٽو، ڊڪڻ وسريو. جوڳي نه ڪنهن جا مٽ. موٽي نه ڪڏهن منهن ڪيني ته سائين هيءَ سوکڙي تنهنجي ٻارن لاءِ.
هو مرڪيو. ڪيسي مان هڪ خوبصورت دٻلي ڪڍي ڪٿي منهنجيءَ ٽيبل تي رکيائين. چيائين: توهان حڪم ڪيو ۽ اسان تعميل نه ڪيون؟ اڻ ٽيٺي آهي.
چيو: مار! وڏي سر ۾ آهين اڄ ته گلشير خان.
چيائين: پيٺي آ! سوکڙي به ته آندي اٿم ڪوهه ڪاف تان.
چيو: سچي؟
چيائين: نور پٽاري. پر پهريون بل پاس ڪيو، پوءِ ڪوليوس بسم الله ڪري.
چيو: بل ته اجهو هيءُ ٿي ويو پاس. هاڻي ٻڌاءِ ڇا آهي هن دٻليءَ ۾؟
چيائين: توهان ٻڌايو.
چيو: هيرو اٿس؟
چيائين: نه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: سون اٿس؟
چيائين: اڃان بچي.
چيم: نوٽ اٿس؟
چيائين: نہ منهجا سائين.
چيم: تہ پوءِ وارو ڪر. تون ٻي ڪٿي هلندين. اسان آڻ مڃي.
وڏي فخر سان دهلي ڪٿي هٽ ۾ ڪيائين سوگهي، ڇ مون ڏي مرڪندي نهاريائين وڏي فلڪ منجهان.
چيائين: سائين، هن ۾ اها شيءِ آهي، جيڪا ڪو بيو سوچي بہ نٿو سگهي. نہ هيرو پچيس، نہ جواهر. شوق شوق جي ڳالهہ آهي بابا.
چڙي پڇيم: ڀلا هلندين بہ ڪٿي.
چيائين: هن ۾ آهي برسات جو پاڻي.
تيي باهہ ٿي ويس. چيم: برسات جو پاڻي؟
چيائين:چيم نہ سائين شوق شوق جي ڳالهہ آهي. توهان کي برسات وڻندي آهي. سوچيم تہ .......
رڙڪري چيم: ڏوڙ پئي آهي تنهنجي سوچ کي. اڙي ڪاڏي ڪندس برسات جو پاڻي؟
چيائين: اها تہ توهان جي مرضي، پر آهي شوق شوق جي ڳالهہ!

مشهور ٿي ويو تہ مونکي برسات سان عشق آهي ۽ برسات ڪنهن عورت جو نالو آهي. اها ڳالهہ دشمن منهنجيءَ گهرواريءَ تائين بہ پهچائي ڇڏي.
آگسٽ جو اڌ مهينو اچي گذريو، ڪراچيءَ ۾ مينهن ڪونہ پيو. مايوس ٿي ٿڌو ساهہ ڀري چيم: افسوس! اڃان برسات نہ آئي
گجگوڙ ڪندي چيائين: سب سمجهان ٿي برسات نہ آئي.
ڪوحياءُ ڪوشرم ڪونہ ٿو اچئي هن عمر ۾ اهي ڪم ڪندي ؟
چيم : مون تہ برسات جي ڳالهہ ٿي ڪئي !
چيائين: مون بہ برسات جي ئي ڳالهہ ڪئي. گهڻا ڏينهن مونکي بيوقوف بنائي. هاڻي نہ بنائي سگهندين. هن گهر ۾ هاڻي ڪڏهن بہ ان مُنيءَ جو ذڪر نہ ٿيندو. هلڻي؟

گهر ۾ تہ ذڪر ڪونہ ٿو ٿئي، البت شهر ۾ خوب ذڪر شروع ٿي ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُهنيءَ جي ٻچي ٻار کي خبر پنهنجي وٺي آهي. ڪو هتان ٿو رڙ ڪري، ”برسات“. ڪو هتان ٿو رڙ ڪري ”برسات!“

منهنجو جيئڻ حرام ٿي ويو آهي. مان چتو ٿي پيو آهيان. منهنجو دماغ ڪم نٿو ڪري. هينئر ٻه نوڪر گرم گرم چانهه جو ڪوپ کڻي آيو آهي. ڊڄندي ڊڄندي چوي ٿو: سائين ٻاهر برسات پئي ٿي وسي.

مان امالڪ چانهه جو ڪوپ پنهنجي مٿي تي هاري ٿو ڇڏيان ۽ زور زور سان ٽهڪ ڏيندي چوان ٿو: اڙي مونکي بچايو. مونکي برسات کان بچايو. مونکي برسات کان بچايو. مونکي برسات کان بچايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوزخ کان دوزخ تائين

ٽي- ايس- ايليٽ چيو هو تہ: اپريل، سال جو سڀ کان ظالم مهينو آهي. ڇو تہ هن مهيني ۾ گل ٽڙندا آهن.

هن سال جڏهن اپريل آيو، تڏهن مون دوزخ جي ستين خاني مان هڪ ڪاغذ چنڪيءَ تي جهنم جي ڪنجي بردار ڏانهن هڪ مختصر درخواست لکي موڪلي.

لکيم: سائين اڄ مونکي دنيا مان لاڏاڻو ڪني پورو هڪ سال ٿيو آهي. گذريل سال، هن ئي ڏينهن تي مان فاني دنيا کي هميشه هميشه لاءِ ڇڏي، باهہ جي سمونڊ ۾ سڙڻ لاءِ هت هليو آيو هوس. حضور، مان پنهنجي ٻوليءَ جو مشهور اديب ۽ شاعر هوس. گهڻ ۾ گهڻ منهنجي دوستن ۽ مداحن مونکي اهو ٻڌايو هو. هو مون کي ٻي خوف ڪهاڻيڪار ۽ جوشيلو شاعر سڏيندا هئا. منهنجي نانءَ جا نعرا هر محفل جو مان مٿي ڪندا هئا. منهنجي موجودگي هر مجلس لاءِ فخر جو باعث هوندي هئي.

هو چوندا هئا تہ: جيڪڏهن مان سندن ٻوليءَ جو ليکڪ نہ هجان ها تہ سندن ادب اڃايل رهجي وڃي ها، سندن گيت گهايل هجن ها، سندن ٻاڻ نہ ٻرن ها. پر موت مونکي ڪانئن کسي ڌار ڪري ڇڏيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ان هڪ سال جي عرصي ۾ هو مونکي ياد ڪري اداس ٿي ويا هوندا. منهنجي ڪمي هنن جي همت ٽوڙي ڇڏي هوندي. هو سڏڪيا هوندا، رنا هوندا، روئندي روئندي بي حال ٿي ويا هوندا. سندن ادب اجڙيل آکيرو بڻجي چڪو هوندو، روشنيءَ جا مينار تاريڪين ۾ ٻڏي ويا هوندا.

اڄ هو ضرور منهنجي ورسي ملهائڻ لاءِ گڏ ٿيا هوندا. اکين ۾ آنسو ڇلڪاڻي، دل ۾ درد ڇپائي، هو گڏ ٿيندا. پنهنجي وڇڙيل ساٿيءَ کي ياد ڪرڻ لاءِ، سندس ڳڻ ڳائڻ لاءِ، هو ضرور گڏ ٿيا هوندا، هو ضرور مونکي ياد ڪندا هوندا.

ان ڪري، مان وارا جهنم جا ڪنجي بردار، مون ابتر اديب جو عرض هيءُ آهي تہ مونکي صرف هڪ ڪلاڪ لاءِ اجازت ڏني وڃي، تہ جيئن مان ڌرتيءَ تي وڃي پنهنجي سائين کي هڪ وار ڏسي اچان. مونکي اميد آهي تہ مون مسڪين جو عرض اونائيندا ۽ پنهنجي سخاوت جو مظاهرو فرمائيندا. مان سائين جن جي آل اولاد لاءِ دعاگو رهندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ دير ڪانپوءِ اسانجو چوڪيدار، واڳوڻ جهڙو رات پٽي اچي اڳيان بيٺو. ڏند ڪڙڪائي، شيطاني ٽهڪ ڏيندي چيائين: مونکي سڃاڻين ٿو؟
مون ڪيس چڱيءَ طرح جاچيندي جواب ڏنو: نہ.
هو زور زور سان ڏند ڪڙڪائي کلڻ لڳو. ٽوڪ مان ٽهڪ ڏيندي چيائين: تو مونکي زندگيءَ ۾ بہ نہ سڃاتو، موت کان پوءِ بہ نٿو سڃاڻين؟ مان سنڌي ڪامورو آهيان. جيڪو زندگيءَ ۾ ظاهري طرح تہ ادب، ٻولي ۽ تهذيب جي غم ۾ بي حال رهندو آهي، پر اندر ۾ ڪيس انهن شين سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ آهي. جيڪڏهن ڪيس ڪابہ دلچسپي آهي تہ صرف ۽ صرف پنهنجي ذات سان. تو جهڙا بيوقوف هو ڪيسي ۾ وجهي گهمندو آهي. ڪلهہ بہ تون منهنجي قبضي ۾ هئين ۽ اڄ بہ تون منهنجي رحم و ڪرم تي آهين!
ائين چئي پر ۾ بيٺل پهاڙ جيڏي هڪ ريڇونءَ کي اک هنيائين. ريڇونءَ سندس اشارو پرکيندي، مونکي هڪ ٿهري ڏنگ وهاني ڪڍيو ۽ مان سور جي شدت کان اڌ منو ٿي ويس.
چوڪيدار ان تي بہ نہ مڙيو. ٽهڪ ڏيندي هڪ اروڙ بلا کٿي مونڏانهن اڇلايائين. بلا مونکي ڏسي مرڪي، ۽ پوءِ پڇيائين: مونکي سڃاڻين ٿو؟
مون بلا کي جواب ڏنو اي پلاري بلا، مان توکي نٿو سڃاڻان. پلائي ڪري مونکي نہ کاءُ.
بلا پنهنجي زبان مچڪائيندي چيو: مون توکي زندگيءَ ۾ بہ ڪئي دفعا ڪاڏو هو، پر توکي چاڻ ڪانہ پئي. تون هنيلو هوڏي ۽ بيوقوف هئين. توکي پنهنجي پرائي جي سڌ ڪانہ هئي. مان اهو ايڊيٽر آهيان جنهن توکان فرمائشي شعر، مضمون ۽ افسانا لکايا هئا. پوءِ جڏهن توتي ڏکيو وقت آيو، تڏهن مون توکي سڃاڻڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو هو.
ائين چئي بلا مونکي ٽنگ ۾ چڪ هنيو ۽ هوٺي پٽي ڪڍي.
چوڪيدار ڏند ڪڙڪائي کلڻ لڳو. جڏهن کلي کلي ڪيرو ٿيو، تڏهن ڪڙڪيدار آواز ۾ چيائين: اٺ اي اٺ اديب، توکي صاحب وڏي يعني جهنم جي ڪنجي بردار ياد فرمايو آهي.
منهنجو سنڌ سنڌ ساڻو ٿي چڪو هو، پر حڪم جي پوئواري لازمي هئي. ڏاڍي تڪليف سان اٿي پيس. چوڪيدار پنهنجو منحوس چنبو مون ڏانهن وڌائي، پنهنجن ڊگهن نوڪدار ننهن سان کٿي مونکي ڳچيءَ کان جهليو ۽ مٿي اڏائڻ لڳو. ٿوريءَ دير ۾ مان جهنم جي ڪنجي بردار جي آفيس ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينو هوس. هو ان وقت ٽيليفون تي وڏيڪ ڪوئلن ۽ ڪاسليٽ جو آرڊر ڏئي رهيو هو.
مونکي ڏسي مرڪيو ۽ چيائين: مون ٻڌو آهي ته تون ست سال ڪنڊڪوٽ ۾ رهي آيو آهين. شڪارپوري هجين ها ته هيٺر به گهراڻي ڏيانءَ ها.
مون عاجزي کان ڪم وٺندي چيو: چو ٿا شرمسار ڪريو. اهي ته توهان جون ڀلايون آهن. ورنه مان ڇاجي لائق آهيان.
هو ڪجهه دير سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ سنجيدگيءَ سان پڇائين: ڌرتيءَ تي وڃڻ لاءِ درخواست تو ڏني آهي؟
جي منهنجا سائين. مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو.
توکي جهنم جي قاعدن قانونن جي شايد ڄاڻ ناهي.
اٿم سائين، پر توهانجي سخاوت مان نااميد نه آهيان.
تون رجعت پسند شاعر ٿو ڏسجين. سچ ٿو چوان نه؟
نه سائين.
ترقي پسند ته انين ڪونه ڳالهائيندا آهن.
هاڻي شروع ڪيو اٿن - بختاور.
ڪجهه دير سوچڻ بعد هن چيو: ٺيڪ آهي. مان توسان خاص رعايت ڪري توکي زمين تي موڪليان ٿو. پر ٻه شرط اٿني.
حڪم ٿئي پوتار.
شرط نمبر پهريون ته هڪ ڪلاڪ کان هڪ سيڪنڊ به وڌيڪ زمين تي نه ترسندين. شرط نمبر ٻيو، ته اتي ڪنهن سان به نه ڳالهائيندين.
مونکي قبول آهي. مون يڪدم چيو.
۽ ها، تون سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي سگهندين، پر توکي ڪوبه ڏسي نه سگهندو. چڱو هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.

جهنم جي چوڪيدار مونکي وارن کان وٺي. ڦيراڻي ڦيراڻي ڪٺي هيٺ ڦٽو ڪيو ۽ مان بولاٽيون کائيندو، اڏرندو، ترندو، ڪرندو اچي زمين تي پهتس. منهنجي خوشيءَ جي ڪاحد نه رهي جڏهن پاڪي بندر روڊ تي بيٺل ڏٺم ۽ سامهون ٿياسافيڪل هال جي گيٽ مٿان سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل هيءَ عبارت پڙهيم.
لکيل هو: قمر شهباز جي پهرين ورسي. مشهور ليکڪ، اديب ۽ شاعر تقريرون ڪندا، سيني کي سڪ پريو سڏ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻوڙيندو ٿياسافيڪل هال ۾ داخل ٿيس. جلسو اڃان شروع نہ ٿيو هو. هال ۾ چند ماڻهو ٽڙيا پکڙيا ويٺا هئا. ڪي ٻوهي مڱ ڪائي رهيا هئا، ڪي پان چٻاڙي رهيا هئا تہ ڪي وري سگريٽ ڦوڪي رهيا هئا. مان بہ رڙهي وڃي سنڌن پر ۾ ويٺس.

هڪ ڪارڙي، ٻگهڙي، گهاٽين مڇن واري نوجوان ٺهڪ ڏني، پنهنجا ڪوڪن جهڙا ڏند ڏيکاري چيو: ساٿيو، پورهيت عوام جي جيت ني اسانجي جيت آهي.

ٻني گول مٽول پيٽ واري بندري ماڻهوءَ چيس: ڇڏيار، بيڪار ڳالهيون نہ ڪندو ڪر، ڪي چڱيون ڳالهيون ٻڌاءِ. ها، تنهنجي هن گرل فرينڊ جو ڇا ٿيو؟ ٻڌم تہ ڪنهن سان ڀڄي وئي؟

پورهيت عوام اٿو، لٿو ۽ اجهو چاهي ٿو. ڪوڪن جهڙي ڏندن واري همراه چيو.

ميان، هڪ پيگ ۾ ني پورهيت عوام ياد آيو اٿني. اسانکي ڏس، پنج پيئڻ ڪانپوءِ بہ خمار نہ چڙهيا آهن.

ڪاموري ۽ وڏيري غريبن جو ڪافي خون چوسيو آهي، ۽ ان کي شراب سمجهي پيتو آهي، اسان وڏيڪ ظلم هرگز برداشت نہ ڪنداسين.

سڙي وئين نہ مونکي پيئندو ڏسي. گذريل سال شاه جي ورسي مان پنسا بچيا هنم، انهن مان ڪٿي پيتم تہ ڇا ٿي پيو؟ اڄوڪي فنڪشن مان تون بہ ٽي سال سکيو گذارجانءِ. اسان پيئون ٿا تہ پنهنجو ٿا پيئون. لوسي، تو وانگر آئي وڻي جو گلاس نہ نٿا ٽڪيون.

لوسي هوندين تون، مان سوشل ورڪر آهيان.

ڏٺا پيا آهن سوشل ورڪر، هونهہ! ڇوڪرين ۾ بہ ورڪ تو ني ڪني هني نہ؟ گهٽيون مالڪن کي موٽائي ڏنني؟

مان چوانءِ ٿو پنهنجو پخال جهڙو وات بند ڪر.

تون مونکي پخال ٿو سڏين يڪتارا؟

ها مان توکي ڏاند بہ سڏيندس.

ڏاند هوندين تون.

مان چوانءِ ٿو بڪواس بند ڪر، بيهودا ڳوريٽ.

شڪل تہ ڪنن چورن جهڙي تنهنجي آهي.

اڙي ڇڏيو مونکي.

نہ جهليو مونکي.

وٺو، وٺو، پڪڙيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اتان اٿي پونئينءَ قطار ۾ اچي ويٺس. ٻه ٽي ڪُپرو جوانڙا ويٺا حال احوال اوريِ رهيا هئا.
هڪ چيو: ڪو ڳانو ٻجانو به آهي يا رڳو تقريرون ڪري ٻڪندا.
اڃان ته ڪاٻهر ني نظر ڪانه ٿي اچي، شايد راڳ ٻاڳ ڪونهي.
ڪونهي وري ڪيئنءَ؟ اشتهار ۾ ته لکيل هوته مشهور ڳائڻيون شرڪت ڪنديون.
ها ٻادام بيگم بريليءَ واريءَ جو به لکيل هو.
ابول، واهه جو معشوق آهي، ٻاڊي ٿهري اٿس.
ٻابو مري ته سريت ڪري وهاريندو مانس.
شايد ڳانو ٻجانو ڪونهي، نه ته ڪو انتظام ضرور هجي ها.
ڪونهي ته اٿون، ويهي ڇا ڪنداسين؟
هونءَ آهي ڇا؟ ڪو واعظ ڏيندو ڇا؟ ٽئين سادگيءَ مان ڇيو.
نه ابا ڪو شاعر مري ويو آهي، ان جي ورسي ٿا ملهائن. مڙني واندڪائيءَ جا ڪم!
ڪهڙو شاعر؟ آخر نالو به هوندس ڪو.
نالو ٻالو ته پاڻ ياد ني ڪونه ڪيون، مڙني هوندو ڪو سر ڪانو. منو، جان ڇڏي. اسان اڃان تائين ڀيا لوڙيون.
اٿو ته هلون ادا، هت ٻه ڪليان نه ٿيو.

هو اٿي هليا ويا. مان سري اچي ٻيءَ قطار ۾ ويٺس. هت سڀ اديب ۽ ڪتابي دنيا جا ماڻهو ويٺا هئا. هڪ ڄڻي چيو: مني ڪانپوءِ ماڻهوءَ جو مارڪيٽ ويليو وڌي ويندو آهي، سوچيان ٿو جلديءَ ۾ سندس ڪلام جو مجموعو ڇپائي وٺان. توهانجو ڪهڙو خيال آهي؟
ٻئي چيو: اهو ته مون توڪان به اڳ سوچيو هو. دراصل هو جڏهن جيئرو هو. تڏهن مونکي گهڻائي دفعا ڪتاب ڇاپڻ لاءِ ايلاز به ڪيا هئائين. پنهنجي غربت جو ٻي سرو راڳ ڳائڻ ويهي رهندو هو. پر مون هميشهه انڪار ڪري ڇڏيو مانس. جيئري ليکڪ جو ڪتاب ڇاپڻ تمام وڏي رسڪ آهي بابا. حصو ليکڪ کي به ڏجي ته باقي اسان وٽ ڇا بچيو.
بهرحال، هاڻي ته ويو مري ڪري، هاڻي ته ڪمائي ٺاهوڪي ڏيندي. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ ۾ پنهنجا دوست آهن، انهن کي چوائي سندس ڪلام نشر ڪرائيندس. ماڻهن ۾ اشتياق جاڳندو ته ڪتاب واهه جو هلندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ته واه واه! ۽ ها، هو عالم ۽ اديب سڳورو جنهن سچي عمر مٽس ڪفر ۽ ڏاهر پرستيءَ جا الزام لڳايا، هڏو اٿم ته اهو به مٽس ريسرچ ڪري، سندس ڪلام مان وحدانيت جا نقطا ڳولي رهيو آهي.

چونه ڳوليندا؟ ماڻهوءَ جو قدر آهي ئي مرڻ کان پوءِ. پرتون ڪتابن جي ڳالهه ڪر. هڪ تون ڇاپاءِ ته هڪ مان ٿو ڇاپايان. خوب ڪمائيندا سين. (ٺهڪ ڏيندي) ڏاڍو چيائين ته وارو ڪيو، ڪتاب ڇپايو، پر اسان به چريا آهيون، جو اهو ڪم سندس زندگيءَ ۾ ڪيون ها؟ هاڻي ته وارا نيارا آهن.

مان اتان اٿي اچي ٻيءَ قطار ۾ ويٺس. هن قطار ۾ اهي صاحب ويٺل هئا، جن کي اڄ تقريرون ڪرڻيون هيون. هڪ ڏاڙهيءَ وارو ڪرڙوڌ ٻني کي چئي رهيو هو: ڇا جا ليکڪ ڇا جا اديب. اهي ڇورا جيئرا هوندا آهن ته هل هنگامو ڪندا آهن، مري ويندا آهن ته ورسيون ورٺي ۾ ڇڏي ويندا آهن. مون ته ڪيس ڪڏهن به شاعر ني تسليم ڪونه ڪيو.

پر مولانا، هاڻي ته تقرير ۾ سندس تعريف جا ڍڪ ڀرڻا اٿو.

ها، تعريف ني ڪنداسين، اهو ته اسانجو پيشو ۽ روزگار آهي. پر سچ پڇين ته پاڪي گل ۽ بلبل کانسواءِ مزو ني ڪونه اچي.

مون هڪ بلبل ايران مان گهرائي آهي.

اڇا؟ ڪمال آهي. ايران مان گهرائڻ جي ڇو زحمت ڪيو؟ حضرت تيز ڇمڇا چريءَ کان گهرائي وٺو ها. هڏو اٿم ته هو هڏي اگهه سان واپار ڪندو آهي.

ها، واپار جو به خيال اٿم. سوچيان ٿو ته ٿر جون لوبون خريد ڪري وڪڻان.

خيال ته ٺيڪ آهي، پر هي ڇورا وري چوندا ته لوبون وڪڻڻ اسان جي ثقافت جي خلاف آهي.

ڇورن کي ڇا ڪندين؟ بيوقوف آهن. ها، هن شاعر لاءِ ته ڪجهه ٻڌاءِ ته تقرير ۾ ڇا چوان؟

ڇڏ مولانا، تون به انهن چڪرن ۾ اچي وئين ڇا؟ ٻه ٽي لفظ تعريف جا چئي ڇڏجانس. مڙئي رومال ۾ ويڙهي - ها، سو واپار جي ڳالهه ٿي ڪير..

مان اتان اٿي اچي عورتن واري قطار ۾ ويٺس.

هڪ محترم ٻيءَ کي ڪن ۾ چيو: هاءِ الا سلمي، تون ته اڄ هيروئن ٿي لڳين. صفا ڪلوپيٽرا. ڪٿي ورتي اٿئي اها ساڙهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽن منهنجا دشمن. مون اڄ تائين ڪپڙو ته خريد ڪيو ئي ناهي. صرف دڪان تي وڃي پسند ڪري ايندي آهيان، ڀاڻين وٽ ڪيترائي مرضدار روز پيا اچن. تحفي طور وٺي ايندا آهن.

ڏاڍي سٺي آهي. توکي ته ڏاڍي ٺي ٺهي. هوءَ ڏندري فرزانه ڏس، ساڙهي پاتي اٿس يا گوڏ ٻڌي اٿس. منهن نه مهانڊو، مغروري ته ڏسينس، چوي ته مون جهڙو ڪو آهي ئي ڪونه.

توکي ڪهڙي خبر ان جي. مون کان پڇ ان جون ڳالهيون، مون کي صغرا ٻڌايون هيون، ۽ پارٽ ڪني هتائين ته ڪنهن کي به نه ٻڌائجانءِ. هنن منن فنڪشن وارن به ڏاڍي دير ڪئي آهي. شروع ڪن بڪواس ته جان ڇٽي. پوءِ گهر هلي آرام سان سڀ ڳالهيون ٻڌائيندي مانءِ.

آهي ڪهڙو فنڪشن؟

خبر ناهي ڇا جي ورسي آهي. هوندو ڪو شاعر اديب. مان ته هڙا بور فنڪشن به اٽينڊ ڪندي آهيان، ڇو جو فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ سان سوشل اسٽيٽس وڌي ٿو. تنهن کان سواءِ اها ڏندري جتي اچي، اتي مان نه اچان؟ منا مري ويا شايد شروع به نٿا ڪن بڪ بڪ.

۽ پوءِ فنڪشن شروع ٿيو. ڪارڪنن لڙڪ لاڙي تقريرون ڪيون.

ڪوڪن جهڙي ڏندن واري ڪامريڊ مون کي پورهيت عوام جو هڏڏو ڪي ٻڌايو.

پخال جهڙي پيٽ واري پياڪ مون کي پنهنجو جگري يار ۽ پيالي ڀائي سڏيو.

مولانا سڏڪي سڏڪي منهنجي ڪلام کي ٽن جدا جدا معنائن ۾ سمجهايو ۽ منجهاننس الاهي راز کولي بيان ڪيا.

۽ ساڙهيءَ واري سلمي اکين ۾ آب آڻي مون کي عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ جو علمبردار سڏيو.

منهنجو ساهه منجهڻ لڳو ۽ جهنم جي ستين تري کان به وڌيڪ گرمي محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ تڏهن مان اتان اٿي ٻاهر هليو آيس.

روڊ تي بيهي ٻانهون آسمان ڏانهن اڀيون ڪري چڏيم.

ڌرتيءَ تي منهنجو جسم جلي رهيو هو.

ڌرتيءَ منهنجو ساهه ٻوساٽجي رهيو هو.

# انٽرنيشنل وتايو ڪانفرنس

شاعر جذبات، حضرت بلبل بيقرار ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه مڙيني ڪم جي ڪري ويندو آهي. هڪ ڏينهن ويٺي ويٺي خبر ناهي ڇا سجهيس.

ڇيائين: ڳالهه ٻڌ.

ڇيم: ٻڌاءِ.

ڇيائين: غور سان ٻڌ.

ڇيم: تون ٻڌاءِ.

ڇيائين: هڪ ڪم ڪر.

ڇيم: ڪهڙو؟

ڇيائين: انٽرنيشنل وتايو فقير ڪانفرنس ڪوٺاءِ.

ڇيم: اها ڇا ٿيندي آهي؟

ڇيائين: سوال نه پڇ. صرف ٻڌندو رهه.

ڇيم: ٺيڪ آه . هل اڳتي.

ڇيائين: ڇا ڇيو مانءِ؟

ڇيم: انٽرنيشنل وتايو فقير ڪانفرنس ڪوٺاءِ.

ڇيائين: او انين! تنهنجا ٻچا ٻچن. ڪانفرنس ۾ دعوت ڏيني دنيا جا پنج اٺ ڇاتل سڇاتل ڪاميڏين گهراءِ. جهڙوڪ: جاني واڪر، آسراڻي، جيري لونس، باب هوپ، وغيره وغيره.

ڇيم: پر وتايو فقير ته صوفي درويش هو. تون ته فلمي مشڪرن جا نالا پيو وٺين.

ڇيائين: مشڪرا نه مڙندا ته ڪانفرنس ڪينءَ ٿيندي؟

ڇيم: ته پوءِ ان کي وتايو فقير ڪانفرنس ڇو سڏجي؟ انٽرنيشنل مشڪرا ڪانفرنس ڇو ڪونه سڏجي؟

ڇيائين: ڏڪ ضروري آهي. وتائي فقير جي نالي تي نه رڳو عام ماڻهو چندو چاڙي ڏيندا، پر سرڪار پڻ امداد ڪندي. ڳالهه کي سمجهندو ڪر. فقير جو نالو هڏي ڪلچر وارن کي ته جوش ايندني ايندو، پر اوقاف وارا پڻ جاڳي پوندا.

ڇيم: پر اهو سورو ڪم ٿيندو ڪينءَ؟

ڇيائين: سولي ڳالهه آهي. تون ۽ مان اجهو هاڻي جو هاڻي هڪ ڪميٽي ٺاهي ٿا وٺون. نالو ٿا رکون "وتايو فقير بچايو ڪميٽي". تون آهين ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو صدر ۽ مان ڏيس جنرل سيڪريٽري.
چيير: صدر تون ٿيءُ.
پچائين: ڇو؟
چيير: ملڪ جو حال ناهي. ترميمون پيا ھڻن. ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي.
ڪلندي چيائين: ٺيڪ آهي. جنهن ۾ تون راضي. ڪميٽي ٺهي وئي؟ هاڻي جنرل سيڪريٽري هڪ اخباري بيان جاري ڪري تہ فلاڻي مهيني فلاڻي تاريخ تي "وتايو فقير بچايو ڪميٽي" جي طرفان وتايو فقير انٽرنيشنل ڪانفرنس جو انتظام ڪيو ويو آهي.
پڇيير: پر انتظام آهي ڪٿي؟
چيائين: اهو بہ ٿي ويندو. تون ٿورو صبر تہ ڪر. بيان اچي ويو؟
چيير: اچي ويو.
چيائين: هاڻي ٺهي پروگرام.
چيير: پلي ٺهي.
چيائين: ڪانفرنس هلندي ست ڏينهن.
چيير: ست ڏينهن؟
چيائين: ست ڏينهن ٿورا آهن تہ پوءِ ڪٿي هلايونس مهينو ڪن؟
چيير: ڇاٿو چوين بلبل؟ لاهہ پٽائيندين ڇا؟ ايترو خرچ ڪٿان ايندو؟
چيائين: شاعر آهيان، ڇريو ڪونهان. ترن جو تيل ترن مان ئي نڪرندو. تون ڳڻتي نہ ڪر. ست ڏينهن ٺيڪ ٿيندا؟
چيير: جيڪا تنهنجي مرضي.
چيائين: ٺيڪ. پهرئين ڪرائينداسين افتتاح.
چيير: علي احمد بروهيءَ کان؟
چيائين: ڇتو ٿيو آهين ڇا؟ سچا آيا سکڻن جي گهر تہ عيد ڪڏهن؟
چيير: پوءِ پلا؟
چيائين: جي ميانداد جي بيٽ سورهن لکن ۾ نيلام ٿي سگهي ٿي تہ اسان جي ڪانفرنس جو افتتاح بہ ايتري ۾ نيلام ٿين گهرجي.
پڇيير: يار بلبل ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ ايترا ڏوڪڙ ڪير ڏيندو؟
چيائين: پاڻهي ڏيندو ڪو وڏيرو، زميندار يا وري هيروئن جو واپاري.
چيير: باقي ڇهن ڏينهن جون صدارتون بہ ائين نيلام ڪندين؟
چيائين: ڇو؟ مٽ مائٽ، يار دوستار، اثر رسوخ وارا ڪامورا ڪڙا مري ويا آهن ڇا؟ سوچي سمجهي ورهائينداسين. انويسٽمينٽ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انويسٽمينٽ. جھڙوڪر پرائز بانڊ وٺي ڇڏيني. مور ۾ محفوظ ۽ انعام جو ۾ آسرو.
چيمر: ان تي ته اعتراض ٿيندا. وتائي فقير جا لکين مريد ۽ پرستار آهن، اهي رسي ويندا.
چيائين: پنهنجو لولو تري، پوءِ لوڪ رٺو ته ڇا ٿيو؟

خير سائين، بلبل بيقرار جي صلاح تي وتائي فقير جي شان ۾ انٽرنيشنل ڪانفرنس جون تياريون ٿي ويون. اخبارن ۾ بيان ڇپجي ويا. ڪميٽيون ٺهي ويون. انتظام ٿي ويا. ملڪ سڄي ۾ واه واه ٿي وئي. ملڪ توڙي پرڏيهه جا پهرئين جوڙ جا چر چاني اچي ڳڏ ٿيا. فلمي، غير فلمي، قلمي، غير قلمي ماڻهن اچي دڳ جهليو. تماشبينن جا انبوهه اچي ڪٺا ٿيا. اسان جي ملڪ ۾ رڳو ڪارو انڌر ڪري دڳ تي بيهي رهو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه ٿا ڪٽڪ اچي ڪڙڪو ڪن.

هڪ اخباري نمائندي فون ڪري پڇيو: توهان وتائي فقير کي هڪ صوفيءَ جي حيثيت ۾ خراج پيش ڪرڻ چاهيو ٿا يا هڪ مزاحيه ڪردار جي حيثيت ۾؟
چيمر: ان جو جواب ته بلبل بيقرار ڏيندو.
چيائين: اهو ڪير آهي؟
چيمر: شاعر جذبات آهي.
چيائين: ڪٿان جو شاعر جذبات آهي؟
چيمر: اهو ته هو پاڻ ٻڌائيندو.
چيائين: خير، اهو ٻڌايو ته ملڪ جي نامور هستين کي ڇڏي اوهان صدر ۽ مهمان خصوصيءَ لاءِ هٽ واڻيا ۽ وڏيرن جا ڪمدار ڇو چونڊيا؟
چيمر: ان جو جواب به بلبل بيقرار ڏيندو.
چيائين: هن قسم جي ڪانفرنس ڪان پوءِ اوهان جا ڪهڙا ارادا آهن؟
چيمر: بلبل بيقرار کي خبر آهي.
چيائين: وتائي جي مزار تي قبو اڏائيندو؟
چيمر: بلبل بيقرار جواب ڏيندو.
چيائين: تون ماڻهو آهين يا چنيسر؟
چيمر: بلبل بيقرار کان پڇي ٻڌائيندو ماڻءَ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ٿي- ڪانفرنس شروع ڪرڻ لاءِ رئيس ڏگهاڻي خان کي سڏ ٿيو. رئيس وڏو ميچ کي ٽاءُ ڏيندو، کنگهندو ڪڙڪندو اسٽيج تي پهچي ني پهچي، ان کان اڳ هڪ مستانو نعرا هڻندو اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ صدارت واري ڪرسيءَ تي بالم بنجي ويهي رهيو. وار وڏا، ڏاڙهي وڪريل، ڪپڙا لٽا ميرا جهڙي ڪپ، دنيا کان بي خبر، پنهنجي غمن ۾ غلطان.

بلبل بيقرار ڊڪي وڃي ٻانهن کان جهليس، چيائين: اٿ ڙي چريا. هتي ڪٿي گهڙي آيو آهين؟

مست ميچ ني نه چنڊيس. چپ چاپ ويٺو رهيو.

ٻه ٽي ڇمڇا ڊوڙي وڃي چنبڙيس. هيڏي ڇڪي پيا هوڏي ڇڪينس. معاملو ڳڙٻڙ ٿي ويو. بلبل بيقرار جا پگهر نڪري آيا. لاچار ٿي ٻني هٿ ٻڌي عاجزيءَ سان چيائين: يار مولائي، آخر ڇا گهرجيني؟

فقير آهستي آهستي پنهنجي جاءِ تان اٿيو هڪ نظر بلبل بيقرارتي وڌائين پوءِ حاضرين کي گهوري ڏٺائين ۽ آهستي چيائين: مون ته گڏهه جي مرڻ لاءِ دعا گهري هئي.

بلبل حيران ٿي چيو: ڪهڙو گڏهه، فقير؟

فقير ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ماڻهن ڏي اشارو ڪندي چيائين: پر منهنجون ته سڀ ٻڪريون مري ويون.

رئيس ڏگهاڻو خان ٻه اسٽيج تي پهچي چڪو هو، تنهن ڪاوڙ ۾ چيو: تو کي هي ٻڪريون ٿيون نظر اچن چريا؟

فقير، رئيس ڏي ڏٺوءِ پوءِ چيو: جن جو گاهه پراوا گڏهه کائي وڃن، سي ٻڪريون چنبيون نه بابا!

ائين چئي فقير هلڻ لڳو.

مون ڊڪي وڃي اڳ جهليس ليلائيندي چيو مانس: فقير سائين، اهو ته ٻڌائيندو وڃ ته تون ڪير آهين؟

فقير هٿ سان مونکي پري ٿيڻ جو اشارو ڪيو.

چيائين: مان رتايو آهيان.

چيو: اسان لاءِ ڪو پيغام.

چيائين: چنيسر ٿيڻ ڇڏي ڏيو.

۽ پوءِ هو هليو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انساني تجربيگاه

انگلنڊ جي شهر لنڊن جي مشهور "انساني تجربيگاهہ" ۾ ڪجهه ماڻهو آندا ويا، جيئن ڪانئن پڇا ڳاڇا ڪري، سندن ذهني، فطري ۽ نفسياتي لاڙن متعلق معلومات حاصل ڪجي.

پروفيسر ٽيلر برانيٽ هائوس ان ڪاتي جو سربراهہ آهي. هو تمام چاٺو، تجربيڪار ۽ مخلص انسان سان گڏوگڏ هڪ بي حد محنتي ۽ لگن وارو سائنسدان آهي. هن جا ساٿي پڻ هن وانگر ئي گهرو مطالعو ۽ مشاهدو رکندڙ پروفيسر آهن، جن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ئي انساني نسلن جي کوجنا کي بنايو آهي. اڄوڪي ميٽنگ ۾ صدارت واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر برانيٽ هائوس موجود آهي. سندس ساڄي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر آرم اسٽرانگ موجود آهي. کاٻي پاسي واريءَ ڪرسيءَ تي پروفيسر ينگ هسبنڊ ويٺو آهي ۽ سيڪريٽريءَ جا فرائض هڪ بي حد خوبصورت نوجوان ڇوڪري جولي جاناٿن ڏئي رهي آهي.

ٺيڪ ڏهين بجي پروفيسر ٽيلر ديوار تي لڳل گهڙيال تي نظر وجهندي ميٽنگ جو آغاز ڪندي چوي ٿو: اڄ اسان جنهن گروپ کي پنهنجي ليبارٽيري ۾ آندو آهي. انهن جو تعلق هڪ ڏورانهين ملڪ سنڌ سان آهي. اوهان کي ياد هوندو تہ اسان جي ئي هڪ هم وطن سرچارلس نيپيئر اڻويهين صدي جي وچ ڌاري ان ملڪ کي فتح ڪيو هو. فتح تہ اسان سڄو هندوستان ڪيو هو. پر جيڪا مزاحمت، دليري، ۽ ويڙهاند سنڌ جي ماڻهن ڪئي هئي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندن هڪ ناميارو سورمو جنرل هوش محمد وڙهندي مارجي ويو هو پر سندس بهاديءَ کي اسان جي جنرلن بہ سلام ڪيو هو. ان کان پوءِ هن قوم ۾ تمام سٺا ۽ تمام برا انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن. ويهين صديءَ جي وچ ڌاري اسان هن ٽڪري کي ڇڏي آياسين پر اسان جي جاءِ ٻين قومن وجي والاري. نتيجي طور سنڌ جا ماڻهوا اڄ بہ عملي طرح ذهني، اقتصادي ۽ جسماني طور مڪمل آزادي ماڻي نہ سگهيا آهن. منهنجو خيال آهي تہ ان تعارفي نوٽ کانپوءِ اوهان کي جاڻ پنجي وئي هوندي تہ اڄ اسان ڪهڙي قسم جي ماڻهن جو انٽرويو ڪرڻ وارا آهيون. جولي، مهرباني ڪري هاڻي هڪ هڪ ڪري پنهنجا "آبجيڪٽ" ڪميٽي آڏو پيش ڪر، ۽ ها، سندن تعارف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ نہ وسارجانءِ.

جولي وڏي ناز نخري سان اٿي ٻاهر وئي ۽ پوءِ هڪ وڏي پڳڙ واري ٿلهي متاري ماڻهو کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي. همراه جي ڪلهي تي اجرڪ رکيل هو. بوسڪيءَ جو جوڙو، بوسڪيءَ جو پٽڪو، سيم جي جتي، ٻانهن ۾ راڊو واچ، هٿ جي هر آڱر ۾ سوني منڊي ۽ هٿ ۾ لڪڻ.

جوليءَ ڪيس پروفيسر ٽيلر جي سامهون رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ تعارف ڪرائيندي چيائين: جينٽلمن، اوهان جي سامهون سنڌ جو معزز وڏيرو ڪبڙ خان موجود آهي. وڏيري صاحب جي پنج هزار ايڪڙ زمين آهي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ بنگلا اٿس. ٻنهي بنگلن ۾ هڪ هڪ زال رهندي اٿس جا شاديءَ کان اڳ لاهور جي فلمي دنيا سان وابستہ هني. ڳوٺ ۾ حويلي اٿس جنهن ۾ سندس پهرين زال رهندي آهي. وڏيرو صاحب ٽائون ڪميٽيءَ کان وٺي صوبائي اسيمبليءَ تائين هر هڪ اداري جو ميمبر آهي. وڌيڪ معلومات توهان ڪانئس وٺي سگهو ٿا.

پروفيسر ٽيلر جيئن تہ سيني جو وڏو هو، ان ڪري شروعات بہ هن ئي ڪئي. چيائين: مسٽر ڪبڙ خان. اوهان جو تعلق ڪهڙيءَ سياسي پارٽيءَ سان آهي؟
ڪبڙ خان پهريون پنهنجو لڙڪندڙ اڳٺ متي ڪيو ۽ پوءِ مڇ مروٽيندي جوليءَ کي گهائيندڙ نظرن سان ڏسندي چيو: ڇوري تہ واهہ جي ڏاري اٿئي سرڪار.
ٽيلر: مون توهان کان سوال پڇيو هو مسٽر ڪبڙ خان.
ڪبڙ: ها سرڪار. اسان جو مڙني هر سرڪاري پارٽيءَ سان تعلق پئي رهيو آهي. جيڪي پاور ۾، سي اسان جا سائين.
ٽيلر: مارشل لا ۾ پڻ؟
ڪبڙ: مزو تہ آهي ئي مارشل لا ۾ سرڪار. نہ پڇا نہ ڳاڇا، ڏوڀار. لاهور واريون شاديون تہ ڪيم ئي مارشل لا ۾. (جوليءَ کي ڏسندي) ڀلا هيءَ ڇوڪر آهي سرتار ۾ يا خرچ گهرندي؟
ٽيلر: سياسي جماعت بدلائڻ وقت اوهان جي آڏو ڪهڙا ڪهڙا اصول هوندا آهن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪبڙ: اصول وري ڪهڙا؟
ٽيلر: مثلن اهو تہ اها پارٽي عوامي آهي، هڏ ڏوڪي آهي، غريبن جي همخوار آهي وغيره.
ڪبڙ: سرڪاري پارٽي ڪابہ هجي، اسان جا ڪم ٿين.
ٽيلر: ڪهڙا ڪم؟
ڪبڙ: حد جو صوبيدار، مختيار ڪار ۽ انجنيئر اسان جي مرضيءَ سان بدلي سدلي ڪري، باقي پوءِ چٽل آهي، جيئن وڻيس تيئن پني گور چري.
آرم اسٽرانگ: وڏيرا صاحب، سنڌ ۾ اڄڪلهہ سخت خونريزي ٿي رهي آهي. ان باري ۾ توهان جي ڇا راءِ آهي؟
ڪبڙ: چورا آهن حرامي. هڪڙي ٻني جا تہ ڦرني ڪونهن. آني مان ٿا ڦٽن تہ نعرا هڻندا ٿا اچن. گهٽو ني ٿا چئون تہ بابا ماٺ ڪري ويهو، اجايو ڇو ٿا فساد ڦهلايو، پر مڙن ني نٿا.
ينگ هسبنڊ: ڇا ٿا چون؟
ڪبڙ: وڏيرو مرده باد- وڏيرو مرده باد.
ينگ: پر آخر ڇو؟
ڪبڙ: مڙني مٿو اٿن خراب، پيا ٿا مفت ۾ مرن.
آرم: توهان سنڌن بچاءَ لاءِ ڪو اپاءُ ورتو آهي؟
ڪبڙ: اسان ڇيو اٿن ڇا تہ وڃي ڪهاڙيون ڪٿو؟ وڙهن بہ پاڻ ٿا، منهن بہ پاڻ ني ڏيندا.
ٽيلر: هنن جا مسئلا توهان جا مسئلا ناهن؟
ڪبڙ: ڇا جا مسئلا ڇا جون ڳالهيون؟ چون ٿا تہ اسان ٿورانيءَ ۾ بدلجي ويندا سين ۽ ختم ٿي ويندا سين. ٻولي ختم ٿي ويندي.
ٽيلر: پوءِ، توهان جو ڇا خيال آهي؟
ڪبڙ: پيلا جي سنڌي نہ ڳالهائيسين، اردو ڳالهائيسين، تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي پوندي؟ مان تہ هونءَ بہ پنهنجن زالن سان اردو ني ڳالهائيندو آهيان. ٻار بہ اردو پڙهندا آهن. اسان کي تہ ٻيلي ڏکيائي ڪونہ ٿيندي.
ٽيلر: ٺيڪ آهي مسٽر ڪبڙ خان. اسان توهان کي بيهر تڪليف ڏينداسين في الحال توهان اسان جا مهمان آهيو.
ڪبڙ: اهو بہ قبول آهي. (جوليءَ ڏي ڏسندي) هجين ها ڳوٺ، تہ ڪٿايانءِ بہ راتو رات هانئين ڪمدار موسي خان ڪان. خير، اڃان تہ ڪجهہ ڏينهن هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. متان ڪو ٻاگهه وراڻي.

وڏيري ڪبڙ خان ڪان پوءِ جوليءَ آندو مشهور سياستدان علي مراد راهيءَ ڪي. راهي سگريٽ جا دوهان ڪيندو، انجڻ جيان تيزيءَ سان اندر آيو ۽ هڪدم خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.
جوليءَ سندس تعارف ڪرائيندي چيو: مسٽر علي مراد راهي سنڌ جو مشهور سياستدان آهي. سندس تعلق قوم پرست تنظيم سان آهي. بلا جو ڳالهائڻو آهي. ليڪ به آهي. قومي ۽ بين الاقوامي معاملن تي تمام گهڻي دسترس آهيس.
علي مراد راهي وڏي رعب تاب سان ڪرسيءَ تي ويهي ٿو. ڪن مان بيڙي ڪڍي دڪائي ٿو ۽ پوءِ سوٽاهڻي انجڻ جيان دونهان ڪڍي ٿو.
ٽيلر: مسٽر علي مراد راهي، توهان سنڌي آهيو؟
راهي: سنڌي؟ خالص سنڌي سو سيڪڙو سنڌي.
ٽيلر: هڪ قوم پرست جماعت جا سربراهه به آهيو؟
راهي: جي ها. مان "سوڍا پٽ سنڌ جا "جو صدر آهيان.
ٽيلر: پر ان جماعت جو صدر ته مسٽر رانجهو خان" رمز" آهي.
راهي: انين ته ان جماعت جا چار صدر ٻيا به آهن.
ٽيلر: اهو وري ڪيئن؟
راهي: اسان جا طريقه ڪار تي اختلاف آهن.
ٽيلر: هر هڪ جا؟
راهي: جي ها. اسان جي (SPSJ) ڇهن ڌڙن ۾ ورهانجي وئي آهي.
ٽيلر: ته پوءِ توهان سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪيئن ڪندا هوندا؟
راهي: صرف منهنجو ڌڙو ئي مخلص ڪار ڪنن تي ٻڌل آهي. ٻين ڪي فلاڻي هنڌان پئسا ملندا آهن. اهي حرامخور سڀ جا سڀ غدار آهن.
ٽيلر: اهو الزام ته هو توهان تي به هڻي سگهن ٿا.
راهي: ڀلي ڀيا هڻن. اسان هنن جي پڄڻ لائق آهيون. ڪجهه ڏينهن اڳ جلسو ڪيو هئائون ته منهنجي ورڪرن لٺيون ۽ ڪهاڙيون هڻي صفا ڦٽائي رکيو هون. ان ڪان اڳ به ڪئي ڇڪريون ٿي چڪيون آهن اسان جون پاڻ ۾.
آرم: اها ته چڱي ڳالهه نه ٿي، خاص ڪري جڏهن حيدرآباد ڪراچي ۾ سنڌين جو ٿتلام ٿي رهيو آهي. اوهان کي ته پاڻ متحد ٿيڻ گهرجي. ڪڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچاءُ ڪرڻ گهرجي.

راهي: متحد؟ سوبہ انهن چورن سان؟ اڙي سائين توهان کي ڪهڙي خبر تہ اسان جي انهن ڪامريڊن اسان سان ڪهڙا ڪلور ڪيا آهن؟ سنڌ تہ اسان جي امڙ آهي. سنڌ لاءِ تہ جان بہ حاضر آهي. پر انهن بدمعاشن کي پهريون نيست ۽ نابود ڪري پوءِ سنڌ جي دشمنن سان مقابلو ڪبو. جيستائين انهن مان هڪ بہ زنده آهي. اسان سک نہ سمهنداسين.

آرام: تيستائين تہ توهان جو پنهنجو وجود بہ ختم ٿي ويندو.

راهي: ڀلي ٿئي. ان جي پرواه ناهي. پر .........

ٽيلر: توهان ڪافي جذباتي ٿي ويا آهيو. توهان هلي آرام ڪيو. اسان توهان کي بيهر تڪليف ڏينداسين. تيستائين خدا حافظ.

راهي پن جي بيڙي غاليچي تي اڇلي، مٿانئس پير ڏئي ڪيس چيپاٽي وساڻي ٿو ۽ پوءِ اجرڪ کي چڱي طرح ڪلهي تي رکي، ڪهاڙي لوڏيندو ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

جولي ٻاهر وڃي ٿي ۽ پاڻ سان گڏ هڪ پنجاهہ سالن جي مرد کي وٺي اچي ٿي،جنهن نهايت ئي سليقي سان مغربي پوشاڪ پهري آهي. گهري نيري رنگ جي سوٽ تي، ان ئي رنگ جي آڏن ليڪن واري ٽاءِ، ان ئي رنگ جو سلڪي رومال ڪوٽ جي اڳين کيسي ۾ گل جي شڪل ۾ وڏل ۽ ساڳي ئي رنگ جا قيمتي جوراب.باليءَ جي واڳونءَ کل واري جوتي تي پاتل. جولي سندس واقفيت ڪرائيندي چوي ٿي: هيءُ آهي مسٽر ڪي. ڪي چنڊال. سنڌ جو اعلي عملدار آهي. بنيادي طور وڏيرو آهي پر ولايت ۾ ڪجهہ سال گذارڻ سبب سنڌس اٿڻ ويهڻ تي مغربي اثر غالب آهي.

مسٽر ڪي. ڪي چنڊال هڪ هڪ سان گرم جوشيءَ سان ملي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو رهي.

ٽيلر: مسٽر چنڊال، ڪي. ڪي مان ڇا مراد آهي؟

ڪي. ڪي: (ٿورو شڪي ٿيندي) ڪرڙخان. دراصل اهو منهنجي مرحوم ڏاڏي جو نالو هو.

ٽيلر: نيور مائينڊ. اهو ٻڌايو تہ اوهان زميندار مان عملدار ڪيئن ٿيا؟

ڪي.ڪي:(کلها مٽڪائيندي) اهو ڪو وڏو مسئلو تہ نہ آهي؟ جيڪو ماڻهو هارين نارين، ڪمدارن ڪاراون کي سنڀالي سگهي ٿو. ان لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظاميہ ھلائڻ کا ڏکي ڳالھہ تہ نہ آھي.

ٽيلر: توھان جي خيال ۾ ڪمدار ۽ آفيسر ھڪ ٻئي برابر آھن؟

ڪي. ڪي: بلڪل، حقيقت ۾ سچ پچو تہ ڪمدار وڌيڪ ڪم وارو ماڻھو ٿيندو آھي. ٽوپي ٽانڊو، ڊڪ ڊوڙ، ٺڪ بجو، (اک ھڻندي) او ويندي ڏکيءَ ويل ڪم اچڻ تائين. ڪمدار توھان جو ھڏو ھانھو آھي. آفيسر؟ پنھنجي ٽيڙيءَ ۾ پورا، ڪنڌ ۾ ڪلي. ڪنھن تي اک ني ڪو نہ ٿي ھڏين. پر مان بہ مان آھيان. اھڙو سوکھو ڪير اٿمان، اھڙو سوکھو ڪير اٿمان، جو ياد ڪندا تہ ڪو ڪي ڪي چنڊال بہ ھوندو ھو.

ٽيلر: توھان تي الزام آھي تہ توھان سنڌ ۾ غير سنڌين کي ٻي تحاشا ڊوميسائيل جاري ڪيا آھن.

ڪي. ڪي: اھي مان نہ ڪيان ھا تہ ڪو ٻيو ڪري ھا.

ٽيلر: توھان تي اھو بہ الزام آھي تہ توھان پنھنجي آفيس ۾ ڪوٽا جي پرواھ نہ ڪندي، ڌارين کي تمام گھڻيون نوڪريون ڏنيون آھن.

ڪي. ڪي: دراصل منھنجون ڪي ڪمزوريون آھن. جيڪو انھن کي پورو ڪندو. نوڪري انھيءَ جي.

ٽيلر: ۽ پروموشن؟

ڪي ڪي: ساڳيو جواب.

آرم: مسٽر چنڊال، اھو ٻڌائيندا تہ توھان جي خيال ۾ سنڌ جي عملدار جو موجوده حالتن ۾ ڪھڙو ڪردار ھئڻ گھرجي؟

ڪي. ڪي: سٺو سوال آھي. حالتون بدلجندي دير نہ ٿي لڳي. چوندا آھن تہ ڪڏھن ريل ۾ تہ ڪڏھن جيل ۾- سنڌ جي عملدار کي وقت مان پورو فائدو وٺڻ گھرجي.

آرم: ۽ اصول؟

ڪي. ڪي: اصول ۽ عملداري ھڪ ٻئي جدا جدا شيون آھن.

آرم: قانون جي متعلق توھان جي ڪھڙي راءِ آھي؟

ڪي.ڪي: قانون ۽ ڌاڙيل ڪان ڊڄڻ گھرجي. پر جيڪڏھن ھنھي کي خاموش ڪرڻ واري شيءِ توھان وٽ آھي تہ پوءِ ھنھي کي پنھنجي فائدي ۾ استعمال ڇو نہ ڪجي؟

ٽيلر: سنڌي ڪاموري تي اھو بہ الزام آھي تہ ھو ڪمزور آڏو ھلاڪو ۽ زور آور آڏو ڪڪڙ ھوندو آھي.

ڪي.ڪي: ائين نہ ڪيون تہ جيڪر بک مري وڃون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيلر: ھڏو اٺون تہ سنڌي ڪامورو پنسي ۽ خوشامد خاطر پنھنجي ڪڙم ڪي بہ قربان ڪندي ويرمر نہ ڪندو آھي.
ڪي.ڪي: توھان صحيح ھڏو آھي. جيڪڏھن سنڌ جو سياستدان انين ڪري سگھي ٿو تہ پوءِ اسان ڪھڙو ڏوھہ ڪيو؟
ٽيلر: سنڌ جي سياستدان جي متعلق اوھان جي ڪھڙي راءِ آھي؟
ڪي. ڪي: اسان چار پاٽر آھيون. سياستدان، ڪامورو، ڌاڙيل ۽ پوليس وارو. پنجون ڀاءُ ڪجھ سالن کان سڪرات ۾ آھي.
ٽيلر: اھو ڪير؟
ڪي. ڪي: پير.
ٽيلر: ٿينڪ يو ويري مچ مسٽر ڪي. ڪي. ھاڻي توھان وڃي سگھو ٿا.
ڪي ڪي پنھنجي ڪرسيءَ تان اٿي ٿو. پنھنجا ڪپڙا لٽا ٺيڪ ڪري ٿو ۽ پوءِ ھر ھڪ سان ھٿ ملائي ٻاھر ھليو وڃي ٿو.

جولي ھڪ قداور ۽ گوري شخص کي ساڻ وٺي اچي ٿي ۽ چوي ٿي: ھيءُ صاحب سنڌ مان نڪرندڙ ھڪ مقبول اخبار جو ايڊيٽر آھي. وڌيڪ ڪنھن بہ تعارف جو محتاج ناھي. چو تہ اوھان سڀ ڪيس ڄاڻو سڃاڻو ٿا.
ايڊيٽر سڀني سان مسڪرائي ملي ٿو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ويھي ٿو.
ٽيلر: ايڊيٽر صاحب اوھان کي معلوم ٿي ويو ھوندو تہ اسان اوھان سڀني کي زحمت صرف ان ڪري ڏني آھي تہ جيئن سنڌين جھڙي عجيب و غريب مخلوق جو نفسياتي جائزو وٺي سگھون.
ايڊيٽر: جي ھا.
ٽيلر: اوھان جي راءِ ۾ سنڌين جي ڪمزور ترين پوائنٽ ڪھڙي آھي؟
ايڊيٽر: ڪمزوري.
ٽيلر: مثلن.
ايڊيٽر: مھمان نوازي، عورت، وڏيرو، سيد، عھدو، پنسو، دڙڪو وغيره وغيره.
ينگ: ان جو ڪو خاص سبب؟
ايڊيٽر: جنھن قوم کي جيئڻ جو ڍنگ نہ ھجي، ان کي جيئرو رھڻ جو حق بہ نہ ھئڻ گھرجي.
آرم: پر ھڪ ايڊيٽر ھئڻ جي ناتي اوھان تي تمام وڏيون اخلاقي جوابداريون عائد ٿين ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊيٽر: موتتي منهنجي ڪتنب جون ان ڪان به وڌيڪ ذميداريون آهن.
آرم: ڇا مطلب؟
ايڊيٽر: مون ڪان ٻيو سوال پڇو.
ينگ: فساد ۾ منل هڪ ڌر جي ماڻهن کي ته توهان شهيد لکندا آهيو. پر ٻيءَ ڌر کي "هلاڪ" وغيره چوندا آهيو. هڪ ڌر کي مشتعل نوجوان سڏيندا آهيو ۽ ٻيءَ کي تخريبڪار. ائين ڇو آهي؟
ايڊيٽر: ڪو ٻيو سوال پڇو.
ينگ: توهان جي اخبار جو اڌ ڪان وڌيڪ حصو هڪ مخصوص ٽولي لاءِ وقف هوندو آهي. ڳالهه ٻٽي نه ٻٽي، ٻڪها، ٽڪانيندڙ ۾ هڪ جهڙا بيان هر روز ڇاپيندي، توهان قوم جي ڪهڙي خدمت ڪندا آهيو؟
ايڊيٽر: ساري، اڳتي هلو.
ٽيلر: اسان ٻڌو آهي ته توهان جي صحافت ڏمڪيءَ جي ڊپ ڪان زرد ٿي چڪي آهي؟
ايڊيٽر: ٻيو سوال پڇو.
ٽيلر: اسان اهو به ٻڌو آهي ته توهان کي ان سموري خدمت جي عيوض ڪافي سٺيو معاوضو ملندو رهندو آهي؟
ايڊيٽر: مان ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻڌل ناهيان.

ٺيڪ ان وقت وڏيرو ڪبڙ خان مڇ مروٽيندو، بنان اجازت جي اندر داخل ٿني ٿو. هو سڌو جوليءَ ڏانهن جلهه ڪري وڌي ٿو. ڪمري ۾ موجود سڀ ماڻهو خوف وچان اٿي بيهن ٿا. وڏيرو جوليءَ جي ريجهو وجي آهستگيءَ سان ڪيس چوي ٿو: ڇوري، پناني رکيو اٿني. هاڻي ڳڻ ڪر نه ته وڃاڻءِ ۾ ٿو حالن مان.
جولي ڊپ وچان ٽيلر جي پريان لڪي ٿي. ٻه چار چوڪيدار اندر اچن ٿا ۽ وڏيري کي گهليندا ٻاهر وٺي وڃن ٿا.
هر ڪو سک جو ساهه کڻي ٿو.
ايڊيٽر معني خيز مرڪ سان سيني کي مخاطب ٿي چوي ٿو: توهان پنهنجي اکين سان ڏسي ورتو سيڪجهه؟ اڃا به مونکي چوڻ جي ڪا ضرورت آهي ڇا؟ خداحافظ.
ائين چئي ايڊيٽر فاتحاڻي انداز سان ڳاٽ اوچو ڪري ٻاهر نڪري وڃي ٿو. سيني ڪجهه دير خاموش رهن ٿا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گارڊ هڪ جهور ڪراڙي ماڻهوءَ کي وٺي اچن ٿا جنهنجا ڪپڙا ڇيهون ڇيهون آهن، جسم زخمي آهي، هلڻ کان هلاڪ، چنگهندر، منجهائيندو، ڏڙندو اندر اچي ٿو ۽ ڪرسي تي ٺاٺ ٿي ڪري ٿو.

گارڊ: سائين، هيءُ شخص ڪيتريءَ دير کان ٻاهر فرش تي پيو هو. اسان ته سمجهيو ته مري ويو آهي، پر پوءِ چڪاس ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اڃا ڪجهه ساهه باقي اٿس، ان ڪري توهان وٽ وٺي آيا آهيونس.

ٽيلر: ڪير آهي هيءُ؟

گارڊ: چوي ٿو ته منهنجو نالو سنڌي عوام آهي.

ٽيلر: چڱو، ٺيڪ آهي تون ٻلي وڃ.

گارڊ: ٻاهر هليو وڃي ٿو.

سڀ ڪراڙي جي سامت ۾ اچڻ جو انتظار ڪن ٿا. جڏهن سندس حالت بحال ٿئي ٿي، تڏهن ٽيلر ڪيس مخاطب ٿئي ٿو.

ٽيلر: ڪراڙا تنهنجو نالو ڇا آهي؟

ڪراڙو: جيءُ؟

ٽيلر: تنهنجو نالو پڇيم چاچا.

ڪراڙو: الائي ڇا ٿو چوين.

ٽيلر: خير اهو ٻڌاءِ ته تنهنجو اهو حال ڪنهن ڪيو آهي؟

ڪراڙو: ڏاڍيان چئه نٿو ٻڌان.

آرم: وڏيري ڪبڙ خان کي سڃاڻين پريا مڙس؟

ڪراڙو: ڪهڙو وڏيرو؟

آرم: ڪبڙ خان.

ڪراڙو: ڪهڙو خان؟

ٽيلر: نيورمانينڊ. اهو ٻڌاءِ ته هي حال ڪنهن ڪيا اٿني؟

ڪراڙو: ڪهڙا حال؟

ٽيلر: رروٽ ڪنهن کي ڏنو هيني چاچا؟

ڪراڙو: ڪهوٽ؟

ينگ: لڳي ٿو ته چاچو ڪجهه مڙني ٻوڙو آهي.

ڪراڙو: ڇا ٿو چوين؟

ينگ: ڪجهه ڪو نه ٿو چوان چاچا. اهو ٻڌاءِ ته ڪو سار سنڀال لهڻ وارو ڪرنهني ڇا؟

ڪراڙو: ڪير؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ينگ: سار سنڀال لهڻ وارو.
گراڙو. نہ ابا.
ينگ: ڪاڏي ويا؟
گراڙو: مري ويا. سڀ مري ويا پٽ متارا مري ويا. منهنجا متارا مري ويا. بابا.

گراڙو سڏڪن ۾ اچي ٿو ڇني. سڀ مڙئي سڙي سنڌس چوڪرد ڪڏ ٿين ٿا. ايتري ۾ وڏيرو ڪبڙو خان ڏڪيندڙ اندر اچي ٿو. هٿ ۾ ٻرنالي بندوق اٿس. اچڻ سان جولئي کي ٻانهن کان پڪڙي گهليندو ٻاهر هليو ٿو وڃي. سڀ ماهر سنڌس پٺيان ڊوڙن ٿا. گراڙو سموري واقعي کان بي خبر، منهن موڙن ۾ وجهي سڏ ڪندو ٿو رهي.

# ڏاڙيل ۽ شاعر

هي ٻُ ان ڏينهن جو ذڪر آهي، جڏهن مونکي ڏاڙيل ڪٺي ويا هئا.
قصو هينءَ ٿيو تہ حيدرآباد مان آل پاڪستان مشاعري جي دعوت ملي هئي. نذرانو پنج هزار روپيہ طئي ٿيو هو ۽ بہ ويلا ماني ۽ هنڌ ڪٽولو منتظمين پنهنجي ذمي ڪئيو هو ۽ اچڻ وڃڻ لاءِ بس جو ڀاڙو جدا. دعوتنامو پڙهي دل باغ باغ ٿي وئي. ڪافي عرصي ڪانپوءِ ڀاڳ ورايو هو. گذريل مشاعرو اٽڪل ٽي سال اڳ ٿيو هوم، ان ڪانپوءِ صفا بس ٿي وئي. هڪ طرف ڪلام ويو ٿي ڪٺو ٿيندو، ٻئي طرف ڏوڪڙ پنسي جي تنگيءَ اچي ٻچيءَ ڪان جهليو هو. دل ۾ دعائون پئي گهريہ تہ: وارو ڪر مولا! ڏيار ڪو مشاعرو تہ ڪيون ڪي جشن پاٽي.

بس، ڪا ڪاري پاڻي اگهاٽي جو ويرم ني ڪونہ گذري تہ ٽپاليءَ در ڪڙڪائي ڪٺي لفافو هٿ ۾ ڏنم. پڙهي لونءَ لونءَ ٺري پئي. بہ ٽي ڀاڪر ٽپاليءَ کي پاتي، گرم جوشيءَ سان هٿ ملائي، ڪيسي مان پراڻو، وٽيل هڪ روپئي جو نوٽ ڪٺي سندس ترِيءَ تي رکيم.

ٽپالي ويچارو حيران ٿي ويو. جنهن در تان سڄي زندگي پاٽيءَ جو گلاس بہ پيئڻ لاءِ ڪونہ مليس، اتان هڪ روپئي جو نوٽ ملندو ڏسي تاراني ساوا ٿي ويس. هٻڪندي چيائين: مٺر سائين، هي مان ڪٺي ڇڏيان؟
چيم: کڻ بہ، ڪپاءِ بہ. وڃ چريا موج ڪر.
اعتبار ني ڪونہ آيس. وري چيائين: مٺر سائين، توهان جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟
چيم: جهڙي تهڙي؟ صفا هٽ پري.
ٿوري دل ٻڌائين تہ پڇي ني ورتائين: ڀلا خير تہ آهي؟
چيم: مشاعرو آهي مست، مشاعرو.
جهونگاريندي چيم: اڄ ٿينديون ڳالهيون صفا، پوءِ هو ڪٺي يا مان ڪٺان!

ٽپالي روانو ٿيو تہ مون بہ تياريون شروع ڪيون. ڀهريون تہ گذريل ٽن سالن جا لڪيل ديوان ڳولي ڪڍيہ. انهن کي اگهي صفا ڪري، ريشمي رومال ۾ ويڙهي، پاسيرو ڪري رکيم. ان ڪان پوءِ پنهنجي پراٽي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چلڪيدار بروڪيڊ واري شيرواني ٽين جي پيٽيءَ مان ڪڍي چنڊيم ، استري ڪيم ۽ پوءِ هينگر ۾ وجهي ڪرڪي سان ٽنگي ڇڏيم . ان ڪان پوءِ سلوار، بوٽ ، ٽوپي ، مطلب تہ گهر ۾ موجود هر ڪارآمد شيءِ ڪڍي ڪيم ٻاهر. ٺاهي جوڙي ، مرامت ڪري ، سنبت پوري ڪيم. شاعر جذبات بلبل بيقرار کي هلڻ جي صلاح هنيم ، پر هن ٺپ جواب ڏنو. چي: اهو بہ ڪو مشاعرو چنبو جنهن ۾ چوٽيءَ جا شاعر مدعو نہ هجن؟

پڇيم: مثلاً.

چيائين: مثلاً شاعر جذبات بقلم خود .

پڇيم: ڪو ٻيو؟

چيائين: ٻيو حضرت بلبل بيقرار.

چيم: اهي ٻئي تہ هڪ ئي چنبا .

چيائين: پرمٽ ۽ پلاٽ وٺڻ وقت هڪ مان ٻہ ٿي ويندا آهن.

چيم: تہ پوءِ ٻئي ڄڻا سو سو روپيہ اوڌر ڏيو. مشاعرو ڪماني موٽائي ڏيندس .

چيائين: قرض ڏيڻ وقت مان هڪ ٿي ويندو آهيان. اڃي هي سو روپيہ ، ٻہ سو ڪري موٽائي ڏجانءِ.

ٻئي ڏينهن صبح سان ننڍڙي بيگ هٿ ۾ کڻي ، چلڪيدار شيرواني پائي ، بوٽ مان چيچٽ ڪڍندو اچي بس اسٽاپ تي بيٺس . ڪرڻي خدا جي اهاڻي جو ٺيڪ ان وقت صاحب مون واري جو ڊرائيور گدو بہ اچي اتان لنگهيو. مونکي ڏسي زور سان بريڪ هڻي گاڏي بيهاريائين. شيروانيءَ جي چلڪي کان اکين کي بچائڻ لاءِ هٿ جي ڇانو ڪندي پڇيائين: اڙي مٺر تون آهين؟ مون تہ سمجهيو تہ سلما آغا بيٺي آهي.

چيم: مشڪري ڇڏ گدو. ٻڌاءِ تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

چيائين: مان تہ حيدرآباد ٿو وڃان ننڍي بيگم صاحبہ کي کڻڻ جي لاءِ. تون تہ ڪنهن شاديءَ تي ويندو هوندين وڃڻ جي لاءِ.

ٽپ ڏئي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويهي رهيو مانس. چيم: مشاعرو ڪمائڻ ٿو وڃان گدو.

چيائين: ساڳي ڳالهہ آهي. هٿ پير ۽ ڄاڙي ٻنهي ۾ ساڳي لڳندي آهي.

سپرهاءِ وي ٽائين مون سائس ڪرنہ ڳالهايو. ٽول پلازا وٽ پهچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيانين: ڪڏهن اٺ رپيه ڀاڙو ڏيئي ٽه ٽه لهه گاڏيءَ کان هيٺ ۽ وڃي گوڏي ڪي.
چيومانس: ڀيلي گدو، عرصي کان پوءِ گاڏيءَ ۾ ڪو "ماڻهو" ويٺو آهي. ان سان به ٿو اينئن ڪرين؟
هو ڪليو. ڪيسي مان پنسا ڪڍي، ٽنڪس پريانين ۾ گاڏيءَ کي گينر ۾ وجهندي چيانين: يار، چريا ته اسان به آهيون، پر ڀيلي تون زور آهين.

گاڏي اڃا ٻه چار ميل مس هلي هوندي ته اوچتو وٽ وٽ ٿي وئي. ڪلاشنڪوفن جا برسٽ، هوائي فائر، رڙيون، واڪا، گاريون، گند.
گدوءَ ڪٽي دپ ۾ گاڏي روڪي، اوچتوني اوچتو ٽي چار ڄڻا ڀڙون ڀڙل، هٿيار لهرائيندا، ٽپ ڏئي گاڏي ۾ چڙهي پيا.
گدوءَ پڇيو: يار ڪير آهيو؟ خير ته آهي؟
هڪ همراهه چماٽ وهائيندي چيس: چپ ڪر پولا ته ڦاڙيانءِ نه ٿئڙ.
مون چيو: ڀانو نه سلام نه دعا، نه حال نه احوال اٿندي ئي وڙهڻ ٿو اچين.
بندوق منهنجي پيشانيءَ تي رکندي چيانين: هتان جو گولي وهائيندومانءِ ته سلام دعا، سڀ وسري ويندئي ڪوڙلا.
گدوءَ کي دڙڪو ڏيندي چيانين: لاهه گاڏي ڪچي ۾ پولا.
گدو ويچارو ٿئڙ کان پوءِ صفا ڊچي ويو هو. ماڻڙي ڪري حڪم ميڃيائين. جڏهن ڪچي ۾ ڪجهه پنڌ نڪري وياسين، تڏهن بندوق واري همراهه ڏڪر ڏني ڪيس هيٺ لاهي ڇڏيو ۽ چيائين: ڀڙڙي پولا. تنهنجو صاحب اسان جو مهمان آهي. جي ٽن ڏينهن اندر ويهه لک روپيا نٿا ملن ته هن جو خير نه سمجهجانءِ. هاڻي ڀڄ هتان.
مون چيو: مون کي ته ڇڏيو ڏاڙيل صاحب مان ته وڃان.
چيانين: تون ويهي رهه. خبردار جي زرو به چرپر آهين. ويهه لک روپيه روڪڙا ملندا ته ڇڏينداسونءِ نه ته پهتين رب ڪي.
چيم: ڀلجو ٿا. مان ته "مئر" آهيان. شاعر موڪو "مئر" مليرائي.
هيو ڏاڙيل اڇي ٻر ۾ ويٺو، چيائين: ڳهٽا تال ڪندين صاحب وڏا، اسان ته توکي آسمان تي پني ڳوليو. مولا ڪٽي زمين تي ملايو آهي.
چيم: نه ابا نه. مان ته غريب آهيان.
چيائين: سڀ سمجهون ٿا. ههڙا قيمتي ڪپڙا، هي نوٽن سان ڀريل پيتي، هيڏي ساري ڪار، اڃان تون غريب آهين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون گهڻو ئي سمجهاڻ پر ڪونہ مڙيا. اکين تي پٽي ٻڌي، گاڏيءَ ڪي ڪٿي وهايائون جهنگ ۾. هل هلان. هل هلان. هل هلان. نہ جهنگ ڪٽي، نہ جند ڇٽي. اچي ڦاٿس. ڳالهايان تہ ڳالهائڻ نہ ڏين. چران تہ چرڻ نہ ڏين. وڃان سو وڃان ڪاڏي؟ خدا خدا ڪري هڪ هنڌ گاڏي بيهاريائون. چنبو هٿي ٻاهر لاٿائون. اکين تان پٽي هٽي تہ ڏٺم تہ ڪو ڳوٺ هو. جنهن گهر ۾ وٺي هليا، سو بہ ڪچو هو. هڪ ڪمري ۾ کٽ پئي هئي، پرسان دلو ۽ پٽين تي فلم جلال چاندڻي جا پوسٽر لڳل هئا.

چيائون: هاڻي جيسين تنهن جا مانٽ پنسي ڏرڪڻ جو بندوبست ڪن، تيسين گهر بہ اهو ائني تہ اوطاق بہ اها ائني تہ آفيس بہ اها ائني. هاڻي اسان وڃون ٿا وڏيري سائين کي احوال ڪرڻ. اهو بندوقي توتي پهرو ڏيندو. ڪم ڪار هجني تہ ڪيس چنجانءِ. ۽ ها، جي ڀڄڻ جي ڪني ائني تہ کهي ڪتن کي ڏينداسونءِ.

هو ويا هليا. مان کٽ تي آهلي پيس. بندوقي دروازي تي پهرو ڏيڻ لڳو.

چيومانس: يار ڪو شعر ٻعر جو شوق ائني؟

چيائين: ماٺ ڪري ويهہ. ڳالهائيندين تہ ڪک ڪڍي رکندو مانءِ.

چيم: ڪاوڙ نہ ڪر. واندا ويٺا آهيون، هڪڙو بہ ڪلام منهنجو ٻڌ. جي روح سڻ ڏيني تہ تون بہ ڪٿي الله جي ڏني مان ٻڌانجانءِ، نہ تہ توتي ميار ناهي.

هن مونڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چپ چاپ ٻاهر نهارڻ لڳو.

سمجهيم تہ هانو ٻيلي، همراه ڪو خفتي ٿو ڏسجي. وڃاءِ مٽر ڪم ڪي. مشاعرو تہ ويو لڙهي، هيءَ موقعو تہ نہ وڃي.

اهو سوچي، ريشمي رومال ۾ ويڙهيل بياض ڪڍي ڪيم ٻاهر.

چيم: اچني ٿو پهريون ڪلام.

چيائين: مڙي وڃ بابا. ناحق ٿو خون ڳچيءَ ۾ وجهينم.

چيم: عرض ڪيو ائم:

گل هجي، بلبل هجي ۽ باغ جو مالهي هجي،
تون هجين ۽ مان هجان ۽ ٻوڙ جي ٿالهي هجي.

داد طلب نظرن سان ڏانهنس ڏٺم تہ ڏند ڪرٽيندي چيائين: تون تہ ڪو حرامي ڦر ٿو ڏسجين.

چيم: مان شاعر آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ڏوڙ پني ائني ٻوٽ ۾. موٽي وچي ماڻ کي شاعري ٻڌائجانءِ. في الحال هتي ماٺ ڪري ويهه.

چيم: ڏاڙيل صاحب، ير رات اينن ته ڪونه گذرندي. ٻيلي مڙس ٿيءُ، منهنجو ڪلام ٻڌ. عرض ڪيو اٿم ته:

هاڻيءَ مٿان هتڙا گهٽا گهماينى يار،
جــي اهــي اٿــني پــار،
تـه هاٿـــي پڇنـدني هتڙا.

ڏاڙيل ٻوڙي اچي ڳچيءَ کـان ورتم. ٻه ٽي زوردار ڏونڊاڙا ڏيـئـي اڏ مـئـو ڪري ڪٺي پري اڇلايائينم. پير سان پنيءَ واري لت هڻندي چيائين: جهڙن سان ٻه ٽنو مڙين. هاڻي ڏسان ته ڪينءَ ٿو مخول ڪرين.

ڏڪ ته ڏاڍو لڳو هو، پر پوءِ ٻه همٿ ڪري، ڪراهيندي چيم: تنهنجي ان ظلم ۽ ستم تي هڪ شعر ياد آيو اٿم. عرض ڪيو اٿم ته: ٻڌايان ڇا ستمگر، غمزده آ داستان منهنجو.

ڏاڙيل وڏي راڻياٽ سان رائيفل ڪٺي پٽ ۾ هڻنين. ٻني هٿ پنهنجن وارن ۾ وجهي، ڪٺي جو سٽ ڏنائين ته ڇڳون اچي مٿين ۾ پيس. دانهن ڪري چيائين: اڙي بس پٽيا، بس ڪر. منهنجو ته مٿوني ڦيراني ڇڏيو اٿني. خدا جي واسطي بس ڪر.

مون هوريان هوريان وڃي سندس زمين تي ڪريل رائيفل کنئي. پنهنجي شيروانيءَ سان اگهي، ٻيهر موٽائي سندس حوالي ڪيم ۽ چيم: تنهنجي ان ڪاوڙ تي ٻڻ هڪ شعر ياد آيو اٿم. عرض ڪيم ته: ڪاوڙ ڪرين ته ڀل ڪر، ليڪن جواب ڏي تون.

ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن مٿو پٽيندي، ٻاڪار ڪندي چيائين: اچ اچي منهنجو دانگيءَ سان منهن ڪارو ڪر. وارو ڪر. ٻيهر موقعو نه ملندئي. هلي آ.

ٻڇندي چيم: تون ته يار اجايو ٿو ناراض ٿين. مان ته.

ڳالهه ڪٽيندي چيائين: اڙي مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي. ٻڌهي اٿني دستگير پيران پير جي. منهنجي حال تي رحم ڪر.

چيم: پر مون ته صرف پنهنجو ڪلام پني ٻڌايو. عرض ڪيو اٿم ته: ڪاوڙ نه ڪر تون سهٺا، مونڏي نهار ڪلندي.

ڏاڙيل ٻوڙ پاني ڏو وڃي پٽ ۾ مٿو هنيو. رت ٽيـنبڊيون ڪري مٿي مان وهڻ لڳس. سڏڪندي چيائين: هاڻي ته خوش ڏٺين هچا؟ تون ته ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو مزرائيل ٿي آيو آهين. چوانءُ ٿو ماٺ ڪر. ماٺ ڪر، ماٺ ڪر نہ تہ مان پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيندس.

چيمر: ڀانو ڏاهو ٿيءُ. ماڻهو تہ اسان جي ڪلام تي داد ڏيندا آهن.

گجگوڙ ڪندي چيائين: ماڻهن جي تہ وڃي ڪري.......... ماڻهن جو آ اچو منهن.

چيمر: اچي منهن تي ہ شعر ياد آيو اٿمر.

هن مونکي ڄڪڙ کان جهلي ٻاهر دروازي کان ڌڪو ڪيو. چيخندي چيائين: نڪر هتان سوئر ڪنهن جاءِ جا. توجهڙا ٻہ ڪچر ٻيا ڪنياسين تہ اسان ٻہ ڪٽيو ڪاڏو. هاڻي دفعا ٿي منهنجي نظرن کان نہ تہ ڏوڙيا ڪراني ڏيندوسانءِ گولين جا.

مان اٿيس ڪپڙا ڇنڊيم. بياض ريشمي رومال ۾ ويڙهيم ۽ کيس چيمر: تنهنجي وڏي مهرباني ڏاڙيل صاحب قدرداني ڪني اٿني. ان لاءِ سوڪڙيءَ طور هيءَ آخري شعر ٻڌائيندو ٿو وڃانءِ. عرض ڪيو اٿمر تم: ڦٽن ٻني آگريون زور سان ڪنن ۾ وڌيون ۽ سڌو اندر ڪمري ڏانهن ڀڳو.

مان حيران ٿي ويس تہ آخر مون کان اهڙي ڪهڙي خطا ٿي وئي جنهن کان هو ايترو بيزار آهي. ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيہ تہ ٻنهنجي ٻنگ ڪٽي، آخري نگاھ ان ڪچيءَ جاءِ تي وجهي اڃا ڀهريون قدمر مس ڪنيمر تہ اندران گولي ڇٽڻ جو آواز آيو ۽ ان سان گڏوگڏ ڏاڙيل جي آخري چيخ ٻڻ گونجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سسئي ۽ سور

اسلام آباد ٻاهران، مارگلا پهاڙين جي وچ ۾ ٺهيل خوبصورت ريسٽورنٽ جي لان تي ريلنگ کي ٽيڪ ڏني، اسان ڪافي دير کان چپ چاپ پنهنجن خيالن ۾ گم هئاسين. هيٺ دور دور تائين پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ خوبصورت رانديڪن جيان ٽڙيو پکڙيو پيو هو. ڏکڻا ويڪرا رستا، ڳاڙهين کپريل سرن جي ڇتين واريون اڪيچار عمارتون، شاهه فيصل مسجد، سيڪريٽريٽ بلڊنگون، ايمبيسيون، ايوان صدر، قومي اسيمبلي، سنڌ هائوس، باغ باغيچا، ٿوهارا ۽ سبزو.

هيءُ اهو شهر آهي، جتي قوم جي قسمتن جا فيصلا ٿيندا آهن.
جتي ملڪ جا دستور جڙندا آهن ۽ ٽٽندا آهن.
جتي خوش بخت انسان ٻهڪندڙ چهرن ۽ چلڪندڙ لباس سان وفاداري، انصاف ۽ خدمت جو حلف کڻندا آهن ۽ ڪجهه ني عرصي بعد مرده يا نيم مرده روحن يا جسمن سان، ڏرڪندا، ڪِلبا يا رڙهندا، واپس ڪُوٺ موٽندا آهن. (منهنجو ڪتي آيو خيرسان- هوجمالو!)
جتي گريڊن جو راڄ آهي. وڏو گريڊ، ننڍي گريڊ جي پر ۾ ويهڻ به گوارا نه ڪندو آهي. ڪيس نفرت ۽ حقارت جي نظرن سان ڏسندو آهي، ۽ ننڍو گريڊ لومڙ جهڙيءَ چالاڪيءَ سان وڏي گريڊ جي ٽنگ ڇڪڻ ۽ سندس تراڪڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو آهي.
جتي ڏينهن جاڳندو آهي، وڏيرا سمهندا آهن. رات جي اونداهيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو جاڳندو آهي ته صرف وڏن صاحبن جون تقريرون لکڻ وارو، سياستدانن جون تقديرون لکڻ وارو يا مفلس کي مفلس تر ڪرڻ جون تدبيرون لکڻ وارو.
جتي چور، ڌاڙيل ۽ پاڙيدار شريفاڻي پوشاڪ ۾ ايندا آهن ۽ نرم لهجي ۾ گفتگو ڪندا آهن. ڳالهه ڳالهه تي هٿ جوڙيندا آهن ۽ ڪُوٺ موٽي شرافت جو ڀرم ٽوڙيندا آهن. پنهنجا لڪايل تيز ننهن ۽ ڇپايل وچ ٻيهر ڪڍندا آهن.
جتي ٻهچي سنڌي عوام جو چونڊيل نمائندو پنهنجي يادداشت وڃائي ويهندو آهي. ڪيس سرڪ ۽ سريت کان سواءِ ڪجهه به ياد نه رهندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبليءَ جي هلندڙ سيشن ۾ ننڊ ڪندو آهي ۽ بيڊروم ۾ جاڳندو آهي.
جتي سنڌي وزير جادوءَ جي "گهر شهر" ٽوپي پائي عام ماڻهن جي نظرن
کان الوپ ٿي ويندو آهي ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڏيڻ سان به نه لهندو آهي.

عجيب شهر آهي. پهاڙن جي دامن ۾ رهي، ماڻهن جون دليون به پٿر جون
ٿي ويون آهن.
ارادا پٿر جا.
نيتون پٿر جون.
خواهشون پٿر جون.

اوچتو بارش جي پهرينءَ ڦڙيءَ تي ڇرڪي اسان هڪ ٻئي ڏي ڏسون ٿا.
هو چوي ٿو: قمر، مان گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو
آهيان ته اسان ڪڏهن به هڪ ٿي نه سگهنداسين. اسان ۾ ڏڙا ۽ ڏريون
ٿهنديون رهنديون، ڀڄنديون رهنديون. يڪجا ٿيڻ اسان جي خمير ۾ ئي
ناهي. اها اسان جي تاريخ آهي. اسان جو آئندو به ان کان مختلف ٿي نه
سگهندو. ان ڪري منهنجيءَ راءِ ۾ هن کان پوءِ، سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ
سيني کي انفرادي جدوجهد ڪرڻي پوندي. جنهن کان جو ڪجهه پڄي
سگهي، سو هو ڪري.
هو چپ ٿي وڃي ٿو. بيهر هيٺ واديءَ ۾ ڦهليل خاموش، ساڪت ڪي شهر
کي گهورڻ لڳي ٿو.

امر جليل سان منهنجو عجيب رشتو آهي، جڳ کان نيارو. سالن جا سال
نه ملون، نه فون تي ڳالهايون، نه خط لکون. هڪٻئي جي ڏک تي عذر
خواهي نه ڪيون. لفظن جي راند سکياني ناهيون. اڪثر ۾ الجهي نه
ڄاڻون. پر هڪٻئي جو درد خوب ڄاڻون ٿا. پري رهندي به هڪٻئي جي
احساسن کان واقف آهيون. ننڍي هوندي اينئن نه هوندو هو. ننڍي هوندي
ڏاڍا مست هوندا هئاسين. محفلن جي جان، کلڻا، کيڏڻا، نچڻا، ٽپڻا، اسان
جي دم سان خوشيون هونديون هيون، روشنيون هيون، ٽهڪ هئا، گيت
هئا، رنگ هئا، خوشبو هئي. پر هاڻي شايد ڪراڙا ٿي ويا آهيون، يا وري
احساس جي زنجير هر خوشيءَ کي ٻاندي بنائي ڇڏيو آهي. هر گيت کي قيد
ڪري رکيو آهي. اسان اهي نه رهيا آهيون. اسان جي اردگرد به ته هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ ساڳي نہ رهي آهي. هو گذريل ڪيترن سالن کان اسلام آباد ۾ رهندو آهي. سنڌ کي ساريندو آهي. سنڌ بہ ڪيس ڪڏهن ڪونہ وساريو آهي. هر حال ۾، هر وقت، سنڌ پنهنجن سڄڻن کي ياد رکيو آهي.

صوفين ۽ درويشن جي سنڌ، جا هاڻي ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جي ور چڙهي وئي اهي. سخي مردن ۽ مهمان نوازن جي سنڌ، جا هاڻي پنهنجي شرافت جو ڪيترو لوڙي رهي آهي. دودن ۽ دليرن جي سنڌ، جنهن جي جسم کي سندس ئي ڄايا، پراون هٿ، لالچ وس ٿي تين وال ڪري رهيا آهن.

سنڌ تہ ڪنهنکي بہ ڪونہ ڏکايو آهي. پوءِ ڇو هر پنهنجو پرائو سندس سيني ۾ نشتر چڀائي خوشيءَ وچان ڪڇيون هڻي رهيو آهي؟

بارش جي هڪ ڦڙي منهنجي چپن وٽ ڪري آهي ۽ لڙڪ جيان منهنجي ڳل تان ترڪندي کاڏيءَ تائين پهچي بيهي رهي آهي.

چوان ٿو: اکين آڏو موت ڏسي، هاڻي تہ اسان کي گڏ ٿيڻ گهرجي.

هو مايوسيءَ مان ڪنڌ ڌوڻي چوي ٿو: منهنجو اهو نياپو سيني تائين پڄانجاڻ. هر ڪو انفرادي جدوجهد ڪري. اديب، صحافي، هاري، مزور، هر ڪو پنهنجو فرض پورو ڪري.

بارش وڌي وئي آهي. اسان موٽي ريسٽورنٽ ۾ اندر اچون ٿا.

مان ڪجھ ڏينهن ٿيا جو اسلام آباد مان موٽي آيو آهيان. ٻيهر نفرتن، داداگيرن، ڌاڙيلن ۽ ڦورن جي شهر ۾. شهر، جو ڪڏهن اسانجو هو. هاڻي ناهي. جتي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پائڻ، سنڌي چوائڻ ۽ سنڌي ڳالهائڻ موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي.

جت اسان جا ماڻهو هيٺا، هيسيل ۽ هڄيل آهن.

جتي اسيمبليءَ ۾ انگ پورتارن جو وڌيڪ آهي، پر حڪم ڌارين جو ٿو هلي.

جتي مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ وارو آخري ادارو بہ آخري هڏڪين ۾ آهي.

ان ڪراچيءَ جي هڪ گرم رات ۾، مونسان گڏ سنڌ جون بہ نامور هستيون ويٺيون آهن. ٻئي دانشور پنهنجي علم، حلم ۽ وطن دوستيءَ سبب سڄيءَ سنڌ ۾ پوڄڻ جي حد تائين چاهيا وڃن ٿا. ٻنهي جي وطن دوستيءَ ۾ ذري برابر بہ شڪ يا شبهہ جي گنجائش ناهي. ٻئي سنڌڙيءَ جا سچا سورهيہ سپوت آهن. کرا، بيباڪ ۽ بيڊپا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محفل ۾ ريٽل ٽيون پڇي ٿو: موجوده حالتن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟
عالم، فاضل ۽ محترم شخص وراڻي ٿو: سنڌ کي ڪو به لهر لوڏو ڪونهي. اسان جو ڪلچر هر ڌارين ڪلچر کي ختم ڪري ڇڏيندو.
پڇڻ وارو ٻيهر پڇي ٿو: پر سائين، ڪلاشن ڪوف آڏو ڪلچر بيهي سگهندو؟
سائين وراڻي ٿو: بلڪل. مهمان نوازي، شرافت ۽ نماڻائي، ڪلاشن ڪوف، ٽي.ٽي ۽ مائوزر کان وڌيڪ طاقتور آهي. دهشتگردن ۾ هاڻي کان ني ڏار پوڻ شروع ٿيا آهن. ڪوڙ، زور آوري ۽ ڌانڌلبازي پنهنجي ني ڪوٽيل قبر ۾ دفن ٿي ويندي.
پڇڻ وارو وري پڇي ٿو: تنهنجو مطلب ته هاڻي اسان کي ڪجهه به ڪرڻ نه گهرجي؟ پنهنجي بچاءَ لاءِ به نه .
پيارو سائين وراڻي ٿو: هرگز نه. اسان جو هٿيار اسان جو ڪلچر آهي. اهو پاڻهي اسانجي حفاظت ڪندو.
پڇڻ وارو چوي ٿو: ۽ هو جي هر روز هڪ هزار هندوستاني سنڌ ۾ داخل ٿي رهيا آهن ؟
سائين وراڻي ٿو: ان سان ڪوبه فرق نٿو پوي. اهي شهرن ۾ قيد ٿيندا ٿا وڃن.
پڇڻ وارو مطمعن نه ٿيو آهي. ٻئي دانشور ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو: شهرن تي سندن قبضو، نوڪرين، تجارت ۽ صنعت تي سندن غلبو، نمائندگي سندن هٿ ۾، اسان جو ڇا ٿيندو؟
دانشور چوي ٿو: گيس، بجلي، پاڻي ۽ سبزي ته اسان جي هٿ ۾ آهي. هڪ ڏينهن لاءِ ته بند ڪني. روئي پوندا.
پڇڻ وارو ماٺ ٿي وڃي ٿو.

مان ڪنڌ جهڪائي پنهنجي منهن ٻڌڪان ٿو: امر جليل، يار دل دکيءَ ۾ رکي ويهي رهه. پنهنجا حال اجهو اهي اٿئي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي

منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي تمنا اها رهي آهي ته مان هڪ عدد ڪتاب جو مصنف ٿيان. وڌيڪ لکجي پون ته منهنجي لاءِ وڌيڪ اعزاز ٿيندو، پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪتاب جو ڏٿي بنجڻ منهنجي حياتيءَ جو اهم ترين مقصد پئي رهيو آهي.

شروع شروع ۾، جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن مان ڪورس جي ڪتابڙي کان بي حد متاثر ٿيس. دل ۾ سوچيم ته هر تعليم پرائيندڙ انسان لاءِ ڇا ڪاڻ ته ڪورس ياد ڪرڻ تمام ضروري آهن. ان ڪري ڇو نه هڪ اهڙو ني ڪتاب مان به ڇپرائي پڌرو ڪيان ۽ باقي زندگي آرام سان انين چني سگهان ته مان پنهنجي ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ وڪامندڙ ڪتاب جو خالق آهيان.

پر پوءِ منهنجي اها راءِ خود منهنجي ني نظرن ۾ ڪري پئي، جڏهن تقريبًا هر شاگرد کي ان قسم جي ڪتاب متعلق نهايت ني نازيبا ۽ نامناسب لفظ، محاورا ۽ جملا استعمال ڪندي ٻڌم. خود منهنجي راءِ به ٻين کان مختلف نه هئي. ان ڪري اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيم. ان جي جاءِ تي فلمي ڪلامن جي چوپڙي ڇپائڻ جي صلاح ٿيئي. خبرناهي هاڻي ان قسم جون چوپڙيون دوڪانن تي دستياب آهن يا نه، پر اڳي مختلف ڳائڻن يا فلمن جون ننڍڙيون ڪتابڙيون ڇپايون وينديون هيون ۽ ٽڪي ٽڪي ۾ عام وڪامنديون هيون. انهن جي بي انتها مقبوليت کي ڏسي ڪي شوقين پنهنجو ڪلام پڻ اهڙيءَ ني طرز تي ليٿو ڪرائي وڪڻندا هئا ته جيئن سندن مشهوري ٿئي ۽ ڪنهن فلم ڊئريڪٽر يا مشهور ڳائڻي جي مٿن نظر پئجي وڃي. منهن جي پاڙي ۾ هڪ لوهر، آچر جي نالي سان رهندو هو. اهڙي ني قسم جي شاعري ڪندو هو ۽ دلي خواهش هئس ته شل جيوٽي ٻاني سندس ڪلام ڳائي. پيٽ ڪٽي، ويلا ٽاري، ڏکيا ڏينهن ڏسي، ڪنهن نه ڪنهن طرح اها ڪتابڙي ڇاپايائين. پر قدرت کي ڪجهه ٻيو منظور هو. جيوٽي ٻاني جي بجاءِ ڪتابڙي سوناخان بلوچ جي ور چڙهي وئي. ڪلام به دل وڻان هوس، سو اچيو ٿو ڳائي، اچيو ٿو ڳائي، اچيو ٿو ڳائي آچر لوهار کي هٿي وڻ وڃائي ڇڏيائين. هڪ ڳائي جو آواز هنيان ٺارڻ، مٿان آچر لوهر جو مترڪي جهڙو ڪلام، ٻارن ۾ ڊيڄڙو پئجي ويو، دل جي مريض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنن ۾ ڪجهه وجهي ڇڏي ۽ ڪن متاثرين ته وڃي ٿاڻي جو در ڪڙڪايو. چويڙي توڙي رڪارڊن تي بندش پنجي وئي.
بابا سائينءَ کي بلڊ پريشر جو عارضو هو. حڪيم جو علاج ڪرائيندو هو. حڪيم چئي ڇڏيس ته جي جان عزيز اٿئي ته دوا وقت تي کاءُ، ڪاڏي پيتي جو خيال رک ۽ سونا خان بلوچ جي ڪلام ٻڌڻ کان پرهيز ڪر.
اهي حال ڏسي مون ڪلامن جي چويڙي ڇاپائڻ جو خيال به دل تان لاهي ڇڏيو. ان کان پوءِ طوطي مينا جي ڪهاڻي، طلسم هوشربا جو قصو، ٽارزن جو سيريل، سڀ ڪجهه لکڻ جا ارادا ڪندو رهيس ۽ بدلائيندو رهيس.
آخرڪار منهنجي روح سٽ ڏني ۽ پڪو پهه ڪيم ته سچن عاشقن جو احوال يعني سهڻي ميهار جي آکاڻي لکي وڃي ۽ عام ماڻهن کي بلڪل نئين انداز سان ٻڌائي وڃي، ڇوته منهنجي ذاتي راءِ ۾ اصل ڪهاڻيءَ کي ڦيراني گهيراني غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. دراصل نه سهڻي سهڻي هئي ۽ نه ميهار ميهار هو. خير، اهي ته وڃي ٿيا تفصيل. مون ڏينهن رات جي محنت، لگن ۽ ڪوشش سان سهڻي ميهار جو جديد قصو پڪي جلد سان ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ارادو ڪيم ته ان جو افتتاح پڻ ڪنهن سهڻي يا ميهار کان ئي ڪرائيندس. سهڻي نالي ڪيترين ئي عورتون ڏٺم پر هر هنڌ ناڪامي ٿيم. يا ته سندن نالو سهڻي نه هئو يا وري پاڻ سهڻيون نه هيون. مايوس ٿي ميهارن جي پٺيان پيس. پاڙي ۾ ئي پانڌي ميهار رهندو هو. ان کي چيم ته: يار پانڌي، بيلي منهنجي ڪتاب جو افتتاح ڪندين؟
حيرت مان پڇيائين: اهو ڇا ٿيندو آهي؟
چيم: ڪتاب جي مهورت ٿيندي آهي.
چيائين: مهورت ڇا ٿيندي آهي؟
چيم: لانچنگ سيريمني.
لٺ اولاريندي چيائين: انگريزيءَ ۾ گاريون ٿو ڏين ڇا؟

مان هني ميهار ڏي ويس. هو ان وقت کير ۾ پاڻي ملائي رهيو هو. مونکي ڏسي چيائين: هينئر ته نر. پوءِ اڇجانءِ.
چيم: کير وٺڻ نه آيو آهيان.
چيائين: ته پوءِ صبح صبح ڏرڙ پائڻ آيو آهين ڇا؟
چيم: ائين ئي سمجهه.
چيائين: ڇا گهرجني؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: تون گهرجين، صرف هڪ شام جي لاءِ.
چيانين: اڳي به پوليس وارا انين چئي وٺي ويا هنا. ٻه سال ٿاڻي ۾ پيئي سڙيس.
چيمر: هن ڀيري ٿاڻي ۾ نه، هڪ عظيم الشان هوٽل ۾ وٺي هلندو مانءِ.
چيانين: نه بابا نه. هوٽل وارن کي منهنجي ڪير ڪان سخت شڪايت آهي. مان هرگز اوڏانهين ڪين هلندس.
چيمر: ڪتاب جو افتتاح ڪرڻو آهي. سهڻي ميهار جو.
چيانين: سهڻي منهنجي گهرواريءَ جو نالو آهي. ٻيهر اهو نالو ورتو اٿئي ته ڪهاڙين مان ڪيندو مانءِ.
چيمر: ريڊيو وارا جو هر روز سهڻي ميهار جي ڏم لايو ويٺا آهن. انهن کي ڇا ڪيو اٿئي؟
چيانين: انهن جو ڪير بند ڪيو اٿم. سندن ڪينٽين تي پاڻوڊر جو ڪير ملندئي.
ميهارن مان مايوس ٿي هڪ سرڪاري ڪاموري وٽ آيس. مدعا بيان ڪيم. هڪدم راضي ٿي ويو. خدا جو شڪر بجا آندم. وڃي تيارين کي لڳس. عين افتتاح جي تاريخ تي خبر پئي ته ڪامورو افتتاح تي اچي نه سگهندو جو سندس سس گذاري وئي آهي.
چيمر: اها ته زوراوري آهي.
سندس سس جو نالو به سهڻي هو.
هڪ واپاريءَ کي چيم: هو پڻ راضي ٿي ويو. مهورت واري ڏينهن سندس ڪنڊ جو جهاز ٻڏي ويو.
جهاز جو نالو به سهڻي ئي هو.

هڪ سوشل ورڪر کي دعوت ڏنم. هو هوائي جهاز جي حادثي ۾ گذاري ويو. جنهن ڪلاس ۾ هو سفر ڪري رهيو هو، سو به اتفاق سان "سهڻي" جي نالي سان منسوب هو.

هڪ سياستدان کي هٿ ٻڌم ته هلي منهنجي ڪتاب جو افتتاح ڪري. هن کي ڀلا ڪهڙو اعتراض؟ هڪدم سندرو ٻڌي بيهي رهيو. چيم ته هن ڀيري مڙني ڪتاب جو افتتاح ٿي ئي ويندو. شام ٿيندي ئي فون آئي ته همراه جي ڪار جو حادثو ٿي پيو آهي. ڪار گيراج ۾ ۽ پاڻ اسپتال ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڻون ڪري پڇيم: تہ قبلا، هيءُ ڪهڙو ٿهر ٿيو؟
چيائين: بندو گندو آهي. پل چڪ انسان ڪان ني ٿيندي آهي. حادثو ٿيئو هو، سو ٿي ويو. پنهنجي هٿن پيرن پڇڻ جو ايترو ڏک ڪرڻ اٿم جيترو پنهنجيءَ ڪار جو.
چيم: اهڙي قيمتي هني ڇا؟
چيائين: قيمتي تہ ايتري ڪونہ هني، پر مونکي پياري ڏاڍي هني. نالو ني رکيو هو مانس "سهڻي".
چيم: گهوڙا ڙي. ظلم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سهڻيءَ تہ ٻيڙو ٻوڙيو آهي، جتي سهڻيءَ جو ٿو پير پوي، اتي ٽيو ني اوندو.
زال مون واريءَ ڪي تہ مون تي ڇوويهہ ني ڪلاڪ ڪاوڙ هوندي ني هوندي آهي، منهنجا هي پرڪار ڏسي باهہ ٿي وني.
چيائين: منا ماريا، نہ ڪم اٿني نہ ڪار. رڳو ان بيڪار ڪتاب جي پنيان ڇتو ٿي منو آهين. گهر جو بہ فڪر اٿني يا نہ؟ ڪو ٻوڙ پاڙي آهي، ڪو سيڌو سامان، ڪو پنسو پنجڙ؟ هونهہ! تون ۽ تنهنجو ڪتاب! جي مونکي نٿو پالي سگهين تہ بہ ڪٿي ٻڌاء تہ رجي مائٽن جي در تي ڪران.
انين چني اچي پٽن پاراتن تي لٿي. ڪجهہ هٿ ڪان بہ ڪم ورتائين، ڪجهہ زبان ڪان. رنڌٿي مان ٽٽٿي ڪٿڻ پني وني تہ چيومانس: ڦاپل! خدا ڪٿي ٿوري تي بچايو اٿني. جي مانٽ ڦاپل بجاء سهڻي نالو رکني ها، تہ نہ تون ڏک ڏسين ها ۽ نہ مان ههڙا عذاب سهان ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امڙ، منهنجي ماتا

اخبار جي خبر آهي تہ نوابشاهہ شهر جي موني بازار پاڙي ۾، اسلام جي چند سرفروشن ۽ ڪفن پوش مجاهدن، بابري جو مسجد جو پلاند ڪرڻ لاءِ، ڊي سي هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر موهن لال جي گهر کي باهہ ڏني ۽ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي حضور سرخرو ٿيا ۽ جنت ۾ مناسب جاءِ جا حقدار ٿيا .

اها خبر پڙهي مونکي ١٩٧١ع ياد آيو، جڏهن ڪنڊ ڪوٽ جي اسلامي سرفروشن ناگپور (ڀارت) ۾ ٿيل هندو مسلم فساد جو بدلو وٺڻ لاءِ هڪ گرم منجهند جو، هندن جي گهرن تي بندوقن، ڪهاڙين ۽ ڇرين سان حملو ڪيو هو. سندن گهر جلايا هئا، نياڻين کي ننگو ڪري نچايو هو ۽ ضعيف ٻڍين کي ڳولي مٿن ظلم ڪيو هو.

انهن ڏينهن ۾ مان اتي هوس. ڏسندي ني ڏسندي دونهون سڄي شهر کي رڪوڙي ويو هو ۽ آسمان اڱ اوڳا ڇڻ لڳو هو ۽ ڏرتي دانهن ٻنجي وئي هئي. مونکان اهو ڏينهن ڪڏهن بہ نہ وسرندو ڇو تہ ان ڏينهن مون ڀهريون ڀيرو انسان کي وحشي ٿيندي ڏٺو هو.

اها شام مون ۽ خدا ترس ڊاڪٽر شجراغ، گڏجي زخمي دلين تي محبت جا ڦها رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. سندن انسانيت مان وچايل ايمان مرڻاڻ جا جتن ڪيا هئا. هڪ گندي ڪهٽيءَ ۾ پيل ڪاٺ جي صندل تي ويٺل ان ماءُ جا وڃڻ هٽا هئا، جنهن جي نوجوان نياڻي دنيا کي هيهر منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ رهي هئي، هڪ ڪراڙي جي صورت مونکي اڃ بہ ياد آهي، جيڪو زمين جي مٽي مٽي ۾ ملي روئي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو امڙ، منهنجي ماتا ، مونکي ڪٿان جو نہ ڇڏيني.

مونکي ڄاڻ آهي سنڌي ماڻهو ڪٺي ڪهڙو بہ ڪٺور ڇو نہ هجي، مذهب جي نالي تي جان تہ ڏني ڇڏيندو، جان وٺي نہ سگهندو . سنڌ جي مٽي ۽ سنڌوءَ جي پاڻي ۾ پيار جي هبڪار آهي. محنت جي مهڪ آهي. جن اهو سڀڪجهہ ڪيو، سي سنڌ جي سنگت کان اڻ واقف هئا. انهن لطيف جي هڪ سٽ بہ نہ پڙهي هئي، هنن سچل ۽ ساميءَ کي سڃاتو ني نہ هو . اهي ڌاريا هئا، جنوني هئا، فسادي ۽ ڦورو هئا. انساني خون سان هولي کيڏڻ سندن تفريح هئي ۽ سنڌ جي پر امن سرزمين تي شريسنديءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها شروعات هئي .

ڪنڌ ڪوٽ جي واقعي کي اٽڪل ويهہ سال ٿي ويا آهن. انهن ويهن سالن ۾ نہ اسلام کي ڪو ڇيهو رسيو ۽ نہ وري هندومت جي ڪا سرسي ٿي . ايترو ضرور ٿيو تہ سنڌ جا هندو وڏي تعداد ۾ لڏي ڀارت هليا ويا ۽ انهن کان ڌهوٽا ٻهاري ڌوڪيندا هن ڌرتيءَ تي اچي آباد ٿيا ، نہ رڳو ايترو پر ڪلهوڪا آيل غيرملڪي، جن هندن کي تہ صرف ان بهاني تي پنهنجي تاراج ڪيو تہ هو غير مذهبي آهن، هتان جي اصلوڪن رهاڪن ۽ هم مذهب مسلمانن کي پڻ ساڳئي روش جو شڪار بنائي رهيا آهن، ان لاءِ تہ هنن کي اهو ڌرتيءَ ٽڪرو ڦٻائڻو آهي، جنهن تي هنن کي پناهہ ملي . موهن جي گهر کي باهہ ڏني هنن کي ٽنون ڪارمانو تہ نہ ڪيو آهي. جن جي اندر ۾ حسد جو آڙاهہ جلندو هجي سي گلن جي ورکا تہ نہ ڪندا . باهہ ئي ڏيندا ، تباهي ۽ بربادي ئي ڦهلائيندا، قتل ۽ غارت ئي ڪندا .

موهن کي مان تمام پراڻو سڃاڻان . مون کان ڪجهہ وڏو آهي. سندس ننڍو ڀاءُ فتح چند هيرانند نچناڻي، منهنجو هم ڪلاسي ۽ ننڍي هوندي جو دوست هو. گڏ پڙهندا هئاسين .جنهن گهر کي باهہ لڳي آهي، ان جي اڱڻ تي اسان جي ماضيءَ جون مرڪون وچايل آهن. ميٽرڪ کان پوءِ اسان جا رستا الڳ ٿي ويا . ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿي ويندي آهي. پر اخبار جي خبر پڙهي مون کي ننڍپڻ جون اڪيچار يادون وڪوڙي ويون آهن. يادون جن تي ڪنهن بہ قسم جي متڀيد جو ڪو بہ رنگ چڙهيل ناهي. يادون جي هڪ معصوم، پر امن ۽ سانتيڪي ماحول جو پاڇو لو آهن. يادون جن ۾ نہ بارود جي بوءِ آهي ۽ تعصب جو زهر آهي.

جن ۾ ڪرسچن نرس جو پٽ وڪٽر آهي،

سک ڊاڪٽر ڪپور جو پٽ بلراج آهي،

شيعي جمال شاهہ جو پٽ قطب شاهہ آهي،

سني رضا محمد جو پٽ معروف آهي،

ڪانگريسي محمد معاذ جو پٽ حميدآهي،

۽ هيرانند نچناڻيءَ جو پٽ فتح چند آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ نوابشاهہ ۾ پتاشي اوڏ نالي هڪ غنڊو ساماڻو هو. هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنگ جائي جم ڪان هاڪيءَ جيان سخت هوندي هئس، ان ڪري سڏيندا ني هئس منڊوءِ

پتاشو چور هو، بشني هو، چرسي ۽ موالي هو، منڊو هو. وقت بوقت جيل ويندو رهندو هو ۽ اتان پڻ معاشي جا وڏ ۾ وڏ گر سکي ايندو هو.
ڏسندي ئي ڏسندي هو شهر وارن جي لاءِ وڏو Terror بنجي ويو . هو ڪمزور ۽ ئي پهچ ماڻهن کان منٿلي وٺندو هو ۽ جيڪو نه ڏيندو هوس تنهن لاءِ شامت بنجي ويندو هو.
فتح چند به اهڙن بدنصيبن مان هڪ هو جنهن کي "پتاشي" جي خطرناڪ نگاهن منٿلي لاءِ منتخب ڪيو هو. هو ويچارو ڪجهه عرصو ته بنان چوڻ چرا جي عزت جي خيرات ڏيندو رهيو، پر آخر باغي ٿي پيو.
پتاشي جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته تپي باهه ٿي ويو.
هو پنهنجي سموري مڪاري سان ڪمزور ۽ معصوم هندو ڇوڪر تي ڪاهي آيو. اسين سڀ ننڍا هناسين. هڪ غنڊي جو مقابلو ڪرڻ اسان جي وس ۾ ڪونه هو ان ڪري ٻه واريءَ جامع مسجد جي احاطي ۾ وڃي فتح چند کي ڇپايوسين.
مونکي اهو منظر به ياد آهي، جڏهن پتاشو ۽ سندس ساٿاري رات تائين مسجد جي دروازي ٻاهر هٿيار پنوهار ڪٿي ڦرندا رهيا پر ڪين خدا جي گهر ۾ اچڻ جي همت نه ٿي آخرڪار هو ناڪام ٿي موٽي ويا.
ان ڳالهه کي گهڻو عرصو گذري ويو آهي. تحفظ جي ان تصور تحت موهن جو خاندان پنهنجي وطن ۾ ئي رهي پيو . ان وطن ۾ جتي سندن سڀ ڪجهه هو. جنهن تي هنن جو به اوترو ئي حق هو جيترو ڪنهن ٻئي جو.

پر اخبار جي خبر پڙهي مان سخت مايوس ٿي ويو آهيان. منهنجي ذهن ۾ طوفان مچي ويو آهي.
منهنجي اکين آڏو جامع مسجد جو خاڪو ڦري ويو آهي، جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ ڊنل ، سهميل، هراسيل، ننڍڙو فتح چند لڪل آهي، ديوار ٻاهران پتاشو ڪڙدم هٽ ۾ ڪٿي، منڊڪائيندو، غصي ۾ هيڏانهن هو ڏانهن ڦري رهيو آهي . هو اندر اچڻ چاهي ٿو، پر ڪو خوف کيس روڪي رهيو آهي. ڪا طاقت ، جا هن کان وڌيڪ مضبوط آهي سندس ارادن آڏو ديوار بنجي بيٺي آهي.
۽ ان ديوار جي پاڇي ۾ پلجي وڏو ٿيو آهي فتح چند جو خاندان .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اڄ انهن لڳو اهڙ جڻ ان ديوار کي ٽوڙي، ڪئي پتاشا اندر ڪاهي آيا آهن، ۽ ڇتني پاسي ٻنهي دونهون ڦلهجي ويو آهي ۽ آسمان اڳ ارڳاڇڻ لڳو آهي ۽ ڏرتي دانهن جي علامت بنجي وئي آهي.

خبر ناهي ڇو ڪنڌ ڪوٽ جو اهو ڪراڙو منهنجي ذهن تي ڇچجي ويو آهي، جيڪو پَٽ تي اوڪڙو ويٺو آهي ۽ زمين جي مٽي مٽي ۾ ملي روئي رهيو آهي ۽ روئي روئي چئي رهيو آهي : امڙ، منهنجي ماتا، مون کي ڪتان جو به نه ڇڏيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روزگار اسڪيم

جڏهن کان وزير اعظم پاڪستان روزگار اسڪيم جو اعلان ڪيو آهي، شاعرِ جزبات حضرت بلبل بيقرار، ضروروت کان ڪجهه وڌيڪ بيقرار ٿي پيو آهي. ڏينهن ۾ ڏهه ڦيرا ڪري. ايلازمنٽ جو فون ٿو مليس ته هڪدم ڊائل گهمائي ٿو وٺي. ايتري ويندي هٿان چٺي چپاٽي ٿو موڪلي ته هيلي وارو ڪر، هڪڙو سونهري موقعو وري نه ملندو . هڪدم درخواست ڀري ڏينم ته وڃي هزار هزار جا ٽي سو ڪڙڪ نوٽ بينڪ مان وٺي اچان. گذريل هفتو ته مون به جواب ڪونه ڏنس، پر ڏسان پيو ته همراهه هٿن مان نڪتو پيو وڃي. انتظار ايڏو جو جا گهڙي ويهي ته ويٺو آڱرين مان ڳڻائي ڪيدي. پنهنجين ۾ سور پنجي ويس ته اچي منهنجين آڱرين کي ورتائين.

چيم: بلبل، هوش ڪر . ايڏو بي چين نه ٿيءُ.
چيائين: بيقرار تخلص خواهه مخواه ته ڪونه رکيو اٿم.
چيم: بلبل بهءِ ته معنيٰ خيز نالو آهي .
چيائين: الا! مان اڏري ويندو سانءِ.
چيم: رڳو دلاسائو ڏين. ڪڏهن ته وعدو وفا ڪري ني ڏيکار.

هوناراض ٿي ويو. چيائين: دعا ڪر ته کُٽل کنب وري جمن ته توکي اُڏري ڏيکاريان .
چيم: جي وارن ڏانهن اشارو اٿني، ته پوءِ دل دکيءَ ۾ رکي ويهه. قيامت ۾ من جون مرادون پوريون ٿينڻي ته بي ڳالهه آهي، باقي هن حياتيءَ ۾ ته يار ان ني ٺوڙهه تي گذارو ڪر .
چيائين: گذارو روزگار سان ٿيندو آهي ۽ روزگار لاءِ پياري پاڪستان جي پياري وزير اعظم هڪ زبردست اسڪيم جو اعلان ڪيو آهي.
چيم: اخبارن ۾ پڙهيو اٿم، ريڊيو تي ٻڌو اٿم ۽ ٽي وي تي ڏٺو اٿم.

هونئڙي باغ بهار ٿي پيو. چيائين : ته پوءِ دير ڇاجي ؟
چيم: دير ته آهي ني ڪونه. فارم ڀرڻ سان ڏوڪڙ ٿا ملن.
چيائين: ته پوءِ ظالم ايترو ڇوٿو تڙپائين؟ ڀري ڏي فارم.
چيم: تون ڇو نٿو ڀرين ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: شاعرن جي قلم ۾ سوپ هجي ها ته پوءِ فارم ڇو ڀريون ها؟ ڪنهن مل جا مالڪ نه هجون ها؟
چيمر: پر تون ته خواه مخواه ٿو تڪليف ڪرين. هيءَ اسڪيم تنهنجي لاءِ ته ناهي.
گهبرانجي چيائين: ته پوءِ ڪنهن جي لاءِ آهي.
چيمر: تون سائيڪلن جا پنچر ڳنڍيندين ؟
چيائين: نه
چيمر: فروٽ، ڀاڄي يا چاٽ جي ريڙهي لڳائيندين؟
چيائين: نه.
چيمر: مڪينڪ جو دوڪان کوليندين؟
چيائين: نه.
چيمر: درزي، ڌوٻي، موچي،ڪوري، پساري يا بزازي ٿيندين ؟
چيائين: نه، نه، نه.
چيمر: پوءِ پئسا ڇا لاءِ کپني؟
چيائين: مان شاعر جذبات آهيان. قلمڪار آهيان. عزت جي روٽي ڪمائڻ ٿو چاهيان. مان اهي پئسا وٺي هڪ خوبصورت لائبرري جوڙيندس جنهن ۾ هر طرف ڪتاب ني ڪتاب هوندا. مان هيٺ غاليچي تي وهائي کي ٽيڪ ڏئي ، ادبي ماحول ۾ ادب تخليق ڪندس.
چيمر: سر ته تون هاڻي به ڪري رهيو آهين.

هن ڪيسي مان ڀڳل پين ڪڍي منهنجي سامهون رکي چيائين: هن قلم سان، ٽنهن اس ۾ مون وڻن ۽ ٻٽين جي ڇانو ۾ ويهي شعر لکيا آهن. ڇا مونکي ايترو به حق ناهي جو حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾ سک ۽ چين جي تمنا ڪيان؟
مونکي بلبل بيقرار جي جملن ڏکوئي وڌو. دل ۾ آيه ته ڪيس چئي ڏيان ته تون اڄ به سوني نب سان، اوچي ڪاغذ تي، ڪنهن ائير ڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ويهي لکي سگهين ٿو، پر اهو ادب نه هوندو . خوشامند هوندي. تنهنجي لکڻين ۾ ”ڪرسچن ڊائر“ جي خوشبو ته هوندي، ڌرتيءَ ته ٿنڌڙ گونچن جي مهڪ نه هوندي. پر مون کيس ڪجهه به نه چيو.مان چپ رهيس.
هن وري چيو: منهنجا ٻار خوشيءَ جو مفهوم پڇندا آهن مونکان. عيد تي نوان ڪپڙا گهرندا آهن. اسڪول لاءِ وقت تي في گهرندا آهن. بيماريءَ ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوا لاءِ واجهائيندا آهن.
مان اچان ٻه ماٺ رهيس.
هو بيچينيءَ وچان اٿي هلڻ لڳو، ۽ پوءِ نهايت جذباتي آواز ۾چيائين
ڇا تون چاهين ٿو ته مان پنهنجا سمورا شعر، سمورا جذبا ريڙهيءَ تي
رکي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هوڪو ڏيان ته "شعر وٺو شعر" نوان نڪور شعر.
بلبل بيقرار جا پرجوش جذباتي شعر!" تڏهن ئي مونکي روزگار اسڪيم
تحت قرض ملي سگهندو ؟ تڏهن مان معاشي ڪشمڪش مان آزاد ٿي
سگهندس؟ تڏهن ئي مان هن سماج جو ڪار آمد فرد بنجي سگهندس؟
تڏهن مان شاعر جذبات بلبل بيقرار کي هٿان کان گهليندو مسجد جي
ملان عثماني وٽ وٺي ويس. چيم: مولوي صاحب هيءُ بلبلِ بيقرار آهي. شاعر آهي.
جذبات جو شاعر. هن کي اوهان جي تصديق جي ضرورت آهي.
مولويءَ منهن هٽي پاسي ٿيري ڇڏيو. چيائين: هن ڪڏهن ٻه منهنجي
پويان نماز پڙهي آهي. هيءُ ملحد آهي. مان هن جي تصديق نٿو ڪري سگهان.
مان ڪيس تعلقي ڪائونسل جي چيئرمين وٽ وٺي ويس. هن چيو: هيءُ
ماڻهو ته سراسري فساد آهي. هن کي روزگار ڏياري پنهنجي لاءِ مصيبت
پيدا ڪرڻي آهي ڇا؟
مان کيس گهليندو زڪوات ڪميٽيءَ جي چيئرمن ڏانهن وٺي ويس. هن
چيو: زڪوات وٺندڙ وٽ ٻه گهر ۾ چار داٺا هوندا آهن. هيءُ سچو آهي
هن بڪني جي ذميداري ڪير کڻندو؟
مختيارڪار چيو: پهرين پندرنهن پرسنٽ منهنجا هلايو، پوءِ وٺو دستخط.
ماستر چيو: مان پهريون دفعو با اختيار ٿيو آهيان. سڪڻ کي مفت ۾ ڪم
ڪري ڏنم ته پوءِ هن ۾ ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق؟
ڪاموري چيو: وڃ بابا وڃ، بک جا چڪ نه هڻ. غضب خدا جو ، هاڻي
شاعر ٻه هليا آهن روزگار اسيڪم مان ڪمائڻ !
گهٽ مونٽي آياسين.
چيم:بلبل هاڻي؟
چيائين: ٿوري مس اٿيءِ ؟
پڇيم : ڇا ڪندين؟
هو چپ ٿي ويو. ڪوڙ دير مونڏانهن ڏسندو رهيو. آخرڪار چپن تي هلڪي
مرڪ تري آيس. جهيڻي آواز ۾ چيائين: گهبراءِ نه شعر نه لکندس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# طارق اشرف جو لاڏاڻو

13 اپريل تي لاهور هوس جو خبر پيم ته طارق اشرف ڪراچيءَ آفيس فون ڪئي هئي ۽ ڪنهن ضروري مسئلي تي ڳالهائڻ ٿي چاهيائين . ان ئي شام جو ڪراچي پهتس . هني ڏينهن منجهند ڌاري ڪيس فون ڪيم.
چيائين: طبيت ٺيڪ نه اٿم. زڪام ڏاڍي تڪليف ڏني آهي. بلڊپريشر پڻ وڌي ويو آهي.
چيم : آرام ڇو نٿو ڪرين؟
چيائين: پرچي ڪي ڪيڏانهن ڪيان؟
پڇيم: ڳالهه فون ڪئي هئي ؟
چيائين: تنهنجو فلاٽو مئنيجر منهنجا بل ڏهاڙيو ويٺو آهي. هڪ چيڪ ته ٺهيو پيو آهي، اهو به نٿو ڏئي. ٻيا به بل چوي ٿو ته درست ناهن. تون ڪجهه ڪر مون وٽ ته هيءُ پرچو ڪيڻ لاءِ پيسو صفا ڪونهي. گهر واريءَ جا زيور گروي رکيا اٿم ته به معاملو مشڪل نظر ٿو اچي.

جن ماڻهن جي طارق اشرف سان ٿوري گهڻي به واقفيت هوندي، سي ڀليءَ ڀت ڄاڻندا هوندا ته هو ايترو ته رک رکاءُ وارو انسان هو جو پنهنجي ڪابه ذاتي تڪليف ٻين کي ٻڌائڻ بي عزتي سمجهندو هو. مون ڪيس ڪڏهن به گهر جي ڳالهه ٻاهر ڪيندي نه ٻڌي هئي. ڏاڍو محتاط ۽ انا پرست هو، پنهنجن اصولن ۾. سندس واتان زيورن جي گروي رکڻ جو ٻڌي مونکي ڪجهه ڏک ٿيو.
چيم: صبح جو ماڻهو موڪل ته اچي پنهنجا سمورا چيڪ وٺي وڃي .
چيائين: چوين ته مان هاڻي اچان.
چيم: اچين ته ڀل اچ، پر ڪم ايترو جلد ممڪن ڪونهي.
چيائين: تون ڪوشش ته ڪر.
چيم: ٺيڪ آهي، مان ڏسان ٿو. جي اميد نظر آئي ته ٿوري دير ۾ ٻيهر ٿو فون ڪيانءِ.
واسطيدار مئنيجر موجود ڪونه هو، ان ڪري طارق اشرف سان اها گفتگو آخري ثابت ٿي.

صبح جي "جاڳو" سندس جدائيءَ جي خبر کڻي آئي. ان ئي منجهند جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد ۾ سندس گهر ڀاءُران سندس آخري ديدار ڪندي سرچيم: طارق ڪي "سهڻي" ڪائي وٺي؟ غربت ماري وڌس؟ يا وري سندس انا ڪيس نهوڙي ڇڏيو؟

اهي ئي شيون سندس وجود جو لازم حصو هيون.
انهن ڪانسواءِ طارق اشرف مڪمل نہ هو.
سنڌي ادب کي ننڍون موڙ ڏيڻ وارو هيءُ عجيب شخص ظاهري طور ڏاڍو ڪمزور، بي پهچ ۽ دير سان متاثر ڪرڻ جون خوبيون رکندڙ هو، پر منجهس جدوجهد، محنت ۽ ڪشالي جي ايتري سگهہ هوندي، اهو صرف اهي ئي ڄاڻندا هوندا جن ڪيس ڏاڍو قريب کان ڏٺو هوندو.
جلد رسڻ ۽ ڏاڍو دير سان پرچڻ وارو هيءُ امر اديب، ڏاڍو نرالو، ڏاڍو ارڏو ۽ ڏاڍو اوڇو هو. "سهڻي" سندس ذهني ٻار (Brain_child) هئي، جنهن کي هن سوچ ۾ جنم ڏنو، حقيقت جو روپ ڀرايو، ۽ پوءِ تمام تر پيار، پاٻوهہ ۽ لاڏ سان پالي، ناتي، وڏو ڪيو، انهن ڪندي هن کي اهي سڀ تڪليفون، اهنج ۽ ايذاءَ ڀوڳڻا پيا، جي والدين کي پنهنجي ٻچن لاءِ سهڻا پوندا آهن.
"سهڻي" صرف رسالو نہ هو. سنڌي ادب جي تحريڪ جو ضامن پڻ هو. معيار، سمت (Direction)، ۽ وجود جي علامت هو. سنڌين جي اتساهہ جو قبلو هو. دشمنن جي ناپاڪ ارادن جي راهہ ۾ آخري، اوکي ۽ اوچي رڪاوٽ هو. اهوئي سبب هو جو هر سنڌي اديب جي ذهن، نظر ۽ فڪر جو محور هو، ۽ طارق کي اها حقيقت چڱيءَ طرح معلوم هئي. اهوئي سبب هو جو هن سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي اديب جي آسن ۽ اميدن مطابق "سهڻيءَ" کي هر حال ۾ جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو. پنهنجي ناچاقيءَ ۽ مالي بي پهچيءَ جي باوجود هن آس وند عوام کي مايوس ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. اميدن جي معراج کي ڇهڻ ڪاءِ هن اڪيلي ۽ نبل شخص کي قيد و بند جي اذيتن کان وٺي گهرايلو خوشين تائين قربان ڪرڻيون پيون.
اهو ڪر ڪيتري قدر ڏکيو آهي، اهي ئي ڄاڻي سگهن ٿا جن خوابن جا پوپٽ پاليا هوندا ۽ بادلن تي بسيرو ڪيو هوندو. اهڙن ماڻهن جي زندگي سڏل ۽ موت مشعل هوندي آهي، جنهن جي روشني ايندڙ پانڌيئڙن کي منزل جو ڏس ڏيندي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق وروٽي ۾ "سهڻيءَ" کان سواءِ پٽ ۽ گهر واريءَ لاءِ غربت ۽ افلاس ڇڏيو آهي. اهو صرف طارق جو ئي نہ، هر سنڌي اديب جو الميو آهي. سنڌي ماڻهون هونءَ ئي ڏتڙيل ، مٿان ورهي جي اصولن جا ديو پالي، پوءِ بہ ويتر ٻنهي جهانن کان ويچي. سوين بيمار ليکڪ اڄهامندڙ اکين سان حڪومت ڏانهن سهانتا لاءِ پيا نهارين. ڪي مفلسيءَ جو ڪاچ ٿي ويا ، ٻيا اجگر جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ بيٺا آهن. ڪابہ مدد ، سهانتا ، همدردي، ڪنهن بہ طرف کان نظر نٿي اچي. اختياريءَ وارن جي نظر ۾ سنڌي اديب جي زندگي توڙي موت ، هڪ غير اهم ۽ بي معني شيءَ آهي. ڪنهن بہ اداري جو عروج توڙي زوال هنن لاءِ ڪنهن بہ خوشيءَ توڙي غم جو باعث نٿو بڻجي. اياز ۽ استاد جا مثال تو هان جي آڏو آهن. سنڌي لينگويج اٿارٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا معاملا بہ حل ٿيڻ لاءِ ترسي رهيا آهن. انهن حالتن ۾ حڪومت يا حڪومتي اداري کان ڪنهن بہ قسم جي اميد رکڻ ٻہرن کان ٻير گهرڻ جي برابر ٿيندي. اسان کي جيڪڏهن سنڌي اديبن ۽ ادارن کي بچائڻو آهي تہ پوءِ پنهنجن پيرن تي بيهڻو پوندو. پنهنجي پاڻ تي ڀاڙڻو پوندو، پنهنجي وسيلن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، پنهنجي هٿن سان بچاءَ جو ڪوٽ اڏڻو پوندو. اهڙو ڪوٽ، جنهن جي مضبوط چار ديواريءَ اندر " سهڻي" ۽ ان جهڙا ٻيا رسالا ۽ اخبارون بي فڪر ٿي پنهنجو ڪارج نباهي سگهن. جنهن ۾ بيمار ۽ بي پهچ اديب کي ترت ۽ مناسب علاج ۽ امداد ملي جنهن ۾ مستحق ۽ لائق ليکڪ توڙي سندس اولاد کي روزگار ملي.

طارق اشرف جي بي وقتي موت اسانکي هي موقعو فراهم ڪيو آهي، تہ سندس ياد ۽ سهم کي زنده رکڻ لاءِ ڪنهن اهڙي اداري جو بنياد وجهون، جو عوامي امنگن جو محور هجي . وڏيرو، سياستدان ، عملدار ۽ انتظاميہ جو ڪيجهو نہ هجي. خوشامندين، چاپلوسن ۽ سڌڙين جي عيش عشرت جو سامان مهيا ڪرڻ بجاءِ صحيح طور سنڌي قوم جي دانشورن کي تحفظ فراهم ڪري.

اهو ڪو ڏکيو ڪم ناهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر سليمان شيخ جهڙو سڄڻ ، سگا کي مقصدن جي اوچاين تائين پهچائي سگهي ٿو تہ پوءِ ڇو ڪونہ ڪو ٻيو بي غرض اديب يا اديبن جو ٽولو گڏجي "سهڻي ادبي بورڊ" يا "سهڻي ادبي ٽرسٽ" يا سهڻي ادبي اٿارٽي" يا ڪنهن ٻئي مناسب نالي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان هڪ ادارو قائم ڪري، ان کي فائونڊيشن جي طور تي هلائي ۽ هيٺيان مقصد حاصل ڪري :

(١) طارق اشرف جي امانت "سهڻي" کي جاري رکڻ،
(٢) بيروزگار، سنڌي اديبن کي ان اداري ۾ روزگار مهيا ڪرڻ،
(٣) بيمار ۽ مستحق ليکڪن جي مالي امداد ڪرڻ ،
(۴) اهڙن جريدن ۽ اخبارن کي تحفظ ڏيڻ، جن کي سرڪاري اشتهار يا دستگيري حاصل ناهي ، ۽ جي مالي بدحاليءَ جو شڪار آهن، ۽
(۵) مجموعي طور سنڌي قوم ۽ سنڌ جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙڻ.

اهڙي اداري جو خاڪو، قيام ۽ ڪم، هڏ ڏوکي نوجوان ۽ سينيئر اديب پاڻ ۾ ويهي طئي ڪن، منهنجي خيال ۾ جذباتي ۽ جلد بازيءَ ۾ ڪيل فيصلا اصل ڪارج کي ڀنتي ڏکي چڙهيندا. ان ڪري هن قسم جي اداري لاءِ ٺوس، قابل عمل ۽ خالص تجارتي بنيادن (Commercial basis) تي ٺهڪي ايندڙ تجويزون سوچيون پونديون ۽ اهي شخص هيءَ بار کڻڻ لاءِ ميدان ۾ لهي اچن، جيڪي خلوص ۽ محبت سان پنهنجو وقت ۽ خدمتون آڇي سگهن. بيا، جيڪي ان پروگرام سان سهمت هجن، سي پنهنجن ذاتي حيثيت ۾ اداري جي سهائتا ڪن ۽ سندس ڪاميابيءَ لاءِ دعا ڪن.

شايد ائين ڪرڻ سان اسان طارق جي موت کي بامقصد بنائي سگهنداسين ۽ سنڌي قوم جي زوال کي فولادي هٿن سان روڪي سگهنداسين . مٿينءَ مهم ۾ سهني علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي جماعتن کي نهايت ني سنجيدگيءَ سان حصو وٺڻو پوندو ته جيئن گڏيل عمل ذريعي ڪو مثالي تعميري ڪم سر انجام ڏئي سگهجي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قصو سگريٽ ڇڏڻ جو

جنهن ڏينهن مون سگريٽ پيئڻ ڇڏيا، ان ڏينهن نه ته پريس ڪانفرنس ٿي، نه اخبارن ۾ وڏي سرخي سان خبر لڳي، نه فوٽو ڇپيا، نه ٽيليويزن تي فلم ڏيکاريائون، نه هزارن ڪن مريدن ۽ معتقدن عزت ۽ احترام وچان سگريٽن جا پاڪيٽ ساڙيا ۽ ٽوٽا پٽيا. ڪجهه به ڪو نه ٿيو. اهو سمورو ڪم چند ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ٿيو ۽ پوءِ هلڪي ڦلڪي مبارڪ سلامت ڪجهه ڏينهن سانده هلندي رهي. ان کان پوءِ الا آلا، خير سلا.

ٿيو هينئن جو هڪ ڏهاڙي پاڙي جا سمورا مانڊڻين وارا، پان سگريٽ جي ڪوڪن وارا، رٽيل وڪرو ڪندڙ دوڪاندار ۽ ڊسٽريبيوٽر گڏجي منهنجي درتي آيا. ٻه ٽي نياڻيون ميڙ ڪٺي آيا. هٿن ۾ لٺيون، بانٺا ۽ سروٽا پڻ آندائون. هڪ ٻه پوليس وارا ٻه هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي نظر آيه. سندن ليڊر سيٺ ممون ڀائي، پهريون ته مونسان ٻٽا ٻٽا ڀاڪر پائي مليو. پوءِ منهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي پراڻي دوستيءَ ۽ گهرو تعلقات جو ذڪر ڪيائين.چيائين: پنهنجي پراڻي ياري آهي تمرو ڀائي. خالي پيلي جو لٿڙو ناهي ڪرڻو. ني مَحلي داري الڳ ڇيج آهي. پڻ بجنيس بجنيس آهي ڀاڻڙا.

مون چيو: مونکان ڪا خطاڻي آهي ممون ڀائي؟

چيائين: ڦرجُ مرج آهي. ني ڦرج لاهڻ ڦرج آهي.

چيم: ڪهڙو ڦرضُ؟ ڪهڙو مرضُ؟ ڪهڙو فرضُ؟

چيائين: اي هوَس ڪر بابلا، هوَس ڪر. هي تمام ٻيو پاري تونجي ڦرج جا ماريلا آهن. اي ٻاپا هي هٿ جوڙيون ٿا، پڳ پڪڙيون ٿا. اسانجي حال تي رحم ڪر. ڦرجو واپس ڪري ڳن مونجا پيو.

چيم: سگريٽن جي اوڊر ٽيندي آهي سيٺ، ڦرضُ نه ٽيندو آهي.

چيائين: ڪرُي لاءِ مڳج ماري ڪرين ٿو تمر ڀائي. ڦرج ڦرج آهي مونجا ٻاپ.

اتي ٻيو واپاري اڪتي رڙي آيو. چيائين: ابا، هي نياڻيون ميڙ آنديون آٿئون. ٻيلي هنن ڏي ڏس. اسان جا ڏرڪڙ موٽاني ڏي وري نه اهڙو ڪم ڪنداسين. رڳو هيءُ دفعو معافي ملي.

چيم: يار ڪمال آهي. معمولي اوڊر ڪي ڪٿي تماشو بنايو اٿو.

چيائين: اوڊر محبت جي ڪينچي آهي.

چيم: مڙني خبر آهي. پهرينءَ تاريخ انهيءَ ڪينچيءَ ڪي ٻه ڏسي وٺنداسين.

ٽيون همراه جو ڪارڙ جو تڪو پني ڏٺو، تنهن نه ڪني هم نه تم، ڪٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳچيءَ ۾ هٿ وڌائين. ڳهٽي تي منهنجا تارا ني نڪري آيا. ڦند ڪرڻيندي چيائين: امان يار، تون تہ ڪو وڏو بي حياءُ ٿو ڏسجين. اسان پياڻا پيار محبت ۾ تو کي سمجهايون ۽ تون آهين جو سر تي سوار ٿيندو ٿو وڃين. ڪڏ ٻاهر اسان جي رقم نہ تہ هي ڏس، بانڪا آندا اٿم پاڻ سان. هٿي پرڪس ڪڍي رکندي.
چيو: پاني ميان، ڦوڪڙ هجنم ها تہ جيڪر پهرينءَ سٽ ڏني نہ ڇڏيانءِ ها. پنسو ناهي دلبر. ٿيو تہ ملي ويندني.
چوٿين همراهہ چيو: جي اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ جيل وڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. اسان پوليس بہ ساڻ وٺي آيا آهيون.
چيم: يار ائين تہ نہ ڪيو.
چيائين: ٻاهران تہ ڏاڍو معتبر ٿيو ٿو گهمندو وتين. اندران ايترو ڪوڪو آهين، اها چاڻ مونکي هاڻي پني آهي. بکيا ڪنهن چاءِ جا، پنسو ڪونهي تہ ڪنهن حڪيم چيو اٿيءَ چا تہ پني بہ سگريٽ پيءَ. ٺٺڪار آهي اهڙي جيئڻ تي.

مونکي ڏاڍو شرم آيو. ماٺهو ڪيترو بہ ڪٺي اڪ جو پڪو ڇو نہ هجي، حيا بي حيا ڪرڻ تي لڄي ضرور ٿني ٿو. مونکي بہ جي زمين جڳهہ ڏني ها تہ ڪٺي ٽپو ڏني جان ڇڏايان ها. پر اهڙا معجزا روز روز تہ ڪونہ ٿيندا آهن. ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيس.
ممون پاني چيو: اي سرم ڪر ٻاپا سرم ڪر.
پاني ميان چيو: ٻوب مر بدبخت.
رمضان پانوءَ چيو: ابا اهڙي زندگيءَ کان تہ موت ڀلو اٿني.

بس اهو ٻڌندو ويس ۽ منهنجو بلڊ ٿرندو ويو. وڃهندي کيسي ۾ هٿ، سورا سگريٽ پاڪيٽ سوڌا ڪڍي ڪٺي پڃي پورا ڪيم. چيم: اڄ کان پوءِ حرام آهي جو هڪ بہ سگريٽ کي ڪٺي هٿ لايان. مان اعلان ٿو ڪيان تہ هن گهڙيءَ کان پوءِ مان ٻيهر سگريٽ نہ پيئندس.
ائين چني هڪ هڪ ترضدار کي پيرين پني، هٿ ٻڌي، معافي ورتم. توبهہ تائب ٿيس ۽ آئنده اهڙي غلطي نہ ڪرڻ جي خاطري ڏني، در بند ڪري گهر اندر اچي ماٺڙي ڪري ويهي رهيس.

اڃان اڏڪلاڪ بہ ڪونہ گذريو هوندو جو پاڙي واري بچان رڪيبي لڏن جي پري اچي منهنجي زال کي ڏني.
زال پڇيو: ادي، مٺائي ڪهڙيءَ خوشيءَ ۾ ٿي ورهائين؟ پرائيز بانڊ نڪتو اٿني ڇا؟

چيائين: نہ.
زال چيو: پوڻو ڇانو اٿئي؟
چيائين: نہ.
زال چيو: ننهن پيڪين وٽي ٿئي ڇا؟
چيائين: نہ.
زال مون واري حيران ٿي پڇيو: تہ پوءِ مٺائي ڇو ٿي ورهائين ادي بڇان؟
جواب مليس: ادي، تنهنجي مڙس سگريٽ جو ڇڏيا آهن.
زال چيس: اني ادي، مٺائي تہ مونکي ورهائڻ گهرجي. تون ڇو ٿي تڪليف ڪرين؟
جواب مليس: نندڙي جي پيءُ چيو تہ اهڙي خوشي ڪا ٻي؟ مڙس تو وارو تہ مهيني ڪن ۾ هزار سوا سگريٽ ڦوڪي ويندو هو نندڙي جي پيءُ جا. هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ان مصيبت مان تہ جان ڇٽي!
اهڙي قسم جون مٺايون ٻين بہ گهڻن ورهايون. منهنجي آفيس ۾ تہ جشن ٿي ويا. هرڪو ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي. چيو: يار بڇاڻي ڇڏيني وڏي آزار کان.
هڪ جٽي تہ ائين بہ چيو تہ: جي اڄ کان ڏهہ سال اڳ سگريٽ ڇڏين ها تہ مان جيڪي اڄ ننين ٽويوٽا گاڏيءَ جو مالڪ هجان ها.
مون ڪلندي چيس. تہ پوءِ تون ٽويوٽا جو مالڪ ڇو هجين ها؟ مان ڇو نہ هجان ها؟
پڇيائين: سو وري ڪيئن؟
چيم: پوءِ مان توهان کان موٽرون اوڌر وٺان ها!
منهنجي سگريٽ ڇڏڻ تي آفيس وارن خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ خاطر ويرانٽي پروگرام ڪرايو. پاڙي وارن خير خيراتون ڪيون ۽ رٺل مٽن مائٽن ٻيهر پرچاءُ ڪيو. مان پڻ هاڻي انهن رستن تان بي فڪرو ٿي گهمڻ لڳس. جن کان بچڻ لاءِ گهٽين جو سهارو وٺڻو پوندو هوم. هڪ خوشگوار انقلاب اچي ويو منهنجي زندگيءَ ۾.
پر اها خوشي تمام ٿورو عرصو هلي.
ڪالهہ مون حقي پيئڻ جو اعلان ڪيو آهي.
اڄ منهنجي پاڙي وارن ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي. حقي وارا، حقو ڪوٺ ۾ ڇپائي لنگهي ٿا وڃن ۽ تماڪ جي دڪاندارن پنهنجي دڪانن اڳيان ڪتا ٻيهاري ڇڏيا آهن.
مان سوچيان ٿو: هن ملڪ ۾ ذري برابر بہ شخصي آزادي ناهي. ڇا اسان پاڪستان ان لاءِ حاصل ڪيو هو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گولڊ ميڊل

گولڊ ميڊل سليڪشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي "گولڊن سٽي هوٽل" جي "گولڊن هال" ۾ شروع ٿيڻ واري هئي. ان ميٽنگ ۾ سنڌي ادب، فن، سماجي خدمتن وغيره ۾ ڀاڱ موڪيندڙ شخصيتن کي سونا ٻلا ڏيڻ لاءِ ججن جي ڪميٽيءَ کي فيصلا ڏيڻا هئا. جج سمورا هڪ خاندان جا هئا. صرف مان ٻي ڌاريو هوس. پر جيئن تہ مان يتيم آهيان، ان ڪري هر خاندان کي پنهنجو خاندان سمجهندو آهيان ۽ هر خاندان وري مونکي بيگانو سمجهي مٿي تي هٿ رکي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن دفعي پڻ هڪ ٻي خاندان پنهنجي پيشانيءَ تان اهو اڻ وڻندڙ داغ ڌوئڻ کان ۽ مون چرڻي جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ماڻهن کي غيرجانبداريءَ جو تاثر ڏيڻ واسطي، مونکي وڏي شدومد سان ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي.

ائين بہ ناهي تہ ان هڪ ٻي خاندان مونتي ڪو احسان ڪيو هو، يا ڪا انوکي ڳالهہ ڪئي هئي يا منهنجي اهليت کان وڌيڪ اهميت مونکي ڏني هئي. هرگز نہ، مان هن کان اڳ ڪيترن ئي اهم موقعن تي جج جا فرائض انجام ڏئي چڪو آهيان ۽ پنهنجي علم، دانش ۽ غير جانبداري سبب عام ماڻهن کان شاباش وصول ڪري چڪو آهيان. مونکي ياد آهي تہ جڏهن لڪي اسٽار سرڪس جي مشڪرن واري چونڊ ۾ مون پهريون انعام سرڪس جي مالڪ کي ڏيڻو ڪيو، تڏهن سرڪس جي سڀني ملازمن منهنجي پٺي ٺپري هئي. هڪ بدبخت تہ ٽيڪي ڏيڻ جي بهاني پٺيءَ تي مڪ وهائي ڪڍي هئي. سرڪس جي باندر منهنجي ٽوپي لاهي شينهن جي پڃري ۾ اڇلائي ڇڏي هئي ۽ بن مانس منهنجو چشمو پاڻ پائي ڇڏيو هو ۽ مڪروهہ شڪل واري سيڙهہ منهنجو ڪرسي تي ويهڻ کان اڳ پاڻ ويهي رهي هئي. سندس ان غير انساني ۽ نازيبا حرڪت سبب مونکي ناقابل بيان تڪليف ڏسڻي پئي.

هن دفعي ڪتن جي ويڙهہ ۾ پهريون انعام وڏيري ڏڳاڻي خان کي ڏيڻ تي سندس مخالف وڏيري اگهڻ خان مونتي پنهنجا سمورا ڪتا، نوڪر ۽ حمايتي ميمبر ڇڏيا هئا. مان تازو بيماري مان اٿيو هوس ان ڪري ڪمزور ٿي ويو هوس ۽ منهنجي پتلون ڍلي ٿي چڪي هئي. ان ڪري ڊوڙڻ مهل ان کي هر هر مٿي ڪرڻو ٿي پيو. هڪ مرحلي تي اهو عمل صحيح طريقي سان انجام نہ ڏئي سگهيس ۽ نتيجي طور اڄ بہ وڏيري جي ماڙيءَ تي ٽي وي اينٽينا سان گڏ لڙڪندڙ ۽ ٿڙڪندڙ لٽي کي ڏسڻ لاءِ پري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري کان ماڻهو ڪهي ايندا آهن .
مون پنهنجي ڪسبل پتلون جي واپس لاءِ هڪ مربوط منصوبو پڻ جوڙيو هو، جنهن موجب رات جي اوندهيءَ ۾ ماڙيءَ جي ڇت تپي، ڇت تائين پهچي ڪارگذاري ڏيکارڻي هئي، پر هاءِ قسمت! اهو منصوبو بريءَ طرح ناڪام ٿيو ۽ مونکي ڪجهه مهينا سرڪاري اسپتال ۾ گذارڻا پيا. اهو هڪ تمام دردناڪ داستان آهي، جنهن ۾ تفريح به آهي ته عبرت پڻ، رومانس به آهي، ڪاميڊي به آهي، ڊرامو به آهي، دک درد جا آنسو به آهن. وقت ٿورو آهي، داستان لمبو آهي ، ان ڪري ان موضوع تي ڪنهن ٻئي دفعي طبع آزمائي ڪبي، "انشا الله العزيز."

ڳالهه پئي هلي گولڊ ميڊل سليڪشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ جي.
هڪ ئي خاندان، هڪ ئي ڳاڏيءَ ۾ آيو ۽ گولڊن سٽي هوٽل تي اثين حملي آور ٿيو جيئن محمود غزنوي سومنات مندر تي ٿيو هو. مان يتيم آهيان، ان ڪري يتيمن جي روايت کي قائم رکندي سندن پٺيان پٺيان هلندو رهيس.
خاندان جو اڳواڻ فلم ايڪٽر نديم جهڙو هو. قد جو ڪجهه هلڪو هو، ان ڪري ننڍڙي نديم جهڙو لڳي رهيو هو. جيڪڏهن نه لڳي رهيو هو ته لڳڻ جي ڪوشش ۾ هر وقت هر تن مشغول هو. سندس ننڍو ڀاءُ ڪنڊيءَ جهڙو ٿلهو، گول ۽ بيڊولو هو ۽ سندس آواز ٻگل باجي جهڙو هو. ان کان ننڍو ڀاءُ سنهڙو ڊگهڙو ۽ لچڪيو هو. سندس نڪ طوطي جي چنهنب جهڙو وريل ۽ تيز هو ۽ اکيون ننڍڙيون گول ۽ ڳاڙهيون هيون ، جن کي جڏهن به ڪوليائين ٿي ته اونداهي رات ۾ تيز رفتار سوزوڪيءَ جي پوين بتين جي سڪ ٿي لاٿائون . سندن پيءُ پوڙهو ۽ ٻوڙو هو. جذباتي، گوڙيلو ۽ ويڙهاڪ. ڳالهه ڳالهه تي لٺ کڻي اٿو ٿي ٿي ويو. لٺ وقت تي نه ملڻ جي حالت ۾ جيڪا شيءِ اڳيان ٿي آيس سا کڻي ڏرهاريءَ کي اڇلائي ٿي هنيائين . منهنجي خوش قسمتيءَ سان منهنجي حصي ۾ اهڙو ئي موقعو آيو جڏهن هن سنبوسن جي ٻرمارلاٽي ڏني.
وڏي ڀيڻ سوٽليءَ جهڙي سنهڙي ۽ اگريتيءَ جيان سڙيل هئي. وار منهن تي وکريا پيا هئس ۽ پاڻ ٽيبل تي ليٽهن جيان ڪري پئي هئي. ننڍي ڀيڻ چست، چالاڪ ۽ پنهنجي خوبصورت شڪل شبيهه توڙي آواز کان بخوبي آشنا هئي. ڳالهائڻ وقت ناز انداز سان اکيون مٽڪائي ڪنڌ جهڪائي، جڏهن وار ٿي چنبيائين، تڏهن دل ٿي چيو ته اعلي ڪارڪردگيءَ تي سمورا گولڊ ميڊل کيس ڏئي ڇڏيان. پر مجبوري اها هئي جو مان يتيم هوس ۽ منهنجي والدين ورثي ۾ ڪوبه گولڊ يا ميڊل نه ڇڏيو هو.
ميٽنگ شروع ٿي ته ننڍڙي نديم چيو: امان جي هن مهيني ويسي نڪتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان خوشيءَ جي موقعي تي گذريل سال جو گولڊ ميڊل ڪيس ملڻ گهرجي.
پٺس تيي باھ ٿي ويو. لٺ اولارينديءَ چيائينس: چپ ڪرڙي ماءُ جا مڄو! اڄان گذريل کان گذريل سال گولڊ ميڊل ورتو اٿائين گهٽا ٻار ڄڻڻ جو. وري هن سال امان؟

ننڍڙي نديھ ضد ڪندي چيو: بابا توهان تہ خواه مخواه ناراض ٿيندا آهيو. ماءُ نيٺ ماءُ آهي. ماءُ جي پيرن هيٺان جنت هوندي آهي.

ڪراڙي ڪڙڪو ڪندي چيو: تہ پوءِ منهنجيءَ ماءُ ڪهڙو منهن ڪارو ڪيو اٿني؟ ان ويچاريءَ جو بہ ڪو حق آهي يا نہ؟

مون حيرت مان پڇيو: اوهان جي والده ماجده اڃان جيئرن سان جيئري آهي؟

ڪراڙي ٽارا ڦوٽاري چيو: تون چپ ڪري ويھہ اڙي يتيم، هٿانءِ نہ لٺ مغز واري.

ڏڄندي چيم: سائين مون تہ اوهان جي تائيد پئي ڪئي. جي امڙ وڏي جيئري آهي تہ پوءِ وڏي ڄمار ماڻهن جو هڪ گولڊ ميڊل تہ سندس حق ٿيو نہ؟

ڪراڙي منهنجا وار پٽيندي چيو: اڙي بس نٽو ڪرين نياڳا؟ ڏسين نٿو تہ هي آسانجي گهر جو معاملو آهي.

مون هوريان چيو: پر سائين مون تہ سمجهيو هو تہ هي قوم جو معاملو آهي.

ڪراڙي جي خوش شڪل، خوش آواز ۽ ناز انداز واريءَ شرميلي ڏيءُ مرڏانهن نشيلي اکين سان ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏيندي چيائين: تون ڏاڍو ضدي ٿو ڏسجين يتيم. ڏسين نٿو تہ اسان ادب جي گولڊ ميڊل جي ڳالھ ڪري رهيا آهيون ۽ تون شايد سماجي خدمت جي شعبي جو ذڪر ڪري رهيو آهين.

دل ۾ چيم: شرميلي، ادب، سماج، فن، فنپارا سڀ تنهنجي هڪ ادا تان نثار ڪيان. دعا ڪر، مونکي رڳو ڪٿان ايترا پئسا ملي وڃن جو تنهنجي لاءِ صرف هڪ عدد گولڊ ميڊل خريد ڪري سگهان.

ننڍڙي نديھ چيو: تہ پوءِ اهو طئي ٿي ويو تہ ادب جو گولڊ ميڊل امان کي ويسيءَ نڪرڻ جي خوشي ۾ ڏجي؟

ڪراڙي هني ڇنبا پنهنجي منهن ۾ هڻندي چيو: ڪهڙو منهن ڪارو ڪيان؟ ڪاڏي وڃان؟ اڙي جسيتائين اها رن مرندي ڪونہ تيستائين منهنجي ماءُ کي ڪٿان ملندو گولڊ ميڊل؟

ڳاڙهين ڳول اکين واري طوطي چيو: بابا ڏاڏيءَ کي ڪٿي فن جو ايوارڊ ٿا ڏيون.

ڪراڙي وراڻيو: فن؟ ڪهڙو فن؟ امان ڇاڇاٽي فن منجهان؟ اهي سڀ فن تہ ماڻهين جي خاندان ۾ آهن، سڀ ترڪتال ڄاڻن.

طوطي چيو: ڏاڏيءَ جون گاريون تہ ڏيهان ڏيھہ مشهور آهن، اهو بہ تہ هڪڙو فن آهي.

ڪراڙي، منهنجا ڪن پٽيندي چيو: اڙي تون بہ تہ ڪجھہ ڳالهاءِ يتيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حرام جون پيسٽريون کائڻ آيو آهين ڇا؟
چيمر: بلڪل سائين ملڻ گهرجي. ڊاڪٽريٽ جي ايوارڊ ملڻ گهرجي . ادب جو گولڊ ميڊل ملڻ گهرجي. چوندا ناهن ته جن ادب تن نصيب.
تنيڙي نديه بيزاريءَ مان چيو: ته پوءِ ڀلا آخرڪار ڪهڙو فيصلو ٿيو؟
سوتليءَ جيان سنهڙي ۽ اڪريتيءَ جيان سڙيل ليلهر ڀيڻ ٺڪاوٽ وچان اوٻاسي ڏيندي چيو: ياءُ تون به ڪر صفا گڏهه آهين. اهي هني ايوارڊ مونکي ڏني ڇڏ.ڪنن جا ايرنگ ٺهرائيندس.
طوطي چيو: واه! مان ڪف لنڪس نه ٺهرايان؟
شرميليءَ چيو: ڪمال آ ! مونکي ته ڪرٽي پچي ئي ڪونه ٿو، تون ڇپ ڇو آهين يتيمر؟
چيمر: هاها، توهان کي ملڻ گهرجي. چوڙين ٺهرائڻ جي لاءِ.
تنيڙي نديه ڀريون پنهنجا وار ٺاهيا، پوءِ مونکي گهوري ڏٺو ۽ چيائين: مان تنهنجي هر بدمعاشي کان واقف آهيان يتيمر، تون جيڪي لڪل ڏڪ ٿو هڻين، سي مونکان ڪجها ناهن.
چيمر: مون سمجهيو ڪونه.
چيائين: سڀ سمجهين ٿو. وڏو ميسٺو آهين.
چيمر: مان بي حد بيوقوف آهيان .
چيائين: ڳالهه ٻڌ. هي جي سڄيءَ سنڌ ۾ هر روز انعام اڪرام، ايوارڊ يا ميڊل ڏنا پيا وڃن، سي ڪي قابليت يا لياقت جي بنياد تي ڏنا ٿا وڃن؟
چيمر: خبر ناهي .
چيائين: توکي سڀ خبر آهي. هر ادارو، جماعت يا گروهه پنهنجن دادلن، چمچن يا عالي عملدارن کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ منجهائن ڪم ڪڍڻ لاءِ ڪين انعام ۽ ايوارڊ ڏيندا آهن. عزيزن، رشتيدارن، ڀائرن ڀينرن ۽ سالن ڀيڻيوين کي شهرت، مقبوليت، وظيفو يا ترقي ڏيارڻ لاءِ هيءُ ٻورنگ رچائيندا آهن اعتبار نه اچني ته خود وڃي پنهنجي اکين سان ڏس ته اڪثرن ادارن، جماعتن، اڪيڊمين يا ايسوسئيشنن جا انعام خود سندس ني عهديدار، سندن مٽ مائٽ يا منظور نظر ڪهڙي ريت ٿا ڦٻائي وڃن.
اسان به اهڙوني تنيڙو ٻرنگ رچائي سماج ۾ مقبول ٿيڻ جي ڪوشش ڪني ته ڇا ٿي پيو. اسان جو پنسو، اسان تي ئي خرچ ٿيو. هني ڪنهن جي گهران ته ڪجهه نه ويو؟
مان ڇپ چاپ تنيڙي نديه کي ڏسندورهيس.
هن چيو: گذريل سال اسان راندين جو ايوارڊ پنهنجي چاچي کي ڏنو، جنهن سڄي زندگي ڪا به راند نه ڪيڏي آهي، بيمار رهندو آهي. هلڻ ڦرڻ کان هلاڪ آهي. تعليمي ماهر جو ايوارڊ پنهنجي وڏي ڀيڻ جي مڱيندي کي ڏنو، جيڪو خود پڙهيل ناهي. پر ڪاروباري بنياد تي انگلش ميڊيه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول هلائيندو آهي. خود مون تي دلهما پنهنجو پاڻ کي صرف ان لاءِ گونڊ ميڊل ڏنا آهن ته جيئن وزيرن اميرن آڏو سرخرو ٿي سگهان ۽ تڪڙا پروموشن ماڻي سگهان. جنهن سماج ۾ سڀ ڪجهه ٿئي ٿو، ان ۾ جيئڻ لاءِ جيڪڏهن اسان به ٿوري ڪوشش ڪئي ته ڪا اربع خطا ته نه ٿي پئي ؟

مون شرميليءَ ڏانهن ڏٺو، جا دلبرائي ادا سان مون ڏانهن ڏسي گهوري رهي هئي. چيم: هن ڌرتيءَ جي ڪنهن سچي سڄڻ جي همت افزائي لاءِ ڪوڙا سونو پلو ڏيڻ ضروري ناهي، بلڪي ۽ بيروزگار اديب کي پيار جا ٻه ٻول ڏيو. ٻي ٻهچ ۽ ٻي يار و مددگار فنڪار کي ساراهه جي هڪ مرڪ ڏيو. محنت ڪش ۾ جاڪوڙي تعليمدان جي صرف هلڪي پٺي ٿپري چڏيو. دنيا ڀر جو سون ۽ سونا ميڊل پاڻ وٽ رکو اسانکي فقط محبت ڀري ميٺا ڏيو.
طوطي پنهنجو چنهنب جهلڙو نڪ مٿي ڪنيو ۽ هبڪندي چيو : ها مونکان ته ڳالهه ئي وسري وئي. هن ڀيري توهان لاءِ خصوصي ايوارڊ الڳ رکيو اٿون.
مان اٿيس ۽ ٻاهر ويندي چيم: مون لاءِ يتيميءَ جو ايوارڊ ئي ڪافي آهي پيارا طوطا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي پيار هجي ها پاڇولو

زغرب جو هوائي اڏو نه صرف تمام وڏو ڪونهي، پر ٻچولو به ناهي. بس، پهرينءَ نظر ۾ ائين لڳو ڄڻ ڪرنيٽا جي هوائي اڏي تي پهتا آهيون. ٻاهر نڪتاسين ته رڳو ساوڪ ۽ سبزو. حدنگاهه تائين مڪئيءَ جا فصل.
پنهنجي آجيان ڪندڙ "جان" کان پڇيم: هيءَ ڪهڙي پوک آهي؟
انگريزي ڪڻ پني آيس، چيائين: ڪُڪُرو!
مونکي ڳل اچي وئي.
پڇيائين : ڇو ٺو کلين؟
چيم: ائين ئي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ان لفظ جي ٻي معنيٰ نڪري آهي.
هو چپ ڪري ويهي رهيو.
ٿوري دير کان پوءِ پڇيم: شهر ڪيترو پري آهي؟
چيائين: ڪلاڪ ڪن لڳندو.
پڇيم: رهڻ جو انتظام ڪٿي ڪيو ائٿي؟
چيائين: هوٽل ۾. مسز مارڪس شهر کان ٻاهر رهيل آهي.
چيم : اها ته چڱي ٿي.
چيائين : نه، اڄ اچڻي آهي. توهان رات هوٽل ۾ گذاريو. صبح تائين مسز مارڪس وٽ انتظام ٿي ويندو.

مسزمارڪس ستر سالن جي وڏڙا هئي، جنهن وٽ اسان جا ماڻهو هر دفعي رهي رهندا هئا. سرڪار طرفان ڪيس سندس مڙس جي جنگ ۾ مارجي وڃڻ کان پوءِ هڪ فليٽ مليل هو، جنهن ۾ هوءَ ڪرائي تي مهمان رهائيندي هئي. مونکان اڳ جيڪي به عملدار، واپاري ميلي ۾ شرڪت ڪرڻ ايندا هئا، سي وٽس ئي رهندا هئا. ڇهه ڊالر (هاڻي جا ڏيڍ سو روپيه) ڏهاڙيءَ جا وٺندي هئي. رهڻ لاءِ ڪشادو ڪمرو، فرج ۽ رنگين ٽي. وي، صبح جو ناشتو، شام جي چانهه، ڪپڙي لٽي جي ڌلائي ۽ بي انتها ماءُ جو پيار. انگريزي صفا ڪونه ايندي هئس. پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جيڪو ڪجهه چوندي هئي سو سمجهي ويندا هئاسين ۽ اسان به جو ڪجهه انگريزيءَ، اردو ٽوٽي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا هئاسين، سو هڪدم پر ڪي ويندي هئي. مهينو کن ساٿس گڏ رهڻ کان پوءِ مونکي لڳو ته سندس ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ سان مشابهت رکندڙ لفظ تمام گهڻا هئا. ان کان وڌيڪ اچرج تڏهن لڳم جڏهن هڪ ڏينهن رستي ويندي ڪجهه ماڻهن کي سنڌي ڳاڙهو ملتاني ۽ هندي ٻولي ڳالهائيندي ٻڌم.
پڇيم: هي ڪير آهن؟
چيائون : اهي Gypsy (خانه بدوش) آهن. صدين کان مستقل سفر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا رهندا آهن. ڊنر ته شڪل صورت جا يورپي، سوٽ بوٽ پهريل، موٽر ڪارون، ويگنون ۽ Caravan ساڻ، هولي ٻگڙيل پر اسان سان ملندڙ جلندڙ.

رات جينن تينن ۾ هوٽل ۾ گذاري ٻئي ڏينهن وڃي مسز مارڪس جو در کڙڪايوسين. ماني جهڙي هڏي هنر هو پهو اهڙي ڊنر، ٻاڪر پاڻي انين ملي جن ورهين کان وڇڙيل هجي. مونکي رستي جي طرف وارو ڪمرو ڏنائين، جنهن جي دريءَ ٻاهر صوف جو وڻ هئو ۽ جنهن جون ٽاريون دريءَ مان اندر ٿي جهرميون.

چيائين: هيءَ منهنجي ڌيءَ فيونا جو ڪمرو آهي.

ٽيءَ وي تي رکيل تصوير ڏيکاريندي چيائين: تازو شادي ڪري وئي آهي. مڙس يونان ۾ رهندو اٿس. ڪجهه ڏينهن ۾ ايندي ته ملائيندي مانءِ.

چيم: مون فيونا جي باري ٻڌو آهي.

حقيقت ۾ اها نه هئي. فيونا جي حسن جي هاڪ مون پاڪستان ۾ ئي ٻڌي هئي. ماڻهن جو چوڻ هو ته يوگوسلاويا جو عورتون دنيا جون سڀ کان وڌيڪ سهڻيون عورتون آهن، ۽ فيونا يوگوسلاويا جي سڀ کان خوبصورت نينگري آهي. ان ڳالهه جي تصديق پوءِ پاڙي وارن به ڪئي. محلي جو دادا برانڪو Branoco جيڪو سندس عشق ۾ صفا انڌو هو، تنهن سان هڪ رات پب (Pub) ٻاهران ڪچهري ڪندي جڏهن فيونا جو ذڪر ڪيم ته اوچتو ڏني روئي پيو. چيائين: توکي ڪهڙي خبر ته اسان ڇا وڃايو آهي؟ تون تڏهن پهتو آهين جڏهن اسان لٽجي چڪا آهيون!

ڪپڙا ٽنگڻ لاءِ ڪٻٽ کوليم ته ڊنر تقريبن سڄو ڪٻٽ فيونا جي سامان سان ڀريو پيو هو. سندس وڳا سليقي سان سٽيا پيا هئا. خانن ۾ سندس ميڪ اپ جو سامان هو، فوٽو هئا، نقلي زيور هئا ۽ سڀ کان اهم ڳالهه، سندس وجود جي ولندڙ خوشبو هئي.

مسز مارڪس چيو: منهنجي ڌيءَ مونسان ڏاڍو پيار ڪندي آهي. مونکان سواءِ يونان ۾ ڏاڍي اهائڪي ٿي رهي. روز رات جو فون ڪندي آهي ته امان مان جلد ئي زغرب اچي توکي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس. اچڻ ڏي منهنجي ڌيءَ کي، مان سائس گڏجي هلي ويندس. مون مڙهيءَ جو هٿ هيو آهي نه ڇا؟

مونکي اچي دپ ٿيو ته جي ڏيٺس ٿي اوچتو اچي نڪري ۽ پاڻ سانباهو ڪري وڃڻ جو، ته پوءِ منهنجو الائي ڪهڙو حشر ٿيندو. سو پڇيو مانس ته: ويجهڙ ۾ اچڻي آهي ڇا؟

خوش ٿي چيائين : ها ڏسين نٿو مون پنهنجا ٽپڙ به ٻڌي رکيا آهن. اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دير آهي. ٻنهي ڏينهن اسان هليا وينداسين . پر تون فڪر نہ ڪر. توکي مان ٻاڙي واريءَ ياسمينڪا جي گهر ڇڏي وينديس. ڏاڍي سٺي ماڻهو آهي، وڏي ڳالهہ تہ سندس جوان ڌيءَ بہ آهي جيڪا تنهنجو خيال رکندي. ائين چئي، منهنجي هٿ کي زور ڏئي ڪلڻ لڳي.

زغرب صاف سٿرو ۽ سهڻو شهر آهي. ماڻهن ۾ غربت ضرور آهي پر خلوص جي کوٽ ڪونہ اٿن. زالين مڙسين محنت ڪن. ڇوڪريون تورڙي ڇوڪرا آزاد خيال. پنهنجو ڪمائن پنهنجو کائن. مٿن مائٽن تي بوجهہ گهٽ. مهانگائي چوٽ تي. ملڪ ۾ پيٽرول، کنڊ ۽ چانهہ وغيره جي هميشه کهٽتائي.
مان ڏٺن کن Yellowlabel چانهہ جا ڏٻا سان کڻي ويو هوس، مسزمارڪس کي اهي ڏٻا ۽ ڪافيءَ جون بہ بوتلون ڏنم تہ خوشيءَ وچان اکين ۾ پاڻي اچي ويس. هر پنجن منٽن کان پوءِ اچي شڪر ادائي ڪري وڃي.
چيم : معمولي شيون آهن. انهيءَ ۾ ايڏو احسانمند ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟
چيائين : توکي ڪهڙي خبر؟ اڄ مان هن سڄي ٻاڙي جي امير ترين عورت آهيان. ڪجهہ دير سوچي اداس لهجي ۾ چيائين : ڪاش ! فيونا بہ هت هجي ها. کيس ڪافي ڏاڍي وڻندي آهي.

هڪ ڏينهن پڇيو مانس: ڌيءَ سان ڏاڍو پيار اٿئي؟
ڪنن تي اعتبار ئي ڪونہ آسين. حيرت مان پڇيائين : فيونا لاءِ ٿو چوين؟
چيم : ها.
چيائين: اسان ٻہ جسم ۽ هڪ روح آهيون. مڙس مئي کان پوءِ مون دنيا تياڳي ڇڏي. پنهنجو سمورو پيار فيونا جي وجود تي اورتي ڇڏيم. کيس ڪا محرومي، ڪو ڏک ڪونہ ڏنم. هي ڪٻٽ ۾ سندس ڍريسون ڏسين ٿو؟ هڪ هڪ لباس ۾ منهنجون مهيني مهيني جون بکون لڪل آهن.
ٿوري دير رکي چيائين : خبر اٿئي مون ڪهڙا ڪهڙا پورهيا ڪيا آهن؟
مون سندس کهنجيل چهري ڏانهن ڏٺو، پر چيم ڪجهہ بہ ڪونہ. پاڻ ئي چيائين: ٻي تہ سڀ مزوري ڪيم، پر تو کي تعجب ٿيندو تہ مون زغرب ۾ بس ڊرائيوري بہ ڪئي آهي.
مونکي تعجب ان ڪري ڪونہ ٿيو جو مون يورپ جي اڪثر شهرن ۾ عورتن کي بسون هلائيندي ڏٺو هو. البت سندس ڳالهہ تي بلگاريا جي هڪ ڪراڙي عورت ياد اچي ويم. ٿيو هيئن جو بلگاريا جي پلاديف ميلي ۾ هڪ جهور ڪراڙي عورت کي رستي تي گرم گرم ڏامر هاريندي ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پاڪستاني سائي ڏک ۾ ٻيهي رهيو. چيانين: ويچاري ڪيتري نه ڪراڙي عورت آهي، هن عمر ۾ ايڏو جسماني پورهيو ڪيئن ٿي ڪري؟
چيم: سنڌ جون مزور عورتون وسري ويون اٿني؟
چيانين : ها، پر هنن ملڪن جي ڳالهه ٻي آهي.
ٻني ڏينهن اها ساڳي ئي ڪراڙي اسان جي اسٽال تي صفائي ڪرڻ آئي. صبح کان جو شيشن جي شوڪيسن کي صاف ڪرڻ ويٺي ته مٿان شام ٿي وئي. اهڙي صفائي ڪيائين جو دل خوش ٿي وئي. ويندي وقت چيانين : مونکي اهو عورتاڻو انڊرويئر (ڪڇو) ڏيندو؟
مون واري سائيءَ کي ڪل اچي وئي. ٺهڪ ڏيندي چيانين: ماني هن عمر ۾ اهڙو فينسي انڊرويئر تون ڇا ڪندينءَ؟
ڪراڙيءَ چيو : مونکي پنهنجي لاءِ نه گهرجي، پنهنجي ڌيءُ لاءِ کپي.
چيو مانس: تون پنهنجي لاءِ ڪاشيءَ ڇو نٿي گهرين؟
چيانين: جڏهن مان ننڍي هوندي هئس ته منهنجي ماءُ منهنجي هر سک لاءِ پاڻ کي ڏکيو رکندي هئي. هاڻي مان ان عمر ۾ آئي آهيان جڏهن پنهنجي پورهئي سان ڌيءُ جون خوشيون خريد ڪري سگهان.
چيم: پر تنهنجي ڌيءُ ڪم نه ڪندي آهي ڇا؟
چيانين: نه، هن جي عمر کيهن ٿرڻ جي آهي. چڱو پهريندي ته چڱي لڳندي . سهڻي ڇوڪريءَ کي ور جلدي ملي ويندو آهي. هيءَ هن هٿان به تڏهن ني ٿي ڪيان ته ڌيئڙي وڃي ساجهرني پنهنجي گهر ٻار جي ٿئي.

دل جي آپريشن کان پوءِ ڊاڪٽرن مستقل پرسنٽائين گوريون کائڻ لاءِ چيو اٿم. ناشتي کان پوءِ گوري کاڌم ته هڪ ڏينهن مسز مارڪس ڏسي ورتائو.
پڇيائين : دل جو مريض آهين؟
چيم : ها.
چيائين: مان به اهي ئي گوريون کائيندي آهيان. مونکي به دل جي تڪليف آهي.فيونا چوي ٿي ته تون اڪيلي نه رهندي ڪر. دل جي مريض کي اڪيلو رهڻ نه گهرجي،
چيم: هوءَ ٺيڪ ٿي چوي.
چيائين : تڏهن ته مون کي ساڻ وٺي هلڻ لاءِ ضد ڪري ويٺي آهي. جڏهن به فون ڪندي آهي تڏهن چوندي آهي ته امان مونکي ته تنهنجي انتظار ۾ رات ڀر ننڊ نٿي اچي. خدانخواسته توکي اوير سوير ڪجهه ٿي پيو ته پوءِ ڪير سار سنڀال لهندني؟
'نين چني بورچيخاني جي ڪبٽ مان دوائون ڪڍي آئي. چيائين: ڏس ساڳيون تو واريون دوائون آهن نه؟ هر مهيني ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکارڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي آهيان. اگهه يڪساهيءَ ڏاڪڻ چڙهي ويندي هيس، پر هاڻي ڏاڍي ڏکيائي ٿي ٿئيم. دل ۾ سرور ٿو ٿئي. نياڪن بلڊنگ ۾ لفٽ به ڪونه هئائي ڏني آهي. خير، هاڻي اچي چڙهي آهيان. فيونا جي گهر ۾ ته ڏاڪڻ جو جهنجهٽ آهي ئي ڪونه . هيڏو سارو بنگلو اٿس، ٻه ٽي موٽر ڪارون، ڪم ڪار لاءِ ملازم، چوي ٿي ته امان ڪڪهڙي هيٺو ڪرڻ ڪونه ڏيندي مانءِ، تون رڳو هت اچ سهي، پوءِ تنهنجي صحت منهنجو ذمو.

جن فليٽن ۾ مسزمارڪس ۽ سندس جهڙيون ٻيون جنگي شهيدن جون وڌوائون رهنديون هيون، سرڪار نه رڳو اهي فليٽ کين مفت ۾ ڏني ڇڏيا هئا، بلڪ بجلي، گيس، پاڻي ۽ فون وغيره جو بل به کين معاف هو. مٿان وري سهوليت اها جو هر هفتي سومر ڏينهن کين هفتي جي پنيشن پڻ ملندي هئي.

سومر ڏينهن سوير مسز مارڪس تياريءَ ڪي لڳي ويندي هئي. ڌوتل ڪپڙا پائي ، مٿي تي ريشمي رومال ٻڌي، هٿ ۾ ڪاغذن جو ٿيلهو کڻي جڏهن ٻاهر نڪرندي هئي ته ائين لڳندو هو جڻ ڪا وڏي شاپنگ ڪرڻ نڪتي آهي. مونکي گهر جي هر طرح پارٽ ڪري، پاڻ نڪري هلي ويندي هئي ۽ مان ويهي پنهنجو ڪم ڪار ڪندو هوس، ٿي. وري ڏسندو هوس يا وري دريءَ ٻاهران صوف جي وڻ جي لڏندڙ لامن جو نظارو ڪندو هوس.
ان آچر جي شام کان ئي منهنجي طبيعت خراب ٿي پئي.
يوگوسلاويا ۾ اسان جي ڪانءُ جي ڪاشيءَ بنهه ڪانهي. ڏي وٽي مڇي ملندي آهي، جنهن کي هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ريبا سڏيندا آهن. سا به اهڙي ته بي سوادي ٺاهيندا آهن جو ماڻهو ڪائيندو به وڃي، اوڪارا ڏيندو به وڃي. مون ان آچر تي ريبا کاڌي هئي. هڪدم بخار چڙهي ويو ۽ الٽيون شروع ٿي ويون، مسز مارڪس ڏاڍي پريشان ٿي وئي پر چيائين ته آچر ڏينهن ڊاڪٽر ڪونه ملي سگهندا. رات خير جي گذري ته صبح جو ڪو انتظام ڪبو.
اها سڄي رات منهنجي بي آراميءَ ۾ گذري. مسز مارڪس جيڪا اسان جي اچڻ ڪري بورچيخاني ۾ سمهندي هئي، سا سڄي رات منهنجي پر گهور لهندي رهي. پر طبيعت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. صبح جو سوير ٿوري اک لڳم پر وري جاڳ ٿي ويم. رنڌڻي مان ڪراڙيءَ جي ڳائڻ جو آواز پئي آيو. پنهنجي ٻوليءَ ۾ الائي ڇا پئي ڳايائين، پر ڪو ڏک جو گيت پئي لڳو.
مان وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي سندس وراڻ ٻڌندو رهيس.
تڏهن اوچتو هوءَ منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آئي.
ڌوتل ڪپڙا، مٿي تي ريشمي رومال، هڪ هٿ ۾ ڇٽي، ٻئي ۾ ٿيلهو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچيائين : هاڻي ڪيئن آهين؟
چيمر : ڪجهه بهتر آهيان.
چيائين : مان پيئنشن وٺڻ لئي وڃان . جلدي موٽي ايندس. تنهنجي لاءِ ڇوڪرين جي ڪش به وٺيو ٿي اچان. تون بستري تان متان اٿين.
چيمر : نه ڪونه اٿندس.
چيائين: گهر ته ياد نٿو اچئي ؟
چيمر: اچي ٿو.
چيائين : رات توکي بيمار ڏسي مونکي پنهنجي ڏيءُ ڊاڊي ياد آئي. هڪ دفعي هوءَ به تو وانگر ان ئي بستري تي سخت بيمار ٿي پئي هئي.
چيمر : مون توکي ڳائيندي ٻڌو هو.
چيائين: مان رات جو در ڪليل رکندي آهيان . فيونا ڪنهن به وقت اچي ته ڪيس تڪليف نه ٿئي.
ٻاهر ويندي چيائين: در ڪوليو ٿي وڃانءِ . مرضي پوئي ته اندران بند ڪري ڇڏجانءِ. مان اجهو ٿي موٽان.
منهنجي طبعيت ڊاڊي خراب هئي. اکيون پوريو ته اتي ئي ننڊ اچي ويه. جاڳ تڏهن ٿيم، جڏهن ڪري ۾ ڪنهنجي آهٽ ٻڌم.
اکيون کوليم ته سامهون فيونا بيٺي هئي. پنهنجيءَ تصوير کان تمام گهڻي خوبصورت . ڊگهو قد، سونهري وار، حورن جهڙو حسن.
مونکي اکيون کوليندي ڏسي ڪهبرائجي وئي. چيائين: مونکي افسوس آهي. ٻاهريون درکليل هو.
چيمر: تون فيونا آهين؟
چيائين : ها. امان ٻڌايو هوندئي.
چيمر: هن کي ڏينهن رات تنهنجو اوسيئڙو رهندو آهي. هر وقت توکي ياد ڪندي رهندي آهي. تون ڪيس وٺڻ آئي آهين نه؟
هوءَ سامهون صوفي تي ويهي رهي. ڪنڌ جهڪائي غاليچي کي گهورڻ لڳي.
پڇيمر: ڪڏهن ويندءُ؟
چيائين: اڄ ئي . هاڻي.
هوءَ اٿي، ڪٻٽ مان چونڊي ڪجهه ڪپڙا ڪڍيائين ۽ ٿيلهي ۾ وجهندي چيائين : منهنجو مڙس هيٺ گاڏيءَ ۾ ويٺو آهي.
چيمر : پر تنهنجي ماءُ ته ٻاهر ويل آهي.
هوءَ وري اچي صوفي تي ويٺي، چيائين : منهنجي ماءُ وٽ مهمان آهين نه؟ مونکي ته تنهنجو نالو به نٿو اچي. ڏس، مان ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي نٿي سگهان. منهنجي مڙس کي اها ڳالهه پسند ناهي.
چيمر : پر هوءَ ته ....
چيائين مونکي خبر آهي. پر مان لاچار آهيان. ماءُ جي ڪري مان گهر واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ويڄاڻڻ نٿي چاهيان .
هوءَ آئي، در ڏانهن وڌڻ ڪان اڳ جهيڻي آواز ۾ چيائين: ڪيس خبر نہ پوي تہ مان آئي هئس.
مان ماٺ . لڳو بخار جي شدت وڌي وئي آهي.
هوءَ ڪجھ دير ڪنڌ جهڪائي بيٺي رهي. پوءِ هوريان هوريان قدم کڻندي منهنجي ويجهو آئي.
چيائين : اسان گذريل هفتي کان هت زڳرب ۾ آهيون.
مون تعجب مان ڏانهنس ڏٺو.
وري چيائين: مون ۾ ڏانهنس اچڻ جي همت نہ هئي.
چيو مانس: پر هوءَ تہ تنهنجي ني آس تي زنده آهي.
گهٽيل آواز ۾ چيائين: ها. مان ڄاڻان ٿي. شايد اُن ڪري ني مون سائس نگاهون ملائڻ نٿي چاهيون. هوءَ ڏاڍي پياري ماءُ آهي. پر، پياري زال ٿيڻ لاءِ پياري ماءُ جي قرباني ڏيڻي ني پوندي.
هن جون اکيون ڇلڪي پيون. تيزيءَ سان پٺتي مڙي ۽ ٽڪڙي ٽڪڙي ٻاهر نڪري وئي.

منجهند ڌاري مسزمارڪس موٽي آئي. منهنجو تيز بخار ڏسي ڏڪي وئي.
چيائين: ڇوڪرا مونکي تہ هاڻي ڊپ ٿو ٿئي. ڏينهن ٻن ۾ نيرنا اچي مونکي وٺي ويندي. سوچيان ٿي تہ پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پر پيار تہ ناهي پاڇولو

مسزمارڪس جي اپارٽمينٽ ٻاهران يوگوسلاويا جي قومي شاهراهہ لنگهندي هئي جنهن کي پار ڪري سڙڪ جي ٻيءَ پر اسان ميدان تي پهچندا هئاسين. روڊ تي اڪثر بسون سراجيوو ڏانهن وينديون يا موٽنديون نظر اينديون هيون. شروع شروع ۾ اهو خيال هوم تہ سراجيوو ڪنهن قصبي يا ويجهڙي شهر جو نالو آهي، پر پوءِ مقامي ماڻهن جڏهن تاريخ ۽ جاگرافي ٻڌائي، تڏهن پنهنجي ڀل جو احساس ٿيم.

مونسان گڏ ٽريڊنگ ڪارپوريشن جو جنرل مئنيجر مونيز بہ ساڻ هليو هو. پاڻ هاٿي رٽائر ڪيو اٿائين. ڪرستان آهي. ايماندار، سچار ۽ ڪرو ماڻهو. خدا ڪيس ڏينهن ڏني ڏاڍي ڪم وارو ۽ مددگار قسم جو ماڻهو آهي. مونيز هڪ ٻہ دفعو اڳ بہ زغرب مان ٿي آيو هو، ان ڪري هن جي اتان جي رهواسين سان سٺي واقفيت هئي ۽ شهر ٿوڙي مکيہ جاين متعلق تفصيلي ڄاڻ ٿي رکيائين. مسزمارڪس جو دادلو هو. پنهنجي پسند سان منهنجي ڪمري ڪان سامهو وارو ڪمرو پاڻ لاءِ چونڊي ڪنيو هئائين، جنهن ۾ هر وقت اونده انڌو ڪار رهندو هو. پر جي ڪٿي ڪڏهن ڪا روشنيءَ ذري ڪٿان ڪنڊ پاسي ڪان اندر اچي بہ ويندي هئي تہ ان کي ٻاهر تڙي ڪڍڻ لاءِ هر وقت پيو درن ۽ درين تي پردا چاڙهيندو هو. هڪ اڌ دفعو سندس ڪمري ۾ وڃڻ ٿيم تہ چا ڏسان تہ ميز تي مکڻ، پنير، قسم قسم جا بسڪوٽ، بيئر جون خالي توڙي ڀريل بوتلون، ڪاغذن جا انبار، سندس نقلي ٻتيهي سميت ٿهليا پيا آهن. سيءُ ڏاڍو ٿيندو هوس، ان ڪري ڪپڙا لٽا تہ سڀ پائيندو هو پر بستري کي بہ پاڻ تي لپيٽي هلڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۾ رڌل رهندو هو. سندس تڪليو ڪلام هو "باس." ڳالهہ ڳالهہ تي "باس"، باس هيءَ ڳالهہ، باس هوءَ ڳالهہ. عادت ايتري تہ پڪي ٿي وئي هئس جو آئي وئي کي تہ باس چوندو ئي هو، پر جڏهن گهر واري هوائي اڏي تي الوداع چوڻ آيس تہ ان کي بہ چيائين: باس، تون فڪر نہ ڪر، مان پنهنجو خوب خيال رکندس.

مونيز ڪراچي مان رواني ٿيڻ ڪان اڳ ئي مونکي چئي ڇڏيو هو تہ : تون زغرب جي ڳڻتي ئي نہ ڪر. مان اڳي ئي اتان ٿي آيو آهيان، سڀ واقفيت اٿم، رڳو پهچڻ جي دير آهي. پيپرلين جي ڪم ڪار لاءِ ڇوڪرين جي ڀرتي هلي اتي ڪنداسين، باقي مکيہ ڪم ڪار لاءِ منهنجي هڪ آزمايل ڇوڪري آهي. اندرا نالو اٿس. آها سڀ ڪم پاڻ سنڀالي وٺندي.

اندرا نالو يوگوسلاويا جي حوالي سان مونکي ڏاڍو عجيب لڳو هو، پر مونيز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿندي ويهندي سمهندي جاڳندي اندرا اندرا جي اهڙي ته رٽ لڳائي ڏني جو مون عافيت ئي ان ۾ سمجهي ته مانڙي ڪري ويهي رقت جو انتظار ڪجي.

زغرب پهچڻ شرط مونيز جان کان پڇيو: اندرا ڪي گهرايو اٿئي؟
جان وراڻيو: نه، ڪيس اطلاع ته پهچايو ويو آهي، پر هوءَ سمنڊ ڪناري ويل آهي. ڏينهن ٻن ۾ اچي ويندي.
همراهه تي جڻ پاڻي پنجي ويو.
چيومانس: دل نه لاهه ديوانا ، پکي آيا ڪي آيا.
اهي ٻه ٽي ڏهاڙا مونيز تي ڏاڍا ڏکيا گذريا. اسان وٽ عارضي ملازمت لاءِ ڇوڪرين جي قطار لڳي وئي. هڪ کان هڪ سهڻي.هڪ کان هڪ لبائيندڙ. ايلاز ، منٿون، سفارشون، ادائون . ناز نخرا، مطلب ته هر حربو منهنجي ناتوان جسم وجان تي آزمائجي ويو، ست اٺ ڇٽيون چونڊي رکي ٻه ڇڏيونسين، پر مکيه جڳهه وري ٻه اندرا جي انتظار ۾ خالي رهي.
آخرڪار هڪ ڏينهن اوچتو مونيز طوفان جي رفتار سان ڪهوڪهاٽ ڪندو منهنجي آفيس ۾ ڪاهي آيو.چيائين: باس اندرا اچي وئي.
منهنجي ٻه دل سرڪي، چيم: واقعي؟ ڪٿي آهي؟
چيائين : بس اجهو جاڻ پهتي. مون ڪيس صدر دروازي مان ايندي ڏٺو آهي.
ٿوري دير ۾ اندرا ٻه اچي پهتي. هر پهرو ڪا اهڙي سهڻي ٻه ڪونه هئي. وچولي شڪل صورت جي ٽيهارو ڪن سالن جي ڇوڪري ، ڪجهه قدر بت ۾ ڀريل، چهري تي سنجيدگي، مونسان اچي هٿ ملايائين.
چيم: منهنجوساٿي تنهنجي اوسيئڙي ۾ اڌمئو ٿي پيو هو. اڄ نه اچين ها ته شايد ماڻهن کي ڪانئي ماري ها.
هوءَ کلي ڪانه ، صرف مرڪي . پر ۾ بيٺل هڪ نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: هيءَ منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي.
مان وائڙو ٿي ويس.جنهن کي هن ڀيڻ سڏيو هو، سو ته پندرنهن ڪن سالن جو ڇوڪرو پئي ڏٺو. جسم ۾ ڀريل، ڳاڙهو ڳٽول ، ڪلٺو.
چيم: هيءُ ته ڇوڪرو آهي .
چيائين : ڇوڪري آهي. ڪپڙا مرداڻا پائيندي آهي.
اعتبار ته ڪو نه آيو، پر پوءِ ٻه هٿ وڌائي چيومانس : هلو ينگ مئن ( نوجوان) ان ڏينهن کان پوءِ سندس نالو ئي ينگ مئن پئجي ويو. سچ پڇو ته سندس اصلي نالو نه مونکي انهن ڏينهن ۾ ياد بيٺو ۽ نه وري اڄ ئي ياد اٿم جي ياد اٿم ته سندس ڊگهو قد، مضبوط جسم ۽ کلندڙ چهرو.
اندرا پهرئين ڏينهن کان ئي پنهنجون ذميداريون سنڀالي ورتيون . سندس ڪم هو منهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ طور آفيس جي نظرداري ڪرڻ، خط و ڪتابت ڪرڻ، فون تي رابطا ڪرڻ۽ پيوپلين ۾ ڪم ڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقامي ڇوڪرين تي نظر رکڻ. ان لاءِ مون پنهنجي نئي ڪمري ۾ ڪيس هڪ فون، ٽائپنگ مشين، ٽيبل ڪرسي وغيره جو بندوبست ڪري ڏنو هو.
مونيز کي ٻه واري ڪنبن ڏني ويئي. هال ۾ ننڍا وڏا اسٽال ڦهيل هئا جن ۾ غاليچن کان وٺي راند جي سامان تائين هر شيءِ کي سليقي سان سينگاري رکيو ويو هو ۽ هر اسٽال تي هڪ يا ٻه مقامي ڇوڪريون سليز گرلز طور گراهڪن کي وکر وڪڻي رهيون هيون.
ان سڄي پس منظر ۾ مونکي اندرا سان ڪڏ ڪهارڻ جو نويڪلائي ۾ تمام گهڻو موقعو مليو.
هڪ ڏينهن پڇيومانس: توتي اندرا نالو ڇو رکيائون؟
چيائين: سڀ ماڻهو اهو ئي سوال پڇندا اٿم. دراصل جڏهن مان ڄائي هئس تڏهن اسان جي پاڙي ۾ هڪ هندو فنملي هئي. اندراگانڌيءَ جو اڪثر ذڪر ٿيندو هو. منهنجي مائٽن کي اهو نالو ڏاڍو وڻيو، ان ڪري منهنجو نالو ئي اندرا رکي ڇڏيائون. توکي تعجب ٿيندو ته اسان بوسينيا جا مسلمان آهيون.
مونکي واقعي تعجب ٿيو، پڇيم: Practicing (عملي) مسلمان آهيو يا نالي ۾ نهال ؟
چيائين: خبر ناهي.
چيم: ڪجھ ته خبر هوندي.
چيائين: آزاد معاشرو آهي. ٻين لاءِ ڪجھ به چئي نٿي سگهان، البت مون کي مشرقي علوم مطالع ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي.
پڇيم : مثلا؟
چيائين: مثلا تصوف.
پڇيم: ڪڏهن شاه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو ٻڌو اٿئي؟
چيائين: ٻڌو به اٿم، پڙهيو به اٿم.
هاڻي مان واقعي وائڙو ٿي ويس.
فخر وچان چيو مانس: مان سندس ڏيهه مان آيو آهيان.
پڇيائين: ته پوءِ تون به صوفي هوندين؟
چيم : ها.
پڇيائين: صوفي تو جهڙا ٿيندا آهن؟ منهنجي ذهن ۾ ته ڪو ٻيو خاڪو هو.
مونکي ڪل اچي وئي. مٿان اچي پهتو مونيز، تنهن ته مورڳو ڪر ٽٽائي ڇڏيو.
چيائين : باس ، مان ڪجهه دير جي لاءِ اندرا کي ڪليئرنگ اينڊ فارورڊنگ ايجنٽ تائين وٺي وڃان ؟
مان ڀلا ڪيئن ٿو انڪار ڪري سگهيس؟

ٻئي ڏينهن اندرا چيو: ڪلهه مان ڏاڍو دير سان گهر پهتس. مونيز مونکي خواه نخواه رلائيندو رهيو، توهان آئنده ساڻس گڏ ٻي ڪا ڇوڪري موڪلي ڏيندا ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيمر: ڏسنداسين پر هو ترڪانسراءِ هڪ قدم بہ پوئتي لاءِ تيار ناهي.
هوءَ ٿڌو ساهہ ڀري پنهنجي ڪم کي لڳي وئي.
ان ئي ڏينهن منجهند جو برگر کائيندي چيائين: تو کي خبر آهي تہ اسان جي ۽ توهان جي حالتن ۾ حيرتناڪ حد تائين هڪ جهڙائي آهي؟
پچيمر : اسان ڪير؟
چيائين: مان، منهنجو خاندان. منهنجي قوم. اسان توهان وانگر ڏاڍا محروم انسان آهيون. غريب، بيروزگار، ڏتڙيل، بنيادي ضرورتن کان وانجهيل، توهان وانگر پنهنجيءَ ڌرتي تي ڌرايا.
پچيمر: اهو سڀڪجهہ ڪٿان معلوم ٿيني؟
چيائين : تواريخ جي شاگرد آهيان. مظلوم قومن جي پنهنجي جدا تواريخ ٿيندي آهي.
مان اندرا جي ذهانت کان ڏاڍو متاثر ٿيس. هوءَ ٻين ڇوڪرين کان گهڻو مختلف هئي، سچ پچو تہ مهينو سوا ڏينهن رات گڏ هوندي بہ مونکي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ ڏانهنس جنسي ڇڪ محسوس نہ ٿي. مونيز جي ڳالهہ ئي اور هئي. هو تہ ڳوٺان ٻيڙيون ساڙي نڪتو هو. ان ڪري ساڻس گڏ رهڻ، کهڻ توڙي ڳالهائڻ جو ذري برابر بہ موقعو هٿان وڃائڻ نٿي ڏنائين.
چوندو هو: باس ڪو اهڙو ڪم ڪڍ جنهن ۾ مونکي ۽ اندرا کي يا تہ سمونڊ ڪناري وڃي ڪي بہ ٽي ڏينهن گهارڻا پون، يا وري پهاڙ تي وڃي رهڻو پوي.
رات جو بہ مسز مارڪس جي فليٽ تي بستري ۾ ويڙهجي سيڙهجي، بوتل ڪولي اچي اندرا جي ڳالهين ۾ ڇتندو هو تہ بس ڪرائڻ ئي محال ٿي پوندي هئي. هڪ ڏينهن تہ چئي ڏنو مانس تہ يار منهنجي جان ڇڏ، مسز مارڪس کي هڪ ڀالر روز وڌيڪ ڏي تہ اڌ رات تائين ويهي تنهنجي درد جو داستان ٻڌي.
هفتي کن کان پوءِ اوچتوئي اندرا چيو تہ مان لاچار آهيان. مونکي پنهنجي ڳوٺ جلدي وڃڻو آهي، ان ڪري مان وڌيڪ وقت توهان سان گهاري نہ سگهندس.
ڏکيو تہ مون کي بہ لڳو پر مونيز ذري گهٽ بيهوش ٿي ويو. ٿورو ڏڪ پچايائين تہ منٿن، ميڙين، آزين، نيزارين م لڳي ويو. ڪسيءَ جو ٽڪاءُ پيو پويس. ذري گهٽ دم ڏنو هئائين جو آخرڪار اندرا پنهنجي استعفا واپس ورتي ۽ پوپلين ۾ سرهائي ڀيهر موٽي آئي.
ٻئي ڏينهن ينگ منن آيو. پچيو مانس: ڇا حال آهي نوجوان؟
چيائين: ٺيڪ آهي.
پچيمر: اندرا ڇو پنهنجي ڳوٺ موٽڻ چاهيو؟
چيائين : هوءَ آزادي جي تحريڪ جي اهم رڪن آهي. انهن گهرايو هوس.
پچيمر : تون رڪن ناهين؟
چيائين: مان اڃا اسڪول ۾ پڙهندي آهين.
چيمر: يار ، مونکي تہ اڃان بہ يقين نٿو اچي تہ تون ڇوڪري آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلي چيائين : منهنجو براءِ فرينڊ به انين ئي چوندو آهي!

مون محسوس ڪيو ته اندرا ڪجهه وڌيڪ سنجيده ۽ فڪر مند رهڻ لڳي هئي، سندس گفتگو جا موضوع هاڻي قومي آزادي ۽ جدوجهد رهي رهيا هئا. هار سينگار ته شروع کان ئي ڪونه ڪندي هئي، هاڻي ته پنهنجي وجود کان به لاپرواهه رهڻ لڳي.

اڪثر مونکي چوندي هئي ته قومي گيت ٻڌاءِ، جواب ۾ مان کيس اياز، شمشير ۽ امداد جو ڪلام ٻڌائيندو هوس. کيس شاهه جي: هڻ ٻالا، وڻ ٻاڪرين، واري سٽ ڏاڍي وڻندي هئي. ور ورڪري چوندي هئي ته : ٻالن واري سٽ ته ٻڌاءِ.

۽ مان کيس وڏي شوق سان شاهه سائين جا بيت ترجمو ڪري ٻڌائيندو هوس.

ميلو پورو ٿيو موڪلائڻ جو وقت آيو ته مونکي پاسيرو وٺي چيائين: مونيز ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي. مونکي بي حد پسند آهي. هونءَ به اسان جي معاشري ۾ جسماني توڙي ذهني آزادي آهي. اسان عمر، شڪل، قوم ۽ رنگ جو فرق ڪونه ڪندا آهيون. مونکي ساڻس محبت هجي ها ته ڪا به طاقت مونکي ساڻس گڏجي هلڻ کان روڪي نه سگهي ها. پر منهنجو پيار منهنجي وس ناهي، منهنجي وطن ۽ ماڻهن جي امانت آهي.

هن جون اکيون ڀرجي آيون. کهٽيل کلي سان چيائين: مونيز کي سمجهائي ڇڏجانءِ.

الوداع چوڻ لاءِ ينگ مٺن پڻ آيو. اڄ هن ڇوڪرين وانگر اسڪرٽ بلائوز پاتو هو. منهن تي ميڪ اپ ڪيو هو ۽ شرمائيندي هڪ ڪيسٽ ڏيندي چيو هو: هيءَ منهنجي طرفان تحفو آهي.

پڇيم: هن ۾ ڇا آهي؟

اندرا وراڻيو: منهنجي وطن جي مهاڻن جا گيت آهن. سمجهه ۾ ته ڪونه ايندئي پر درد جي زبان لفظن جي محتاج نه هوندي آهي. جڏهن به هي گيت ٻڌين، منهنجي ماڻهن لاءِ دعا ڪجانءِ.

ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ ويهي مان اڪثر اها ڪيسٽ ٻڌندو هوس. ان ساز جي سوز ۾ مونکي منهنجا پنهنجا ماروئڙا ياد ايندا هئا. آواز جي ورلاپ ۾ پنهنجو ئي درد سڏڪندو محسوس ٿيندو هوم. ايڏيءَ دوريءَ هوندي به اسان ڪيڏو نه ويجهو هئاسين!

هاڻي جڏهن ٽيليويزن تي بوسينيا جون تصويرون ڏسندو آهيان، تڏهن زخمين جي انبوهه ۾ منهنجون نظرون ڪنهن سڃاتل چهري کي ڳوليندڙيون آهن. ۽ دل چوندي آهي ته مهاڻن جا گيت ٻڌان، پر مونکي خبر آهي اهي گيت وري ٻڌي نه سگهندس جو منهنجي ٻارن ان ڪيسٽ جي مٿان اردو گانا ڀري ڇڏيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنگم پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

1ـ آرزو (مختلف ليکڪن جو ڪھاڻيون) ختم
2ـ سپنا (مختلف ليکڪن جو ڪھاڻيون) ختم
3ـ اسڪاءِ ليب (مختلف ليکڪن جو ڪھاڻيون) ختم
4ـ سنگم (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
5ـ مانڪ موتي (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
6ـ صبح ازل (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
7ـ امنگ (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
8ـ تخليق جو موت (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
9ـ ليڊر جو عشق (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
10ـ آب حيات (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
11ـ مامتا (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
12ـ سالگره نمبر (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
13ـ من تنها منزل دور (مختلف ليکڪن جون ڪھاڻيون) ختم
14ـ سندري اتمچنداڻي جون شاھڪار ڪھاڻيون ختم
15ـ قمر شھباز جون چونڊ ڪھاڻيون ختم
16ـ سنڌو (انڊيا جي برک سنڌي ليکڪن جون ڪھاڻيون) 12 روپيا
17ـ جڏھن پونء ٻٽي (شاعري) تاجل بيوس ختم
18ـ انبن جھليو ٻور (نثري نظمون) تاجل بيوس ختم
19ـ سنڌ جي سياسي جدوجھد ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ختم
20ـ حمل فقير (چونڊ مضمون) ختم
21ـ ڪنواري ڌرتي (يادگيريون) ليکڪ: ليونڊ برزنيف 20 روپيا
سنڌيڪار: منير چانڊيو
22ـ ھر دل اندر ھڪ ڪربلا (ڪھاڻيون) خالد سنڌي ختم
23ـ سگھارو ھماليه ھيٺا ماڻھو (نيپال جو سفر نامو)
ف ـ م لاشاري ختم
24ـ نہ مرڻ جو ڏک (ڪھاڻيون) ايشور چندر 10 روپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

25_ سرجيندڙ سائيءَ جا (بيت) تاجل بيوس ختم
26_ ترقي پسند ادب جا معيار (تحقيق) خاڪي جويو 12 روپيا
27_ واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز 50 روپيا
28 ڪاڪ محل (ٽيليويزن ڊرامو) شمشير الحيدري 50 روپيا
29_ رند ۽ پنڌ (تاريخي ڪالم) پير علي محمد راشدي 25 روپيا
30_ چنڊ رهين ٿو دور (شاعري) قمر شهباز 50 روپيا
31_ سنڌ منهنجي امان (شاعري) تاجل بيوس 36 روپيا
32_ انون گهر (مزاحيه- طنزيه ڪهاڻيون) قمر شهباز 60 روپيا
33_ يوناني ڏند ڪٿائون (تحقيق) يوسف شاهين 36
34 رني ڪوٽ (تحقيق) بدر ابڙو 30
35_ ڪاڇي مٿان ڪوڪ (نثري نظمون) تاجل بيوس 30 روپيا
36_ هنگلاج ۽ لاهوت (تحقيق) بدر ابڙو 50 روپيا
37 _ ڪنڌيءَ ڪوئر ترن (شاعري) تاجل بيوس 50 روپيا
38_ فاتحن جي دنيا (تاريخ) يوسف شاهين 60 روپيا
39- ضمير جو موت (50 ڪالم ڪهاڻيون) قمر شهباز 70 روپيا

## جلد ايندڙ ڪتاب

* سگا جي ڪهاڻي ڊاڪٽر سليمان شيخ جي زباني
*ٻڙ جهڙو ڪو گهاٽو ماڻهو (شيخ اياز جي فن ۽ فڪر تي) قمر شهباز
* سنڌ ۾ پٿر جو دور (تحقيق) بدر ابڙو
* جنگ آزادي (تاريخي ناول) م- ع- ڏيپلائي
* پل پوپٽ- پل جگنو (ناول) بيدل مسرور

**سنگم پبليڪيشنس جا سول ايجنٽ**

مڪتبهء برهان
اردو بازار- ڪراچي 219221
شاهه لطيف ڪتاب گهر
پرسان حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book